خيالن جي چتر گئلري

تهہ در تهہ ڪلائيندڙ روئاڙيندڙ

سوال اُٿاريندڙ جڳ ڪٿائون ۽ ڪهاڻيون



صنوبر ناظر

ترجمو

اسلم خواجا

صنوبر ناظر جو ڳاڙهو نئين نسل جي انهن اهم عورت ليکڪائن ۾ ٿئي ٿو جيڪي انهيءَ شاندار روائت ۾ اُڀري سامهون آيون آهن. جنهن کي ڪشور ناهيد، زاهدا حنا ۽ نورالهديٰ شاهه ويساهه ۽ وقار بخشيو آهي. نابرابريءَ وارن استحصالي طبقاتي معاشرن ۾ قلم ظلم ۽ ڏاڍ خلاف جدوجهد ۾ مخلوق جو ترجمان هوندو آهي. اِها ترجماني صنوبر جي لکڻين ۾ نظر تي اچي. صنوبر جون ڪهاڻيون، ڪالم، آتم ڪهاڻيون اسانجي اوسي پاسي موجود زندگيءَ جا چٽ آهن، جن کي صنوبر انتهائي اورچائپ سان چٽيو آهي. پيڙا پريل، ڏکوئيندڙ ڏاڍاين پريل... صنوبر جي لکڻين ۾ ڪٿي ڪٿي فرياد جي پڪار تيز به ٿئي ٿي ۽ لهجو تلخ به... انڪار، احتجاج ۽ من وارتائن ۾ قلم دل جو ساٿ ڏيندو آهي جو مصلحت ان کي راس نه ايندي آهي.

افتخار عارف

ڪلا يا خالصتان جي تحريڪن تي صنوبر جو قلم روانيءَ سان ٿو وهي، مذهبي جنونيت ۽ غزه، بلوچستان ۾ ۽ اقليتن سان ٿيندڙ ڏاڍ ڏمر جا داستان لکندي صنوبر جو قلم رت سان پرجيو وڃي. اِهي سموريون لکڻيون پختگيءَ جو اولڙو آهن، جڏهن هو موپاسان سان همڪلام تي ٿئي ته ڪڏهن مائيڪل اينجلو سان. صنوبر جون مختلف موضوعن تي هيءُ لکڻيون ڪچنار جي ولين وانگر آهن، ڪيس پڙهندي جيڪڏهن اوهان کي ڪيترائي ليکڪ ياد اچن ته صنوبر کي وڌيڪ لکندو رهڻ جي دُعا ڏجو.

ڪشور ناهيد

جيڪڏهن اوهين آکاڻيون پڙهڻ جا شوقين آهيو، جيڪڏهن اوهانکي زبان ۽ بيان جي دلڪشي متاثر ڪري ٿي، جيڪڏهن اوهين ٻين جي ڏُک تي ڏکوئجو ۽ سرهائي تي خوش ٿا ٿيو ۽ جيڪڏهن اوهين پنهنجي معاشري، پنهنجي اوسي پاسي کي سهڻو بنائڻ جا سپنا ٿا ڏسو ته صنوبر جو هيءُ ڪتاب اوهانجو بهترين ساٿي ٿي سگهي ٿو. موضوعن جي وسعت، اسلوب جي تازگي، دردمندي ۽ حالتن جي بهتريءَ جي سڌ صنوبر جي لکڻين جون صفتون آهن. ظاهري طور تي هلڪيون ڦلڪيون اِهي لکڻيون اونهي معنيٰ، مقصدن ۽ نتيجن سان ڀرپور آهن.

نجيبا عارف

معاشري جي بيحسي هجي يا عورتن ۽ ٻارڙين سان ٿيندڙ هن پدرشاهي معاشري جو ورتاءُ يا سياست ۽ رياست جي بدنمائي هجي، صنوبر جي انداز ۾ جذباتي نوحاگيري ناهي. هوءَ ٻوڙها ڳاڙي ڪٿارسس نٿي ڪري پر هوءَ هر داڳ ۽ زخم جي نشاندهي تي ڪري. ڌيان تي ڇڪرائي، سنجيده سوال تي اُٿاري. صنوبر جا مضمون پڙهندي ڪيترائي ڀيرا اِهو ڀور به اچي ٿو ته سندس اندر هڪ سني ڪهاڻيڪار به موجود آهي، جنهن جي آڱر معاشري جي نبض تي آهي. اُميد اٿم ته صنوبر ناظر جو ايندڙ ڪتاب سندس افسانن جو ڳٽڪو هوندو.

نورالهديٰ شاهه

Khayaalon Ki Art Gallery

خيالن جي چتر گئلري

صنوبر ناظر

ترجمو

اسلم خواجا

Khawaban Ji Chitar Gallery
by sanober Naazir

© صنوبر ناظر

هن ڪتاب جو ڪوبہ حصو ليکڪا جي اڳواٽ اجازت ڪانسواءِ ڪنهن بہ روپ يا جلد ۾ مڪمل يا جزوي، چوندا يا ٻيهر ڇپائي يا فوٽو ڪاپي، ريڪارڊنگ، اليڪٽرانڪ، مڪينيڪل صورت ۾ يا ويب سائيٽ تي اپ لوڊنگ لاءِ استعمال نہ ڪيو وڃي.

ڇاپو پهريون	:	2025
ڪتاب جو نالو	:	خوابن جي چتر گئلري
ليکڪا	:	صنوبر ناظر
ترجمو	:	اسلم خواجا
ڪمپوزنگ	:	نور محمد سميجو

ماءُ پيءُ کي ارپنا

فهرست

تعارف 5

صنوبر جي ڪهاڻين مان ليئا پائيندڙ سچائي (ڪشور ناهيد) 6

صنوبر ناظر ... هڪ زندهہ دل باشعور دوست ۽ ليکڪا (نورالهديٰ شاهہ) 7

صنوبر ناظر جي ”سادگي ۽ پُرڪاري، بي خودي ۽ هوشياري“ (وسعت الله خان) 9

ٿي تند وڙهي تلوارن سان (حارث خليق) 11

اوهين صنوبر ناظر کي نٿا سُڃاڻو (عمار مسعود) 14

ٽن جهانن جي صنوبر (پيش لفظ) (صنوبر ناظر) 16

اگلے جنم بھی موہے بٹیا ہی دیجیو 20

پر هوءَ معصومڙي نينگ ٽپا ڏيندڙ ڇوڪري ڪٿي ؟ 28

اسانجي پيشانيءَ تي چمي ڏيو 33

پائل 46

خراب عورت 69

چپک رہا ہے بدن پر لہو سے پیرہن 74

خدا ڏسي پيو 78

هو ۽ آئون 82

ٻن صدين جو مسافر 88

هندو ڇوڪرا ڇو نٿا پريت ڪن ؟ 91

ڪلف لڳل دليون، ڪلف لڳل دروازا 97

ٽي پهر 103

ٻَبوّ 108

احتياط ماڻهن کان 115

پڙدو ڍرڪي ٿو 125

دشمن ملڪ 130

انساني حقن جو ڏيهاڙو مبارڪ 147
ڪفن سيرايو، منهنجي بي زباني پروڙيو 153
تنهنجون ڳالهيون تنهنجا فسانا 158
اچو تہ تصور ڪريون 164
وڪريل سهيڙيل سارو ٽيون 167
من-پيڙا واسطي 182
ڪنهن ڪي وڪيل ڪريون، ڪنهن ڪان انصاف ماڱيون؟ 187
سيما جا سپنا ۽ پنهنجا 192
دلي دروازو ۽ منو ميان جي حلوو پوري 196
رفعت ۽ بوٽا 204
زمانا تو سامهون هاڻ ڪا ڪمزور عورت ناهي 210
گهائل آڱريون پنهنجون 215
ٻِلو يا ڪارنهن جو ٽڪو 220
جنريشن زي-پوئٽي پيل يا اُسريل 223
چانداڻ ۾ ٽڙندڙ ڪومائجندڙ ڳاڙها گُل 228
ڪهڙي عجائب گهر ۾ تو رهان؟ 234
هوءَ جا اونداهي رات ۾ ماري وئي 241
رزاق ۽ ساٿاري 246
پالڻهار! هيءَ ڪهڙي خدائي آهي؟ 250
ستارا ڌرتيءَ تي 255
تنهنجي اُمت منهنجي آکهہ ڏڪاري 260
رنگ منچ جا پانڌيئڙا 265
ابدي ڏيک ويک ۽ چٽ 273
علي بيگ جو چمن ۽ ميٽامورفسس 279
ڊڄي ويندي آهيان...... مري ويندي آهيان 285

صنوبر ناظر 3 سيپٽمبر 1973 تي ڪراچيءَ ۾ ڄائي. شروعاتي تعليم ڪراچيءَ جي وسندي ماڊل ڪالونيءَ جي هڪ خانگي اسڪول مان پرايائين. پي اي سي ايچ ڪاليج مان فرسٽ ايئر جو امتحان ڏيڻ کانپوءِ نامياري صحافي ۽ تعليمي ماهر ناظر محمود سان وهانءُ ڪيائين. تاريخ (جديد ۽ قديم) ۾ ڪراچي يونيورسٽيءَ مان ماسٽرز جي ڊگري حاصل ڪيائين ۽ پنهنجي وَرَ ۽ ٻارن سوڌو انگلينڊ اُسهي. پنهنجي وَرَ جي پي ايچ ڊيءَ دوران ڪيترين ئي نوڪرين ڪيائين. انهيءَ دوران ”خصوصي تعليم“ جا ڪجهه ڪورسز ڪيائين ۽ ”ليڊز سٽي ڪائونسل“ ۾ جسماني ۽ ذهني معذور ٻارن سان ”سار سنڀال لهندڙ“ طور پڻ ڪم ڪيائين. 2006 ۾ اسلام آباد ٿانيڪو ٿي. جتي مقامي ۽ بين الاقوامي غير سرڪاري تنظيمن ۾ خدمتون سرانجام ڏنائين. پنج کن سال اڳ ”هم سب“ لاءِ لکڻ لڳي. ”ڊي ڊبليو“ (Deutsche Welle) وٽان لکڻ جي آڇ کانپوءِ باقاعدي لکڻ جي شروعات ڪيائين. ڪجهه مهينن پڄاڻان ”وي نيوز“ تان سندس هفتيوار ويڊيو ڪالم پڻ نشر ٿيڻ لڳا. صنوبر ناظر جو قلم سياست، سماجيات، نفسيات ۽ سماجي موضوعن تي رواني سان وهي ٿو. سندس انداز ڪهاڻي يا افساني جي پيرائي ۾ معاشري جي اولڙن ۽ پيڙائن کي واڪو ڪندڙ آهي. لکڻ سان گڏوگڏ هن پنهنجي ننڍي ڀيڻ سان گڏ 2020 ڌاري اسلام آباد ۾ ”سوانگ ٿيٽر گروپ“ جو بنياد رکيو ۽ انهيءَ پليٽفارم کي ٻه سماجي موضوع سامهون آڻڻ لاءِ استعمال ڪندي ٿي رهي.

صنوبر جي ڪهاڻين مان ليئا پائيندڙ سچائي

انتظار حسين جي ناني ڪهاڻيون ٻڌائيندي هئي، شهزادين جون، جن کي راڪاس اغوا ڪري ويندو هو، پوءِ ڪو شهزادو ايندو هو ۽ انيڪ مصيبتن مان پار لنگهي شهزاديءَ کي بازياب ڪندو، سندس عشق ۾ قاسبو هو ۽ پوءِ ٻنهي جو وهان ٿيندو هو ۽ هرڪو سرهو ٿي رهڻ لڳندو هو. انتظار حسين ڪائنس ئي ڪهاڻيون ٻڌڻ ڪانپوءِ لکڻ اختيار ڪيو پر سندس ڪهاڻيءَ ۾ مرد ۽ عورت جا وجود بيهر جنم وٺندا هئا ته ٻين جون ڳچيون هڪٻئي کي لڳي وينديون هيون ۽ نرناري جنم وٺندي هئي. صنوبر پنهنجي زماني ۾ غريب ۽ اگهاڙي پيرين ننڍڙين شهزادين کي گهٽين مان اغوا ٿيندي، اڏ ٽڙيل مُکڙين کي چيڀاٽجندو ۽ ڪچري جي ڍيرن تي ڦٽو ٿيل ڏٺو ته پهريان پنهنجي ٽنهي ڌيئرن کي هرڻين جهڙي ڦڙتي سيکاريائين ۽ پوءِ کين اڏام لاءِ پَرَ ڏنائين. پنهنجون ذميواريون نڀائيندي صنوبر قلم کي نيند ڏني ته اچ منهنجي اندر، منهنجي سامهون ۽ منهنجي زماني ۾، پاڪستان نهڻ ڪانوني، هيل تائين عورتن ۽ ٻارن سان، مسجدن ۽ گهرن جي ڪونڊين ۾ وحشتناڪ جنسيت جو ڪاچ ٻڌجندڙ انهن مرڻينگ جسمن کي منٽو جي ”کهول دو“ وانگر گهٽ ۾ گهٽ لفظن جي پوشاڪ ئي پهرائي. اِها آهي صنوبر جي لکڻ جي شروعات!!

اولهه کان هندستان تائين، وشال علائقن جي فطري ۽ انساني محبتن جا چٽ چٽيندي صنوبر اِهو وساري ويٺي ته اِهي ته مستنصر حسين تارڙ جي شروعاتي سفرنامن جهڙيون لکڻيون آهن.

آرٽ يا خالصتان جي تحريڪن تي صنوبر جو قلم ٻرانگهون ٿو پري، مذهب جي جنونيت ۽ غزه، بلوچستان ۽ اقليتن تي ڏاڍ ڏمر جا داستان لکندي صنوبر جو قلم رت جا ڳوڙها ٿو ڳاري.

هيءُ سموريون لکڻيون پختگيءَ جو اولڙو آهن، هوءَ ڪڏهن موپاسان سان مخاطب ٿئي ٿي ته ڪڏهن مائيڪل اينجلو سان. صنوبر جون مختلف موضوعن تي هيءُ لکڻيون ڪچنار جي مُکڙين وانگر آهن، جيڪڏهن اِهي پڙهندي اوهانکي انيڪ ليڪ ياد اچن ته صنوبر کي اجائين وڌيڪ لکندو رهڻ جي دُعا ڪجو.

ڪشور ناهيد

صنوبر ناظر .... هڪ زنده دل باشعور دوست ۽ ليکڪا

صنوبر سان منهنجي پهرين ملاقات ناظر محمود جي وڏي شاهي شخصيت جي پسمنظر ۾ ٿي. سوچيم ته ناظر جي زال پلوڙ آهي. سمارٽ ۽ سهڻي آهي. مهمان نواز آهي ۽ بس.

ها! وڏيڪ اِهو ته ناظر جي شخصيت آڏو ڪجهه گهٽيل گهٽيل ئي ته رهندي.

مون سندس هٿن جا تيار ڪيل طعام ڪاڌا، ساراهيم ۽ مهمان نوازيءَ جي رسمي مُرڪ سان موڪلايم ۽ وساري ڇڏيومانس! پر پوءِ نه ڄاڻ ڪيئن اوچتو ئي اوچتو هوءَ سڌوسنئون منهنجي ذاتي تعلق ۾ گهڙي آئي. ناظر ڪان بلڪل ڌار! دوستيءَ جي هڪبئي ٽڪندي ۾، جنهن جي ٽين ڪنڊ تي ”ڪلو“ ڪلموهيءَ جي خالق ثمينا نذير اڳيئي موجود هئي.

اوهان جي جيون ۾ زندگيءَ سان ڀرپور ۽ شوخ دوست اوچتو ئي اوچتو گهڙي اچن، جن کي ڪن پل به آرام نه هجي ۽ جيڪي اوهان کي پنهنجي اصولن پٺاندڙ گڏ هلائين ۽ ان رفتار سا هلڻ تي مجبور ڪن جيڪا اوهانجي سست رفتار لاءِ للڪار بڻجي وڃي، ته اِها ڪنهن نعمت ڪان گهٽ ناهي!

صنوبر ويجهو آئي ته پروڙيم ته هوءَ انتهائي گرمجوش دوست ته آهي ئي پر خاص ڳالهه جنهن سندس ويجهو ڪيم سا اِها ته سندس باشعور شخصيت ۾ ايتري گهرائي موجود آهي جنهن جا ڪيترائي پاسا جڏهن پرت پرت کلڻ ٿا لڳن ته هوءَ پنهنجي شخصيت جي هر پاسان ڇرڪايو وجهي.

ڪنهن به قسم جو رعب تاب ڪرڻ ڪانسواءِ پنهنجي ڏاهپ، شعور ۽ سوچ اهڙي ريت سامهون ٿي آڻي جو ڪيس به پتو نه لڳندو آهي ته سامهون واري تي ڪهڙو اثر وجهي رهي آهي! لبرل ۽ انقلابي سوچ رکندڙ ٿيٽر فنڪارا تنقيدي ديد رکندڙ مطالعي جي ڏجاڻي ۽ باذوق پاٺڪ، پنهنجي سوچ ۾ بلڪل واضح فيمنسٽ، سياست، رياست ۽ سماج تي تيز تنقيدي نظر رکندڙ شخصيت جي مالڪ ته صنوبر آهي ئي پر سندس اندر موجود فطري نرتڪي اجائين وڏيڪ اچرج ۾ وجهيو ڇڏي.

نرت ڪري ته پائنجي ته سمورو جهان نرت ۾ آهي!

ايترو ئي نه، هوءَ تن ذهين ۽ ڪامياب ڏيئرن جي ماءُ پڻ آهي جيڪا ڌيئرن جي نه رڳو هڪ جيڏي تي لڳي پر مزاج جي لحاظ کان سندس همعصر پڻ. ناظر محمود جي ڳوري شخصيت آڏو پاڻ وڃائڻ بدران پنهنجي ڌار سڃاڻپ ۽ قد جي اوچائي سان پنهنجي ليکي متعارف ٿئي ٿي.

انهيءَ سموري پسمنظر سان جڏهن صنوبر جا هيءَ مضمون پڙهندي چرڪان ٿه ٿي ته به سندس بيان ڪرڻ جي انداز تي ته جيڪا رواني سندس ڳالهه ٻولهه ۾ آهي سا ئي سندس لکڻين ۾ پڻ آهي! جيترو واضح هوءَ پنهنجي سوچ ۾ آهي اوترو ئي پنهنجي اظهار ۾ پڻ.

معاشري جي بيحسي هجي يا عورتن ۽ ٻارن سان هن پدر سري معاشري جو ورتاءُ، يا سياست ۽ رياست جي ڪوجهائپ! صنوبر جي انداز ۾ جذباتي نوحي گيري ناهي. هوءَ ڳوڙها ڳاڙي ڪتا رسس نٿي ڪري پر هر داڳ ۽ گهاءُ کي وائکو ٿي ڪري، ڌيان تي چڪرائي، سنجيده سوال تي اُتاري.

صنوبر جا مضمون پڙهندي هر هر اِهو خيال پئي ٿو اچي ته سندس اندر ۾ پلوڙ ڪهاڻيڪار پڻ موجود آهي، جنهن جي معاشري جي نبض تي آڱر آهي.

اُميد اٿم ته صنوبر ناظر جو ايندڙ ڪتاب سندس ڪهاڻين جو ڳٽڪو هوندو.

انتهائي اُڪير سان
نورالهديٰ شاهه

صنوبر ناظر جي
”سادگي ۾ پرڪاري، بي خودي ۾ هوشياري“

صنوبر جو پتو نہ لڳندو آهي تہ سندس اصل شوق ڇا آهي. لکڻ، پڙهڻ، ٿيٽر يا ”زندگی نہ ملے گی دوبارہ“ ٽائيپ ڪو مشن. صنوبر جو هيءُ ڪتاب اصل ۾ ڇوڏاري ٽڙيل پکڙيل ڪچي مال مان جوڙيل لکت واري عمارت آهي. صنوبر جيئن ڏٺو، سمجهيو، سوچيو، محسوس ڪيو، سولائي سان لکي ڇڏيائين. ڪنهن اضافي تڙڪي يا مرچ مصالحي يا قلعي ڪانسواءِ. بنان ڪنهن آئون آئون واري پٺاڙ جي، نہ ئي جملن تي ڪو فالتو رندو هلائيندي. آڏي ڦڏي زندگيءَ تي ڪو ليپو پوتي ڪرڻ جي ڪوشش ڪانسواءِ.

چوڻ جو مطلب اِهو تہ جيڪڏهن اوهان ڪي هن ڇنڀٽي، اڻ گهڙيل، ظالم، مظلوم، منافق، خوش طبع، جعلي، اصلي، بقراطي زندگيءَ جون ڦڪيون يا رنگبرنگي تجليون سڌوسنئون ڏسڻيون آهن تہ اِهي هن ڪتاب ۾ بي روڪ ٽوڪ ملي وينديون. هاڻوڪي دور جي بناوٽي سنسار ۾ جيڪڏهن ڪٿان ڪا خالص مشاهداتي لکڻي پڙهڻ لاءِ پلئہ پئجي وڃي تہ وڌيڪ ٻيو ڇا گُهرجي.

هڪ شئي جيڪا اوهان کي پهرين لکڻيءَ کانوٺي آخري سٽ تائين لاڳيتو ملندي، سا آهي صنوبر جي ديد ۾ لڳل انسان دوستيءَ جو لينز. اِهو لينز بازار ۾ نہ ملندو آهي. گهر جي تربيت مان پلئہ پوندو آهي ۽ جيڪڏهن لينز ملي بہ وڃي تڏهن بہ ان جو چابڪدستيءَ سان تخليقي استعمال هر ڪنهن جي ياڳ جو پيرو نہ هوندو آهي. اِهو بہ ممڪن آهي تہ خود صنوبر کي بہ انهيءَ لينز جي ملڪيت جو ادراڪ نہ هجي. هونئن بہ هر ڳالهہ جو ادراڪ هئڻ بہ تہ تخليقيت لاءِ هاڃيڪار هوندو آهي.

ڪتاب پڙهڻ ڪانپوءِ اوهان تي ”سادگي ۾ پرڪاري، بيخودي ۾ هوشياريءَ“ جو هڪ نئون ڪيتر پڻ کلي سگهي ٿو.

وڏيڪ ڪجهہ لکيم تہ اُهو افلاطوني حدن ۾ داخل ٿي ويندو. انڪري آئون هن بي ساختي ڪتاب تي وڏيڪ ڳيان ورهائي اوهان جو مزو ڦٽائڻ نٿو چاهيان.

بس ايترو ئي چوندس تہ هيءُ ڪتاب خريد ڪريو ۽ طرحين طرحين جي مختلف موضوعن ڪي ڪهاڻين جي صورت ۾ پڙهو.

وسعت الله خان

ٽي تند وڙهي تلوارن سان

صنوبر ناظر ڪي قدر دير سان باقاعدي قلم ڪنيو. پڪ سان هوءَ اڳ ۾ به ڪجهه نه ڪجهه لکندي رهندي هوندي پر لکٽي جيستائين شائع نه ٿئي، ڇيچي منظر تي نه اچي، ماڻهن جي رسائي ۾ نه هوندي آهي ۽ نه ئي وري ان تي ڪا ڳالهه ٻولهه ممڪن هوندي آهي. منهنجي لاءِ سندس لکڻين جو شائع ٿيڻ انتهائي خوشگوار اچرج جو سبب بڻيو. هونئن به لاڳيتو لکڻ هڪ پاسي ڪمٽمنٽ جو گهرجائو هوندو آهي ته ٻئي پاسي مڪالمي جي شروعات. هڪ اهڙو نئون مڪالمو جيڪو هر سنجيدو ليکڪ پنهنجي لکٽيءَ سان ڪاغذ تي وکيري ڇڏيندو آهي ۽ سندس پاٺڪ ان ۾ شامل ٿي ويندا آهن. پوءِ جيڪڏهن ليکڪ عقل ڪي هٿي ڏيڻ، روشن خيالي ۽ ترقي پسند سوچ ڪي انتهائي اطمينان ۽ ڍنگ سان اڳتي وڌائڻ لاءِ پتوڙي ته مڪالمي ۾ اجائين وڌيڪ تيزي اچي ويندي آهي ۽ قدامت پرست، هيسيل ۽ تشدد تي مائل معاشري ۾ ذهني بالغپڻي جون راهون نروار ٿينديون آهن ۽ مڪالمي سان گڏوگڏ فڪري جدوجهد پڻ جنم وٺندي آهي.

صنوبر جون پاڙون انسان دوستي، مظلومن جي حمائت، علم پروري ۽ فڪري دليريءَ جي گاڏڙ مٽيءَ ۾ ڪتل آهن. اُتائين سندس لکڻين جو ٿڙ پٽو آهي جنهن تي رنگبرنگي شاخون ڦٽيون آهن ۽ هر شاخ هڪ نئين خيال، هڪ نئين موضوع جي گلن ڦلن سان سٽيل آهي. انهيءَ سائي ستابي ڦلن پرئي وڻ جي هر شاخ هڪ مختلف ذائقي جو ميوو آهي. اِهو انهيءَ گوناگون جو نتيجو آهي جيڪا موضوعن ۽ ويچارن جي گهڻائي پئدا ڪئي آهي. اِهو چوڻ غير واجب نه ٿيندو ته صنوبر جو ڪينواس انتهائي وشال آهي (ڪڏهن ڪڏهن انهيءَ نوعيت جي اصطلاح جو استعمال ضروري ٿي پوندو آهي ته جيئن معنىٰ واضح ٿي سگهي). ڪڏهن ڪڏهن تنوع ۽ گهڻائي ٽڙيل پکڙيل خيالن کي جنم ڏيندا آهن ۽ ليکڪ پنهنجو فوڪس وڃائي ويهندو آهي. صنوبر وٽ ايئن ناهي. هوءَ آفاقي قدر سدائين پنهنجي آڏو رکندي آهي جن جي بنياد تي سندس خيال موجب هڪ من موهيندڙ دنيا جي جوڙجڪ ممڪن آهي. انڪري هن ڳئنڪي ۾ رپورتاز، سارونٽيون، ڪالم ۽ ڪهاڻيءَ جي گاڏڙ ۾ هڪ ڏور

آهي جيڪا اُٽيل رسيءَ وانگر انهيءَ ڪي سوگهو جهلي بيٺي آهي. اِها رسي دردمندي ۽ انسانيت جي احترام سان اُٽيل ۽ وٽيل آهي.

اڄ کان ڪو پنج سال کن اڳ صنوبر ”هم سب“ جي آن لائين پليٽفارم تي لکڻ شروع ڪيو هو. ڪجهه مهينن اندر ئي خبرون رسائيندڙ جرمن اداري ”ڊوئچي ويلي“ جي اڙدو ويب سائيٽ تي باقاعدگيءَ سان لکڻ ۽ ”دي نيوز“ تي وي لاگ ڪرڻ شروع ڪيائين ۽ پنهنجي دوستن ۽ پڙهندڙن کي خوشگوار اچرج ۾ وجهي ڇڏيائين جنهن جو شروعات ۾ ذڪر ڪيو اٿم. ان ڳالهه کان ته سندس اڪثر مٽ مائٽ ۽ سنگي ساٿي واقف هئا ته صنوبر وٽ هڪ تربيت پرايل ادبي ذوق موجود آهي ۽ ان تي سياسي ۽ سماجي شعور جي چڪي به لڳل آهي. هوءَ ڪڏهن پنهنجي ڪا لکٽي پڙهي ٻڌائيندي هئي پر اِهو فيصلو شعوري رهيو هوندو ته سچ آکڻ تي ڳنڍ ڏئي بيٺل انهن ڪجهه آوازن ۾ پنهنجو آواز به شامل ڪجي جيڪي پنهنجي لکٽين ۽ تقريرن ذريعي، لاڳيتو ٿيندڙ جبر ۽ جهالت تي هوڏ ٻڌل قوتن کي آئينو ڏيکاري رهيا آهن. صنوبر جو اِهو فيصلو اهم به آهي ته درست پڻ.

صنوبر جو آواز مٽيءَ هاڻن ۽ ڌڪاريل انسانن جو آواز آهي، انهن ڏکويلن جو آواز آهي جيڪي رياستي، سماجي يا انفرادي طور تي ڪيل ڀيانڪ ڏوهن جو شڪار بڻيا. صنوبر جو آواز مذهبي اقليتن، لوئجندڙ عورتن، مظلوم پورهيتن ۽ زوري ڪنيجڻ وگهي نپوڙيل عورتن ۽ مردن جو آواز آهي. انهن موضوعن جي چونڊ هڪ واضح عوام دوست ۽ جمهوريت پسند سياسي سوچ جو بيباڪ اظهار آهي.

پر ڳالهه رکڻ جو فن ۽ لکٽيءَ ۾ چوٽيءَ جو رس نه هوندو ته ڳالهه خبر جي سرخي يا تصوير جي ڪيپشن کان اڳتي ناهي وڌندي. صنوبر ڪيتري سولائي سان ٻولي واپرائي ٿي، سو هن ڪتاب ۾ جتي ڪتي ڏسي سگهجي ٿو. ٿن ڏيئرن جي ماءُ بڻجڻ جو احوال ”اگلے جنم بھی مو ہے بٹیا ہی دیجیو“ ۾ پڙهي ڏسو. صنوبر عورت دشمنيءَ کان عورت بيزاريءَ تائين صنفي استحصال جي مختلف روپن تي قلم کنيو آهي ۽ اُهو ايئن جو هر مسئلي کي انساني وارتا طور بيان ڪيو اٿس. ساڳيو ئي انداز ٻين مسئلن تي ڳالهه ٻولهه ڪندي پڻ استعمال ڪيو اٿس.

پڙهندڙن کي ڪنهن بہ زيادتي ۽ ڏاڍ ڏمر جو اهڙو روپ ٿو نظر اچي جنهن سان هو جذباتي ڳانداپو رکي پيا سگهن. ڪتابن تي تبصرن ۾ بہ صنوبر جو لاڙو ڪيس ثمينا نذير ۽ نور ظهير ڏانهن ٿو لاڙي جيڪي پنهنجي ڪهاڻين ۾ عام عورت ۾ ڳجهي ۽ ظاهر، هر طرح جي اوچي ڳاٽ ۽ توانيائين جو جشن ٿيون ملهائين.

جهڙي ريت پهرين عرض ڪيو اٿم تہ صنفي استحصال صنوبر جو سرواڻ موضوع ضرور آهي پر واحد موضوع ناهي ۽ سندس ڪينواس تي هر مظلوم ۽ مٿيءَ هاٺي جي نيڻن جي سرخي موجود آهي. معاملو نور مقدم جي روح ڪانداريندڙ قتل جو هجي يا غزه ۾ هلندڙ قتلام جو، ماه رنگ بلوچ جو آواز هجي جنهن ۾ نوحو بہ آهي تہ للڪار پڻ يا رحيم بخش جو خالي پٽو جيڪو پنهنجي ڀيڻ بلقيس کي پوئتي امرتسر ۾ پنهنجي دوست گرميندر سنگهہ سان وهان ڪرڻ واسطي ڇڏي آيو، صنوبر پنهنجي لکڻين ۾ انيڪ ڏک سهيڙيا آهن پر صنوبر سوڳوار ضرور آهي ماتامي نہ.

جڙانوالا ۾ ٿيندڙ واقعو هجي جنهن ۾ بيدرديءَ سان گهر ۽ گرجائون ساڙي رک ڪيا ويا يا معصوم نياڻين جي زوري مذهب مٽائڻ ۽ وهان جو مامرو هجي، عورتن جي ترقي ڪرڻ جي راهہ ڪوٺي ڪرڻ جو معاملو هجي يا پورهيتن ۽ عوام جي لاڳيتو تذليل جو سوال، صنوبر انهن حالتن ۽ واقعن جو سوڳ تي ملهائي پر اُميد کي جيئرو رکڻ تي پڻ زور تي ڏئي. هوءَ فڪرمند ٿي رهي پر مايوس نہ.

هن مختصر لکڻيءَ جو جيڪو عنوان رٿيو اٿم سو صنوبر جي سوچ، تاريخي شعور ۽ سياسي لاڙي جو اولڙو آهي. هوءَ مون جيان رڳو مثال پرست شاعر ناهي پر پنهنجي دور جي مسئلن جو حل زميني حقيقتن ۽ فڪري پتوڙ ۾ تي ڳولهي. مادي سوالن جا هوائي توائي جواب ڦلهورڻ سندس مزاج ناهي. صنوبر ناظر جي لکڻين جي هن پهرين ڳٽڪي جي آمد تي مبارڪباد ٿو پيش ڪريان ۽ سندس برجستي انداز، بيباڪ حق گوئي ۽ ثابت قدميءَ جو احترام ٿو ڪريان.

حارث خليق

اوهين صنوبر ناظر کي نٿا سُڃاڻو

جيڪڏهن اوهانجي ڪڏهن صنوبر ناظر سان سندس گهر تي ملاقات ٿي هجي جتي هوءَ ڦرموٽيءَ جيان هڪ ئي وقت، مهمانن ۽ باورچيخاني سان مڪاميل ٿيندي نظر ايندي آهي ته پوءِ اوهين ڪيس نٿا سُڃاڻو. سُڃاڻندا به ڪيئن ؟

هوءَ ڪن پل لاءِ به هڪ جاءِ تي نٽي ويهي. ايئن ٿو لڳي ته سندس پير ۾ گهمري آهي. ڪن پل ۾ دسترخوان لڳي ويندو. مهمانن کي طعام ڪارايا ويندا. انهيءَ دوران سياست تي ڳالهه ٻولهه، وڌندڙ مهانگائي جي عذاب جو ذڪر، سنگيت سيڪجهه بحث هيٺ ايندو. انهيءَ ڏيک ۾ صنوبر ناظر ڪڏهن غائب ته ڪڏهن حاضر ٿيندي رهندي. جيڪڏهن اوهان صنوبر ناظر کي انهيءَ حالت ۾ ڏٺو آهي ته اوهين صنوبر ناظر کي نٿا سُڃاڻو.

ٿي سگهي ٿو ته اوهان ڪڏهن صنوبر ناظر کي ڪنهن اسٽيج ناٽڪ جي تياريءَ ۾ جنبيل ڏٺو هجي. ان دوران هوءَ ناٽڪ ۾ غرق هجي ٿي. ناٽڪ جون ذميواريون نڀائيندي جيڪڏهن ساڻس اوهان جي ڪا ملاقات ٿي آهي ته پڪ ڄاڻو ته اوهين صنوبر ناظر کي نٿا سُڃاڻو.

صنوبر جو هڪ ٻيو روپ پڻ آهي. انهيءَ روپ ۾ ڪيس پروڙيندا ته هوءَ هڪ فيمنسٽ آهي. انهيءَ روپ ۾ ڪيس ڪاوڙ پڻ لڳي ٿي. ڳالهه ڳالهه تي مڇرجي پوندي آهي جو ڪيس عورتن جا حق عزيز آهن. جيڪڏهن اوهان ڪيس انهيءَ انداز ۾ ڳالهائيندي ٻڌو آهي ته اوهين صنوبر ناظر کي سُڃاڻو ئي ڪونه.

لڪڻ صنوبر جو شوق نه پر سرشت آهي. لکڻين ۾ هوءَ پنهنجي جوڻ بدلائي ڇڏيندي آهي. پوءِ هو نه باورچي خاني ۾ رڌل صنوبر هوندي آهي، نه اسٽيج تي ناٽڪ ڪندڙ صنوبر، نه نوجوانن سان ڏک سک اوريندڙ، نه ئي فيمينزم جي حق ۾ ڳالهائيندڙ صنوبر هوندي آهي. لکڻيءَ ۾ صنوبر جو سڀ کان وڏيڪ سچو ۽ کرو روپ سامهون ايندو آهي. اهڙو روپ جيڪو هوءَ پنهنجو پاڻ کان به شايد لڪائي رکندي آهي.

صنوبر وٽ ڪنورتا جي حد تائين سچ لکڻ جي اهليت آهي. هوءَ سچ کي لڪائي نہ پر وڏي واڪ لکندي آهي. ڪيس ڪهاڻيون لکڻ جو ڏانءُ آهي. هوءَ زندگيءَ جي هر ڪردار کي ڪهاڻيءَ جو روپ ڏيڻ جو ڏانءُ ڄاڻي ٿي. سندس هر ڪهاڻيءَ ۾ اوهانکي صنوبر ڪنهن نہ ڪنهن ڪردار ۾ نظر ايندي. ڪڏهن اِهو ڪردار مرڪزي هوندو آهي تہ ڪڏهن پڙدن پويان ڳجهو لڪيل. پنهنجي لکڻيءَ ۾ صنوبر اهڙي عورت ٿي بڻجي وڃي جنهن جي اک ۾ ڳوڙهو، جسم ۾ نرت، لهجي ۾ لوچ، ذهن ۾ سوچ، من ۾ قلهور ۽ ڳالهہ ۾ سچائي آهي. ان مائي کي ڄاڻڻ جو سڀ کان وڏيڪ بهتر نسخو سندس لکڻي آهي، نہ تہ ڪنهن تي بہ سندس مڪمل روپ ظاهر ٿي نہ سگهندو.

صنوبر جون سموريون لکڻيون پڙهندا وڃو. جڏهن اِهي لکڻيون ختم ٿينديون، لکيل سمورا لفظ اکين ۾ من مان لنگهي ويندا تہ پڪ ڄاڻو اوهين صنوبر کي ميجي وٺندؤ، سُڃاڻي ويندؤ، پنهنجو سمجهڻ لڳندؤ.

عمار سعود

ٽن جهانن جي صنوبر

زندگيءَ جي سفر ۾ اسانجو گهڻي ڀاڱي ڏيان اوسي پاسي موجود پنهنجي پيارن تي ڪجهه اهڙي ريت هوندو آهي جو اسين پنهنجي بابت گهٽ ئي ڄاڻي سگهندا آهيون پر خوش قسمتيءَ سان بلهي ساهه جي ڪلام ”بلهيا ڪي جاڻا مين ڪون“ جو پڙاڏو ڪڏهن ڪڏهن منهنجي من اندر ۾ ڪاٺ هڻندو رهيو. ٻالڪپڻي کان بابا محمد نفيس روسي ڪهاڻين ذريعي ادب پڙهڻ جو جيڪو چسڪو پيدا ڪيو هو سو وقت بوقت هلندو رهيو. ڀاڳ ڀلا هئم جو منهنجو تعلق جنهن شهر سان هو سو پاڪسان جي واحد ڪاسمو پوليٽن شهر جي حيثيت ٿو رکي. منهنجو ننڍپڻ سنڌي، ميمڻ، بوهري، ڪشميري، سرائيڪي، پنجابي ۽ پٺاڻ دوستن ۽ پاڙيسرين وچ ۾ گذريو. سچ پڇو ته مختلف قوميتن جو اندازو ئي تڏهن ٿيو جڏهن ڪراچي يوليوار ڏٺيرن ۾ ڏکي وئي. پنهنجي اکين سان سمورو سٽ ٽٽندو ڏٺوسين. وهان اهڙي گهراڻي ۾ ٿيو جتي ٻين علمن سان گڏوگڏ ادب ۽ شاعريءَ جو پڻ عمل دخل هو ۽ منهنجو ور ناظر محمود تن ڏينهن ۾ جنگ اخبار جي ڪالم نويس طور ڄاتو سڃاتو ويندو هو. منهنجي تعليم جو سلسلو جاري رکڻ ۽ لکڻ ڏانهن لاڙڻ ۾ منهنجي مڙس جو ڪردار مونکان گهڻو وڌيڪ رهيو.

لڳ ڀڳ ٽيهن ورهين جي ڄمار ۾ عورتن ۽ انساني حقن جي تحريڪن سان واقفيت ٿي ۽ ايچ آر سي پيءَ سان گڏوگڏ پاڪ انڊيا پيپلز فورم جي تاحيات ميمبر بڻجي ويس. جتي سال 2000 ۾ امن ڪارڪن طور ڀارت وڃڻ منهنجي زندگيءَ جو هڪ انوکو تجربو هو، اُتي برطانيا ۾ نئين صديءَ جي شروعات هڪ نئين صنوبر جي جوڙ جڪ هئي. برطانيا وڃي ٽانيڪو ٿيڻ منهنجي مڙس جي اسڪالرشپ وگهي ئي سهي پر منهنجي ۽ ڌيئرن لاءِ اِهي سمورا سال هڪ اهم سنگ ميل جي حيثيت رکن ٿا. منهنجي لاءِ اِهو ديس، ماحول، ثقافت ۽ ٻولي سيکجهه نئون هو. پهرين پاڪستان کان وڌيڪ اُسريل هندستان ۽ هاڻ برطانيا. مذهب، سياست، ثقافت بابت ابهام ته خير اڳيئي نه هو پر ”عورت جو بي روڪ ٽوڪ ساهه کڻڻ ڇا ٿيندو آهي“؟ سو برطانيا ۾ رهندي پروڙيم.

برطانيا منهنجي آڏو هڪ نئين دنيا کولي ڇڏي جنهن جو هر سُٺو خراب پاسو وقت گذرڻ سان مون تي واضح ٿيندو ويو. زندگي هر موڙ تي نوان رخ ڏيئي کندي وئي ۽ آئون پنهنجا ئي جوڙيل اصول ٽوڙيندي رهيس. ورهين کان جوڙيل بُت هڪبئي پويان ڍير ٿيندا ويا.

يارڪ شائر جي سائي ستابي شهر ليڊز جي مڪاني حڪومت ۾ نوڪريءَ سان گڏوگڏ ڪيترائي اسپيشل ايجوڪيشن ڪورس ڪيم، يوگا سکيم، نرت جي تربيت پرايم، چرچ ۾ لولابائي به ڳاتم گوردواري ۾ تاليون تي رکيل ڪاڏو ۽ پرساد پڻ کاڌم ۽ عيد ڏيهاڙي مسجد ۾ نماز پڻ پڙهيم. انهيءَ بهاني دنيا جي مختلف علائقن، مذهبن ۽ انيڪ ٻولين ڳالهائيندڙن سان ميل ملاقاتون ۽ دوستيون ٿيون جن جو اڄ به ڪو مٽ ثاني ناهي. اصل ۾ اِهي سمورا دوست ۽ ساٿي منهنجي آڏو چرندڙ ڦرندڙ ڪهاڻيون هئا جيڪي منهنجي دماغ جي ڪمپيوٽر ۾ درج پئي ٿيون پر اِهو به سچ آهي ته ڪڏهن سوچيو ئي نه هئم ته اِهي ڪاغذ تي اُتارڻ جو پل به ايندو. سو ڪجهه هن ڪتاب ۾ شامل ڪيو آهي ۽ ڪجهه اڃان تائين خيالن ۾ وسيل آهي.

ڪراچيءَ ۽ برطانيا ۾ رهڻ ڪانپوءِ هاڻ ٽين منزل اسلام آباد هئي. اسلام آباد ۾ زندگيءَ جي خوبصورت ۽ تلخ تجربن ڏاهپ جا نوان در کوليا. ٽيٽيهن ورهين جي ڄمار تائين ٽن مختلف علائقن ۾ ٽانيڪو ٿيڻ اصل ۾ زندگيءَ گهارڻ جو ئي هڪ تسلسل هو. اسلام آباد ۾ ڪجهه مقامي ۽ بين الاقوامي غير سرڪاري تنظيمن ۾ ڪم ڪرڻ ۽ فيلڊ ۾ وڃڻ جو موقعو مليو ته ڪهاڻين جا جڻ انبار لڳي ويا ۽ پڪ ٿيڻ لڳي ته....

یہ تو ہم کا کارخانہ ہے
یاں وہی ہے جو اعتبار کیا

اِهو چوڻ ۾ ڪو عار نه اٿم ته مونکي جهنگل ۾ منگل ڪرڻ جي هورا ڪورا هوندي آهي. انڪري سنگتين ساٿين جو دائرو به سدائين وشال رهيو... ۽ محفلون به انيڪ ڪيون. ڪراچيءَ جهڙو بيچين شهر هجي يا اوپرن جهڙو اسلام آباد يا وري پراڻو آقا برطانيا، هر هنڌين ماڻهين چڱا منا ميلا مچايم چاڪاڻ جو سني ۽ ديرپا دوستي رکڻ جو ڳجهه پنهنجو پاڻ سان گهري دوستي ۽ پريت ۾ لڪيل آهي. فنونِ لطيفه جي هر صنف سان پيچ جو ناتو

رهيو. ڪرڻ لاءِ تہ گھڻو ڪجھ آهي پر حياتي مختصر آهي.

يہ الگ بات کہ شرمندہ تعبير نہ ہوں
ورنہ ہر ذہن ميں کچھ تاج محل ہوتے ہيں

جڏهن منهنجون ڊيئرون صنويا، سويرا ۽ اُجالا تعليم پرائڻ پرڏيھہ ويون تہ احساس ٿيم تہ پلين هينان گھڻو پاڻي وهي چڪو آهي. ايئن ئي هڪ ڏينهن معمول جيان اخبار پڙهندي هڪ خبر تي نظر بيهي رهي ۽ ان تي هڪ ڪالم لکي "هم سب" اُماڻيم. گاڏي آهستي آهستي پٽڙي تي هلڻ لڳي. لکندي لکندي هڪ سال ئي لنگهيو هو جو "ڊوئچي ويلي اڙدو" ۾ ڪالم لکڻ جو بهانو ڇا مليو، پوءِ تہ قلم بس ئي نہ ڪئي.

انهيءَ دوران هڪ ٻيو پليٽفارم "دي نيوز" جو مليو، جنهن جو چيف ايڊيٽر ويجهو دوست عمار مسعود هو. سو هُن مونکي هر آچر تي هڪ ڪهاڻي نما ڪالم لکڻ جو پابند بڻايو. عمار صاحب جو چوڻ هو تہ پهريون ڪالم ڪنهن اهڙي سچي ڪهاڻيءَ تي لکجان، جيڪا مَن کي ڇُهي. بي ساختگيءَ سان چيم، "پنهنجي ڪهاڻي لکان؟" جنهن تي پڇيائين تہ، "حوصلو اٿئي سچ لکڻ جو؟" وراڻيم، "تمام گھڻو." ۽ پوءِ "اگلے جنم بھی موہے بٹیا ہی دیجیو" لکيم بہ ۽ اسڪرين تي پڙهيم بہ. اِهو ڪالم سوشل ميڊيا خاص طور تي ٽوئيٽر تي انتهائي وائرل ٿيو، پر اهيئي تجربا انگريزيءَ ۾ "دي ايڪسپريس ٽريبون" لاءِ 2010 ۾ لکي چڪي هئس. جيئن تہ ننڍپڻ ۾ هڪ ناٽڪ منڊليءَ سان ڪم ڪرڻ جو ٿورو گھڻو تجربو هئم ۽ ڪجھ ادب ۽ فنون لطيفہ سان ڳنڍيو رهڻ واسطي، ڪجھ سال اڳ پنهنجي ڀينرن سان گڏجي "سوانگ ٿيٽر گروپ" قائم ڪيو هئم جنهن ذريعي اسان ادب جي ناميارن ليکڪن جون ڪهاڻيون پنهنجي ناٽڪن ذريعي پيش ٿي ڪيون، گھڻين ٻيڙين ۾ سواري ڪڏهن بہ سولي نہ رهي آهي.

ديکھ زنداں سے پرے رنگ چمن جوش بہار
رقص کرنا ہے تو پھر پائوں کی زنجير نہ ديکھ

هن ڪتاب ۾ موجود سموريون ڪهاڻيون سچيون آهن، ڪجھ مضمون فنونِ لطيفہ تي آهن ۽ ڪجھ دماغي عارضن تي بذل تحقيقي لکڻيون آهن. هن ڪتاب جي ٽائيٽل واري تصوير اسانجي دوست آواب

سبطين جي ڇڪيل آهي.

هن ڪتاب جي اڙدو ايڊيشن کي سهڻو بڻائي پاڻکن تائين پهچائڻ ۾ جهلم جي ٻن هونهار سپوتن گگن شاهد ۽ امر شاهد جي محنت ۽ پنهنجائپ شامل هئي. ساڻن پهرين ملاقات ۾ ئي ڪتاب سهيڙڻ تي ڳالهہ ٻولهہ شروع ٿي وئي هئي. هر هڪ مرحلي تي سندن رهنمائي منهنجي لاءِ وڏي وٿ هئي. اصل ۾ سچي ڳالهہ اِها آهي تہ زندگيءَ ۾ ڪجهہ ڪم سوچي سمجهي ۽ ڪجهہ بنان ڪنهن رٿابنديءَ جي ٿيندا ويا. زندگيءَ جو مزو پڻ انهيءَ ۾ آهي تہ دريا جي وهڪري سان لڙهندو اڳتي وڌجي. هيءُ ڪتاب پڻ انهيءَ وهڪري جو نتيجو آهي جنهن ۾ منهنجي ماءُ پيءُ شاهده نفيس ۽ محمد نفيس جي خلوص ڀري همراهي، منهنجي وَرَ ناظر محمود جي سچي محبت ۽ هر قدم تي رهنمائي، منهنجي هونهار ڌيئرن صنوبا، سويرا ۽ اُجالا جو منهنجي صلاحيتن کي همٿائڻ، منهنجي ڀينرن جو پيار ۽ ڀاءُ نويد نفيس جو سدائين ساراهڻ شامل آهي.

پنهنجي سمورن ويجهن دوستن جي همٿائڻ ڪانسواءِ پنهنجي پٽن جهڙي ننڍڙي دوست همايون اسحاق کي ڪيئن ٿي وساري سگهان جيڪو سدائين مون تي لکڻ لاءِ زور ڀريندو رهيو آهي ۽ منهنجي صلاحيتن کي ريج ڏيڻ ۾ ساٿاري رهيو آهي.

محترم گگن شاهد ۽ امر شاهد جن اڙدو ۾ هيءُ ڪتاب پڙهندڙن تائين پهچايو تن جي تمام گهڻي ٿورائتي آهيان.

هاڻ هيءُ ڪتاب سنڌيءَ ۾ پيش آهي سو هاڻ پسند، ناپسند ڪرڻ پڙهندڙن جي وس آهي....

غالب بُرا نہ مان جو واعظ بُرا کہے
ايسا بھی کوئی ہے کہ سب اچھا کہیں جسے

صنوبر ناظر

اگلے جنم بھی موہے بٹیا ہی دیجیو

الٽراسائونڊ ڪرائڻ جڏهن ڊاڪٽر جي ڪمري ۾ داخل ٿيس تہ دل جي زورائتي ڌڙڪي جو آواز.... منهنجي ٻڌڻيءَ سان ايئن ٽڪرائجي رهيو هو ڄڻ دل منهنجي ڪنن جو ئي حصو هجي.

اڪ ٿيٽ سان انتظار واري ڪمري ۾ ويٺل ڳورهاري عورتن تي اُچاتري نظر وڌم تہ محسوس ٿيو تہ ڄڻ سيني جون سوالي نظرون مون تي ئي هجن. ٽڙتڪڙ ۾ نظرون زمين ۾ ڪپائي ڇڏيم ۽ پنهنجي واري جو اوسيئڙو ڪرڻ لڳيس. اڄ متان پتو لڳي پوي تہ منهنجي ڪُک ۾ ڇوڪرو آهي يا ڇوڪري. من ئي من ۾ ويچاريم.

واري اچڻ تي ڊاڪٽر جي ڪمري ۾ گهڙيس. ڊاڪٽر مونکي ليٽڻ لاءِ چيو ۽ پاڻ مشين چالو ڪري الٽراسائونڊ ڪندي مونکان اُهيئي گنل پنل سوال ڪرڻ لڳي جيڪي ڪنهن پيشہ ور شخص جو ٿمر هوندا آهن. مونکي سندس ڪنهن بہ ڳالهہ ۾ ڪابہ دلچسپي محسوس نہ ٿي هئي. اڄ آئون ڊاڪٽر کان اُن سوال جو جواب ٻڌڻ لاءِ آئي هئس جيڪو ڄاڻڻ لاءِ الٽراسائونڊ ڪرائڻ آئي هئس. آئون چپ چپات ڌوئٽيءَ وانگر ساهہ ڪٽندڙ پنهنجي ڇاتيءَ تي ايئن هٿ رکيل هئس جو جيڪڏهن پل ڇُڪ ۾ هٿ هٽايم تہ ڪر دل ڇاتيءَ کان ٻاهر نڪري ايندي.

اِهو ڄاڻندي بہ تہ اڄڪلهہ ڊاڪٽر ٻار جي جنس ٻڌائڻ کان ڪيٻائيندا آهن، پنهنجي سموري سگهہ سهيڙيم ۽ نڪ جي ڏاڍائيءَ سان ڊاڪٽرياڻيءَ کي منت ڪيم ”پليز! ٻڌايو تہ پُٽ آهي يا ڌيءَ...“

پنهنجي ڳالهہ تي زور ڀرڻ واسطي ٻيهر چوڻ لڳيس ”انهيءَ ڪري پئي پڇان تہ جيئن سامان سڙو انهيءَ حوالي سان خريد ڪري سگهان. هوندن

ٻه ويم ۾ باقي مهينو ڪن ئي ته بچيو آهي“.

ڊاڪٽرياڻيءَ پنهنجي پيشيوراڻي انداز ۾ انتهائي سختيءَ سان منهنجو سوال ٽڙيندي وراڻيو، ”اِها اسانجي پاليسي ناهي.... اڪثر ڪيترين ئي نياڻيون ڪُک ۾ ئي مارجي ٿيون وڃن. انڪري اسان ڪي جنس ڄاڻائڻ جي منع ٿيل آهي.“

منهنجي انتهائي زور ڀرڻ تي آخرڪار ڊاڪٽر انهيءَ سوال ڏانهن آئي... جنهن جو غلط جواب ڏيڻ جو پڪو پهه ڪيو هئم.

”اڳ ۾ گهڻا ٻار اٿئي؟“ ڊاڪٽرياڻيءَ پڇيو

”ٻه“ ڪن پل ٻه وڃائڻ ڪانسواءِ ورندي ڏنم.

”ڇوڪرا يا ڇوڪريون؟“ ڊاڪٽرياڻيءَ منهنجي چهري تي نظرون کُپائيندي پڇيو.

”ڀهرين ڌي ۽ پوءِ پٽ.“ مون ڇٽو پٽو ڪوڙ ڳالهايو.

پوءِ ته واڌايون هجنئي! هن پيري ڌيءَ آهي. اِهو الله تعاليٰ جو واري وٽي وارو سسٽم سپ ڪان پلو آهي. پٽ ۽ ڌيءَ ٻنهي جي خواهش هڪبئي پويان پوري ٿي وڃي ته انڪان وڌيڪ....

ڊاڪٽرياڻي نه ڄاڻ ڇا ڪجهه پئي چيو، مونکي ڄڻ ته ڪجهه ٻڌڻ ۾ ئي نه پئي آيو.

دماغ هڪدم پند پهڻ تي ويو ۽ ڪنن ۾ ڊاڪٽرياڻيءَ جو آواز سوڪاٽ جيان ٻُرڻ لڳو. نيڻن ۾ پاڻ مرادو ڳوڙها وهڻ لڳيم ۽ اوچنگارون ڏئي روئڻ لڳيم. ڊاڪٽرياڻيءَ گهٻرائجي ٻاهر وينل منهنجي ماءُ کي اندر سڏرايو.

امان ڊاڪٽرياڻيءَ کي اصل حقيقت ٻُڌائي ته آئون ٻن ڌيئرن جي ماءُ آهيان ۽ هيءُ منهنجو ٽيون حمل آهي.

ڊاڪٽرياڻيءَ مونکي سمجهائڻ جي پوري ڪوشش ڪئي پر اُن وقت سندس ڳالهيون زهر ٿي لڳيم.

امان مونکي پنهنجي گهر وٺي آئي جو مون هنجون هاري پنهنجو برو حال ڪري ڇڏيو هو. منهنجا ڳوڙها بس ئي نه پئي ٿيا.

اُن وقت من ٿيو ته دنيا جي منهن مقابل ٿيڻ کان اڳ پنهنجو پاڻ کي ماري ڇڏيان يا سندم ڪُک ۾ پلجندڙ جي جان نپوڙي ڇڏيان. پنهنجي ڀهرين

ٻن ڏيئرن جي ڄم تي ماڻهن جون قياس پريون نظرون ۽ آئت پريا ڄملا وسريا نہ هئم ۽ هاڻ وري ساڳيون نظرون ۽ ڳالهيون منهنجيون منتظر هيون. سمجهہ ۾ نہ پئي آيم تہ ڪهڙي ريت هر ڪنهن کي ٻڌائي سگهنديس تہ آئون پٽ ڄڻڻ جوڳي ناهيان. لڄ جي اهڙي ڪيفيت وڪوڙي ويم جنهن جو ازالو رڳو پنهنجو پاڻ کي يا سندم ڪُک ۾ پلجندڙ کي مارڻ سان ئي تي پئي سگهيو.

اوڻهويهين ورهين جي ڄمار ۾ جڏهن پتو لڳو هئم تہ آئون ماءُ بڻجڻ واري آهيان تہ انهيءَ ڳالهہ جو قطعي ادراڪ نہ هئم تہ ڪو پٽ ۽ ڌيءَ ۾ فرق رکيو ويندو آهي. ان وقت تہ فقط اِهو ئي اهم سمجهيم تہ ماءُ بڻجڻ ضروري آهي نہ تہ ڇوڪريءَ کي سُنڍ هئڻ جو طعنو ملڻ ۾ ويرم ئي نہ لڳندي آهي. انهيءَ کان قطع نظر تہ ڪُک ۾ ڪهڙي جنس جو وجود آهي... ماءُ ٻار کي نو مهينا ڪُک ۾ رکي ٿي، سور سهي ٿي.

ويهن ورهين جي ڄمار ۾ صنويا منهنجي هنج ۾ هئي، خوشيءَ جي انهيءَ موقعي تي احساس ٿيم تہ پوٽينيءَ جو پُٽ نہ ڄڻي ڪٽنب جي روائتن کي پُٺ ڏني اٿم. صنويا ايندي سويرا سان ڳنڍجي آئي هئي. اُهو پل ڪڏهن بہ وساري نٿي سگهان جڏهن ويم گهر ۾ ٻئي ڌيءَ ڄڻڻ ڪانپوءِ من ئي من ۾ انهن ٻارڙين کي پنهنجي ترجيحن موجب نپائڻ جو پڪو پهہ ڪيو هئم. الله ڄاڻي ٻاويهن ورهين جي ماءُ جون ترجيحون ڇا هيون، سو تہ پتو ناهي پر هڪ اڻ ڏٺل احساسِ جرم لڪائڻ ۽ پنهنجو پاڻ کي سيني آڏو معتبر ڪرڻ جي ڪوشش ضرور هئي.

پهرين ٻن ڌيئرن جي ڄمڻ تي ئي احساس ٿي چڪو هئم تہ ڌيئرون ڄڻڻ ايئن آهي ڄڻ تہ ڪو روائتون ٽوڙڻ جو جوابدار بڻيو هجي. اِهو ئي سبب آهي جو معاشري ۾ ڌيءَ ڄمڻ تي هڪ خاص قسم جي سرد مهريءَ وارو ورتاءُ ڪيو ويندو آهي. جيئن تہ اسانجي معاشري ۾ ڌيءَ هئڻ ڏوهہ آهي انڪري ان لاءِ عورت کي ئي ذميوار ليکيو ويندو آهي. اسانجي ٻن ڌيئرن جو ڄمڻ بيشڪ ٻين لاءِ ايتري سرهائي جو سبب پل نہ ٿيو هجي پر اسان ”بہ ٻار خوشحال گهراڻو“ واري اشتهار کي هنئين سان هنڊائي ورتو هو.

ڌيئرن جي ماءُ بڻجڻ ڪانپوءِ تعليم جي اهميت جو احساس اجائين وڌي ويو. سوچيم تہ جيڪڏهن ڌيئرن کي اعليٰ تعليم ڏيارڻي آهي تہ پوءِ

مونکي بہ تعليم پرائٽي پوندي. پوءِ جتي تعليم چڙي هئم اُتائين انجو سرو پکڙي ٻيهر شروع ڪيم. ٻنهي گهرن ۾ انيڪ قسمن جي ڪتابن ۽ رسالن جا ڍير ڏٺا هئم. ادب ۽ تاريخ ۾ دلچسپي تہ هئي سو انهن ڪتابن سان نئين سر ناتو ڳنڍيم. هڪ هٿ سان ٻوڙ رڌيندي، سبزي ڪپيندي ۽ نئين چانور ڌيءَ کي ريجهائيندي نظرون ڪتاب تي ئي هونديون هيون.

چٽر پرئي جملن کي نظرانداز ڪندي هاڻ منهنجو ڌيان ڌيئرن سان ڪيڏڻ ۽ پڙهڻ تي هو. نيشنل جاگرافڪ جو هڪ پرچو ڪروموسومز ۽ ڊي اين اي بابت هو. اُهو اورچائپ سان پڙهڻ ڪانپوءِ تہ منهنجا چوڏهن طبق روشن ٿي ويا. ڪيترين ئي حقيقتون وائکيون ٿيون. پنهنجو پاڻ کي ٿورڙو سگهارو محسوس ڪيم. چٽر پرئي جملن تي خاموش رهڻ بدران هاڻ اڪثر ورندي ڏئي چڙيندي هئس تہ، ”سائنس ثابت ڪري چڪي آهي تہ جنس جو تعين عورت نہ پر مرد جي ذمي هوندو آهي“.

پر انهيءَ سائنسي حقيقت کي ٻڌو اڻ ٻڌو ڪندي مونکي سمجهايو ٿي ويو تہ جيئن تہ منهنجي ماءُ پيءُ جون بہ چار ڌيئرون هيون سو اِها سائنسي آکڙ چو ۽ پوءِ ڇوڪرن جون خوبيون ڳڻائڻ جو مقابلو نئين سر زور شور سان شروع ٿي ٿئي ويو. سوچيندي هئس تہ نيٺ عورت کي ئي هر مرحلي تي هڪ نئين امتحان مان ڇو ٿو لنگهڻو پوي.

وهان نہ ٿئي تہ مسئلو! وهان ٿي وڃي تہ ڳورهاري ڇو نہ ٿي ٿئي؟ ڄمار وڌي وئي تہ ٻار ڄڻڻ ڏکيو ٿي پوندو. ڌيءَ ڄمي تہ نر ٻار جي خواهش.... تہ جيئن نسل قائم رهي نہ تہ خاندان جو نالو ڪيئن اڳتي وڌندو؟ ڌيءَ جي نہ هوندي گهر ۾ رونق ناهي. جيڪڏهن هڪ ڇوڪرو ۽ هڪ ڇوڪري هجي تہ سندن جوڙي لاءِ فرمائشي پروگرام شروع.

هيءُ اُهي سموريون بيجا روائتون ۽ سڌون آهن جيڪي اسانجي معاشري عورت سان ڳنڍي رکيون آهن. مونسان بہ گهٽي ياڳي اِهو ئي ڪجهہ ٿيو، سواءِ منهنجي مڙس جي چاڪاڻ جو هُن آڏو اِهي ڳالهيون بي معنيٰ ۽ فضول هيون. ڪجهہ سالن اندر ئي ويجهن مٽن مائٽن ۽ ٻين جو ٻن ڌيئرن ڪانپوءِ پٽ ڄڻڻ لاءِ ڳجهن لفظن ۾ زور وڌندو ويو.

خدا جي قدرت ڏسو جو اسانجي گهريلو ڪمن ڪارين ۾ هٿ

وندائيندڙ ماسي بہ مونکي پٽ هئڻ جا لاپ ڳڻائڻ کان پوئتي نہ رهندي هئي، جنهن جا پنهنجا ٻہ جوان پٽ سڄو ڏينهن گهر تي ڪتون والاري، پنهنجي هڏين مٺ ٻٽيل ماءُ جي ڪمائي هڙپ ڪرڻ ۽ پئسا ڏوڪڙ نہ ملڻ تي پنهنجي وهي چڙهيل ماءُ کي مارڪٽ ڪرڻ کان نہ ڪيٻائيندا هئا.

مون تي اُٿندي ويهندي ماڻهن جي مفت مشورن ۽ بقراطي تبصرن جا متڪا وسڻ لڳا ۽ آئون ڪنهن جهور پت جيان آهستي آهستي ڍهڻ لڳيس. محسوس ٿيڻ لڳم تہ واقعي انهيءَ نعمت کانسواءِ منهنجي ڪا وقعت ناهي ۽ جيڪا سگهہ ۽ مضبوطي جوڙي سگهي هئس سا آخرڪار هٿ ڇڏائي وئي. منهنجو تاريخ ۾ ماسٽرس ڪرڻ جو آخري سال هو جو تيون پيرو ماءُ بڻجڻ وارن مرحلن مان لنگهڻ لڳيس. منهنجو سهرو پڙهائي ۾ منهنجو انتهائي همڪار رهيو. امتحانن مهل آئون ستن مهينن جي ڳورهاري هئس.

هڪ امتحان ۾ ڪاميابيءَ کانپوءِ، هاڻ ايندڙ امتحان ۾ پڻ سرخرو ٿيڻ جي سڌ وڌيڪ زورائتي ٿي چڪي هئي جو هر ڪنهن جي اِهائي خواهش هئي. مونکي ڳورهاري ڏسي هو سمورا پانت پانت جون ٻوليون ٻولڻ لڳا. ٻن ڌيئرن کانپوءِ تہ ڇوڪرو ئي ٿيندو آهي. ٻيو نمبر ڌيءَ جي وارن ۾ پونئري جيڪڏهن مٿين پاسي ڏانهن هجي تہ ايندڙ پٽ پڪو آهي. پٽ هئڻ جي هڪ معتبر نشاني ڳورهاري جي پيٽ جو هيٺ ڏانهن لڙڪيل هئڻ آهي. هن پيري تہ ڇوڪرو ئي آهي، مُک ڏسو ڳورهاريءَ جو، ڪيئن نہ ڪومايل آهي. مبارڪ هجئي هن پيري جو لاڳيتو اُلٽيون پيون ٿين سو پڪ سان ڦيرو ئي ايندو.

لنگهڻ پيٽ اوڳرايون اچڻ پڻ انهيءَ ڳالهہ جو اهڃاڻ ليکيو ويو تہ هن پيري ڪُک ۾ ڇوڪرو ئي آهي. يعني جيترا وات اوتريون ڳالهيون جن سان ڳورهاريءَ کي پڪ ٿي وڃي تہ هن پيري هو پٽ ئي ڄڻڻ واري آهي. اِهو سمورو کيل منهنجي ماءُ اورچائپ سان جانچي رهي هئي ۽ شايد ڇئن ڌيئرن جي ماءُ هئڻ ناتي کيس احساس هو تہ جيڪڏهن هن پيري بہ ڌيءَ ڄڻيم تہ منهنجي ذهني ۽ جسماني صحت تي ان جا انتهائي اُگرا اثر پئجي سگهن ٿا، سو انکري هوءَ مونکي الٽرا سائونڊ ڪرائڻ لاءِ ڪلينڪ وٺي وئي هئي تہ جيئن آئون ذهني طور تي اڳواٽ تيار هجان.

اِهو پتو لڳڻ کانپوءِ تہ هن پيري بہ ڌيءَ ڄڻينديس، گهر پهچڻ تي

پاڙي جي هڪ ڊاڪٽر ٻڌيل نرس سان رابطو ڪيم ته مونکي پار ڪيرائڻو آهي. گرڀ جي انين مهيني اِهو ڪرڻ پنهنجي ۽ اينڊڙ حياتيءَ تي نسورو ظلم هو پر هاڻ معاملو عزت جو هو. مون انهيءَ ڊاڪٽر جي روپ ۾ نرس کان حمل ضائع ڪرائڻ جون چار انجيڪشنون لڳرايون ۽ ڪجھ اهڙا ٽوٽڪا پڻ ٻنان سوچڻ سمجهڻ جي ڪيم، جن سان حمل ضائع ٿيڻ جو امڪان هو.

رنڌڻي جي مٿين ٻنڌ تي چڙهي ٽپ تي ڏنم. ٽڪو ٽڪو ڏاڪڻ لٿيس ۽ چڙهيس ٿي. اُپ ڪڙين ويهي ٻهارو ٿي ڏنم. اهڙيون ڪسرتون ٿي ڪيم جيڪي ڳورهارين لاءِ منع ٿيل هيون پر نتيجو ساڳيو ڪاريءَ وارا ڪڪ. سموريون تدبيرون بي ثمر ثابت ٿيون. انهيءَ سموري ظالماڻي ڪاروائي ۾ ايترو ته رڌل هئس جو محسوس ئي نه ٿيم ته ڪو ڪُک ۾ ٻارڙيءَ جي چرپر آهستي آهستي گهٽجي رهي آهي.

۽ پوءِ هڪ ڏينهن احساس ٿيم ته منهنجي اندر ڪجهه به ناهي مڪمل خاموشي، موت جهڙي سانت، منهنجو ڦوڪيل پيٽ ئي نه جڻ ته منهنجو روح پڻ خالي ۽ ويران ٿي ويو هجي. منهنجي ڪُک ۾ پلجندڙ جيوَ اِهو جاڻي ورتو هو ته سندس هئڻ سندس ماءُ لاءِ مهڻو بڻجي ويو آهي سو هُن دنيا ۾ اچڻ لاءِ پنهنجا معصوم هٿ پير هٽڻ جي پتوڙ ئي ڇڏي ڏني هئي. پنهنجو ساهه روڪي ڇڏيو هئائين.

انجڪشنون ۽ ٽوٽڪا ته منهنجي انهيءَ سخت جان ٻارڙيءَ جو ڪجهه به بگاڙي نه سگهيا پر منهنجو بيحس ورتاءُ ڪيس اندر ئي اندر ماري رهيو هو. ٽين ڏينهن به منهنجي ڪُک ۾ ڪا چرپر نه ٿي، سوڳواريءَ ڀري سانت ڇانيل رهي. هر هر پنهنجي پيٽ کي انهيءَ اُميد تي مهٽيندي رهيس ته شايد منهنجي ڏيءَ قلابازي ڪائيندي ۽ آئون سور وگهي ٻيڻي ٿي ويندس يا هوءَ پنهنجو پتڪڙو پير منهنجي پيٽ تي هڻندي ته آئون ڪتڪتائي محسوس ڪندي بي ساختو ٽهڪ ڏينديس. پر منهنجي هٿ جو ڇهاءُ به بي معني رهيو. منهنجي دنيا جڻ اُٿل پٿل ٿيڻ لڳي. آئون اِهو ڇا ڪرڻ لڳي هئس؟ پنهنجي ئي هٿن سان پنهنجي ئي اولاد.... اُف.... يڪدم هڪ ماءُ ڪَرَ موڙي جاڳي پئي. آئون باقاعدي هنجون هاري اوچنگارون ڏيڻ لڳيس. صنويا ۽ سويرا پنهنجي ننڍڙن پتڪڙن هٿن سان منهنجي ڳوڙها اگهندي پاڻ به روئڻ لڳنديون

هيون.

اُن وقت مونکي نہ دنيا جي مهڻن جي پرواھ هئي ۽ نہ ئي پنهنجي بي وقعت هئڻ جي... فقط هڪ ماءُ جا ڳوڙها هئا تہ متان سندس ڪُک بہ اُجڙي وڃي. هڪدم مونکي ايمرجنسيءَ ۾ نيو ويو جتي طبي مدد جي نتيجي ۾ منهنجي ڌيءَ جي ساھ جي تند بحال ٿي. ڊاڪٽرن موجب جيئن تہ آئون پنهنجي گرڀ کان خوش نہ هئس جنهن جو ٻار کي قدرتي طور تي ادراڪ ٿي ويندو آهي. انڪري مون کي تاڪيد ڪئي وئي تہ خوش رهڻ جي ڪوشش ڪريان تہ جيئن ٻارڙي تندرست ڄمي.

گرڀ جي آخري مهيني روز منجهند جو صنوبا ۽ سويرا ڪي پنهنجي ساڄي ڪاٻي ليٽائي ڪين ڪلاڪن جا ڪلاڪ لکڻ پڙهڻ، اڳتي وڌڻ ۽ خوداعتماديءَ سان اڳتي وڌندڙ عورتن جا قصا ٻڌائيندي هئس. قدرت جا ٿورا ٿيا جو منهنجي ڌيءَ تي انجڪشنن ۽ ٽوٽڪن جو ڪو اثر نہ ٿيو ۽ هوءَ مڪمل طور تي صحتمند جائي. اُجالا کي پنهنجي هنج ۾ ڏسي سوچيم تہ ڇو پنهنجي ذات سان لاڳاپيل مامرن تي اڄ تائين ٻين جي ڳالهين، مشورن ۽ تبصرن تي ڪن ڏيندي آئي آهيان يا شايد آئون ضرورت کان وڌيڪ حساس آهيان.

انهيءَ ڏينهن مونکي پنهنجي انهن ترجيحن جو احساس ٿيو جيڪي سويرا جي ڄمڻ تي ڪجھ سال اڳ مون پنهنجي ڌيئرن لاءِ سوچيون هيون. جتي ٿي ڌيئرون پيدا ڪري روائتن کي ٽوڙيو هئم، سو اُجالا جي ڄمڻ تي عورت سان ڳنڍيل هر مدي خارج روائت کي ڪنهن ڊپ ڊاءُ کان سواءِ ٽوڙڻ جو بہ پڪو پھ ڪري ورتم. اُن ڏينهن فيصلو ڪيم تہ پنهنجي ڌيئرن کي بااختيار، بااعتماد ۽ ذميوار شهري بڻائينديس. ”دنيا ڇا چوندي؟“ جهڙي خرافتن جي ڄار مان نڪري هو پنهنجي لاءِ پنهنجون راهون ڦلهورين تنهن ۾ سندن ساٿاري بڻباسين.

اِهي سموريون اخلاقي رڪاوٽون ٽوڙڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪيم جيڪي ڪنهن وقت ناممڪن لڳنديون هيون. سمورن مٽن مائٽن جي مخالفت ٿڏيندي سورهين ورهين جي ڄمار واري پنهنجي وڏي ڌيءَ کي هاءِ اسڪول اسڪالرشپ تي امريڪا اُماٽيم. انڪانپوءِ پوئتي موٽي نہ ڏٺم جو واٽ سنواٽي ڪري ڇڏي هئم. جتي ٽنهي ڌيئرن کي اسڪول کان هڪدم پوءِ

پرڏيهہ اُماڻ سندن اعتماد کي هٿي ڏيڻ هو اُتي غير نصابي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ تي هر ڪائڻ پڻ سندن شخصيتن کي ريج ڏيڻ جي هڪ معمولي ڪوشش هئي. اج منهنجون ٽيئي ڌيئرون سياسي، سماجي ۽ ادبي شعور سان مالا مال هئڻ سان گڏوگڏ پنهنجي روزگار سان پڻ لڳل آهن.

منهنجي اُها ڌيءَ، جنهن کي اُن وقت پٽ جي صورت ۾ ڏسڻ تي چاهيم، تنهن لاءِ اج بنان ڪنهن هٻڪ جي فخر سان چوان ٿي ته شڪر آهي جو قدرت مون کي ڌيءَ سان ئي نوازيو. اج هوءَ ڪينيڊا ۾ پڙهي پئي پنهنجو خرچ پکو ڪرڻ لاءِ ڪم ڪار پڻ ڪري رهي آهي. سنگيت جو شوق هئڻ سبب پنهنجي اسڪولي تعليم سان گڏوگڏ باقاعدي ڇئن سالن جي سنگيت جي تعليم پڻ حاصل ڪئي اٿائين ۽ بهترين پيانو وڄائيندڙ بڻجي وئي آهي. ٽئي ڌيئرون اسان جو فخر آهن. منهنجي ڌيئرن جي تعليم، تربيت ۽ ذهني آبياريءَ ۾ مون کان وڌيڪ سندن پيءُ جي حصيداري آهي.

اسان جي معاشري تي اِهو هڪ سواليہ نشان آهي تہ اسين پنهنجي ڌيئرن تي پنهنجن پٽن کي ترجيح ڇو ٿا ڏيون جڏهن تہ هاڻ هر ڪيتر ۾ عورت مرد سان ڇٽاپيتي ڪندي ٿي نظر اچي. اج بہ زندگيءَ ۾ ڪيترين ئي عورتن سان ملندي آهيان اسڪولن، ڪاليجن، يونيورسٽين، بازارن ۽ آفيسن ۾، وڏي ڄمار ۽ جوان جماڻ عورتن سان بہ تہ معصوم نينگرين سان پڻ. سندن شخصيت ڏسي اڪثر ويچاريندي آهيان تہ هيءُ معاشرو هنن سيني جي وجود کان انڪاري ڇو آهي.

هڪٻئي پويان ڌيئرون ڄڻڻ تي ڪيترين ئي ڳورهاري عورتن جا من انهيءَ ڊپ وگهي ڪنبجي ويا هوندا تہ ايندڙ پيري بيهر ڌيءَ نہ ڄمي پوي. شايد عورتن جي وجود جا انڪاري اِهو نٿا ڄاڻن تہ اِهيئي ڌيئرون ايندڙ وقت جو حوالو هونديون. هڪ نئين دور جو اجالو هونديون.

پر هوءَ معصومڙي نينگ ٽپا ڏيندڙ ڇوڪري ڪٿي؟

”مُنن ڀائي.... سگهو اسانجو آرڊر وٺ!“ اسين سمورا دوست جذباتي انداز ۾ ٻاڪاريندا هئاسين.

مُنن ڀائي جي اصل نالي جو ته پتو نه هو پر نندپڻ کان ڪيس انهيءَ نالي سان سڏبو ڏسندي اسان سمورن ٻارن جي زبان تي پڻ اِهو ئي نالو چڙهيل هو.

مُنن ڀائي اسان جي علائقي ۾ هڪ ٽپ ٽاپ لڳندڙ دڪان جو مالڪ هو. دڪان ۾ داخل ٿيندي ئي سامهون ڪاٺ جو دخل هو جنهن جي پويان ويهي هو پنهنجي گراهڪن تي نظر رکي سگهندو هو. وڏي هال ۾ ڪرسيون ۽ ميز وڇايل هئا. انهيءَ هال ۾ گهڻي ڀاڱي نوجوان ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون چٽاڻ ڪائڻ ۽ ڪولڊ ڊرنڪ پيئڻ ايندا هئا. دڪان ۾ پڙدن پويان جڙيل هڪ فيملي روم پڻ هو جنهن ۾ ايئرڪنڊيشن پڻ لڳل هو، جتي ويهڻ جي سڌ اسين پاڙي جا سمورا ٻار سڄو سال ڪندا هئاسين.

ايئن سمجهو ته اِهو جڻ 1986 جو ”گلورياجينس“ جهڙو ڪيفي هو.

مُنن ڀائي گهنگرو وارن وارو هڪ گول مٿول همراهه. ٻاهر نڪتل پيٽ تي هيٺ ڏانهن سرڪندڙ پتلون ڪي هو هر هر مٿي چاڙهيندو رهندو هو ۽ پيرن ۾ هوائي چپل پهري، دڪان تي آيل گراهڪن ڪي ڪاڏي پيتي جي اسمن جا نالا ايترو تڪڙو تڪڙو ٻڌائيندو هو جو سندس اڌ ڳالهه ته سمجهه ۾ ئي نه ايندي هئي. پوءِ بيزاريءَ وچان گراهڪن جي منهن ڏانهن ايئن نهاريندو هو جڻ چوندو هجي ته سگهو ٻڌايو ته ڇا کجهه گهرجي.

مُنن ڀائي جي گهراڻي جو ڳاڻيٽو اسانجي علائقي جي ڪي قدر

سڪين ستابن گهرن ۾ ٿيندو هو. پاڙي جي بزرگ عورتن موجب مُنن پائي جي ماءُ پورن مهينن سان چنڊ گرهڻ واري رات اڱڻ ۾ سڄي رات ڪٽ تي ستي رهي تنهنڪري مُنن پائيءَ جو چمڻ مهل مٿيون چپ ڪپيل هو. مُنن پائي پنهنجي ڀين پائرن پينرن وانگر تعليم ۾ تہ ڪو ڦاڙهو ماري نہ سگهيو پر پنهنجو ڏنڊوڏاڙي زوران زور ڪري ڇڏيو هئائين.

انهيءَ ايئرڪنڊيشن ڪمري ۾ اسان ٻارڙن واسطي سال جو فقط هڪ ئي ڏينهن هوندو هو جڏهن عيد خرچيءَ سان اسان جا ڪيسا ڀريل هوندا هئا جو اسين چڪن ٻوٽيءَ سان گڏ ”آر سي ڪولا ۽ پاڪولا“ ۽ ”اگلو ڪون“ کائي سگهون. اِهو روزن واري ”عيدالفطر“ جو ڏينهن هوندو هو. انهن ڏينهن ۾ عيد بہ تہ شاندار هوندي هئي. ڪيسو پل ڏوڪڙن کان خالي هجي پر دل پيار سان ڀريل هوندا هئا. هاڻوڪي نفسانفسيءَ وارو دور نہ هو. هيءُ اُهي ڏينهن هئا جڏهن رمضان اجان ”رمدان“ نہ بڻيو هو. مذهب جي ڏيکاءُ لاءِ سوشل ميڊيا ۽ سحري ۽ افطار ٽرانسميشن جو ڪو وجود نہ هو.

محلي داريءَ ۾ ڀين ڪاڏن جيان افطاري اُماڻڻ پڻ پاڙيسرين جي پنهنجائپ جو هڪ انداز هوندو هو. رمضان ۾ اِهو ليکڻ ڪانسواءِ تہ ڪنهن ڪيترا روزا رکيا ۽ ڪيترا ڇڏيا، پنجئي وقت نماز پڙهايائين يا نہ، تراويح تي مسجد ۾ باجماعت هو يا گهر تي ئي رهيو... نہ تہ احترام جو ناتو متاثر ٿيندو هو ۽ نہ ئي وري ڪنهن کي ڪٺهري ۾ بيهاريو ويندو هو.

چنڊ رات جو تہ سيني کي اوسيئڙو رهندو هو. ڇا وڏا ڇا ٻار، ايئن لڳندو هو تہ ڄڻ هر ڪو گهر گهاٽ کي ڪلف لڳائي بازار ۾ نڪري پيو آهي. ڪراچيءَ جي هر مارڪيٽ رنگبرنگي لائيٽن ۽ جرڪندڙ دڪانن سان سينگاريل ماڻهن جي هشام ۾ ڪنوار جيان لڳندي هئي. جن کي مارڪيٽ اندر دڪان نہ ملندو هو سي ٻاهر رستي ۽ فٽ پاٿ تي ئي ڇاپڙي هڻي گراهڪن جو ڌيان ڇڪرائيندا هئا.

خدا ڄاڻي اِها ڪهڙي روائت هئي جو پل عيد اچڻ کان اڳ اوهان ڪيتري بہ تياري ڪري ورتي هجي پر چنڊ رات جو مارڪيٽ جو ڦيرو لڳائڻ ضروري هو. چوڙيون، ميچنگ پوتي يا چنپل وٺڻ جو بهانو اصل ۾ بازار جو رونق جو مزو ماڻڻ واسطي ئي هوندو هو. تن ڏينهن ۾ چوڙين جي دڪانن تي

باقاعدي اهڙا ملازم رکيا ويندا هئا جيڪي چوڙيون پهرائڻ جا ماهر هوندا هئا. جيئن تہ انهن ڏينهن ۾ ڪانچ جون چوڙيون پهرڻ رواج هو تنهنڪري ڪوشش اِها ئي هوندي هئي تہ دڪان تي وجي چوڙيون پهرجن تہ جيئن پڳي ٽٽي جو خرچ دڪاندار جي ذمي هجي.

عيد ڪارڊ جو رواج تڏهونڪن ڏينهن ۾ زوران زور هوندو هو. هڪٻئي سان عيد ڪارڊ، هلڪين ڦلڪين سوکڙين جهڙوڪ واليون، هار، لاڪيٽ يا مندين جي ڏيتي ليتي ٿيندي هئي. اچرج جوڳي ڳالهہ اِها هئي تہ جيتوڻيڪ ملڪ ۾ جنرل ضيا جي آپيشاهاڻي حڪومت هئي پر اُن دور ۾ انڊين فلمن جو جادو پڻ زوران زور هو. اصل ۾ عوام کي جمهوريت ۽ آمريت جي خفي ڪان آزاد ڪري رنگبرنگي ۽ شوخ ۽ چنچل باليووڊ جي ڳاڙهي بتيءَ پويان لڳائڻ ئي مقصد هو. انهيءَ ڪري ماڌو پارتي هيرو ۽ هيروئنن جا ديوانا هئا. انهيءَ ڪري جتي ڪٿي پارتي فنڪارن جا پوسٽ ڪارڊ ٻڌي جي حساب سان بازارن ۾ وڪرو ٿيندا هئا.

ماڊرن بيوٽي پارلر جو سلسلو پڻ ڪراچيءَ ۾ 1980 واري ڏهاڪي کان شروع ٿيو. عيد کان اڳ حجام وٽ وار ڪپرائڻ لاءِ وڃڻو پوندو هو يا گهر تي ئي امان اسان سڀني جا "ڪٽورو ڪٽ" وار ڪپيندي هئي. ٿين ايج ۾ اسان کي بہ عيدالفطر تي بيوٽي پارلر تان وار ڪپرائڻ ۽ ڊرائير ذريعي سڪائي اِهي سيٽ ڪرائڻ جو استحقاق حاصل ٿيو.

چنڊ رات هٿن تي مينڌي لڳرائڻ ڇوڪرين جو پسنديده مشغلو هو. اڪثر ڪٽنب جي ئي مينڌي لڳائڻ جي ڪا ماهر ڇوڪري آلتي پالتي هڻي ويهندي هئي ۽ سموريون ڇوڪريون دائري ۾ ويهي پنهنجي واري جو اوسيئڙو ڪنديون هيون. عيد تي امان اسان مان هرڪنهن کي پنهنجي پسند سان گهٽ ۾ گهٽ بہ جوڙا ڪپڙن جا، سينڊل، ڪنن جون واليون وٺي ڏيندي هئي. عيد سڀ کان وڌو مسخريءَ جوڳا اسم "ڪاري پلاسٽڪ جو چشمو" ۽ "پرس" هوندا هئا، جن ڪانسواءِ اسانجي عيد جڻ عيد نہ هوندي هئي. چنڊ رات گهر ۾ سڄي پاڙي ۾ ڏينهن جيان جرڪو هوندو هو. هر گهر ۾ عورتون عيد جي صبح واري طعامن جي تياري رات کان ئي ڪرڻ شروع ڪنديون هيون. ٽيپ ريڪارڊر تي وڏي آواز سان گانا ٻڌڻ انهيءَ رات جو جڻ لازمي حصو هو.

چنڊ رات کن پل ننڍ ڪرڻ پڻ اجايو لڳندو هو. ايندڙ ڏينهن عيد تي نون ڪپڙن، جوتن، زيورن پائڻ ۽ عيد خرچي ملڻ جي خوشيءَ ۾ اسين ٻار سڄي رات پاسا بدلائيندا رهندا هئاسين. عام ڏينهن ۾ امان طرفان جلدي اُٿارڻ تي ٻرو چڙهندو هو پر عيد واري ڏينهن اسانجا ڪن ”هاڻ اٿي، ننڍ مان“ جا منتظر هوندا هئا. عيد جي ڏينهن امان وارن کي ڦٽي ڏيندي هئي. ڪجل لڳائيندي ۽ پنهنجي پسنديده لپ اسٽڪ اسانجي چپن تي هٽندي هئي. لپ اسٽڪ هٽڻ جو ڪرم فقط مني ۽ ٻڪرائي عيد تي ئي ٿيندو هو. آئون امان کان نظر بچائي ڳل تي ٿورڙي لالي بہ ٿڦي ڇڏيندي هئس. تيار ٿي سڀ کان پهرين ڏاڏا ۽ ڏاڏيءَ سان عيد ملي ڪانئن عيد خرچي وصول ڪندا هئاسين. پوءِ امان جي هٿن جون تيار ڪيل کير واريون سيويون وڏي چاهہ سان کائيندا هئاسين. اُن ڏينهن امان کير وارين سيوين کان سواءِ چانورن واري رٻڙي کيرڻي، پٽر جي سل تي ڪٽيل قيمي جو ڪوفتا ٻوڙ ۽ ٻاڪرو پلاءُ تيار ڪندي هئي.... پر اسانجو سمورو ڌيان مُنن پائي جي دڪان تي ايئرڪنڊيشن واري فيملي روم ۾ پنهنجي سمورن دوستن سنگتين سان گڏ نهي سنورجي ويهڻ ۽ بي نيازيءَ سان پنهنجي من پسند کاڌن جو آرڊر ڏيڻ تي هوندو هو.

عيد جي ڏينهن مُٺڻ پائي جي دڪان تي گذرندڙ انهن دلپزير پلن ۾ اسان سمورن ٻارن کي اِهو محسوس ٿيندو هو تہ ”دنيا اسان جي قدمن ۾ آهي“. اسين مُنن پائي کي پنهنجي پسند وارا گانا لڳائڻ جو حڪم ڏيندي خاص طور تي نازيا حسن ۽ زوهيب حسن جي گاني ”ڊسڪو ديواني“ يا ”تيري ميري ايسي دوستي“ زوردار آواز ۾ وڄائڻ جي فرمائش ڪندا هئاسين. مُنن پائي جيئن تہ ڪاروباري ماڻهو هو انهيءَ ڪري اسانکي دڙڪو داٻ ڪري ڀوڙائي ڪڍڻ بدران ڦڙتيءَ سان اسانجو آرڊر اسان تائين پهچائيندو هو. اڪ ڇنڀ ۾ چار ڏهاڪا ايئن گذري ويا ڄڻ اجان ڪالهوڪي ڳالهہ هجي.

اِهي سموريون ڳالهيون هاڻ وساريل دور جا قصا بڻجي ويون آهن. پنهنجي ٻارن کي جڏهن اِهو داستان ٻڌائيندي آهيان تہ هو ايئن وات ڦاڙي اسان ڏانهن نهاريندا آهن ڄڻ تہ اسان کان ڪا وڏي ڀوڪپائي ٿي هجي. اڄ اسين اهي سموريون شيون خريد ڪري سگهون ٿا جيڪي تن ڏينهن ۾ اسانجي هٿ وس نہ هيون پر هاڻ انهن شين جي ٻاڙ ئي نہ رهي آهي. ابن انشا

جي بقول:

خیر محرومیوں کے وہ دن تو گئے
آج میلہ لگا ہے اسی شان سے
آج چاہوں تو اک اک دکاں مول لوں
آج چاہوں تو سارا جہاں مول لوں
نارسائی کا اب جی میں دھڑکا کہاں
پر وہ چھوٹا سا الھڑ سا لڑکا کہاں

اڄڪلهہ جي ٻارن جو بہ ڪو ڏوهہ ناهي، دنيا جا رنگ رتول ئي بدلجي ويا آهن. هاڻ ڪٿي مُنن ڀائي جو دڪان ۽ ڪهڙي اِگلو آئسڪريم ؟ هاڻ ٻار آن لائين عيد شاپنگ ڪندا آهن. کير واريون سيويون، برياني ۽ ڪوفتن بدران فوڊ پانڊا ذريعي ڪو اطالوي پاستايا چيني سوشيءَ جو آرڊر ڏنو ويندو آهي جو وات جو ذائقو اهڙن ئي ڪاڏن تي هري مري ويو اٿن. هاڻ ٻارن جي عيد دير تائين ننڊ ڪرڻ جو ڏينهن آهي. شام جو من ٿيو تہ ڪو نئون سوٽ ڪڍي پهري ونبو. هاڻ اُهي ساليانی شاپنگ وارا ڏينهن دُڦ ٿيا پر نہ، اِهي سموريون چلولايون وڏن شهرن ۾ ٿانيڪو ٿيندڙن جون ئي آهن. جيڪي اڪثر آن لائين شاپنگ، فوڊ پانڊا ۽ هينگ آئوٽ جهڙي تفريح جي سگهہ تا رکن. اهڙا ڀاڳن ڀريا هن ملڪ جي آباديءَ جو ڪو ڏهہ سيڪڙو ئي مس ٿيندا.

نوي سيڪڙو تہ اڄ بہ سڄو سال هڪ نئين وڳي ۽ ڪنهن مُنن ڀائي جي دڪان تي ويهي ”والز آئسڪريم ۽ ڪوڪا ڪولا“ جو اوسيئڙو تا ڪن.

اسانجي پيشانيءَ تي چمي ڏيو

باجيءَ جي موبائل فون تي ڪنهن اڻڄاتل نمبر تان ايندڙ ڪال لاڳيتو ٽيون ڀيرو وڄي رهي هئي. باجي اهڙيون اڻڄاتل ڪالون ٻڌڻ ڪان لنوائيندي آهي پر هن ڀيري ايئن نہ ڪيائين. فون کنيائين تہ ٻئي پاسان هڪ اوپرو مرداڻو آواز ڪنن تي پيس.

”جيءُ حڪم! ڪنهن سان ڳالهائڻو آهي؟“. باجيءَ پڇيو

”اوهان سان“. مرداڻي آواز ڪن پل لاءِ هٻڪڻ ڪانسواءِ ئي ورنديءَ ڏني.

”جيءُ چئو!“ باجيءَ چيس.

”اوهين ثمره جي وڏي ڀيڻ ٿا ڳالهايو نہ؟“ ٻئي پاسان سوال ڪيو ويو.

”جي! پر اوهان ڪير ٿا ڳالهايو؟ ۽ ثمره کي ڪيئن ٿا سڃاڻو؟“ باجيءَ اچرج ۽ پريشانيءَ واري گاڏڙ ڪيفيت سان پڇيو. ”باجي! منهنجو نالو شاهد آهي. آئون اوهان جي امڙ جي علائقي جو رهواسي آهيان ۽ اڄ کان ڪو يارهن سال اڳ منهنجا گهر ڀاتي ثمره جو سنگ چڪرائڻ اوهان جي گهر آيا هئا... منهنجي لاءِ پر اوهان ثمره جي مائٽي ڪنهن ٻئي هنڌ ڳنڍي ڇڏي هئي.“ مرداڻي آواز ۾ نراسائي جا پاچولا هئا.

”اڄ کان يارهن سال اڳ تہ ثمره لاءِ ڪيترائي سنيها آيا هئا، سو مون کي اِهو ڪجهہ هاڻ ڪيئن ياد رهيو هوندو ۽ نہ ئي هاڻ انهن پراڻين ڳالهين کي ڦلورڻ جي ڪا ضرورت بہ آهي.“ باجيءَ تنگ ايندي فون بند ڪرڻ جو اشارو ڏنو. ”باجي! مهرباني ڪري فون بند نہ ڪجو. بس رڳو هڪ ڳالهہ جي پڪ ڪرڻي اٿم تہ ڇا واقعي ثمره جي شادي ٽٽي وئي آهي؟“ مرداڻي آواز

يڪدم سوال ڪيو.

”اوهان جو ان ۾ ڇا وڃي؟“ باجيءَ ڪاوڙ وچان فون بند ڪري ڇڏيو.

*****

ثمره اڃان ارڙهن ورهين جي مس هئي جو سنگابنديءَ لاءِ ڇڪ ڇڻ زينب ماسيءَ جو گهر ڳولهي لڌو هو. زينب ماسيءَ ساهرن جي خواهش تي پنجن ڌيئرن جي قطار جوڙي ڇڏي هئي، تنهن ڪانپوءِ ئي سندس ڪُک سائي ٿي ۽ سندس پُٽ ڄائو. زينب ماسي ته ڄڻ اُڏام ڪٽولي تي سوار هئي ۽ جلد کان جلد پنهنجي ڌيئرن کي شينهن کُلهي چاڙهي پنهنجي ذميوارين مان آجي ٿيڻ لاءِ آتي هئي. اڄڪلهه زمانو ڏاڍو خراب آهي. جوان نينگريون جيترو جلدي پنهنجي گهر پيڙو ٿين اوترو چڱو... پوءِ ٿيندي رهندي پڙهائي ٻڙهائي. زينب ماسي پنهنجي ليکي ڄڻ ڪم جي ڳالهه ڪندي هئي.

ثمره کان واندڪائي ملي ته اڳتي ٿي ٻيون پڇي راس ٿي تيار وينيون آهن. ڌيئرن کي اڪلائيندي اڪلائيندي اسان جي ته ڄمار ئي لنگهي ويندي. ماءُ جون اِهي سموريون بي ڍنگيون ڳالهيون ڌيئرن کي ازبر ياد ٿي ويون هيون ۽ ڄاڻي اڻڄاڻي ۾ هو به پنهنجي وجود جي بار کان ماءُ کي مُڪتي ڏيارڻ پنهنجو فرض سمجهڻ لڳيون هيون.

زينب ماسيءَ جي مڙس اختر چاچا جي ڇوڪرين جي وهان واري معاملي ۾ ڪا اهميت نه هئي. اهميت ته هونئن سندس ڪنهن به معاملي ۾ ئي نه هئي. چاچا جي زال سان ڪنهن ڳالهه سان اختلاف ڪرڻ تي زينب ماسي هنجون هاري روئڻ لڳندي هئي جنهن تي اختر چاچا جو دل ڦسي پوندو هو.

”اڙي! آئون ته رڳو صلاح پيو ڏيان، ڏسڻ پروڙڻ ته تنهنجو ڪم آهي ۽ حتمي فيصلو به تنهنجو ئي هوندو.“ اِهو چئي اختر چاچا پنهنجي زال آڏو هٿيار ڦٽا ڪندو هو. زينب ماسيءَ پهرين ڌيءَ کي ارڙهن ورهين جي ڄمار ۾ پرڻائي ڇڏيو ۽ هاڻ ثمره جو وارو هو جيڪا جڳ جهان ۾ ”گگدام“ ليکي ويندي هئي. نڪرندڙ رنگ تي تيز مهانڊا، وڏو شاهي قد ۽ پوري پني بت واري ثمره جي سنجيده مُک تي ورلي ايندڙ مُرڪ انتهائي من موهيندڙ هئي.

ثمره مقامي ڪاليج ۾ فائن آرٽس جي ٻئي سال جي شاگردياڻي هئي. پنهنجي ڪم سان ڪم رکندڙ معصوم ثمره تي ڪلاس جو سڀ کان

وڏيڪ هوشيار شاگرد نديم احمد پهرين ڏينهن کان فدا هو. ٻئي ڪلاس جي پڄاڻيءَ تي ڪلاڪن جا ڪلاڪ بظاهر تہ دنيا جهان جي فن ۽ ان جي تحريڪن بابت بحث مباحثو ڪندا هئا تہ جيئن دير تائين هڪٻئي جي نظرن آڏو رهن ۽ ٻنهي جي دلين جي سانت سمونڊ ۾ واچوڙو وڌندو رهي.

آهستي آهستي ٻئي هڪٻئي جي ويجهو ٿي ويا. پڙهائي جو آخري سال هو ۽ امتحان سر تي اچي ڪڙڪيا هئا. نديم احمد جي آرٽ ورڪ جو سڄي ڪاليج ۾ ڪو مٽ ثاني نہ هو. نديم احمد ماءُ ٻنان اهڙو پٽ هو جنهن کي سندس پيءُ ڪيس ماءُ پيءُ ٻنهي طور نپايو هو. نديم سانوري رنگ ۽ ڊگهي قد ڪاٺ وارو هڪ قبولڻ جوڳو نوجوان هو جنهن جي نيڻن جي ڏاهپ هر ڪنهن کي ڏانهس ڇڪيندي هئي. محنتي ۽ حساس سڀاءُ واري نديم احمد پنهنجي من ئي من ۾ ثمره کي پنهنجي حياتيءَ جو ساٿي چونڊي ورتو هو.

”امتحانن کانپوءِ ڇا ارادو اهي؟“ ثمره ڪاليج جي ڪينٽين ۾ ويٺي اڪ ٽيٽ سان ڪيس ڏسندي اُهو سوال ڪيو جيڪو ڪيترن ئي ڏينهن کان سندس من ۾ پٽڪي رهيو هو. ”ظاهر آهي تہ ڪنهن چڱي نوڪريءَ لاءِ پيچ ڊُڪ، ٻيو ڇا.“ نديم احمد لاپرواهيءَ سان ورندي ڏيندي اهڙو تاثر ڏنو ڄڻ هُن اصل ڳالهہ سمجهي ئي نہ هجي.

”او ڪي.“ ثمره ڪنڌ ذوٽيندي سرٻاٽ ۾ وراڻيو.

نديم احمد جو من ٿيو تہ ثمره کي پنهنجي پاڪرن ۾ ڀري ۽ سندس ڪن ۾ پٽڪي تہ توکي پنهنجو ڪرڻ جو ارادو اٿم. ”مون سان وهان ڪندين؟“ چانهہ جو ڪوپ ٻنهي هٿن ۾ جهليندي هُن پڇيو.

ثمره انتهائي اچرج وچان نديم احمد ڏانهن نهاريو.

”منهنجا ڀاڳ ڀلا.“ ثمره نديم احمد جو هٿن ۾ جڪڙيل چانهن جي ڪوپ تي نظرون ڪپائيندي ورندي ڏني ۽ لڄي ٿي وئي.

نديم احمد جي دل اُڇلون ڪائڻ لڳي. ڪيس اندازو نہ هو تہ ثمره ايترو سگهو راضي ٿي ويندي. ڪيس زندگيءَ جي ڪينواس تي هر پاسي خوشيون رنگ وکيريندي نظر آيون. ٻئي پاسي ثمره پڻ خوشيءَ مان نہ پئي ماپي، جو سگهو ئي هوءَ پنهنجي من جي پيچيءَ سان پرڻجي پنهنجي مائٽن تان بار گهٽائڻ واري هئي. نديم احمد ايندڙ هفتي ئي پنهنجي پيءُ سان گڏ ساٿ

سنئوڻ جو وڳو، منائي ۽ منديءَ سوڌو ثمره جو سنگ چڪرائڻ لاءِ زينب ماسيءَ جي گهر پهتل هو. ثمره جي وڏي چاچي کي هر ڪم ۾ اڳتي رکيو ويندو هو. سو هو به پنهنجي آکهه سان گڏ موجود هو.

”اري يوسف صاحب اوهين ؟“ وڏي چاچي جي سڀ کان وڏي پٽ وسيم گرمجوشيءَ سان نديم احمد جي پيءُ يوسف صاحب سان هٿ ملائيندي چيو.

”تون سُڃاڻين يوسف صاحب کي ؟“ اختر چاچاچرچ وچان پنهنجي پٽ کان پڇيو.

”جيءُ بابا! يوسف صاحب اسانجي آفيس ۾ سينئر اڪائونٽنٽ آهي.“ وسيم وضاحت ڪئي.

رسميءَ ڳالهه ٻولهه کانپوءِ ثمره کي نديم احمد جي نالي جي منڊي پهرائي مڱڻيءَ جي رسم ڪئي وئي. اڄ ثمره جي زندگيءَ جو سڀ کان وڌيڪ شاندار ڏينهن هو. ”يقين نٿو ٿئي ته قدرت ايترو سولائي سان منهنجي من جون مرادون پوريون ڪري ڇڏيون.“ هُن من ئي من ۾ سوچيو.

من جون مرادون پوريون ٿين ته چال ڍال ئي ڦري ويندي آهي. هاڻ ثمره جو به اهڙو ئي حال هو. مڱڻي ٿئي اجان ڪجهه ڏينهن ئي مس لنگهيا هئا جو زينب ماسيءَ جي ڏيراڻي هڪ روح ڦسائيندڙ خبر ڏيڻ ثمره جي گهر اچي نڪاءُ ڪيو. زينب ماسيءَ هڪدم سندس آڏو پاندان رکيو.

”ياڄائي! سانچي پان ته اڄ نه مليا، بنگلا پان تي ڪتو ۽ چُن هٽان ؟“

”هاءِ هاءِ! هيءُ مئا بنگلا پان ته جڀ ۾ ڄاڙون ئي ڦٽيو ڇڏين. پر هاڻ سانچي پان گهرائڻ لاءِ کهڙا هٿ پير هٽنديڻ. نندي ڪنوار! پاندان ۾ سروتو هيڏانهن ڪر، آئون پاڻ تي پان ناهيان. تون چانهن جو پاڻي چلهه تي رکي اچ، توسان ڪجهه ضروري ڳالهيون ڪرڻيون اٿم.“ ياڄائي ڏيراڻي کي حڪم ڏنو ته زينب ماسي رنڌڻي جو رخ ڪيو ۽ سيگهه ۾ چانهن ناهي آئي.

”اڙي زينب! تو ثمره جي مڱڻيءَ کان اڳ ڇوڪري وارن جي ڪا جانچ پڙتال نه ڪئي هئي ڇا؟“.

ياڄائي سروتي سان سوپاري ڪپيندي پنهنجي ڏيراڻيءَ تي ڏاڪا ٻڌي چڙهي وئي.

”ياجائي ٿيو ڇا آهي ؟ ڪجهه پتو تہ لڳي، ڇو ٿي مون کي غشي وجهين ؟“ زينب ماسيءَ ڏيراٽيءَ جو سياءُ ڏسي پريشانيءَ وچان پڇيو. اصل ۾ زينب ڪٽنب ياتين کي انهيءَ ڳالهہ جو پتو ئي لڳڻ نہ ڏنو هو تہ نديم احمد ڪاليج ۾ ثمره جو ڪلاس ييچي آهي ۽ هو ٻئي هڪٻئي کي پسند ڪن ٿا.

”وسيم پئي ٻڌايو تہ نديم جو پيءُ آهي تہ شريف ماڻهو پر هو ذات جا ڌوٻي آهن. هاءِ هاءِ! ڪهڙا اُگرا ڏينهن اچي ويا آهن جو هاڻ سيد گهراڻن جون ڇوڪريون ڌوٻين ۽ ڪاسائين ۾ پرڻايون وينديون.“ ياجائي نڪ ڦونڊبيندي هڪ ئي ساهہ ۾ مهڻن جا ڪيترائي تير وهائي ڪڍيا.

”ڇا پئي چوين ياجائي ؟ وسيم کي ڪا غلط فهمي نہ ٿي هجي.“

”ڌوٻي“ لفظ ٻُڌي زينب ماسيءَ جي چهري جو رنگ لني وانگر اچو ٿي ويو، ڄڻ ڪنهن ڌوٻيءَ مهٽي مهٽي ڌوتو هجي.

ثمره ڪمري جي دروازي سان چنبڙي پنهنجي وڏي چاچيءَ جون زهر ۾ ٻڏل ڳالهيون پنهنجي ڇاتيءَ ۾ ٽنبجندي محسوس ڪري رهي هئي. سندس هر هڪ لفظ سندس من گهائي رهيو هو. ثمره جي نيڻن مان ڳوڙها وهڻ لڳا. قدرت ڪجهہ ڏينهن اڳ صراط مستقيم جيان جيڪا خوش بختي سندس در تائين آندي هئي سا هاڻ ڄڻ تہ ابتي پيرن واپس موٽي رهي هئي ۽ ثمره ان کي روڪڻ جي حيثيت ۾ نہ هئي. وسيم ذريعي نديم احمد جي پيءُ جي ڌوٻي ذات وارو هئڻ جي ڏوهہ ۾ سنڱابندي ٽوڙڻ جو اطلاع ڪيس پهچايو ويو.

مڱڻي ٽٽڻ تي زينب ماسي ڪيترائي ڏينهن ڪٽ پيڙي رهي. ڪجهہ ڏينهن سوڳ ملهائڻ ڪانپوءِ زينب ماسي هئي ۽ مصلو هو ۽ پنج سورة. هر نماز ڪانپوءِ وظيفن جو ڪتاب مصلي تي ئي ويهي پڙهڻ شروع ڪندي ڪلاڪن جا ڪلاڪ ثمره جا ياڳ ڀلا ٿيڻ جون دعائون پنندي رهندي هئي.

ڀلا اِهي ياڳ رڳو وهان ڪانپوءِ ئي ڇو ٿا کُلن ؟ جن جا وهان ٿيل نہ هوندا آهن، ڇا تن جا ياڳ ڪنهن صندوق ۾ بند ٿي رهجي ويندا آهن ؟

مڱڻي ٽٽڻ ڪانپوءِ ثمره لاءِ سنگ ڇڪرائڻ جو سلسلو ٻيهر شروع ٿي ويو. اڄرج جوڳي ڳالهہ اِها هئي تہ نديم احمد سان مڱڻي ٽٽڻ تي ثمره هاءِ گهوڙا تہ پري جي ڳالهہ آهي، ٻين آڏو بہ لڙڪ بہ نہ وهايا. ساڳيو سنجيدو چهرو، جنهن تي ڪڏهن ڪڏهن بي ساختي مُرڪ اڳي جيان قائم هئي، بس ايترو هو

جو هاڻ مُرڪندي سندس نيڻ ڪنهن ڊنڊ وانگر محسوس ٿيندا هئا.

مڱڻي ٽئڻ جي خبر جهنگ جي باهه جيان پاڙيسرين ڪانوڻي ڏور پري جي مٽ مائٽن تائين پکڙجي وئي. زينب ماسيءَ جون ڏيئرون رڳو سهٽيون ئي نه هيون پر سگهڙ پٽي ۾ پڻ پنهنجو مٽ پاڻ هيون، انڪري سنگٻبندي چڪرائڻ وارن جي هن پيري به کوٽ نه هئي. بهرحال پوئين مڱڻيءَ جي بدناميءَ وارو داڳ ڪو اوچو ڪٽنب ۽ اعليٰ حسب نسب ڌوئي پئي سگهيو، سو هن پيري اهڙي ڪنهن گهراڻي جي زور شور سان ڳولا جاري هئي.

درجن کن آيل سنگٻبنديءَ جي اميدوارن مان پُڪو پرسان واري پاڙي جي هڪ معتبر گهراڻي جي نوجوان نالي نڪتو. چوڪرو شڪل صورت ۾ ثمره کان ڪوهين ڏور هو. تعليم به واجبي ۽ نوڪري به هوائي پر حسب نسب ۽ وڏ گهراڻي واري پسمنظر زينب ماسيءَ جي اکين ۽ چوڪر جي خامين تي پڙدو وجهي ڇڏيو.

وڏي طمطراق سان مڱڻي، وهان ۽ وليمي جا ڪاڄ ٿيا. زينب ماسيءَ جي سمورن مٽن مائٽن پهريون پيرو گهوٽ جو چهرو ڏسڻ تي ڏنديں آڱريون ڏئي ڇڏيون. هر ڪنهن انهيءَ بي جوڙ وهان تي پنهنجون پنهنجون اٽڪلون لڳايون.

”ماڻهن جي ڳالهين کي اڳي ڪير ٽاري سگهيو آهي جو هاڻ آئون روڪي سگهنديس؟ بڪواس ڪرڻ ڏيو ماڻهن کي. مرد جيڪڏهن زال کان رنگ روپ ۾ ڪسو هوندو تڏهن ئي هيڏانهن هوڏانهن هٽ پير هٽڻ کان پاسو ڪندو ۽ حسب نسب به ته ڪا شئي آهي زماني ۾...“ زينب ماسي ناسون ڦوندي ماڻهن تي ڦٽڪار وجهندي چوندي رهي.

ثمره ساهرن ڏانهن اُسهي.

ثمره جي ساهرن ۾ سمورن گهرياتين جي هوندي به هر پاسي عجيب ويرانيءَ جو واسو هو جڻ ڪنهن کي به ڪنهن سان ڪو واسطو ئي نه هو. هوءَ پرپور گهر کان آيل هئي انڪري ساهراڻي گهر جي سانت کيس وڍ تي وڌا. مڙس جو ورتاءُ پڻ چڱو خاصو رسمي هو. نئون وشال گهر جنهن ۾ ثمره وهان ڪري آئي هئي سو سندس سس سهري بدران ڪٽنبي وراثت وارو هو جنهن ۾ ڪٽنب جي هر ڀاتيءَ جو حصو پتي هو. آهستي آهستي ساهرن جا پرڪار ۽ راز

مٿس ڪلڻ لڳا. وڏي گهر جي ڀاتين جي مالي حالت انتهائي خراب هئي جيڪا انتهائي اورچائپ سان لڪائي وئي هئي. بردباريءَ سان حالتن کي بهتر ڪرڻ بدران گهر ۾ پيري فقيريءَ وارو ڪار وهنوار زورن تي هو. ”اڄ تہ دار برياني ۽ ست رنگي زردو ناهجان. واپسيءَ تي پير اجمل نقشبنديءَ کي دُعا درمل لاءِ گڏ آڻيندس.“ ثمره جو گهوٽ آفيس ويندي اعلان ڪندو هو.

ثمره انهيءَ قصي جي ڪنهن کي هوا لڳڻ ئي نہ ڏني. هونئن بہ هوءَ شروع ڏينهن کان خاموش طبيعت ۽ گهٽ ڳالهائو هئي پر شاديءَ ڪانپوءِ سندس سياءُ ۾ بيزاريءَ پڻ گهڙي آئي هئي، جيڪا ڪنهن يا تہ محسوس ئي نہ ڪئي يا وري اڻڄاڻ رهڻ ۾ بهتري سمجهيائون. سندس زندگي ڪنهن آلي گهڙي وانگر هٿن مان ترڪي پئي وئي. پنجن سالن جي عرصي ۾ ثمره جي هنج ۾ هڪبئي پويان بہ پُٽ آيا جيڪي ڪيس زندگيءَ ڏانهن ٻيهر موٽڻ تي هرڪائي رهيا هئا.

زينب ماسي جيئن تہ پاڻ پنجن ڏيئرن جي ماءُ هئي سو پنهنجي ڌيءَ طرفان پٽ ڄڻڻ تي خوشيءَ مان ڦوندجي وئي. هوڏانهن ثمره جي ساهراڻي ڪٽنب جي حالت ڏينهون ڏينهن ابتر ٿيندي وئي. ثمره جي مڙس ۽ سندس نوڪريءَ ۾ ڄڻ لڪ لڪوٽيءَ واري راند هلندڙ هئي. ثمره کي پنهنجي ٻارن جون ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ هر هر پنهنجي مائٽن ڏانهن واجهائڻ لچارو ڪري رهيو هو.

انهن حالتن ۾ ثمره ٿيون پيرو ڳورهاري ٿي. سندس مڙس هاڻ نوڪريءَ لاءِ هٿ پير هڻڻ ئي ڇڏي ڏنا هئا. هو ڳالهہ ڳالهہ تي ثمره کي مارڪٽ ڪرڻ کان بہ پوئتي نٿي هٽيو. سندس پناهگاهہ پير جو آستانو هئي جتي هُن مريديءَ جي چڪر ۾ ثمره جي ڏاج ۾ آيل زيور پڻ دان ڪري ڇڏيا. گذريل ڪيترن ئي مهينن کان ثمره کي رت ٿي آيو، مٿان وري ڪاڏ خوراڪ جي کوٽ ۽ ذهني ۽ جسماني تشدد ثمره جي صحت جو باقي بيڙو ٻوڙي ڇڏيو. ويم واري تاريخ کان بہ مهينا اڳ ڪيس مئل ڌيءَ ڄائي تڏهن وڃي سندس گهر وارن کي اصل ڳالهہ جو پتو پيو.حالتن ۾ بهتريءَ جي هاڻ ڪا گنجائش ئي نہ هئي. ثمره کي پيڪن ۾ ويهاريو ويو ۽ خلع لاءِ ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪئي وئي.

زينب ماسيءَ ٻيهر مصلي جو رخ ڪيو. جهول پکيڙي الله در ٻاڏائڻ

جو هڪ اڻڪٿ سلسلو شروع ڪري ڏنائين. ثمره جي پيڪن ايندي ئي پاڙي ۾ سرباڻن جو سلسلو شروع ٿي ويو ۽ وڏندي وڏندي وڃي شاهد جي ڪنن تي پيو جنهن جو سنگ يارهن ورهيه اڳ ٽڏيو ويو هو. شاهد ان ڪانپوءِ وهان جو ڪڏهن سوچيو ئي نه هو. وچولي قد، گهنگهرو وارن ۽ صاف رنگ وارو شاهد وچولي طبقي سان تعلق رکندڙ هو. ثمره جي گهر موٽڻ جي پڪ ٿيڻ تي هُن ثمره جي وڏي ڀيڻ سان رابطو ڪري ٻيهر ثمره جو سنگ ڇڪرائڻ جي ڳالهه ڪئي هئي.

”باجي! اوهين بس رڳو ثمره کي راضي ڪريو، باقي سيڪجهه مون تي ڇڏيو.“ شاهد فون تي ثمره جي وڏي ڀيڻ کي مجرائڻ جي ڪوشش پئي ڪئي.

”ثمره ٻيهر شادي ڪرڻ نٿي چاهي ۽ جيڪڏهن راضي ٿي به ته ڏهن ٻه ٻار قطعي نه چاهيندي، جڏهن ته هيءَ تنهنجي پهرين شادي آهي ۽ توکي پل ٻارن جي خواهش نه هجي پر تنهنجا گهر ڀاتي اِها ڳالهه ڪڏهن به نه مڃيندا.“ ثمره جي وڏي ڀيڻ شاهد کي لاڳيتو ٽاريندي رهي جو هاڻ تڙ تڪڙ ۾ ڪو فيصلو ڪرڻ مناسب نه هو.

”ثمره سان وهان جو فيصلو منهنجو آهي ۽ مونکي سندس سمورا شرط قبول آهن. منهنجي ڪنهن فيصلي تي جيڪڏهن گهر ڀاتين کي ڪو اعتراض ٿيو ته ثمره لاءِ آئون ڪين ڇڏي به سگهان ٿو.“ شاهد هن ڀيري اِهو موقعو وڃائڻ نٿي چاهيو، انهيءَ ڪري هو ثمره طرفان سمورا شرط پورا ڪرڻ واسطي قسم ڪائيندو رهيو.

”اڄ ته تون سمورا شرط مڃي رهيو آهين پر ڪهڙو پتو جو سڀاڻي توکي احساس ٿئي ته تڙ تڪڙ ۾ غلط فيصلو ڪيو اٿئي.“ شاهد کي پرکڻ لاءِ ثمره جي وڏي ڀيڻ طرح طرح جا حيلا بهانا ڪرڻ لڳي.

”باجي! اوهان کي ڪڏهن به لڄي ٿيڻ نه ڏيندس.“ شاهد هر سوال جي پوري ويساهه سان ورندي ڏيندي ثمره جي وڏي ڀيڻ کي لاجواب ڪندو رهيو.

نيٺ وڏي ڀيڻ سميت ٻين ڀينرن جي زور ڀرڻ تي ثمره کي هائوڪار ڪرڻي پئي. ثمره کي پنهنجي اڳوڻي مڙس کان سگهو ئي خلع ملي وئي. زينب ماسيءَ پڻ سُک جو ساهه پٽيو. شاهد پنهنجي گهر واري ثمره جي بي رنگ زندگيءَ ۾ اندلٺ جا سمورا رنگ ڀري ڇڏيا. ثمره ۽ شاهد پئسي ڏوڪڙن

۾ بيشڪ شاهوڪار نہ هئا پر محبت جي دولت سان مالا مال هئا. ٻن ڪمرن واري گهر کي بهشت بڻائڻ ۾ ٻنهي جو هٿ هو. ثمره زندگيءَ جو گاڏو بهتر ريت ڌڪڻ لاءِ جز وقتي ملازمت ڪرڻ شروع ڪئي.

ثمره ٻن پٽن جي ماءُ هئڻ سبب وڌيڪ ٻارن جي گهرجائو نہ هئي جنهن تي شاهد راضپو ڏيکاريو هو ۽ سندس ٻنهي پٽن کي پيءُ جهڙي شفقت ۽ محبت ڏيڻ لڳو. ثمره ۽ شاهد جي جوڙي پاڙي ۾ ليلا مجنون جي نالي سان سڃاتي وڃڻ لڳي. بصر تماشا ونڻ لاءِ بہ ٻئي زال مڙس موٽر سائيڪل تي ايئن ويندا هئا ڄڻ پنهنجي ذاتي جيٽ جهاز تي اڏام ڪندا هجن.

ثمره گلن جيان ٽڙي پئي هئي، سدائين گهڻ ڳالهائو ثمره جي ڪچهرين مان هاڻ هرڪو مزو ماڻڻ لڳو هو. ڳالهہ ڳالهہ تي سندس ٽهڪ محفلن جي جان بڻجڻ لڳا هئا. سندس اِهو روپ هر ڪنهن کي اچرج ۾ وجهڻ لڳو هو. جيڪي ماڻهن ثمره جي خلع تي سوين ڳالهيون ڪري رهيا هئا، شاهد تن سمورن جون دليون ڪٽي ورتيون هيون. سمورو اوڙو پاڙو شاهد جي اخلاص ۽ پنهنجائپ جو مريد بڻجي چڪو هو. شاهد کي قدرت سريلي آواز سان پڻ نوازيو هو.

”اڙي شاهد! اُدت نارائڻ جو گانو “اے میرے ہمسفر” تہ ٻڌاءِ.“ پاڙي جا بزرگ زينب ماسيءَ جي گهر ڪائنس فرمائش ڪندا هئا ۽ شاهد هر ڪنهن جي فرمائش پوري ڪرڻ ڄڻ پنهنجو فرض ليکيندو هو. شاهد جي ٻئي خوبي نوان نوان طعام تيار ڪرڻ هئي. سندس هٿن سان نهيل هر طعام جو ذار ذائقو هوندو هو. پٽاٽن جو ڀوڙ ناهيندو هو تہ اُهو بہ قورمي کان وڌيڪ لذيذ هوندو هو.

”جادو آهي نانيءَ جي آڱرين ۾.“ شاهد جي ساهراڻي مهمانن کي آڱريون چٽيندي ڏسندي چوندو هو.

شاهد پنهنجا اِهي ٻئي جوهر هر ڪاڄ ۾ ڏيکاريندو هو. زينب ماسي ۽ اختر چاچا جي وڏي ڌوم ڌام سان ملهايل وهان جي گولڊن جوبليءَ تي هر ڪنهن شاهد کان پنهنجا وڻندڙ گانا فرمائش ڪري ٻڌا.

”نيره نور جو گانو “کبھی ہم بھی خوبصورت تھے” ڳائي ٻُڌائي تہ توکي مڃون تہ واقعي ڳائڻو آهين.“ ثمره جي وڏي ڀيڻ شاهد کي آزمايو.

”بس باجي! ايتري ڳالهہ؟ هيءُ وٺ.“ شاهد مائيڪ جهليندي چيو. انهيءَ رات شاهد اِهو گانو ايڏو شاندار ڳايو جو نيره نور جو ڪوئل جهڙو آواز بہ سندس آڏو جهڪو ٿي لڳو. من موهيندڙ پل پَرَ لڳائي اڏامندا ويا ۽ ڏسندي ئي ڏسندي سندن وهان ڪي نو سال لنگهي ويا. ثمره سدائين هر ڪنهن ڪي پئي چوندي هئي تہ شاهد جو پيار تہ هن لاءِ بونس آهي.

سال ٻہ هزار ويهہ جو مارچ ميهنو بهار بدران ڪرونا سان اچي ڪڙڪيو. لاڪ ڊائون، فاصلو رکو، هڪٻئي کان پرپرو رهو، هٿ نہ ملايو، هيءُ کائو ۽ هيءُ نہ کائو، ماسڪ چاڙهيو، هر هر هٿ ڌوئو، سينيٽائزر جو استعمال وڌايو، ڪو مشورو ڏيندو هو تہ فلاڻي جڙي ٻوٽي پاڻيءَ ۾ اُٻاري پيئڻ سان هيءَ وبا پري ٿي ٿئي تہ وري ڪو چوندو هو تہ ادرڪ ۽ ليمي واري چانهن ۾ شفا آهي. پاڙي جا ماڻهو گهرن ۾ واڙجي ويا. انسانن ڪي سندسن جبلت جي اُبتڙ ملڻ جلڻ کان روڪيو ويو.

ڪرونا سڄي ملڪ ڪي پنهنجي نحوست ۾ وڪوڙي ڇڏيو هو. ڪجهہ احتياطي تدبيرون نہ هئڻ برابر هيون، مٿان وري ماڻهن بہ انهيءَ وبا کي هلڪو ورتو هو. هونئن بہ ماڻهن کي گهڻي عرصي تائين ڪير ٿي گهرن ۾ واڙي سگهو؟ زندگيءَ جا سمورا وهنوار ڪجهہ عرصي جي لاڪ ڊائون کانپوءِ ٻيهر معمول جيان هلڻ لڳا.

”سيڪجهہ ڪوڙ آهي. ڪائي ڪرونا ورونا ناهي. سڀ امريڪا جي سازش آهي تہ جيئن ويڪسين ڏئي مسلمانن جي نسل ڪشي ڪئي وڃي.“ پاڙي جي هڪ بزرگ سازش وائکي ڪندي فرمايو.

”اڙي چاچا! هيءَ وبا چين کان پکڙي آهي. گڏهہ جا ڦر ڪتي ٻلي ڪانوني چيچي چمڙي تائين سيڪجهہ کايو وڃن. اسين نہ ٿن ۾ تيرهن ۾. بس سُکن سان گڏ آلا پيا ٻرون.“ پاڙي جي هڪ ٻئي صاحب، جيڪو امريڪي اميگريشن جي قطار ۾ لڳل هو، هڪدم امريڪا جي حمائت ۾ پڙڪو ڪائڻ لڳو. شاهد جي ويجهن مائٽن مان شاديءَ جو سڏ آيل هو.

”پٽ! اهڙين ڪاڄن ۾ وڃڻ کان پاسو ئي ڪرڻ گهرجي.“ اختر چاچا گهٽيل آواز ۾ سرباٽ ڪيو ويو.

”بابا! وڃڻ ضروري آهي، هونئن بہ ڪرونا جو زور هاڻ گهٽي ويو

آهي.” ثمره پنهنجي پيءُ کي آٿت ڏني.

شاديءَ جي ڪاڄ ۾ ٻئي زال مڙس محفل جي جان بڻيل رهيا. فوٽو گرافر مختلف ڪنڊن پاسن کان سندن تصويرون ڇڪي رهيا هئا. جتي ثمره ۽ شاهد ٺهڪ ڏئي رهيا هئا. اُتيئي قسمت بہ سندن آڏو ڏند ڪيڙي رهي هئي.

شاديءَ جي ڪاڄ کان ٻہ ڏينهن پوءِ شاهد کي تيز تپ ٿي پيو. جسم ۽ مٿي جي سور کيس اڌ مئو ڪري ڇڏيو. ٽين ڏينهن تپ اجائين وڌي ويو. شاهد غنودگيءَ واري ڪيفيت ۾ ڪنجهي رهيو هو. ثمره کيس هڪدم ڊاڪٽر ڏانهن وني پڳي. ”دماغ تي تپ چڙهڻ سبب اِها حالت تي آهي. ٿڌي پاڻيءَ جون پٽيون رکو ۽ هيءُ دوائون پنج ڏينهن باقاعدگيءَ سان کارايو.” ڊاڪٽر تڙ تڪڙ ۾ ڪاغذ تي دوائن جو نسخو لکيو ۽ دانهن ڪئي.” نيڪسٽ پليز!”

”باجي! شاهد جي طبيعت سڌري نہ پئي.” ثمره فون تي گهٽيل آواز ۾ چيو.

”نيڪ ٿي ويندو. ڪنهن وڏي اسپتال ۾ ڏيکارينس. آئون بس ٻن هفتن ۾ موٽان پئي.” وڏي ڀيڻ کيس آٿت ڏيندي چيو.

هڪ هفتي تائين تہ هرڪو موسمي تپ سمجهي مطمئن رهيو پر هاڻ شاهد جي بگڙجندڙ حالت ڏسي هر ڪنهن کي ڊڪر اچي ويا. هو بي ربط ڳالهيون ڪري رهيو هو.

”باجي! شاهد سان ويڊيو ڪال تي ڳالهائي ڏس، مٿان توسان سنئين سبتي ڳالهہ ڪري.” ثمره پنهنجي وڏي ڀيڻ سان ڳالهائيندي موبائل فون شاهد پرسان ڪيو.

”باجي... اوهان جو... ٿورو نہ وساريندس... باجي... اوهان... جلدي موٽي اچو،” شاهد ٽڪيل آواز ۾ چيو.

”ها.... ۽ پنهنجي... هٿن... سان... طعام ناهي... بہ... کارائيندس.” شاهد غنودگيءَ ۾ چيو.

”۽ منهنجو وٽندڙ ڳانو.” ثمره جي وڏي ڀيڻ بيمار جو ڌيان ڦيرائڻ لاءِ پڇيو.

”ہمیں --- ماتھے پہ بوسہ --- دو--- کہ ہمیں تتلیوں کے--- جگنوؤں کے--- دیس جانا ہے---” شاهد ٽٽل آواز سان جهونگاريندي هنجون هاري روئي

پيو.

”باجي... مون کي... ننڊ.. پئي... اچي“. شاهد ننڊ ۾ خماريل اکيون نمد ڪندي چيو.

”شاهد! جلدي نيڪ ٿي وڃ پوءِ تمام گهڻا گانا ۽ طعام ڪنداسين.“ ثمره جي وڏي ڀيڻ جو من ڦسي پيو.

لاهور ۾ وينل ثمره، جي وڏي ڀيڻ حالتن جو ڪاتو ڪيئن پئي لڳائي سگهي جيڪي گهر ڀاتين کي سمجهه ۾ نه پئي آيون ته شاهد جي صحت ڏينهون ڏينهن وڌيڪ چو پئي خراب ٿي. ثمره جا گهر ڀاتي شاهد کي شهر جي هڪ وڏي اسپتال ڏانهن کڻي ڀڳا. هر اسپتال ۾ ڪرونا جا هزارين مريض هئا. اهڙي صورتحال ۾ ڊاڪٽر به ويچارا ڇا ٿي ڪري سگهيا. سڀ ٿوري گهڻي دوادرمل ڪري مريض کي واپس ٿي اماڻيائون ته جيئن ڀين جو به وارو اچي.

پوءِ هڪ وڏي اسپتال جي ڊاڪٽر مختلف ٽيسٽ لکي ڏنا ۽ رپورٽون هڪدم ڏيکارڻ لاءِ چيائين.

”شاهد کي مٺن پيشابن جي بيماري ڪڏهن کان آهي؟“ ڊاڪٽر ثمره کان پڇيو.

ثمره ۽ اختر چاچا هڪٻئي جو مُنهن تڪڻ لڳا.

”هن کي ته مٺن پيشابن جي بيماري ڪڏهن به نه رهي آهي.“ ثمره اچرج وچان ٻُڌايو.

شاهد کي ڪجهه ئي مهينا اڳ پتو لڳو هو ته کيس مٺن پيشابن جي بيماري آهي پر ان تي ڌيان نه ڏريو هئائين ۽ نه ئي ثمره کي ٻڌائڻ ضروري سمجهيوهئائين. ڪرونا جي وبا مٺن پيشابن جي مريضن لاءِ موتمار هئي. اِهو ئي سبب هو جو شاهد جي طبيعت ڏينهون ڏينهن خراب ٿيندي پئي وئي. مٺن پيشابن سبب ڪرونا شاهد جي جسم ۽ دماغ کي کوکلو ڪري رهي هئي ۽ ڪابه دوا اثرائتي نه پئي ٿي. چاليهن ورهين جو ڳاڙهو ڳٽول ۽ تندرست شاهد پڻ هفتن ۾ ئي هڏين مُٺ ٿي ويو هو.

ثمره جنهن ڪڏهن به پنهنجي ڪنهن جائز حق لاءِ آواز نه اُٿاريو هو ۽ پنهنجي زندگيءَ جي هر وڏي فيصلي کي بنهنجي وڏن آڏو ڪنڌ جهڪائيندي پئي آئي، اڄ پڻ قدرت آڏو بيوسيءَ وچان ڪنڌ نمايو ويني هئي.

”ثمره! مونکي پنهنجي گهر وٺي هل.“ شاهد درخواست ڪئي.
طبيعت خراب هئڻ سبب ثمره شاهد کي پنهنجي پيڪن وٺي آئي هئي.
”امان! شاهد پنهنجي گهر وڃڻ جو پيو چوي.“ ثمره پنهنجي ماءُ زينب ماسيءَ کي ٻُڌايو.
”پٽ! ٿورو ترس. ثمره جو پيءُ بازار ويو آهي، موٽي اچي توکي گاڏيءَ ۾ چڙهي ايندو.“ زينب ماسيءَ ڏيءَ کي سمجهايو.
”ثمره! اڄ طبيعت بهتر اٿم! پنڌ تا هلون.“ شاهد هوڏ ڪندي ثمره ۽ زينب ماسيءَ کي آٿت ڏيندي چيو.
ثمره شاهد جو هڪ هٿ پنهنجي ڪلهي تي رکيو ۽ ٻيو سندس چيلهه ۾ ڏيندي پنهنجي ننڍڙي گهر ڏانهن هلڻ شروع ڪيو جيڪو اڳئين گهٽيءَ ۾ هو.
گهر جي اڱڻ تائين پهچندي ئي شاهد جا پير ٿڙڻ لڳا ۽ جسم مان ست نڪرڻ لڳس. ثمره سندس ڍري ٿيندڙ ٻُت کي سنڀالي نه سگهي ۽ هو اُتيئي ڍهي ڍير ٿي ويو. سندس چپ نيرا ٿي ويا هئا ۽ ڪومائجي ويل نيڻ ثمره تي کُپي ويا. ثمره جي وڏي ڀيڻ رنڌڻي ۾ نيرن تيار ڪرڻ سبب موبائل فون جي گهنٽي ٻڌي نه سگهي جيڪا لاڳيتو وڄي رهي هئي.
”امان... امان! ثمره ماسيءَ جو فون آهي.“ ثمره جي وڏي ڀيڻ جي ڌيءَ فون ماءُ کي ڏيندي چيو.
ثمره جي وڏي ڀيڻ هٿن تان اٽو ڇاڻيندي فون جو اسپيڪر کوليو.
”باجي! شاهد نه رهيو... شاهد نه رهيو. باجي! هو مونکي اڪيلو ڇڏيو ويو. هو ڪيئن ٿو مونکي اڪيلو ڇڏي سگهي. جيڪو هڪ پل به مونکان سواءِ رهي نٿي سگهيو... باجي آئون ڇا ڪريان...“
نه ڄاڻ ثمره ڪهڙا ڪهڙا پار ڪڍي ماتامي هئي پر موبائل فون تي سندس وڏي ڀيڻ کي شاهد جي سُريلي آواز ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه ٻُڌڻ ۾ نه پئي آيو.
”ہمیں ماتھے پہ بوسہ دو کہ ہمیں تتلیوں کے، جگنوؤں کے دیس جانا ہے۔۔۔ہمیں ماتھے پہ بوسہ دو “

پائل

2004

ليڊز جي پوش علائقي هيڊنگلي جي نانگڻ جيان ور وڪڙ کائيندڙ رستي جي ٻنهي پاسي ڏور نهار تائين شاهه بلوط ۽ هيزل جي گھاٽن ۽ ڇانورو ڏيندڙ وڻن جون شاخون ڪجهه ان ريت هڪٻئي کي ڇُهي رهيون هيون ڄڻ اجهو ئي بيتابيءَ وچان هڪٻئي کي ڀاڪرن ۾ ڀري ڇڏينديون.

آڪٽوبر جي رڱن ۾ رت ڄمائيندڙ ٿڌ ۾ ايڪڙ ٻيڪڙ ڳاڙين ڪانسواءِ هر پاسي ويراني هئي پر رستي جي پڇاڙي تي ڳاڙهين سرن سان ٺهيل ٻه-ماڙ خوبصورت گھر رنگبرنگي بتين ۾ ڪنهن ڪنوار جيان نرم ۽ گرم لڳي رهيو هو. ٻاهرين دروازي سان لڳولڳ پڙدن کان آجي وڏي شاهي شيشي واري دريءَ مان گھر جي اندر لائونج ۽ وشال اڱڻ ۾ تمام گھڻي چهل پهل ۽ رونق پئي نظر آئي. تيز آواز ۾ گونجندڙ پنجابي ۽ انگريزي گانن جي ري مڪس جي تال تي مهمانن جا جسم ٿرڪندڙتيءَ سان جهومي رهيا هئا. ڪجهه مهمان ڪاڌي تي هٿ صاف ڪري رهيا هئا جڏهن ته ڪجهه ٻيا هٿن ۾ جام جهلي ڪچهريءَ ۾ رڌل هئا. باربي ڪيو ۽ ديسي طعامن مان اُٿندڙ خوشبو سان سمورو علائقو مهڪي رهيو هو.

اڄ آڪٽوبر جي ايڪٽيهين تاريخ هئي ۽ اڄ بلديش ڪور ۽ نجيندر سنگهه جي وهان کي ويهه سال ٿي چڪا هئا. ويهه سال اڳ انهيءَ ڏينهن تي بلديش ڪور امرتسر مان پرڻجي انگلينڊ اچي ٽانيڪو ٿي هئي. هر سال جيان اڄ به بلديش جي مڙس وهان جي سالگرهه ملهائڻ لاءِ پنهجي گھر سمورن ڪٽنب ڀاتين ۽ دوستن کي نينڊ ڏني هئي. بلديش جي مڙس کي هرڪو ”نج“

سڏيندو هو. وچولو قدڪاٺ، ڀڪندڙ ڪڻڪائون رنگ، واضح نڪ ۽ پيشاني ۽ وارن ڪان بي نياز ويڪري چهري وارو نج پنهنجي اڙيل طبيعت هوندي بہ مهمان نوازيءَ ۾ باقي سمورن گهر ڀاتين ڪان گوءِ ڪٽي ويندو هو. اُها بلديش جيڪا شروعات ۾ نج جو سياءُ ڏسي هيسجي ويندي هئي، هاڻ سندس اڙيل سياءُ ۽ ڪاوڙ نظرانداز ڪرڻ سکي وئي هئي.

شام ڪان ئي دوستن يارن جي اچڻ سان جيڪا پارٽي شروع ٿي هئي سا هاڻ پنهنجي عروج تي هئي. بلديش کي هر سال جيان اڄ بہ ساڳئي وحشت اچي پڪوڙيو هو جيڪا گذريل ويهن سالن ڪان ڇڻ تہ سندس ذات جو لازمي جُز بڻجي وئي هئي. اِهو ڏينهن هر سال نئين سر سندس گهاوَ تازا ڪري ڇڏيندو هو. سمورا مهمان سدائين جيان اڄ بہ بلديش جي من ۾ ٿيندڙ اُٿل پٿل ڪان بيخبر موج مستيءَ ۾ الوپ هئا. سمورن دوستن يارن ۽ مٽن مائٽن ۾ هوندي بہ ڪيس اڪيلائپ ڦسائي رهي هئي.

سيني کي ڊرائنگ روم ۾ نچندي ڳائيندي ڇڏي بلديش پنهنجي بيڊروم ۾ هلي آئي. سندس پير پاڻمرادو ڪمري جي ڪابي پاسي لڳل الماريءَ ڏانهن وڌڻ لڳا. هُن آهستي سان الماري کولي، ويڙهيل سيڙهيل ڪپڙن جي تهہ هيٺان هڪ ننڍڙو ڊٻو ڪڍيائين ۽ سينگهار ميز جي آئيني آڏو اچي بيٺي. سندس صاف شفاف ننڍڙن نيٽن ۾ جرڪندڙ ڳوڙها سندس ڳاڙهي ۽ اڇي مُک تي موتين جي لڙيءَ جيان وهڻ لڳا. هُن ڳوڙها پنهنجي نڙيءَ ۾ اوتيندي زيورن جي ڊٻي مان ڳاڙهي مخملي رومال ۾ ويڙهيل چانديءَ جي پائل پنهنجي اچن اُجرن هٿن ۾ اهڙي اُڪير سان سوگهي جهلي ڄڻ اُها سندس پريتما هجي. پائل هٿ ۾ جهلي، هوءَ پنهنجي چجهري تي ميڪ اپ جي تهہ ۾ لڪايل انيڪ ريکائن کي غور سان ڏسڻ لڳي، جيڪي هاڻ ڪلندي يا روئندي سندس نيٽن ۽ اکين جي چوڌاري اونهيون ٿي ونديون هيون.

”بلديش ڪور! ڪني بدل گئي اين تون...“ هُن پنهنجو پاڻ سان ڳالهايو. ”ويهہ سال ڪيوين پنکهہ لاڻ اڏ گئي.“

”هُڻ جي او مينون ويکي تي شايد پڇاڻ وي نئين سکي.“

”نہ او لمي بال رهي نہ او جواني.“ بلديش پنهنجي ننڍڙي ڪتريل وارن تي هٿ ڦيريندي سوچيو. هُن اڄ صبح ئي سنوارت ڪرائي هئي.

”ڪي پتا ڪٿي هووي گا؟“

”مين اوهنون ياد وي هووان ڪي نهين ؟“

”اوهدا وياهہ وي هوگيا هويا تي... اوهدي بال بچي پيي هوان گي.“

ورهين ڪان ساڳيا ڪيل سوال هوءَ اڄ ٻيهر آئيني آڏو ورجائڻ لڳي، هن پيري بہ نتيجو ساڳيو ٻڙي هو جو انهن مان ڪنهن بہ سوال جو ڪنهن وٽ بہ ڪو جواب نہ هو... بلديش بستري تي ويهي پنهنجي اڇي اُجرن پيرن ۾ پائل پائڻ لڳي. سندس بُت اڄ بہ پريل پريل هو.

”موم... موم... ويئر آر يو موم...“ وينا اوچتو در ڪولي اندر گهڙي آئي.

”هيئر يو آر؟“ وينا مصنوعي ناراضگيءَ ڏيکاريندي ٻوٿ ڦٽايو.

”ايوري ون از لُڪنگ فار يو موم.“ وينا اُڪير سان پنهنجي ماءُ ڪي پاڪرن ۾ پريندي چيو.

ڊگهي، سنهڙي سپلڪڙي، سانوري بانوري وينا، بلديش جي ننڍي ڌي هئي.

هوءَ هلڪڙو مرڪي ۽ اُٿي ڪڙي تي پنهنجي ساڙهي نيڪ ڪرڻ لڳي.

”هاءِ مرجاوان تيري...آر يو مسنگ مي، ماءِ لو؟“ بلديش پيار وچان وينا ڪي ڇاتيءَ سان لڳايو.

*****

1984

جون جي پهرين تاريخ هئي. چوماسي جي هڪ آلي رات ساهہ گهٽيندڙ حبس جو واسو هو. امرتسر جي ڳوٺ گرووالي جي تارترن روڊ جي پنجين گهٽيءَ جو ٽيون گهر سرپنچ گرميندر سنگهہ جو آهي.

رات جي اونداهيءَ ۾ بہ مرڪزي دروازي مٿان گرو نانڪ جي جرڪندڙ ڇهري واري تصوير چنڊ جي جهڪي ڪيرهاٽي روشنيءَ ۾ جهرڪي رهي هئي. تصوير جي هينان ”واهي گرو ڪا خالصا واهي گرو ڪي فتح.“ اُڪريل آهي. دروازي جي سامهون ڪچي مٽيءَ جي اڱڻ تي ڪجهہ ڪٽون پيل آهن. پاڻي ڇٽڪي زمين جي اُڄ اُجهائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هئي. گهر

پاتي مچرداٽين اندر گهڙي سُتل آهن. ڪتن جي ٻنهي پاسي اسٽينڊ وارن پکن جي هوا سان اُٿندڙ ڪچي مٽيءَ جي سرهاڻ سموري اڱڻ کي ٻهڪائي ڇڏيو آهي. هر ڪو اونهي ننڊ سُتل هو. رات جو ٻيو پهر آهي. هڪ پاڇولو احتياط سان بي آواز قدم کڻندو ڪتن کان پاڻ بچائيندو اڱڻ جي پوئين حصي ڏانهن راهي هو، جتي کنهن پٽ ڪانسواءِ ڏاڪڻيون چٽ ڏانهن ٿي ويون. پاڇولو پنجن تي آهستي آهستي ڏاڪڻيون چڙهندي هر هر ڪونگهرا هڻندڙ مخلوق تي به نظر ٿو وجهي.

ڇت تي هڪ ننڍڙي ڪمري ۾ جهڪي روشنيءَ ۾ ٻيو پاڇولو بيچيني ۽ بي صبريءَ سان پسار ڪري رهيو هو. پاڇولو پسار ڪندي هر هر اڌ ڪليل دريءَ تان سنهڙي جاريءَ وارو پڙدو ڪسڪائي ٻاهر جو جائزو پڻ وٺي رهيو هو. جيئن ئي پهريون پاڇولو ٻيڙيل دروازو آهستي سان کولي اندر داخل ٿو ٿئي ته ٻيو پاڇولو هڪدم دروازو بند ڪريو ڇڏي.

اُپ ساهيءَ ۾ هڪ پاڇولو ڪنبندڙ سرباٽ ٿو ڪري، ”هائي مرجائون تيري.“ ٻيو پاڇولو شش ڪندي ايندڙ پاڇولي جي وات تي پنهنجو هٿ رکيو ڇڏي. ٻئي پاڇولا سرهائي ۽ ڊپ جا اُڌما سهيڙيندي هڪٻئي ۾ گُم ٿي ٿا وڃن.

*****

گرووالي‍ءَ جو ڳاٺيتو امرتسر جي وڏن ڳوٺن ۾ ٿئي ٿو. ستر واري ڏهاڪي ۾ هن ڳوٺ جا ڪيترائي نوجوان روزگار سانگي انگلينڊ اُسهيا ته اُتان جي ڪمائي سبب هتان جا رنگ ڍنگ ئي آهستي آهستي بدلجڻ لڳا. ڪچن گهرن جي جاءِ تائل لڳل گهرن والارڻ شروع ڪئي.

گرمندر سنگهه جو گهر به ڇهن ڪمرن ۽ هڪ وڏي شاهي اڱڻ تي ٻڌل هو. گذريل ڪيترن ئي ڏهاڪن کان هيءُ گرووالي‍ءَ جو معتبر گهراڻو ليکيو ٿو وڃي. سرپنچ گرميندر سنگهه پنهنجي رتبي جي لحاظ کان ڪنهن به ريت گهٽ ناهي... ڊگهو قد، ويڪري ڇاتي، ڳورو آواز. جيترو اثرائتو ۽ زوردار گرميندر سنگهه جو انداز آهي، اوتري ئي ”گهر ڏجاڻي“ سجي ڳوٺ ۾ گهٽ ڳالهائو ۽ سدائين جي سست مشهور آهي. ٻيبي جي زندگي سندس گهر ۽ پريوار آهي. ٻيبي ۽ گرميندر سنگهه جا ٻه پٽ ۽ ٻه ڌيئرون آهن. پوٽينيءَ جو پٽ جسونت سنگهه، جنهن کي هرڪو ”پاجي“ ٿو سڏي، رانچيءَ ۾ هڪ

سرڪاري ڪاتي جو عملدار آهي. جسونت جي زال پنهنجي ٻنهي ڌيئرن سوڌو پنهنجي ساهرن ۾ ئي رهي. جسنونت سنگهه هر مهيني ٻن چئن ڏينهن لاءِ گهر جو ڦيرڙو ڪندو آهي.

وچيون پٽ رابندر سنگهه عرف ٻگا ڳوٺ جو سڀ کان وڌيڪ ڳڀرو جوان هو. ٻگي جو ڪنڌ سدائين ايئن تاٺيل رهندو هو ڄڻ هلڪي ٻه ڊِر ڏنائين ته ڪومايل گُل جيان هڪ پاسي ڍرڪي پوندو. ڳوٺ جي هر ڇوڪري ٻگي کي ڏسي ايئن لڄي ٿيندي هئي ڄڻ هو سندس ٿيندڙ وَرُ هجي پر ٻگي جو من ڪنهن وينگس بدران خالصتان تحريڪ لاءِ ئي اڇلون ڪاڏيون.

بيبي کي ڏينهن رات پنهنجي ٻگي جو فڪر آهي، جيڪو خالصتان تحريڪ جي جرنيل سنگهه ڀنڊرانوالا جو خاص ماڻهو ٿو ليکيو وڃي. گذريل ڏهن مهينن کان هو آزادي حاصل ڪرڻ واسطي گولڊن ٽيمپل ۾ ڏرٽي تي ويٺل آهي. انهيءَ عرصي دوران هو فقط ٻه ڀيرا ڳجهه ڳوهه ۾ بيبي سان ملڻ آيو هو.

ٽين نمبر واري ڌيءَ راج پال ڪور ٽي سال اڳ پرڻجي انگلينڊ اُسهي هئي ۽ هاڻ هڪ پُٽ جي ماءُ هئي. هوءَ وهان ڪانپوءِ فقط هڪ ڀيرو پيڪن آئي هئي جو هاڻ ڪيس امرتسر جي گهٽين ۾ مينهن ۽ ڇيڻن جي بدبو برداشت نٿي ٿئي.

بلديش ڪور گهر ۾ سڀ کان ننڍي هئڻ ڪري هر ڪنهن جي لاڏلي آهي. سڄي ڳوٺ ۾ هُن جهڙي ٻاڙهي ڳتول ناري ناهي، ٺهڪ ڏيڻ مهل سندس ڳل تي اونها کڏُ پئجي ويندا آهن. اڇي رنگ تي بلور جهڙا نيڻ، نڪ جيترو سڌو، چپ اوترائي رسيلا. گهاٽن ڪارن وارن جون ٻه چوٽيون نانگڻ جيان سندس پريل ڇاتين تي ڄڻ ڦڻ ڪڍي پيل هونديون آهن. هر ڳالهه تي ٺهڪ ڏيندڙ بلديش پنهنجو پاڻ کان بيگاني آهي. رميش ئي ڪيس پهريون ڀيرو ٻڌايو هو ته ”ڪيس پتو ئي ناهي ته هوءَ ڇا آهي.“

*****

1977

”تم مجھے یوں بھلا نہ پاؤگے“... ٽيپ ريڪارڊ تي گانو پيو وڄي. رحيم بخش کٽ تي پاسو ورائي اکيون ٻوٽي ليٽيل آهي. سندس ڇپن تي گاني جا

ٻول ۽ نيڻن مان ڳوڙهن جون ٻوندون هڪ ئي وقت جاري آهن.

حسن ابدال جي پنجا صاحب واري گهٽيءَ جي ڪنڊ تي رحيم بخش جو ستن مرلن وارو گهر هو جنهن جي ڇت تي ڦڙڪندڙ رنگبرنگي جهنڊو ڏور کان نظر ايندو هو. انڊيا، پاڪستان ۽ بنگلاديش جي جهنڊن جو گاڏڙ. انهيءَ گهر ۾ هو پنهنجي زال، پٽ فهيم ۽ سندس زال ۽ ٻارن سان گڏ رهندو هو. رحيم بخش ڪو ناغو ڪرڻ کانسواءِ روز صبح جو گهر جي ٻاهران ٿهيل ٿلهي تي کٽ تي پاسيرو ليٽي پوندو هو. سج جو پهريون ڪرڻو جيئن ئي سندس کٽ تي پوندو هو. هو حقو ڇڪيندي محمد رفيع جو گانو ”تم مجھے یوں بھلا نہ پاؤگے“ وچتري آواز ۾ لڳائيندو هو ۽ بي ساختي پنهنجي نيڻن جا نير وهائيندو هو. من جي پيڙا جو نيڻن سان هڪ خاص ڳانڍاپو آهي. پاڙي جي هر ننڍي وڏي کي رحيم بخش جي روزاني واري اِها مشق ازبر هئي ۽ سندس لڏپلاڻ واري ڪهاڻي پڻ.

ورهاڱي کي ٽيهارو کن سال ٿيڻ وارا هئا. جنهن ملڪ لاءِ لکين بيگناهه حياتيون ضائع ٿيون، مال متاع جي ڦرلٽ ٿي، عورتن جي لڄالٽ ٿي، ماڻهن کي گهرن کان دربدر ٿيڻو پيو، اُهو ملڪ پنجويهه سال به پنهنجو اصل وجود برقرار رکي نه سگهيو ۽ به ٽکر ٿي ويو. اوپر پاڪستان ڌار ٿيو ته رحيم بخش ڪيترائي ڏينهن لنگهڻ ڪاٽيو. اجان ته سندس پويان زخم ئي نه ڇٽا هئا جو هيءُ هاجو ٻيهر پراڻا زخم تازا ڪري ويو هو. رحيم بخش کي اِها اجان ڪالهه ڪلهوڪي ڳالهه ٿي لڳي جڏهن هو امرتسر مان ڦريل لٽيل حسن ابدال پهتو هو. ماءُ پيءُ اُتيئي ڏڦيرن ۾ مارجي ويا هئا ۽ سندس گهڻ ڳالهائو سڌي سادي ننڍي ڀيڻ بلقيس اُتيئي کوهه ۾ ٽپو ڏيئي آپگهات ڪيو هو. رحيم بخش پنهنجي ڀيڻ کي ڏڦيرن جي هوس کان بچائي نه سگهيو هو.

*****

1925

ڪريم بخش امرتسر جي ڳوٺ گرووالي جي تارترن روڊ جي پنجين گهٽيءَ جي ٻين گهر ۾ پنهنجي ڪٽنب سوڌو رهندو هو. هيءُ سندس اباڻو گهر هو جتي مسلمان ۽ سِک ابي ڏاڏي جي وقت کان ٿانيڪو هئا. ڪريم بخش جي وهان کي ٻه سال ٿيڻ وارا هئا پر سندس گهرواري سڪينا جي ڪُک اجان

سائي نہ ٿي هئي. سڪينا ڪا مزار، درگاهہ، مندر ۽ گردوارو نہ ڇڏيو هو جتي پٽ جي پهرين اولاد لاءِ نہ ٻاڏايو هجيس، چاڪاڻ جو ساهرن جي ترار سڪينا جي سر تي لاڳيتو لٽڪي رهي هئي تہ جيڪڏهن هن سال بہ سندس ڪُک سائي نہ ٿي تہ سندس مڙس ڪريم بخش لاءِ نئين ۽ زرخيز ڪنوار آندي ويندي. گهر ڀاتين آڏو ڪريم بخش ٻُڙڪ بہ نہ ٻوليندو هو.

قدرت سڪينا تي مهربان ٿي جو اُن سال ئي رحيم بخش سندس ڪُک ۾ آيو. رحيم بخش اجان هڪ سال جو بہ نہ ٿيو هو جو سڪينا کي ٻيهر الٽيون ٿيڻ لڳيون. ٻن سالن ۾ ئي رحيم جي گول مٽول ڀيڻ بلقيس رحيم جي هنج ۽ ٿڃ ٻنهي تي قبضو ڪري ورتو. شايد اِهو ئي سبب هو جو رحيم جو بُت سڪڙيل هو ۽ ماءُ جي ٿڃ بند ٿيڻ ڪري سندس رنگ پڻ جهڪو ٿي ويو هو.

*****

1946

رحيم بخش ۽ گرميندر سنگهہ جا گهر پاڻ ۾ ڳنڍيل هئا. ٻئي ننڍپڻ گذاري هاڻ جوانيءَ جي چائنٽ تي پير ڌري چڪا هئا. ٻئي هڪٻئي جا جگري يار هئا. رحيم بخش ۽ گرميندر سنگهہ جون عادتون، شغل، نينگ مستيون ۽ اسڪول بہ ساڳيا هئا تہ پاڙي اوڙي ۾ دوست پڻ پر ٻنهي جا قدبت ۽ رنگ روپ هڪٻئي کان بنھہ ابتڙ. رحيم بخش پڪي رنگ پر پريل منهن مهاندي وارو وچولي قد جو ڪمزور نوجوان هو جڏهن تہ گرميندر سنگهہ ڳاڙهي ۽ اڇي رنگ وارو مرداڻي شان شوڪت جو ڀرپور اظهار.

ٻنهي گهراڻن جي وچ ۾ پٽ ضرور هئي پر دلين جا در هر وقت هڪٻئي لاءِ کليل هئا. جنهن جو من ٿيندو هو، ٻنان ڪنهن هٻڪ جي ٻئي گهر هليو ايندو هو، رنڌڻي مان ساڳ ۽ مڪئي جي ماني کائڻ، لسي جو لوٽو پيئڻ هڪ معمول هو.

رحيم بخش جي ڀيڻ بلقيس تي جوانيءَ پنهنجا سمورا ڦوهہ ظاهر ڪيا هئا. پاڙي جي سمورن مسلمان ڇوڪرن جون مائرون من ئي من ۾ بلقيس کي پنهنجي نهن طور سانڍي رهيون هيون. گروميندر سنگهہ کي خاموش طبع بلقيس سدائين موهيندڙ لڳندي هئي پر پتو هئس تہ ٻنهي گهراڻن جي ڌرم جو

فرق بلقيس کي ڪڏهن بہ سندس ٿيڻ نہ ڏيندو. پنهنجي پريت جي ول کي هُن ٽڙڻ کان اڳيئي ڇينپاٽي ڇڏيو هو تہ ڪٿي اِها گهاٽو وڻ بڻجي دنيا جي نظرن ۾ نہ اچي وڃي.

*****

1984

1980 وارو ڏهاڪو ڇا شروع ٿيو، پنجاب ۾ سکن کي تہ ڄڻ ڪنهن جي نظر لڳي وئي. خالصتان جي تحريڪ سموري اوپر پنجاب کي وڪوڙي وئي. جرنيل سنگهہ ڀندرانوالا ۾ سندس جنگجو جٿن طرفان گولڊن ٽيمپل تي قبضي کي هاڻ لڳ ڀڳ سال ٿيڻ وارو هو پر سکن لاءِ حالتون ڏينهون ڏينهن ابتر ٿينديون پئي ويون.

مئي مهيني جي لڳ ڀڳ ساڙيندڙ گرمي ۾ اڪثر بيگناهہ سکن جا سڙيل ڪپيل لاش ڏسي سمورن جنگجوئن جون دليون ۾ دماغ باهہ جي مچ وانگر ڌُکي رهيا هئا. بگا بہ پنهنجي ساٿين سوڌو انهيءَ تحريڪ ۾ اڳڀرو هو. جوانيءَ جو جولان اُڇلون ڪائيندڙ سمونڊ جيان هوندو آهي. جيڪو جتي ٽڪرائي اُتي تباهي آڻي. جيئن جيئن حڪومتي ڪڙو سخت ٿيندو ويو، جنگجوئن جا حوصلا پڻ خطا ٿيڻ لڳا هئا.

اندرا گانڌيءَ سکن کي سيکت ڏيڻ لاءِ فوج کي هر صورت ۾ آپريشن بليو اسٽار ڪامياب بنائڻ لاءِ سخت حڪم جاري ڪري ڇڏيا هئا. انهيءَ اعلان ڪانپوءِ سڄي ملڪ ۾ خاص طور تي پنجاب ۾ افراتفري ۽ بدامنيءَ جو واسو ٿي ويو. ڳولهي ڳولهي سکن کي عبرت جو نشانو بڻايو ويو، جنهن ۾ سکن سان گڏ ڪيترائي آلا پڻ سڙي ويا.

”بگي! تون اتي لمان پيا ڪيہ ڪر رهيا اين؟ ساري تينون ويڙهي وچ لڀ رئي ني...“ بگي جو ساٿي ڪيس ڳولهيندي پهتو.

”اج بيبي دي بهت ياد آ رئي اي.“ بگي آسمان تي نظرون ڪپائيندي ورندي ڏني. آڪاش تي چنڊ جي چوڌاري ڪيترائي تارا جرڪي رهيا هئا. بگي کي اڄ بيبي اوترو ئي ڏور محسوس ٿي رهي هئي جيترو چنڊ تي ويهي چرخو ڪاٽيندڙ پوڙهي مائي. بگا پنهنجي ماءُ جو دادلو پٽ هو. اِهو ڄاڻندي بہ تہ ڪجهہ ميلن جي فاصلي تي سندس بيبي سرنهن جو ساڳ، مڪئي جي ماني

۽ نمڪين ڏڌ رکي سندس واٽ نهاريندي هوندي پر حالتن ڪي ڏسندي هو پندرانوالا آڏو ٻڙڪ ٻولڻ جي سگهہ ساري نہ سگهيو هو.

اڄ اڌ رات مهل پندرانوالا پنهنجي سمورن ساٿين کي گولڊن ٽيمپل جي اڱڻ ۾ گڏ ٿيڻ جو حڪم ڏنو هو، رگهويندرا انهيءَ سلسلي ۾ ٻگي کي سڏ ڏيڻ آيو هو.

”سرڪار ڪسي وي سمي گولڊن ٽيمپل تي حملا ڪر سڪدي اي. اسين آخري دم تڪ لڙان گي. اسين اپڻي لئي الگ ديش خالصتان بنواڻ چاوندي هان، جو ساڏا حق اي. ڪيهہ تسي ساري ساڏي نال آخري دم تون آزادي لئي جنگ لڙڻ لئي تيار او؟“ جرنيل سنگهہ پندرانوالا پنهنجي سمرون ساٿين ڏانهن سوال ڀري نظرن سان نهاريو.

سڀني گڏيل آواز ۾ نعرو بلند ڪيو، ”اسين ساري اي آزادي واسطي آخري دم تڪ لڙان گي. واهي گرو دا خالصا واهي گرو دي فتح.“

جرنيل سنگي پندرانوالا جي تقرير ٻڌڻ ڪانپوءِ ٻگي جي گهر وڃڻ واري سڌ ختم ٿي وئي.

*****

1947

جولاءِ جون راتيون باهہ ۽ انساني رت جي گهٽائي سبب وڌيڪ گرم ٿينديون پئي ويون. سائو ستابو پنجاب سڙي رهيو هو، ريل گاڏيون مسافرن بدران لاشن جا ڍير ڪڍي منزل تي پهتيون ٿي تہ ٻنهي ڌرين جي ڏڦيرين کي وڌيڪ رت وهائڻ جو جڻ پروانو ملي ٿي ويو، لاش ئي لاش... سک لاش، مسلمان لاش. لاهور ڪان امرتسر ايندڙ ريل گاڏيءَ جي سمورن سک مسافرن کي قتل ڪيو ويو تہ نتيجي ۾ امرتسر ۾ بہ فساد ڦڙڪي پيا. اُهي گهٽيون پاڙا جيڪي امن ۽ شانتي جا دڳ هئا رت ۽ باهہ سان رنگجڻ لڳا. اُهي هندو، سک ۽ مسلمان جن جا ڏک ۽ سک صدين ڪان هڪٻئي سان ڳنڍيل هئا، اڄ هڪٻئي کي مارڻ لاءِ آتا هئا. جتي عورتن جي عزت ڪرڻ هر ڪٽنب جو شيوو هو، اُهي اڄ شڪارين جيان هڪٻئي جي عورتن جي بو سونگهي رهيا هئا... سک عورتون... مسلمان عورتون.

ڪريم بخش ۽ سڪينا تڙ تڪڙ ۾ ضرورت جو سامان سهيڙي رهيا

هئا. اڄ رات گرميندر سنگهه کين پاڪستان پهچائڻ جو سمورو بندوبست ڪري ورتو هو. گرميندر کي پتو لڳو هو تہ اڄ رات ڏڦيرين گرووالي ڳوٺ جي مسلمانن ۽ سندن گهرن تي ڪاهہ ڪرڻ جو پڪو پهہ ڪيو آهي. ڪريم بخش گهر جون چابيون گرميندر سنگهہ جي حوالي ڪري، ڪيس پاڪرن ۾ پيري هنجون هاري چوڻ لڳو، ”گرميندر! مينون بس اپڻي بلقيس دي عجت دي فڪر اي، نئين تان مين اُتي ڪدي نہ جاندا.“

”تون فڪر ڪيو ڪريندا اي، بهوت جلدي سڀ نيڪ هو جاوي گا تي آپان دوباره اڪ جُٽ هوڪي موج مستي ڪران گي، اي ڪار، جمين، منجان، ميري ڪول تيري امانت اي.“ گرميندر رحيم کي آٿت ڏني.

رات جي پهرين پهر گرميندڙ سنگهہ رحيم جي ماءُ، پيءُ ۽ بلقيس کي پنهنجي ڏڳي گاڏيءَ تي ويهاري ريلوي اسٽيشن روانو ٿيو. جڏهن کان فساد شروع ٿيا هئا، چنڊ جي چانڊاڻ بہ پوائتي وحشت جو شڪار بڻيل هئي. ٻنيون ٻارا ڊنل ۽ هيسيل هئا. اونداهيءَ ۾ ڏڳي گاڏيءَ جو آواز ۽ رولو ڪتن جي ڀونڪ سانت چيري رهيا هئا. اوچتو ٻنيءَ ۾ ٽيل چرپر گرميندر ۽ رحيم کي چوڪس ڪري ڇڏيو. ريلوي اسٽيشن کان ڪجهہ فرلانگن جي فاصلي تي ٻنين ۾ لڪيل سوين ڏڦيرين هڪدم اهڙي ڪاهہ ڪئي جو ڪنهن کي پير ڪپائڻ جو موقعو ئي نہ مليو.

”حرامجداي! مسلمان نون بچواندان اين... اپڻي ڌرم اپڻي لوڪان نال ڌوڪا ڪريندان اين؟ بيشرم لاشان نال پري ريل گاڙي ويک ڪر وي تون اينان ڪمينان نون بچاڪي پاڪستان ڀيج رهيا اي... بي غيرتا!“

رات جي سانت کي گوڙگهمسان چيري ڇڏيو.... اونداهيءَ ۾ رحيم بخش جي مٿي تي اوچتو ڪنهن ڳري شئي پويان کان اهڙو وار ڪيو جو هو اُتيئي ڪري ڍير ٿي ويو.

رحيم بخش کي ڪتان ڏور کان دانهن ڪوڪن جا آواز ٻڌڻ ۾ آيا... بچايو... بچايو... بلقيس جون دانهون ڪوڪون، سڪينا جو روڄ پٽڪو، ڪريم بخش جا ايلاز... ۽ گرميندر سنگهہ جي ڪاوڙ ڀري للڪار... بلقيس بلقيس... آهستي آهستي سمورا آواز گڏجي سڏجي رحيم بخش جي ذهن تان دُٿ ٿي ويا.

*****

1984

امرتسر جي ڳوٺ گرووالي ۾ هڪ عجيب وحشت جو راڄ هو. ڏسندي ئي ڏسندي اُهو ڳوٺ جتي هرڪو بي فڪر ٿي پنهنجي گهر جا دروازا به کولي سمهندو هو، هاڻ ڪرفيو سبب هرڪو پنهنجا در شام جو ئي ڪلف تالن سان بند ڪري ڇڏيندو هو.

ڪرفيو سبب بلديش جي گهر به مختلف ڳوٺن جي سرپنچن جي پينچائت ٿيندي هئي ته آڌي رات تائين مغزماري هلندي هئي. ڏڦيرين جي ڊپ سبب گهر جي هڪ مرد جي رات پالي ڪرڻ پيار ڪندڙ بن دلين جي ڪجهه پلن جي سرهائي به ناس ڪري ڇڏي هئي. بلديش اڪثر سوچيندي هئي ته پيار ڪرڻ ڏوهه آهي، گناهه آهي، ناجائز آهي پر انسان ٻئي انسان کي قتل پيو ڪري، ساڙي پيو، وڍي ٽڪر پيو ڪري، اِهو سيڪجهه جائز آهي. واهي گرو جي! اي ڪيهڙا انيائي اي؟.

*****

1947

رحيم بخش جي اک کلي ته پنهنجو پاڻ کي هڪ ڪمري ۾ بند ڏٺائين. سندس مٿي تي پٽي ٻڌل هئي ۽ جسم سور وگهي اُچلون کائي رهيو هو. سمورا واقعا گاڏڙ ساڏڙ انداز ۾ سندس يادگيريءَ تي حملي آور هئا.

”اوئي ڪوئي اي؟... مان، باپو، بلقيس... گرميندر...“ رحيم بخش بي اختيار ٿي دانهون ڪرڻ شروع ڪيون. ڪيس راتوڪي ڳالهه ياد اچڻ لڳي.

”گرميندر؟ ڪيه گرميندر بلوائيان دي نال مليا هيا سي؟“ سندس دماغ ۾ شڪ جو ڪاريهر ڦوڪون ڏيڻ لڳو.

”نهين، نهين... گرميندر اجيها نهين ڪر سڪدا.“ رحيم بخش چريائپ واري حالت ۾ دروازو ٺوڪڻ شروع ڪيو.

”سهيج رک پتر! جي ميرا پتر امتياز آوي گا تان دروازا کولي گا. چابي اس دي ڪول اي. اي باري وچون روٽي لي.“ هڪ وڏي ڄمار واري عورت دريءَ مان ڇاٻ تي ماني ۽ ساڳ رحيم ڏانهن وڌائيندي آٿت ڏني.”مين ڪٿي آن ؟ميري باپو، مان، ڀهن ڪٿي نين ؟“ رحيم چيو. ”تون لاهور وچ اين، پرسون رات تيرا متر گرميندر تينون اٿي ڇڏ ڪي گيا آپڻي جان هٿيلي تي رک ڪي،

اي چني تيري واسطي دي گيا اي.” عورت ڪاغذ جو هڪ ٽڪرو رحيم جي حوالي ڪندي چيو.

”رحيم ! ميري يار! مين صرف تينون بچا پايا. بلقيس نون ڪار لي ڪي آيان ڪيون ڪي او تيري نال نجر ملاوڻ دا حوصلا نهين ڪر پا رهي سي. بلقيس دي عجت ميري عجت هي. تيري امانت دي راکي ميري ذمي داري اي. تيري منجوري هووي تان مين اس نون اپڻي ڪار دي عجت بڻان ڪي رکان. جي تيرا حڪم هووي تان حالات نيڪ هوندي اي پاڪستان پچان ديوان گا.

رب راکا

گرميندر سنگهه“

رحيم بخش خط پڙهي زاروقطار روئڻ لڳو.

*****

1984

بلديش ڪور کي رميش سان ملڻ لاءِ اڳيئي گهڻا ڪشالا ڪڍڻا پوندا هئا پر هاڻ تہ صورتحال سندس ملڻ جون سموريون واٽون بند ڪري ڇڏيون هيون. اڄ جڏهن بلديش رميش جي چٺي پڙهي جنهن ۾ هُن ملڻ جو آسرو ڏنو هو، تڏهن کان سندس ڪنهن بہ ڪم ۾ من نہ پئي لڳو.

رميش ڪمار بلديش جو پهريون عشق هو. هو ٽي سال ڪن اڳ گرميندر سنگهہ جي گهر ڪرائي دار واري حيثيت ۾ آيو هو. بي اي پاس ڪرڻ ڪانپوءِ امرتسر جي هڪ بينڪ ۾ نوڪري ملڻ تي ڪيس دهلي ڇڏي هتي اچڻو پيو هو. ٽيويهن ورهين جو رميش ڪتري ذات جو هندو هو. دهليءَ جهڙي شهر ۾ چاول نپايل رميش شڪل صورت جو انتهائي موهيندڙ هو. ڳوٺ جي نوجوانن جي اُبتڙ پتلون ۽ استري ٿيل بوشرٽ پهريندڙ ۽ انگريزي ڳالهائيندڙ رميش بلديش جي من ۾ ڪاٽ هڻي ورتو.

رميش ارڙهن ورهين جي ڳاڙهي ڳٽول بلديش ڪور کي ڏسندي ئي فدا ٿي ويو هو. ان هوندي بہ رميش پنهنجي سنجيدي طبيعت جڏهن تہ بلديش گهر ڀاتين جي ڊپ وگهي، ڊگهي عرصي تائين پنهنجي دلين جو حال هڪٻئي کان لڪائيندا رهيا. پر ٻئي آخر ڪيستائين پنهنجو پاڻ کي روڪين ها؟ پيار

تي پلا ڪنهن جو زور هليو آهي جو هاڻ هنن ٻنهي تي هلي ها. ٻئي پيار جي گهوڙي تي سوار عشق جي من موهيندڙ ماترين جي سير ۾ گهڻو اڳتي نڪري آيا هئا. رميش جڏهن ڪم ڪار تان موٽي گهر پهچندو هو تہ بلديش هُن لاءِ هڪدم رنڌڻي ۾ گهڙي ڪاڏو گرم ڪري وجي سندس ڪمري ۾ پهچائيندي هئي. چاٻ رکي موٽڻ لڳندي هئي تہ رميش سندس هٿ جهلي چوڻ لڳندو هو، ”ڪي ٻہ گرهہ تہ پنهنجي هٿن سان کارائي وڃ“ ۽ هوءَ تڙ تڪڙ ۾ گرهہ ناهي رميش جي وات ۾ وجهندي هئي.

”تون مروائي گا مينون... ڪسي ني ويک ليا تي جان لي ليڻ گي.“ بلديش پنهنجي چنري سنڀاليندي واپس ڊڪندي هئي.

ٻنهي کي لک چپ ۾ ملندي اڍائي سال ٿيڻ وارا هئا. سِکجهہ ايئن ئي هليو پئي جيئن ٻہ پريت جي پيچن ۾ قاتل دليون چاهينديون آهن پر خالصتان تحريک ۽ اندرا گانڌي حڪومت سندن پريت جي گهوڙي جو لغام چڪي ورتو. ذري گهٽ مهينو ٿيڻ وارو هو جو هو پاڻ ۾ ملي نہ سگهيا هئا. بلديش گوردواري تي سيس نمائي من ۾ دُعا پني. ”واهي گرو! ڪسي نون سادي پيار دا پتا نہ لگن ديوين. سادي رکشا ڪريو.“

جنهن ڏينهن گولڊن ٽيمپل ۾ آپريشن بليو اسٽار شروع ٿيو هرميندر سنگهہ جي گهر هڪ عجيب قسم جي سوڳواري ڇانيل هئي. سيني جي نيڻن مان ننڊ ڄڻ تہ رُسي وئي هئي. هوا جي هر جهوٽي تي بيبيءَ جون نظرون دروازي ڏانهن ٿي ويون تہ شايد ٻگو آيو هجي. روزانو سون جي تعداد ۾ سکن جي مارجي وڃڻ جون خبرون گهرڀاتين جي من ۾ عجيب وسوسا پئدا ڪري رهيون هيون تہ ڪٿي انهن ۾ ٻگو ٻہ....

ڏکار جي ٻج کي ريج ڏٻو تہ پوءِ رت جو سانوڻ وسڪارا ضرور ڪندو. پنجاب جي ڌرتيءَ تي رهندڙ سکن ۾ ٻہ هندن خلاف نفرت پئدا ٿي وئي.

بلديش ڪور جي من جو پيارو رميش ڪمار هاڻ سندس گهر ڀاتين جي اک ۾ ڪندي جيان چڀي رهيو هو.

*****

فوج هفتي کن کان گولڊن ٽيمپل جو ڪڙو چاڙهي رکيو هو. سک

جنگجوئن جو وڏو ٻاٽيتو مارجي چڪو هو. انهيءَ گرونانڪ جي گولڊن ٽيمپل ۾ سکن جا لاش وکريل هئا، جنهن چيو هو، ”نه ڪو هندو آهي ۽ نه ڪو مسلمان پر سيئي فقط انسان آهن. پوءِ مون کي ڪنهن جي واٽ هلڻ گهرجي؟ مون کي خدا جي واٽ تي هلڻ گهرجي. خدا جيڪو نه هندو آهي، نه مسلمان ۽ آئون جنهن واٽ تي آهيان سا ئي خدا جي واٽ آهي.“

اُهو معتبر گردوارو جتان ڪنهن جي خالي هٿين واپس موٽڻ کي چڱو نٿي سمجهيو ويو، جتي بکايلن کي ٿالهين تي کاڌو ٿي ڏنو ويو، جتي گرونانڪ جي تعليم جو پرچار ٿي ڪيو ويو، امن ۽ شانتيءَ جو پاٺ ٿي پڙهايو ويو، اڄ انهيءَ ڊارمڪ ڊرتيءَ تي رت جي هولي کيڏي پئي وئي. سکن کي سندن پنهنجي گرودواري ۾ موت جي ننڊ سمهاريو پئي ويو.

زخمي حالت ۾ بگا پنهنجي ڪجهه ساٿين سوڌو گولڊن ٽيمپل مان ڀڄي نڪرڻ ۾ ته ڪامياب ٿي ويو پر جتي ڪٿي پوليس ۽ فوج جي ناڪابندي ۽ گشت سبب ستن ميلن جو فاصلو جڻ ته صدين تائين پکڙجي ويو. هو ٽن ڏينهن تائين پنهنجي نديڻ جي سنگتي گوپال جي گهر پناهه وٺڻ تي مجبور هو ڇاڪاڻ جو ٽنگ ۾ لڳل گوليءَ جي گهاوَ ڪيس اڌ مئو ڪري ڇڏيو هو ۽ رت وڌيڪ وهڻ سبب هو وڌيڪ هلڻ جو ست ساري نه پئي سگهيو. گوپال اهڙي ڏکئي وقت ۾ سنگت جو مان رکيو ۽ ڪيس پنهنجي گودام ۾ لڪائي ڇڏيائين. هو سندس ٽنگ ۾ لڳل گولي ڪڍي انجي مرهم پٽي به ڪندو رهيو ته جيئن گهاوُ جلدي ڇٽي وڃي ۽ بگو پنهنجي گهر جو راهي ٿئي. گوپال جي پنهنجي سر سان لڳي پئي هئي جو نه ڄاڻ ڪيڏي مهل پوليس ڇاپو هڻي ۽ ڪيس سک جنگجو کي پناهه ڏيڻ تي گولين سان پروڻ ڪري وجهي. گوپال گهبرايل حالت ۾ گودام ۾ داخل ٿيو جتي بگا اجان تائين انهيءَ اُميد سان لڪيل هو ته آخرڪار سوپ خالصتان تحريڪ کي ئي پلئه پوندي.

”اوئي بگي! تينون خبر پي اي جرنيل سنگه ڀندرانوالا نون وي مار دتا هئي. تسي هُڻ ٽرجائو اپني ڪار نون.“

بگي کي پنهنجي ڪنن تي اعتبار نه آيو ۽ هو بيوسيءَ وچان روئڻ لڳو... ڪيس حياتي ڪنهن بند گهٽي ۾ محسوس پئي ٿي. بگي انهيءَ رات پنهنجي مٽي ۽ ڏاڙهيءَ جا وار ڪوڙهي ڇڏيا ۽ مٽي کان پير تائين پنهنجو پاڻ

ڪي چادر ۾ ويڙهي گهر جي راهه ورتائين. شايد بيبيءَ جي دعائن جو ڪرشمو هو يا ڀاڳ جو ڦيرو، هو لڪندي لڪندي صحيح سلامت پنهنجي گهر پهچي ويو.

”ميرا منڊا! ميرا بگا! ميرا گبرو!“ بيبي بگي کي چميون ڏيندي ۽ روئندي رهي. سمورا گهر ڀاتي بگي کي جيئرو ڏسي جڻ ته پنڊ پهڻ ٿي ويا هئا... گرميندر سنگهه سميت سڀني جي اکين ۾ خوشيءَ جا ڳوڙها هئا.

گرميندر سنگهه ۽ بيبي ۾ هاڻ وڏيڪ ڪنهن گهاوَ سهڻ جي همت نه هئي.

*****

1947

رحيم بخش لاهور ۾ هڪ مهينو امتياز احمد ۽ سندس ماءُ جي گهر انهيءَ اُميد سان رهيو ته رت جي هولي بند ٿئي ته هو پنهنجي ڳوٺ موٽي وڃي پر ڪمزوري ۽ ابتر ٿيندڙ حالتن ڪائنس پنهنجي پيرن تي بيهڻ جي سگهه ڦري ورتي هئي. اڄ هو حسن ابدال وڃڻ کان اڳ پنهنجي جگري يار جي نانءُ خط لکي رهيو هو...

”پياري گرميندر!

اڄ مين لاهور تون حسن ابدال جا رهيان هان. ساڊي دور پري دي رشته دار اٿي رهندي هن، اوهي اڪ ميرا سهارا اي. مهيني تڪ اس اُميد تي امتياز دي ڪار رهيان ڪي حالات چنگيان هونديان اي ڪجهه ميلان دا فاصلا طئي ڪرڪي اپڻي ڪار امرتسر آجاوان گا، پر هُڻ لگدا اي ڪجهه وي نهين بچيا اٿي ميري لئي. سب ڪجهه بدل گيا اي، بلقيس ڪولون ميري دلون معافي منگ ليٽان. مين راجي خوشي بلقيس نون تري حوالي ڪردان هان پر اپني مسلمان ڀيڻ نون سک نال وياهه لئي ميري رشته دار مينون ڪدي معاف نهين ڪرڻ گي. اس واسطي اي راز هميشه لئي اٿي دفن ڪر دئين، بس تيري تون اني بنتي اي ڪي ميري ڀيڻ نون ڪدي اي احساس نه هوئڻ ديئين ڪي اس نال وياهه ڪرڪي تون ڪوئي احسان ڪيتا اي.

ميري دعاوان

رحيم بخش

*****

آپريشن بليو اسٽار ڪامياب ٿئي ڪيترائي هفتا لنگهي چڪا هئا. اندراگانڌي حڪومت خالصتان تحريڪ کي چيڀاٽي چڪي هئي پر سکن خلاف آپريشن اجان تائين زور شور سان جاري هو. پوليس هر ڪايا هر گهٽيءَ ۾ گام بو سونگهي رهي هئي تہ جتي بہ ڪا ٿورڙي بہ گڙٻڙ نظر اچي تہ سکن تي تيل ٻرڪي ڪين جيئرو ساڙي ڇڏين. نفرت جي باهہ اُجهامڻ جو نالو ئي نہ ٿي ورتو.

ڳوٺ جي هر گهٽيءَ ۾ پوليس جي بيجا مداخلت کان بچڻ واسطي پهرو ڏيڻ جي ڊيوٽي گهٽيءَ جي نوجوانن پنهنجي ذمي ڪري ورتي هئي. اڄ رات پهري تي بگي جي ڊيوٽي هئي. هوڏانهن بلديش رميش سان ملڻ جي آس ۾ هڪ پل لاءِ بہ اک نہ ڇنيي هئي. رات جي آخري پهر جڏهن سمورا گهرياتي گهري ننڊ سُتل هئا، بلديش آهستي سان پنهنجي هنڌ تان اُٿي ۽ پنجن تي تيزيءَ سان هلندي ڏاڪڻ چڙهي رميش جي ڪمري تائين وڃي پهتي. رميش کيس ڏسندي ئي ياڪرن ۾ پريو ۽ پيشانيءَ تي چمي ڏنائين.

ٻئي سڄي ساري مهيني جي وڇوڙي جو پلاند بيتابيءَ سان چُمي چاٽي سان چڪائي رهيا هئا. ٻنهي جا گرم ساهہ هڪٻئي جي چهرن کي گرمائي رهيا هئا.

”بلديش! تون مون سان دهلي هلندين؟“ رميش اُڪير مان پڇيو.

بلديش سندس ڪلهي تي رکيل ڪنڌ مٿي ڪنيو ۽ سندس نيڻن ۾ نهاريندي چيائين، ”هُڻ تون مجاق تو نهين ڪر رها اي؟“

”تو سان سدائين سچ ئي ڳالهايو اٿم. دهلي هلي وهان ڪنداسين.“ رميش کيس ياڪرن ۾ پريندي چيو.

”اسان دونهان دي ڌرم الگ الگ هن.“ بلديش سندس ياڪرن ۾ پرجندي چيو. ”تہ پوءِ؟“ رميش پنهنجي هٿن ۾ سندس مک جهليندي پڇيو.

”ڪيهہ سادي وياهہ تي ڪار آلي من جاڻ گي؟“ بلديش معصوميت سان پنهنجي دل جو خوف رميش سان ونڊيو.

انهيءَ سوال جو جواب ٻنهي وٽ نہ هو سو ٻئي خاموش ٿي ويا. ڪيترن ئي ڏينهن جي وڇوڙي ڪين اوسي پاسي کان بي خبر ڪري ڇڏيو هو.

ٻئي ڪڻ تي هڪٻئي جو لمس محسوس ڪري رهيا هئا جو اوچتو ڪمري جي اونداهي روشنيءَ ۾ بدلجي وئي. بگو وڏي ياءُ سان گڏ هٿ ۾ ڏنڊو ڪنيو بيٺو هو. وڏي ياءُ هڪ جهٽڪي سان بلديش کي رميش جي پر مان اُٿاريو ۽ زورائتو ٿڦڙ هڻندي چيائين، ”تون شرم ويچ چڪيا اي؟“

بگي کي رميش جي شڪل ڏسندي ئي گولڊن ٽيمپل جو رت ۾ ٻڏل اڱڻ من تي هُري آيو ۽ هُن رميش تي ڏنڊن جو وسڪارو لاهي ڏنو.

”بگي! ڇڊ دي اينهون. اينين ڪجهہ نهين ڪيتا، اس دا ڪوئي قصور نهين.“ بلديش روئندي ياءُ کي پيرين پئجي وئي.

”پري هٽ بي غيرتئي... اڪ هندو نال محبت دي پينگ بڙهانو دي تينون شرم نهين آئي.“ بگي پنهنجي ڀيڻ بلديش کي زوردار ٿڏو هنيو تہ هوءَ پري وڃي ڪري.

بيبي ۽ گرميندر اڱڻ ۾ ساهہ روڪيو بيٺا هئا.

*****

1948

پاڪستان ۽ هندستان هاڻ ٻہ ڌار ڌار ملڪ هئا.

گرميندر سنگهہ اوستائين انهيءَ رات جي وارتا لاءِ پنهنجو پاڻ کي ذميوار ليکيندو رهيو جيستائين رحيم بخش جي خط جي ورندي نہ ڏني هئائين. بلقيس ڪيترن ئي مهينن تائين ڊپ وگهي ننڊ نہ ڪري سگهي هئي. ڪيس جاڳندي سمهندي ايئن لڳندو هو تہ ڄڻ ڪي انيڪ هٿ ڪيس ڏونڌاڙي رهيا آهن. هوءَ ماءُ پيءُ جي پوائتي قتل تي پهرن جا پهر هنجون هاريندي رهي جڏهن تہ ياءُ کان وڇڙڻ جي پيڙا ڪائنس جيئڻ جون سموريون اُميدون کسي رهي هئي. هاڻ گرميندر ئي سندس آخري سهارو هو. گرميندر ڪڏهن سوچيو بہ نہ هو تہ بلقيس سان سندس وهان ملڪ جي ورهاڱي جي صورت ۾ ممڪن ٿي سگهندو. هڪ پاسي تہ ڪيس پنهنجو پيار ماڻڻ جي خوشي هئي تہ ٻئي پاسي پنهنجي جگري يار کان وڇڙي وڃڻ جو ڏک.

گرميندر بلقيس کي سندس مذهب سوڌو اپنائڻ جو فيصلو ڪيو. ورهاڱي کان هڪ سال پوءِ گرميندر بلقيس سان وهان ڪيو.

*****

رميش کي مارڪٽ ڪري اڏ مئو گهران تڙيو ويو. ڪيس سڄي پاڙي ۾ بدنامي برداشت ڪرڻي پئي ۽ نوڪريءَ تان بہ جواب مليس. جنهن ڏينهن رميش کي ڳوٺ نيڪالي ڏني وئي، بلديش بيبي کي پاڪر پري هنجون هارڻ لڳي. ڏيءَ جو ڏک ماءُ سمجهيو ٿي. گرميندر سنگهہ پنهنجي پٽن آڏو پنهنجا چپ سُبي ڇڏيا.

”اڪ مسلمان عورت دا اڪ سک نال وياهہ ٺيڪ اي تان اڪ سڪٽي دا هندو نال ڪيون نهين ؟“ بيبي گرميندر کان پڇيو.

”بلديش اپٽي ڪڙي اي. ڪسي هندو نال ڪس طرح وياهہ ڪر سڪدي اي؟ نڪ وڍهائڻا اي پنڊ وچ؟ سادي ڌرم الڳ الڳ هن.“

”ڪيهڙا ڌرم؟ ڪس طرح دا ڌرم؟ مين اس طرح دي ڪسي ڌرم نون نهين مندي جو انسان تون زنده رهڻ دا حق کوهہ لوي. عشق ڪرڻ دي ڪلپنا ڪتم ڪر دي. ميري نال وياهہ ڪرڪي تي نڪ نهين ڪٽي تيري؟“

ڏيءَ جي بيوسيءَ بيبيءَ جي زبان تي لڳل ڪلف ڄڻ کولي ڇڏيا.
”ديش دا بٽوارا هويا تي تيرا ميرا وياهہ هو سڪيا. هُڻ هور ڪوئي بٽوارا ڪرڻ دي تي قرباني ديڻ دي همت نهين اي ميري وچ.“ گرميندر سنگهہ بيبي کي تنبيهہ ڪئي ۽ ڪاوڙ وگهي پير ڪپائيندو ڪمري کان ٻاهر نڪري ويو.

*****

بلديش کي اسڪول مان ڪڍيو ويو ۽ مٿس ڪڙو چاڙهيو ويو. هوءَ چپ چپات ۾ سيڪجهہ سهندي رهي. ڪيس پڪ ٿي وئي هئي تہ رميش هيل تائين دهلي واپس وڃي چڪو هوندو. هت رهڻ لاءِ وٽس هاڻ بچيو ئي ڇا هو.

انگلينڊ ۾ ٿانيڪو بلديش جي وڏي ڀيڻ راج پال ڪور کي سموري رام ڪهاڻي ٻڌائي وئي، تہ هُن پنهنجي ڀيڻ جا ڪارناما ٻڌي هڪدم پنهنجي ڏير لاءِ سندس سنگ چڪرايو. گهر ۾ انتهائي تيزيءَ سان سنگابنديءَ جي پتوڙ هلندڙ هئي. نيٺ فيصلو ڀيڻ جي ڏير واسطي ٿيو تہ ست سمنڊ پار وهان ٿيڻ تي ئي عشق جي عذاب مان جان ڇٽي سگهندي.

ڀيڻ هڪدم پنهنجي مڙس ۽ ڏير سان گڏجي انگلينڊ کان امرتسر اچي پهتي ۽ مڱڻيءَ جي رسم ڪيائين. وهان هڪ هفتو پوءِ ايڪٽيهہ آڪٽوبر

جي شپ گهڙي طئي ٿيو. هاڻ بلديش مان ڪو خطرو نہ هو.

*****

1984

ڪيترن ئي ڏينهن کان رحيم بخش جڻ هوائن ۾ پئي اُڏيو. امرتسر مان گرميندر سنگهہ پنهنجي سپ کان ننڍي ڌيءَ ۽ رحيم بخش جي پاٽيجيءَ جي وهان جو سڏ اُماڻيو هو. پويان ٿيئي پيرا رحيم بخش نينڍ تي خط لکي معذرت ڪئي هئي جو ايڪڙ ٻيڪڙ مٿ مائٽ اجان جيئرا هئا پر هن پيري رحيم بخش هڪدم انڊين سفارتخاني ۾ ويزا لاءِ درخواست جمع ڪرائي ۽ مهيني کن کان ويزو لڳي اچڻ جي آسري ۾ هو. پاڪستان ۾ مارشل لا جي راڄ ۾ هر گهٽيءَ گام ۾ انڊين فلمون رات ڏينهن وي سي آر تي بنان ڪنهن روڪ ٽوڪ جي ڏنيون ۽ ڏيکاريون پئي ويون، ريڊيو تي هندي فلمن جا گانا هر گهر مان ٻڌڻ ۾ ايندا هئا تہ رحيم بخش ويچارڻ لڳندو هو تہ آخر ڇو هرويرو هڪ ليڪ ڇڪي بيگناهہ لکين ماڻهو مارايا ويا.

اڄ صبح رحيم بخش چبوتري تي کٽ وجهي حقو ڇڪڻ لڳو. گهٽن ڏينهن کان هُن ٽيپ ريڪارڊ تي ”تم مجھے یوں بھلا نہ پاؤگے“ نہ وڄايو هو. اڄ ٽيپ ريڪارڊ تي ”سیونی میرا ماہی میرے بھاگ جگاون آ گیا“ تيز آواز ۾ وڄي رهيو هو.

حقو ڇڪي رحيم بخش اُٿيئي کٽ تي ليٽي ننداکڙي نيٽن سان پنهنجي يار ۽ پيڻ سان ملڻ جا سپنا ڏسڻ لڳو. اڄوڪو ڏينهن گذارڻ هن لاءِ ڏکيو ٿي پيو هو، هر هر سندس نظرون دروازي ڏانهن ٿي اُٿي ويون. ڪيس پهنجي پٽ فهيم جو اوسيئڙو هو تہ ڪڏهن ٿو اسلام آباد کان موٽي ۽ ويزو لڳڻ جي خوشخبري ٻُڌائي. اِهو سوچي رحيم بخش جو من اُڇلون ڏيڻ لڳو تہ هو هيترن سالن کانپوءِ سگهو ئي پنهنجي پيڻ سان ملي سگهندو.

ڏينهن لهي چڪو هو ۽ سانجهي آهستي آهستي پنهنجا پير ڪپائي رهي هئي. فهيم تکيل قدمن سان گهر اندر داخل ٿيو تہ رحيم بخش اجان تائين کٽ تي ئي ليٽيل هو.

”ڪي هويا؟ ويزا لگ گيا پتر!“ رحيم بخش اُتاولو ٿيندي پڇيو.

”نہ بابا... نہ لڳو ويزو... هن ڀيري تہ سفارتخاني درخواست ئي رد

ڪري چڏي پر اُميد آهي تہ ايندڙ پيري ويزو ملي ويندو. اڄڪلهہ خالصتان تحريڪ سبب اوپر پنجاب ويندڙن سان سختي ڪجهہ سرس آهي.“ فهيم پيءُ کي تفصيل سان ٻُڌائڻ شروع ڪيو.

رحيم بخش ويران ۽ بيجان نيڻن سان پُٽ کي گهوريندو رهيو. ڪيس پنهنجي پٽ جو آواز ڏور ڪان ايندي محسوس ٿيو.

”بابا! فڪر نہ ڪر. ڪجهہ ڏينهن ۾ حالتون ٺيڪ ٿي وينديون، پوءِ هليو وڃجان... اِهي لاهہ چاڙها تہ ٻنهي ملڪن ۾ ايندا رهندا آهن.“ فهيم پنهنجي پيءُ کي آٿت ڏيندي چيو.

پر رحيم بخش جي ڪنن تي پٽ جي آواز بدران بلقيس جون دانهون ڪوڪون ٻُرڪي رهيون هيون. ”بچايو، بچايو...“ رات جي اونداهيءَ ۾ ڪيترائي هٿ بلقيس کي رحيم بخش ڪان ڏور ڇڪي رهيا هئا... چاهيندي بہ سندس زمين تي پيل جسم اُٿڻ جو ست ساري نہ پئي سگهيو. ٺيڪ اُن پل هڪ ڏقيري سندس ڇاتيءَ تي چڙهي پيو ۽ رحيم بخش جي دل ڪڏي انڪي پوري سگهہ سان ولوڙڻ لڳو.

*****

1984

پنجاب ۾ اڃان تائين اندراگانڌيءَ خلاف شديد ڪاوڙ ۽ ڏڪار موجود هئي. وهان ڪان ڪجهہ ڏينهن اڳ ئي بلديش جي اسڪول ۾ پاڙي جون ساهيڙيون ڍولڪيءَ تي ٿپا، گدا ڳائڻ ۽ ڀنگڙو نچڻ اچي پهتيون.

گرميندر سنگهہ جو گهر رنگبرنگي جهنڊين ۽ بتين سان سينگاريو ويو هو. هر پاسي خوشيءَ جا شادمانا هئا پر بلديش جو ڪنهن بہ ڳالهہ ۾ من نہ پئي لڳو. سندس ياڳن تي سندس سموريون ساهيڙيون اڇرج ۾ هيون تہ هيڏي ساري بدناميءَ ڪانپوءِ اهڙو سهڻو وَرُ سو بہ انگلينڊ جو رهواسي. واهہ ڙي ياڳن جو پيرو.

بلديش جي ننڍپڻ جي ساهيڙي اجيت ڪور جيڪا بلديش ۽ رميش جي پريت ڪهاڻيءَ جي مڪمل رازدان هئي، وهان ڪان هڪ ڏينهن اڳ سهڪندي سهڪندي بلديش جي گهر اندر داخل ٿي تہ سامهون بيبي کي ڏسي پنهنجا حواس جائيتا ڪندي چوڻ لڳي، ”ست سري اڪال ماسي جي.... ماسي

ڪيہ مين بلديش تون ڪجهہ سمي لئي اپڻي گهر لي جاوان ڏُدهہ جليوي ڪلائڻ واسطي؟ فير ڪل تان ميري سهيلي ست سمندر پار ٽُر جاوي گي، ميري تون بهت دور.“

اجيت ڪور بيبي جي پيرن ۾ ويهي ٻاڏائڻ لڳي. گهر ڀاتين هاڻ بلديش کي اعتبار جوڳو نٿي ليکيو پر بيبي اِهو ڄاڻندي بہ تہ اجيت ڪور ڪوڙ پئي ڳالهايو، وڃڻ جي اجازت ڏيندي چيو ”چنگا چنگا... لي جا پر بگي نون چتيا نہ هووي. تي ڇيتي اينون مڑ لي آوين. خير مهندي وي لائڻي اي.“

اجيت ڊوڙندي بلديش جي ڪمري ۾ داخل ٿي.

”بلديش! ڇيتي اُٺ چل رميش تيري نال آخري بار ملڻ واسطي آيا اي... اس نون مين اپڻي گهر دي گودام وچ لڪو ڪي آئي آن... چل بلديش ڇيتي ڪر ڪي سوچ رئي هان؟ بلديش چل هُن، مين بيبي نون جوٺ بول ڪي آئي آن ڪي تينون جليوي ڪيلواڻ واسطي لي جا رئي هان. چل، هُن رميش دي جان نون خطرا اي، او زياده دير نئين رُڪ سڪدا. اُٺ هُڻ...“ اجيت ساهہ جي وٿي ڪٽڻ ڪانسواءِ ئي ڳالهائيندي رهي.

بلديش اچرج وچان اجيت کي تڪيندي رهي، ڄڻ ڪو سپنو ڏسندي هجي.

”بلديش...!“ اجيت ڪور ڪيس زور سان ڌونڌاڙيو.

”هاءِ گرو جي!“ بلديش روئندي چيو ۽ پير ۾ چپل ۽ مٿي تي چنري وجهي اجيت ڪور سان نڪري پئي.

*****

رميش بلديش جا ٻئي هٿ جهلي ڪيس پيار وچان هڪ ٽڪ ڏسندو رهيو.

بلديش هيڊن ڪپڙن ۾ گوٺو لڳل چنري مٿي تي رکيل معصوم گڏي پئي لڳي. سندس نيڻن ۾ ڳوڙها تري رهيا هئا. سندس جسم مان اُٽندڙ تيل، هيڊ ۽ اُبٽن جي سرهاڻ رميش پنهنجي اندر ۾ هميشہ جي لاءِ جذب ڪري رهيو هو.

”تنهنجي لاءِ ڪجهہ آندو اٿم.“ رميش هٿ ۾ ڪنيل ڊبو ڪوليو جنهن ۾ هڪ ڳاڙهي مخملي رومال ۾ ويڙهيل ٻہ پائلون سليقي سان رکيل هيون.

”پنهنجا پير هيڏانهن ڪر تہ پنهنجي هٿن سان توکي پائل پهرايان.“ رميش بلديش جي پيرن ڏانهن نهاريندي چيو.

ٻنهيءَ جي نيڻن مان ٽمندڙ ڳوڙهن کو لفظ ڳالهائڻ ڪانسواءِ هڪٻئي سان من جو حال ٿي ونديو.

ايڪٽيهہ آڪٽوبر صبح ساڻ گرووالي جي گوردواري ۾ گرنٿ صاحب آڏو بلديش جي وهان جون رسمون اداڪيون ويون. عين اُن پل ٻيگي جي هڪ دوست ڪيس ڪن ۾ سرٻاٽ ڪندي ٻُڌايو،” خبر آئي اي ڪي اندرا گانڌي نون اوهدي اپڻي اي گارڊان بي انت سنگهہ تي ستونت سنگهہ ني گوليان مار ڪي مار ڇڊيا اي.“

”واهي گرو ڪا خالصا، واهي گرو ڪي فتح.“ ٻگي ۽ سندس ساٿين اُپ ڏاريندڙ آواز ۾ نعرو هندو.

*****

2004

”موم ! ڪم اينڊ جوائن اس.“ وينا پنهنجي ماءُ ڪي اونهي سوچ ۾ غلطان ڏسندي چيو.

”يس لو-ول جوائن يو سون.“ بلديش پيار وچان ڌيءَ ڪي وراڻيو. انهيءَ پل بلديش کي لڳو تہ هو گرووالي پنڊ جي اُها ساڳي ٽينگ ٽپا ڏيندڙ ڇوڪري آهي جنهن جي مرڪندڙ ڳل تي بہ ڪُپ پوندا هئا. جيڪا اڄ ڪان ويهہ سال اڳ پنهنجو پنجاب، پنهنجو پنڊ، پنهنجي گهٽي ڇڏي اچي انگلينڊ ٽانيڪو ٿي هئي.

*****

1984

”اڄ تہ ٻئي پائل بہ پهرايان.“ رميش هڪ پير ۾ پائل ٻڌڻ ڪان پوءِ ڪنڌ مٿي ڪڍي پيار ڀريل نگاهن سان بلديش ڏانهن نهاريندي چيو.

”نئين... بس اڪ هي چاهيدي... دوسري تيري ڪول رهيگي، ميري امانت تيري لئي...“

بلديش هڪ پائل پهري پنهنجي گهر رواني ٿي.

*****

زوردار پارٽي هاڻ پنهنجي پڄاڻيءَ ڏانهن وڌي رهي هئي. جوشيلا ٽڙڪندڙ جسم هاڻ ٿڪجي صوفن ۽ ڪرسين تي ٿهڪو ڪري رهيا هئا. لائونج مان ايندڙ گاني جو آواز بلديش جي ڪنن ڪي وٽندڙ پئي لڳو.

”چھوڑ آئے ہم وہ گلیاں ---چھوڑ آئے ہم وہ گلیاں --- “

بلديش پير مان پائل لاهي ٻيهر دٻي ۾ موجود ڳاڙهي مخملي رومال ۾ ويڙهي ۽ دٻو ٻيهر ڪپڙن وچ ۾ رکي ڏاڪڻيون لهڻ لڳي.

خراب عورت

هوءَ اصل ۾ هئي ئي غزل جهڙي. سندس انگ انگ ۾ بجلي پريل هئي جڻ. گهر جا ڪم ڪار ڪڙيءَ پر ٻوڙي ٻوڙي ايئن ڪندي هئي جڻ نرت ڪندي هجي. تراشيل قد تي دلڪش چهرو ۽ هرڻيءَ جهڙي چال اهڙي جو سامهون واري جو ساهه نپوڙي ڇڏي.

سنگمرمر سان تراشيل سندس جسم جو پيڪر ڄڻ نظم جي مصرعن سان ڳوهيل هجي. انهيءَ نرتڪيءَ جو دلڪش چهرو ۽ سندس ور وراڪو ڏئي هلڻ شاعر جي ساهن کي بحال ٿيڻ ئي نه ڏيندو هو. هو اڪثر سندس من موهڻي سانچي ۾ نهيل مُرين کي ڏسندو رهندو هو. هُن ڪڏهن به سندس پير زمين تي ڪُتل نه ڏٺا هئا. بس سدائين پيرن جي آڱرين تي هوا ۾ جهوليندي محسوس ٿيندي هئي. سندس ڪُڙي ۽ پنجي وچ ۾ هڪ موهيندڙ دائرو نهندو هو. شايد انهيءَ ڪري هوءَ پير ڪوڙڻ ڪانسواءِ ڦڙتيءَ سان سمورا ڪم اهڙي طرح ڪندي هئي جڻ ”تتڪار“ پيش ڪندي هجي. چلبلي چال ۾ سندس چيلهه جو ور اکيون ڪيريون ڪندڙ هو ۽ سندس مُرڪ جي چلولائپ سندس من جون تندون ڇيڙيندي هئي.

اڌ-ٻانهين ڪڙتي ۾ سندس پريل گولائي واريون ٻانهون مکڻ جيان ملائم لڳنديون هيون. سندس سڏيون ۽ ڊگهيون آڱريون ڪا ڪتا ٻڌائڻ دوارن فضا ۾ ايئن ٿڙڪنديون هيون جڻ ڪٿڪ جو ڪو مدرو پيش ڪنديون هجن. اُن مهل هوءَ ڪنهن مندر ۾ رکيل سرسوتي ديوي لڳندي هئي. ساڻس عشق ٿيڻ ڪو ڪمال نه هو، سندس پريت جو اسير نه ٿيڻ واقعو هجي ها. اِهو ئي ساڻس به ٿيو.

شاعر هوندي به جڏهن مٿس سندس نظر پوندي هئي ته سموري شاعري پلجي ويندو هو. سمورا حرف ڏنڊلا تي ويندا هئا. لفظ، رديف، قافيا ۽ بحر اٿڇتا ته ڇا اڻ ڏٺا تي ٿيا. سندس شبيهه جي تصور ۾ شعر جوڙيائين،

لڪيائين، ميساريائين ۽ وري ٽي لڪيائين پر حرف سندس شبيهہ جو احاطو ڪرڻ ۾ سدائين ناڪام ٿي رهيا جڏهن تہ اڪيلائپ ۾ سندس شبيهہ جي تصور ۾ سڄي ساري بياض ٿي ڪاري ڪيائين.

هو اُهو ڏينهن ڪيئن ٿو وساري سگهي جڏهن ڪنهن ڪم سانگي هو سندس دروازي تي آيو هو. هوءَ شايد بستري تان اُٿي سڌو دروازي تي آئي هئي. سج جڻ تہ سندس مُک تي جرڪي رهيو هو، صبح جا شفاف ڪرڻا سندس سموري وجود تي تجليون اوتيندي سندس ڪيرهاٽي ڇهري ڪي وڏيڪ اجرو بڻائي رهيا هئا ۽ هوءَ پنهنجن ماڪيءَ ڪان منڙي هٿن سان مُک کي انهن ڪرڻن ڪان بچائيندي ايئن تڙ تڪڙ ۾ ڳالهائي رهي هئي جڻ ڪيس پنهنجي دلڪشيءَ جو احساس ئي نہ هجي.

هُن روشنيءَ جي انهيءَ تيز ڪرڻي ڪي پوري نظر سان ڏٺو ۽ اُهو پل سندس من ۾ گهر ڪري ويو. وقت بيهجي ويو. سيڪجهہ پنڊ پهڻ ٿي ويو. اُهو ئي تہ موهيندڙ پل هو جڏهن اُها مورتي ڪيس پنهنجي من ۾ پيهجندي محسوس ٿي هئي. ڏسڻ واري جي من جي حال کان بيخبر هوءَ پنهنجي ڪم ۾ جنبيل رهي. پنهنجي پرستار جي سيوا ۾ رُڌل رهي. ڏسندڙ ڪي سندس نازڪ هٿ انتهائي پسند هئا، سڌيون ۽ ڊگهيون آڱريون هيون جڻ سِتار جون تندون. پشميني جي شال هجن، ڪنهن سونهري ڏيک جو سپنو هجن. ساز تہ نہ هوندو هو پر جهنڪار سندس دل ۾ گونجندي هئي.

انهيءَ اپسرا ڪي ڪهڙي ريت پنهنجي من جو حال ٻڌائجي، ڪيئن سونهن جي انهيءَ مجسمي ڪي پنهنجو ڪجي. انهيءَ ويچار ۾ هو لفظ لکندو، غزل چوندو ۽ نظم اُٽيندو هو. ساڙهيءَ ۾ نرت ڪندي سندس هڪ تصوير چورائي هُن پنهنجي سيراندي رکي ڇڏي هئي. سندس صبح بہ انهيءَ ڏيک سان ٿيندو هو تہ رات بہ انهيءَ شبيهہ جي اُميد ۾ اُڪلندي هئي.

سندس بس هڪ ئي سڌ هئي تہ ڪنهن بہ ريت سندس من جو حال انهيءَ نرت ڪندڙ جهومندڙ ناريءَ تائين پهچي. هن تہ چاهيو ٿي تہ ڪيس ٻُڌائي تہ سندس لهرن جيان اُڇلون ڪائيندڙ تصوير ڪي هُن پنهنجي هيانءُ سان سانڍي رکڻ ٿي چاهيو پر هٻڪيو ٿي.

هُن چاهيو ٿي تہ اظهار جو پل اچي. اُهي لفظ سندس زبان تي تري

اچن جيڪي سندس سَڌ بيان ڪري سگهن پر لفظ منڪر هئا، حرف خاموش هئا... پر اهو ڪيئن ممڪن هو ته هڪ دل ڪنهن جي ڏڏڪي سان تال ملائي ۽ بئي ڪي پتو ئي نه لڳي. وقت آيو جو اظهار غير ضروري ٿي ويو ۽ اقرار بي معني. ڪنهن به ڪنهن کي ڪجهه به نه آکيو پر تال ملي وئي. ڏُن وڄڻ لڳي. سُر ملڻ لڳا.

تعلق وڌيو ته هُن ست ساري ڪيس ٻڌايو ته هوءَ پاڻ به نٽي ڄاڻي ته هوءَ کهڙو معجزو آهي... ڪيڏي سهڻي آهي، اِهو ٻڌي هو اچرج وچان ايئن ٿهڪ ڏيڻ لڳي جو ڪائنات رقص ڪرڻ لڳي. شاعر کي سندس تيار ڪيل طعام تمام گهڻو پسند هئا. اڪثر سندس من اُچلون ڪائيندو هو ته سندس نازڪ ٻانهن کي جهلي سندس پير ۾ پير ڏئي ڊگهي پسار ڪري.

سندس گهر شيشي جيان چمڪندو هو، جتي هوءَ سدائين اگهاڙي پيرين ايئن هلندي هئي ڄڻ سندس پيرن ۾ گهنگهرو ٻڌل هجن. هوءَ خوشي ۽ ڏک جو اظهار ڪلاسيڪل نرت موهن آتم سان ڪندي هئي ۽ انهيءَ نرت ۾ هوءَ پنهنجي نيڻن ذريعي سموري ڪيفيت بيان ڪندي هئي. هوءَ ٿهڪ به جهومندي ڏيندي هئي، سندس نيڻن ۾ ڳوڙها به دير تائين ترندا هئا.

هوءَ ڊيل جهڙي پنهنجي چال ۾ جڏهن ڪٿاڪلي پيش ڪندي مختلف مدرائن، جسم جي حرڪتن ۽ چرپر ۽ هٿن پيرن جي اشارن سان پنهنجي اُڌمن جي مختلف ڪيفيتن جو اظهار ڪندي هئي ۽ پنهنجي چهري جي تاثر سان مدعو بيان ڪندي هئي ته پوءِ چوڻ آکڻ لاءِ ڪجهه به باقي نه بچندو هو. سندس پريم ۾ ونجي ويل پهرن تائين سندس شبيهه جي سحر ۾ گم رهندو هو.

دنيا جهان کان بي نياز ٻئي هر وقت ڳالهيون ڪندا، ڳالهه ڳالهه تي بي سبب ٽهڪ ڏيندا، شعر شاعري ٻڌائيندا هئا پر معمولي اٽبٽت به ٻنهي کي روئاڙي ڇڏيندي هئي. هو سندس نرت تي فدا هو ته هوءَ به سندس لفظن جي مناس جي ديواني هئي. رقص سندن وچ ۾ اثبات هو. سندن ڳانڍاپي جي پُل هو. هُن سدائين سندس ساٿ نڀائڻ ۽ سندس نرت جي فن کي عروج تي رسائڻ جو وعدو ڪيو. ڪيس ٻيو گهربو به ڇا هو سواءِ سندس پيار جي ۽ پنهنجي فن جي قدر جي. وقت اهڙو هو جو ڄڻ هر پل اوسي پاسي فقط خوشيون ئي

خوشيون وڪريل هيون. ڪو ڏک ڪا پيڙا وٿائن ڪوهين ڏور هئي. لڳو ٿي تہ اِهي پل اَمر ٿي ويندا، پنڌ پهڻ ٿي ويندا. هر ڪا شئي فنا ٿي ويندي فقط پيار جي اِها مُند لافاني رهندي جو اجان پيڙا سان واقفيت نہ ٿي هئي. وهان تي هُن ڪيس قيمتي گُهنگهرو سوکڙيءَ طور ڏنا. اِهو خراج هو سندس الفت جو. ثبوت هو سندس عشق جو.

ٻئي نرت بابت ڳالهائيندا هئا. انهيءَ جي ئي عشق ۾ غلطان رهندا هئا. نرتڪيءَ ڪي نرت ۾ شاعر سان عبادت جي حد تائين عشق هو. هوءَ انهن ٻنهي ڪانسواءِ اڌوري هئي. هن اٿوث پيار ڪرڻ بہ ٿي چاهيو تہ نرت ۾ پنهنجو پاڻ ڪي مجرائڻ بہ سندس دلي سَڌ هئي پر هاڻ جڏهن هوءَ ڪو نئون تتڪار سکي ڪيس ڏيکاريندي هئي تہ هو ڪن پل ڪانپوءِ بيزار ٿيڻ لڳندو هو. آهستي آهستي هو سندس فن ڪي ساراهائڻ بدران ڪيس نظرانداز ڪرڻ لڳو. ڪيس محسوس ٿيڻ لڳو تہ هاڻ سندس پريتم پنهنجي ئي چيل ڳالهين کان ڪن ٽار پيو ڪري. لهجن ۾ هاڻ بدگمانيءَ جو پاسو واضح ٿيڻ لڳو هو.

ڪجهہ وڏيڪ وقت گذريو تہ عشق ۾ ڏار اچڻ شروع ٿيا. انداز ۾ زاويا بدلجڻ لڳا. بحث مباحثو هاڻ اختلاف بڻجڻ لڳو. لهجا ڪؤڙاڻ پريا ٿيڻ لڳا. گذريل وقت جا واعدا چڪ پائڻ لڳا. هوءَ ڪيس سندس واعدا ياد ڏياريندي هئي تہ هو ڪيس زندگيءَ جي حقيقتن جو درس ڏيڻ لڳندو هو.

هوءَ ساز جي ڳالهہ ڪندي هئي تہ هو سامان جو ذڪر ڪرڻ لڳندو هو، هوءَ محبت جي انگ جي ڳالهہ ڪندي هئي تہ هو مهانگائيءَ جو روج پٽڪو ڪرڻ لڳندو هو. ٻنهي جي دنيا ڏار ڏار ٿيندي پئي وئي. هو پنهنجي دنيا ۾ گُم ٿي ويو. هُن نرت ڪي پنهنجو جيئڻ مرڻ بڻايو. هوءَ پنهنجي هنر ۾ پٽ ۾ ناميارِي ٿيڻ لڳي. دنيا جهان سندس نرت تي واري نياري هئي. هرڪو سندس ساراهہ ۾ مجتا ۾ رڌل هو. ڪيس ملڪي ۾ پرڏيهي ڪاڄن ۾ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪرڻ جي نيند ملڻ لڳي.

پيار ۾ عجيب ڪشمڪش هلندڙ هئي. انا ۾ ضد جا نانگ محبت جي اُڏمي ڪي ڏنگي زهر پِري رهيا هئا. هوءَ هاڻ اُداس گيتن تي نرت ڪندي هئي ۾ سندس نيڻ چوماسي جيان وسڪارو ڪندا هئا. هنن ٻنهي ۾ ناتو هاڻ رڳو پڇتاءُ ئي هو. پيار جر پيڙا جي پيڙ رهجي وئي هئي، پوءِ ان تي اوچتو پت

ڪڙي ڪئي وئي.

”تو منهنجي آهين انڪري تنهنجو فن بہ منهنجي اختيار ۾ آهي... آئون مالڪ آهيان تنهنجي هر لهر، هر چال جو...“

هوءَ وراڻيندي هئي، ”فن کي قيد نٿو ڪري سگهجي... نہ ڪنهن گهر ۾ ۽ نہ ئي ڪنهن سرحد ۾...“

هو طنز ڪرڻ لڳندو، ”هاڻ توکي پنهنجو پاڻ دنيا کي ڏيکارڻ جو شوق چڙهيو آهي؟... جسم جي انگن تي داد وصول ڪرڻ جو پور ٿيو آهي...“

”هو وراڻيندي هئي، ”تون لفظن سان سينگاريل شعرن تي داد وصول نٿو ڪرين؟...“ هو ڪاوڙ ۾ وڦلڻ لڳندو هو. ”بنهي مان ڪا هڪ چوند ڪر، آئون يا نرت...“ هوءَ من سنپاري منٿ ميڙ ڪندي هئي، ”مونکي ٻئي پيارا آهيو.“

هو حتمي فيصلو صادر ڪندو هو، ”هيءُ سموريون خرافات ڳچ ٿيون. هاڻ شريف عورتن وانگر ورتاءُ ڪر. نچڻ ڳائڻ اسان جهڙن شريف گهراڻن جو دستور ناهي...“

هوءَ ست ساري چوندي هئي، ”نيڪ آهي، پوءِ تون بہ شاعري ڇڏ.“

هو ٺهڪ ڏئي چوندو هو، ”آئون مرد ذات آهيان ۽ هيءُ منهنجو شوق ۽ فن آهي جيڪو قدرت مون کي عطا ڪيو آهي...“

هوءَ روئيندي چوندي رهي، ”مون کي بہ قدرت اِها ذات ڏني آهي! آئون نرت بنان مري وينديس. منهنجي سموري نزاڪت ۽ نفاست جنهن جو تون ديوانو هئين، ختم ٿي ويندي...“

سندس اندر جو مرد جاڳيو ۽ سندس هٿ اِهو چوندي انهيءَ نرت ڪندڙ مورتيءَ تي اُٿيو ۽ ڪيس اُتي ئي ڍير ڪري ويو ۽ سندس گهنگهرو ڏور تائين پکڙجي ويا.

”اڄ پڇتايان پيو جو تو جهڙي خراب عورت کي پنهنجو ڪيم!

خراب عورت!

خراب عورت.“

پريتم جي مُک مان ”خراب عورت“ جو لقب ٻُڌي هوءَ هڪ ولولي سان اُٿي ڪڙي ٿي. پنهنجي نيڻن ۾ واسو ڪيل ڳوڙهن کي سدائين لاءِ پنهنجي پوتيءَ ۾ جذب ڪري وکري ويل گهنگرو ميڙي هڪ نئين حوصلي سان پنهنجي مُرين ۾ ٻيهر ٻڌڻ لڳي....

چپڪ رہا ہے بدن پر لہو کا پیرہن

ٺن... ٺن... ٺن... واچ جي گھنٽيءَ جو آواز هر ڪنهن کي ڇاتيءَ تي ڪنهن ٺونشي جيان پئي لڳو. هڪ هڪ پل ڄڻ تہ صدين تي پکڙيل هو. غوث ٻائي عرف مُني ٻائي جي گهر سڀ ڪان وڏي ڪمري ۾ جڻ سڄو سارو پاڙو هيسيل ۽ ساهہ ٻوساٽيل موجود هو تہ نہ ڄاڻ ڪهڙي پل ڪهڙي خبر اچي نڪاءُ ڪري. سڄي پاڙي ۾ هرڪنهن جو ٽنڊڙ مُني ٻائي روزانو شام ڇهين ستين وڳي آفيس کان گهر پهچي ويندو هو پر اڄ رات جا يارهن پئي ٿيا ۽ سندس ڪو ڏس پتو نہ هو. مُني ٻائي جي وهي چڙهيل ماءُ لاڳيتو پار ڪدي رهي هئي.

سندس ماءُ کي شايد پروڙ پئجي ويا هئا تہ ايندڙ وقت ڪا ٻوائتي خبر آڻيندو، ڇاڪاڻ جو انهن ڏينهن ۾ ڪراچي روشنين جو اُهو شهر نہ رهيو هو جتي ٻانت ٻانت جون ٻوليون ڳالهائيندڙ، مختلف مذهبن جا پيروڪار ۽ هر قسم جي فرقي سان تعلق رکندڙ ٻنان ڪنهن ڊپ ڊاءُ جي گڏجي سڏجي رهندا هئا.

هيءُ مئي 1989 جي ڪراچي هئي جتي گذريل ڪجهہ سالن کان ڪنهن راڪاس اچي واسو ڪيو هو. سينيءَ جي ڄپ تي ڄڻ تہ رت لڳي چڪو هو ۽ هر ڪو ٻئي جي رت سان پنهنجي اُڃ اُجهائڻ لاءِ آتو هو. ڪمري ۾ موجود هرڪو رڳو مني ٻائيءَ جي خيريت سان واپسيءَ جو دعاڳو هو.

چوويهين ورهين جي مُني ٻائيءَ جو تعلق ماڊل ڪالونيءَ جي انهيءَ ڪٽنب سان هو جنهن ورهاڱي ڪانپوءِ مدراس ڇڏي ڪراچيءَ جي انهيءَ علائقي کي پنهنجو ٺاڪ ٻڌايو هو، سندن گهراڻو مالي طور تي پنهنجي پيرن تي بيٺل هو. اُن وقت جڏهن ڪنهن گهر ۾ وڏي سائيز جو ٽيليويزن،

ريفريجريٽر ۽ فون هئڻ وڏي ڳالهه هئي، تڏهن به اِهي سمورا اسم سندن گهر ۾ موجود هئا.

ٻئي ذڪر جوڳي ڳالهه اِها هئي ته هر ڪجهه عرصي ڪانپوءِ مُني پائيءَ جي گهر تي هڪ شاهاڻي قسم جو ڪاج ٿيندو هو جيڪو پاڙي جي سمورن ٻارن لاءِ وڏي وندر هوندو هو جنهن ۾ بهترين طعامن سان گڏوگڏ وي سي آر تي ٽي اندين فلمون ڏيکارڻ جو انتظام ڪيو ويندو هو يعني سڄي رات جو جشن.

مُني پائي پنهنجي نون پائرن پينرن ۾ انين نمبر تي هو ڪائنس پوءِ بلڪل سندس ئي جهڙي سنهڙي، ڊگهي قد، سانوري رنگ روپ ۽ تکن مهانڊن واري ننڍي پيڻ مني باجي هئي جنهن کي اسين سمورا ٻار ريکا سڏيندا هئاسين. مُني پائيءَ سان اُڪير انڪري به هئي جو هو ڊانس ڏاڍو پلو ڪندو هو. اسين سمورا ٻار حسرت ۽ خوشيءَ جي گاڏڙ ڪيفيت سان ٻنهي پاءُ پيڻ کي باليووڊ جي گانن تي خوبصورتيءَ سان ٿڙڪندي ڏسندا هئاسين. سندن پنهنجي گهر جي ڪنهن محفل جي ته ڳالهه ڇڏيو، پاڙي جي ڪنهن به ڪاج ۾ چار چنڊ ڪيئن لڳائيا آهن سو فن مُني پائي ۽ مُني باجيءَ کي اُتم ايندو هو. هر ڪاج ۾ سندن ڊانس ڪرڻ لازمي هوندو هو. ڊانس؟ آهي نه اچرج جي ڳالهه.

آمريت جي آڙ ۾ مذهب ڪارڊ، ڪلاشنڪوف ۽ هيروئن ڪلچر جو ٻج ته ڇٽجي چڪو هو پر انهن کي پچي راس ٿيڻ ۾ اجان وقت لڳڻو هو. مُني پائيءَ جي اجان ڪو سال کن اڳ مڱڻي جي رسم ٿي هئي جنهن ڪانپوءِ هو خوشيءَ وچان ڪپڙن ۾ نه پئي ماپيو. جيئن ته هو هرڪنهن جي خوشي غميءَ ۾ سدائين اڳيرو رهندو هو تنهنڪري سندس مڱڻيءَ ڪانپوءِ اسانکي سندس وهان جو انتهائي اُڪير سان انتظار هو.

اسانجو پاڙو سنڌي، پنجابي، پختون ۽ اڙدو ڳالهائيندڙن تي ٻڌل هو. جڏهن ته هڪ ڪشميري ڊاڪٽر به اُتي ٿانيڪو هو ۽ پنهنجي ڪلينڪ هلائيندو هو. ڪيڏي نه بي فڪريءَ وارا ڏينهن هئا اُهي. ڪنهن کي به پتو ئي نه هوندو هو ته ڪير ڪهڙي ٻولي ٿو ڳالهائي يا سندس تعلق ڪهڙي فرقي سان آهي ۽ نه ئي وري ڄاڻڻ چاهيندو هو جو اِهي سموريون فضول ڳالهيون ليکبيون هيون. آمريت جتي ٻيون ڪيتريون ئي مصيبتون هن ملڪ تي

مڙهيون، اُتي ايم ڪيو ايم پڻ جوڙي وئي ۽ سگهو ئي ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ ان جو ڏاڪو ڄمي ويو. ٿورڙي ئي عرصي ڪانپوءِ ٻوليوارن فسادن کي ٽيڪو ڏيڻ لاءِ پنجابي پختون اتحاد (پي پي آءِ) پڻ قائم ٿي. تڏهن هترادو ريت اِهو احساس ڏياريو ويو تہ اوسي پاسي رهندڙ جيڪي سالن، ڏهاڪن کان هڪٻئي سان گڏ رهيا پئي، اصل ۾ ڪنهن نہ ڪنهن حوالي سان هڪٻئي کان ڌار ۽ مختلف آهن. ڏسندي ئي ڏسندي سياءُ بدلجي ويا. جن گهرن ۾ روز بنان ڪنهن هٻڪ جي وڃڻ ٿيندو هو، اوڏانهن وڃڻ کان پير پاڻ مرادو رڪجڻ لڳا. گهرن اڳيان نهيل چبوترن يا اگٽن تي، جتي سموري پاڙي اوڙي وارا ڪچهريون ڪندا هئا، هاڻ ويران رهڻ لڳا. رستن ۽ گهٽين سرحدن جو روپ اختيار ڪيو. پاڙي جا بزرگ جيڪي پهرين ستيتاليهن ۽ ايڪتهر وارن ورهاڱن ۽ لڏپلاڻ وگهي گهايل هئا، ملڪ جي انهيءَ ٽين ورهاڱي تي هيسجي ويا هئا. روزانو درجنن جي ڳاٽيتي ۾ ماڻهن جو ڪنهن نہ ڪنهن پارٽيءَ هٿان مارجي وڃڻ معمول بڻجي چڪو هو.

انهيءَ دوران ڪرفيو لڳڻ هڪ عام ڳالهہ ٿي وئي هئي. ڪرفيو ۾ ٿورڙي ڍڪڙي ٿيڻ تي علائقي واسين سان اڻنگو ورتاءُ ڪرڻ رياستي ادارن جو پسنديده مشغلو بڻجي ويو هو. فوجين سان ڀريل ٽرڪ رات ڏينهن علائقي ۾ ڏوڪيندا رهندا هئا. انهيءَ هوندي بہ مرتين ۾ واڌ پئي آئي ۽ سياسي پارٽين جي ايذاءُ گهرن ۾ بہ.

رات جي اونداهيءَ ۾ سمورين پارٽين ۾ اٽجاتل ماڻهن طرفان هٿيارن جي منصفاڻي ورهاست ٿيندي هئي. ايستائين جو لاشن جا گهاوَ ڏسي اِهو اندازو لڳائي سگهبو هو تہ مارڻ وارا ڪهڙي قوميت جا ٿي سگهن ٿا. هر پارٽيءَ جي غنڊن ايذاءُ گهرن ۾ تشدد ڪرڻ جا مختلف اوزار گڏ ڪري رکيا هئا. رات جي پهر ۾ گهران نڪرڻ موت کي دعوت ڏيڻ برابر هو، انڪري شام کان ئي ماڻهو پنهنجي گهرن ۾ واڙجي ويندا هئا.

مُني پائيءَ کي ڪيترائي ڀيرا وقت سر گهر پهچڻ جو چتاءُ ڏنو ويو هو ۽ خاص طور تي پي پي آءِ واري علائقي مان لنگهي اچڻ کان پاسو ڪرڻ جو بہ چيو ويو هو پر جائي ڄم کان شريف مُني پائي انهيءَ ڳالهہ تي سدائين وڏا ٽهڪ ڏئي چوندو هو، ”اڙي يار! اسانجي ڪنهن سان دشمني آهي جو هيءَ

معصوم جان کسيندا.“

پر رات جي انهيءَ پهر تائين به مُني پائيءَ جي گهر نه موٽڻ تي هر ڪنهن کي پڪ ٿي وئي ته هو به انهيءَ خوني دور جو ڪاچ بڻجي ويو آهي ڇاڪاڻ جو اجان به ڏينهن اڳ ئي سالن کان اسانجي گهٽيءَ جي صفائي ڪندڙ هڪ مسيحي جماندار کي فقط انهيءَ ڪري قتل ڪيو ويو هو جو هو پنجابي ڳالهائيندو هو، سو حساب ته چڪتو ٿيڏو ئي هو. سڄي رات پورو پاڙو مُني پائيءَ جي گهر تي صبح ٿيڻ جو اوسيئڙو ڪندو رهيو.

روشنيءَ جو پهريون ڪرڻو پوندي ئي پاڙي جا ڪجهه بزرگ پي پي آءِ جي علائقي ۾ گهڙيا جيڪو رستي سان لڳو لڳ ئي هو. ڪنهن نيڪ ماڻهو کين ڄاڻ ڏني ته اڳتي ميدان ۾ مٽيءَ ۾ پيوت ٿيل هڪ ٽلهو متارو لاش پيل آهي.

مُني پائي جيئن ته سنهڙو سپلڪڙو هو انهيءَ ڪري سيني کي ڄڻ ته ڪجهه اطمينان ٿيو ته هيءُ شايد ڪو ٻيو اڀاڳو هجي. رت ۾ ٻڏل لاش ڦوڪجي چڪو هو ۽ جسم تي جتي ڪٿي سگريٽ جا ڏنڀ ڏنل هئا. ڳچيءَ ۾ هڪ رسي ٻڌل هئي جنهن کي شايد ڪنهن گاڏيءَ سان ٻڌي روح نڪرڻ تائين گهيليو ويو هو. گهيلڻ سبب بُت تي ڪپڙن جون ڪجهه ليڙون ئي بچيون هيون پر چيلهه تي چمڙي نالي ڪا به شئي نه هئي. چهرو گپ ۾ ستيل هو پر مُني پائي جي تازو ئي ٿيل مڱڻيءَ واري منڊي سندس شهادت واري آڱر ۾ جرڪي رهي هئي.

خدا ڏسي پيو

جولاءِ ۽ آگسٽ جا مهينا چوماسي جا مهينا ليکيا ويندا آهن. ساهه مونجهائيندڙ ٻوسٽ ۽ تاءُ واري ماحول ۾ هڪبئي پويان اهڙا اهڙا دل ڦسائيندڙ واقعا پيش آيا جو بي اختيار دل مان ڪوڪ نڪتي! ماڻهو جڏهن چوندا آهن ته، ”خدا ڏسي پيو“ ته سوچڻ لڳندي آهيان ته... ”ڇا پيو ڏسي؟“ ايئن به ناهي ته ڪو پاڪستان ۾ اهڙا واقعا ڪا اڻٿيڻي ڳالهه هجن... ايا ڳ ڇئبو جو گذريل ڪيترن ئي سالن کان دنيا ۾ هاڻ اسانجي سڃاڻپ اهڙن ئي حوالن سان ٻڌجي وئي آهي پر جيئن ته اسين بنيادي طور تي بيحس ٻڌجي ويا آهيون انڪري لڄ ۽ پشيمانيءَ جو احساس پڻ وڃائي چڪا آهيون.

جولاءِ جي آخري هفتي ۾ سوشل ميڊيا تي ٻارهن ورهين جي رضوانا جو گهايل ۽ ڪٽيل سٽيل معصوم چهرو ڏسي محسوس ٿيو ته ڄڻ انهيءَ ٻارڙيءَ ڪي ڪنهن وحشي ٻگهڙ پنهنجو گرهه بنائڻ لاءِ پنيوڙيو آهي. اکين جي چوڌاري ڪارا دائرا سُڄيل هئا ۽ انهن سان اکين جا ڇپر ايڏي بيدريءَ سان لوڙيا ويا هئا ڄڻ سندس دوڏا ڪڍي ٻاهر ڦٽو ڪرڻ جو پهه ڪيل هجي. مٿي جا وار جتان ڪٽان اُکڙيل هئا ۽ اُتي پيل ڪُٻ ٻنهه چٽا هئا. سُڪل پراڻا گهاوَ سڄي رام ڪهاڻي ٻُڌائي رهيا هئا ته اِها ڪاروائي ڪو هڪ اڌ ڏينهن جي نه پر مهينن کان هلندڙ هئي.

انهيءَ ٻارهن ورهين جي نينگريءَ سان اِهو ورتاءُ ڪنهن جهنگلي جانور يا ڪنهن اڻسڌريل انسان نه پر هڪ پڙهيل ڳڙهيل جوان عورت، جيڪا ٻن ننڍي ڄمار وارن ٻچن جي ماءُ ۽ هڪ سول جج جي زال هئي ڪيو هو. ايڏو ڏڪار پريو وحشياڻو تشدد هڪ معصوم غريب نينگريءَ تي؟

غربت جي سٽيل رضوانا پنهنجو ٻالڪپڻ ۾ گهر ٻار ڇڏي اسلام آباد انهيءَ عورت جي مددگار بڻجي سندس ايذاءُ گهر آئي هئي. ننڍپڻ زندگيءَ جو اُهو حصو هوندو آهي جڏهن ٻار کي پنهنجي ماءُ، پيءُ جي حفاظت سان گڏوگڏ سندن پيار ۾ پاٻوهه جي به سخت ضرورت هوندي آهي. ٻارهن ورهين جي نينگرين جو بلوغت شروع ٿيڻ وارو وقت هوندو آهي جنهن دوران ماءُ کان وڌيڪ ڪو به سندس ڀيچي ۾ مددگار نٿو ٿي سگهي. جلاد صوميا عاصم پاڻ به ته انهيءَ چمار مان لنگهي هوندي. ڇا عورت هئڻ ناتي ڪيس انهيءَ ٻارڙيءَ سان ايتري به همدردي محسوس نه ٿي جو گهر ۾ گهر ڀاتين کان پريرو رضوانا سان اهڙي غير انساني ورتاءُ کان پاسو ڪري ها؟ روزانو رضوانا تشدد ڪيس جي حوالي سان خبرون آيون ٿي ۾ هر ڀيري اچرج جو گراف وڌندو رهيو ته ڇا ڪا عورت ايتري ڪنور، ظالم ۾ وحشي به ٿي سگهي ٿي جيتري صوميا عاصم بڻي آهي. رشوانا جي بُت تي ٻاهريان گهاوَ ته واضح آهن پر تشدد سبب آيل اندروني گهاوَن جون رپورٽون ڏسي من ڪنبجي ٿو وڃي. رضوانا جي ماءُ موجب، رضوانا جي مٿي ۾ آيل گهاوَن ۾ ڪينئان پئجي ويا آهن ۾ جسم جي ڪنهن به عضوي کي ڇُهڻ تي هوءَ دانهون ڪوڪون ٿي ڪري. اوهين پاڻ اندازو لڳايو ته ڪيترا بي رحماڻا نونشا، ڏک ۾ تڏا رضوانا جي ڀاڱي ۾ آيا هوندا جو سندس ڦڦڙ به شديد انفيڪشن جو شڪار ٿيل آهن. هتن جون آڱريون جتان ڪتان ٽٽل آهن. اچرج جي ڳالهه آهي ته انهيءَ عورت کي ڪهڙي ڳالهه جي نراسائي هئي جيڪا انهيءَ معصوم نينگريءَ تي وحشياڻو تشدد ڪري ٿي ڪديائين.

هاڻ وڌون ٿا سنڌ جي علائقي راڻيپور ڏانهن. پيري مريدي ۾ مذهب جي اوڍاڻي ۾ ڊارڪ ويب ۾ پيڊيوفيليا جهڙن پوائنتي ڏوهن جو پاڪستان ۾ ٿيڻ ڪا اچرج جهڙي ڳالهه ناهي. گذريل ڏينهن ۾ هر ٽيليويزن چينل، سوشل ميڊيا ۾ پرنٽ ميڊيا تي ڏهن ورهين جي من موهڻي فاطما جي دل ڪنبائيندڙ ويڊيو جو ذڪر ٿيندو رهيو جيڪا راڻيپور درگاهه جي ”پير اسد شاهه“ جي گهريلو نوڪرياڻي هئي. فاطما جي مرتئي کي طبعي سڏي ڪيس رات پيٽ ۾ دفنايو ويو پر پلو ٽئي سي سي ٽي وي فوٽيج ايجاد ڪندڙن جو جنهن ڪري پير اسد جو ڏوهه وائکو ٿي پيو.

جتي فاطما نون مهينن تائين پير اسد جي هوس جو نشانو بڻجندي رهي اُتي پير جي زال حنا شاهہ جو بدترين تشدد پڻ برداشت ڪندي رهي. ڏهن ورهين جي نينگريءَ سان اُهو شخص زوري لڄالٽ ڪندو رهيو جيڪو پنهنجي مريدن تي دم درود ٿو ڪري، مذهب جو نيڪيدار آهي ۽ پنهنجي علائقي جو اثررسوخ وارو فرد آهي، جنهن تي آڱر ڪڻڻ جڻ پنهنجي موت ڪي دعوت ڏيڻ آهي.

پير اسد جي ڀيانڪ ۽ ڪرپ ڏيارينڊڙ عمل ۾ سندس زال نہ رڳو شريڪ پر ساٿاري پڻ هئي. هت بہ غربت ئي معصوم فاطما ڪي انهيءَ دکدائڪ پڄاڻيءَ تائين رسايو. نازڪ ٻارڙيءَ سان اِهو پوائنٽو عمل هڪ ڊگهي عرصي ڪان جاري هو ۽ جنهن ڏينهن ٻارڙيءَ جو مرتيو ٿيو، ڪيس تشدد سان گڏوگڏ جنسي ڏاڍائي جو نشانو پڻ بڻايو ويو هو. ميڊيڪل بورڊ پنهنجي شروعاتي رپورٽ ۾ ان جي تصديق ڪئي آهي. پير اسد شاهہ جهڙي پيدوفائل جي حويليءَ مان ڪيترين ئي ٻين اهڙين ٻارڙين بازياب ڪرايون ويون آهن جيڪي ساڳي نوعيت جي عذاب مان گذّري رهيون هيون، جن مان فاطما لنگهي هئي.

بہ ڏينهن اڳ ميانواليءَ ۾ هڪ ٻيو واقعو پيش آيو آهي جنهن ۾ هڪ سهڻي ڊاڪٽرياڻيءَ ڪي پنهنجي ڪزن سان وهان ڪرڻ ڪان انڪار ڪرڻ تي سندس سڳي پيءُ گوليون هڻي زخمي ڪري وڌو تہ بي ساختي طور چپن تي هيءُ مصرعو اچي ويو...

اپنے ہی خون سے اس طرح عداوت مت کر

جيئن تہ ڊاڪٽر سدرا جي نالي مان ئي پتو ٿو لڳي تہ هوءَ هڪ پڙهيل ڳڙهيل ڇوڪري هئي ۽ سندس پنهنجي پيءُ ڪي بس رڳو ايتري ئي منٽ ميڙ هئي تہ ڪيس ڪنهن اڻپڙهيل ڄٽ حوالي نہ ڪيو وڃي، رڳو انهيءَ ڪري جو هو سندس مائٽ آهي. ڊاڪٽر سدرا ڪي ڳڻتي جوڳيءَ حالت ۾ ڪمبائينڊ ملٽري اسپتال راولپنڊي آندو ويو جتي ڏهن ڏينهن تائين زندگي ۽ موت جي ڪشمڪش ۾ رهڻ ڪانپوءِ گذاري وئي. پيءُ پنهنجي ئي اولاد جي مٿي ۽ ٽنگن تي گولين جو وسڪارو ڪري ڇڏيو هو. جيڪڏهن سدرا ڪي ٻيهر حياتي موٽي بہ ملي ها تڏهن بہ هوءَ ٻڌڻ جي صلاحصيت ڪان محروم هجي ها ۽ هلڻ

ڦرڻ کان معذوري پڻ سندس پاڳ رهي ها. هاجو اِهو آهي تہ اهڙو بيرحم ورتاءُ کنهن بہ ٻئي هٿان نہ پر اُن شخص هٿان ٿيو جيڪو سدرا جو پيءُ هو.

هن بيمار معاشري جا هيءُ فقط ٿي حادثا آهن جيڪي اسانجي نظرن ۾ اچي ويا آهن نہ تہ نہ ڄاڻ ڪيترين ئي فاطمائون، رضوانائون ۽ سدرائون هونديون جيڪي اهڙن ڪريہ ڏياريندڙ ظلمن جو شڪار ٿي مٽين مٿيءَ هيٺان خاموشيءَ سان ڏٽجي چڪيون هونديون.

هو ۽ آئون

هو ۽ آئون پهرين ڪلاس کان ساڳئي اسڪول ۾ پڙهياسين. آئون انگلينڊ کان پنهنجي موٽتوري مڪمل ڪري ان شهر ۾ آئي هئس جڏهن ته هو شروعات کان ئي ان شهر جو رهواسي هو. اسان ٻنهي ۾ سنجيدگي، حقيقت پسندي ۽ قلهور جا عنصر هڪجهڙا هئا. انهيءَ ڪري نصابي ڪتابن کانسواءِ ٻيا ڪتاب پڻ اسان جي اڀياس هيٺ رهيا انڪري اسين ٻئي پاڻ ۾ ڳنڍجي وياسين. هو پنهنجي ٻن ڀينرن جو سڪيلڊو وڏو ڀاءُ هو ۽ آئون پنهنجي ٻن وڏين ڀينرن جي ننڍي ڀيڻ. سندس ماءُ پيءُ سرڪاري ڪاليج ۾ اُستاد هئا جڏهن ته منهنجا ماءُ پيءُ برطانيا مان پي ايچ ڊي ڪرڻ ڪانپوءِ هڪ غير سرڪاري اداري ۾ ڊائريڪٽر هئا. اسين ٻئي ٿوري گهڻي فرق سان هڪجهڙن گهراڻن سان تعلق رکندڙ هئاسين، جتي علمي ۽ ادبي ماحول اسان جي ٻين دوستن جي گهرن کان مختلف هو.

اسان جو اسڪول جيئن ته ڪيمبرج سسٽم تحت هو انڪري انهيءَ ۾ ڪو شڪ ناهي ته اڪثريت خوشحال گهراڻن جي ٻارن جي ئي هئي. هو ۽ آئون انهن ٻارن ۾ ڳٽيا ويندا هئاسين جن ڪي حقيقي طور تي انهيءَ ڳالهه جو احساس هو ته اسان جي مائٽن کهڙين ڏکين حالتن ڪي منهن ڏيندي اهڙين مهانگين اسڪولن ۾ اسانجو خرچ پڪو ڪنيو هوندو. انهيءَ تلخ حقيقت جو ادراڪ ئي هو جنهن سبب اسين ٻئي اسڪول جي نصابي ۽ غير نصابي سرگرمين ۾ سدائين اڳيرا رهياسين. هو والي بال جو سرواڻ رانديگر هئڻ

سان گڏوگڏ بهترين مقرر به هو. ڪيترائي ٻلا سندس ڳچيءَ جو هار بڻجي چڪا هئا. مون کي جيئڻ ته الرجيءَ جو مسئلو هو انهيءَ ڪري راند روند جو ڪيتر ڇڏي پيانو ۽ سنگيت جي تعليم پرايم جيڪا ڇئن سالن جي هئي. آئون پنهنجي پسنديده سنگيتڪارن بيٿوون ۽ موزارٽ جون ڌنون انتهائي اُڪير سان وڄائيندي هئس.

اسانجو نسل ملينيم جي پئداوار آهي ۽ گلوبل وليج جي دور ۾ سمارٽ فون ۽ انٽرنيٽ هر ٻار جي هٿ ۾ سڄي ساري دنيا ڏئي ڇڏي آهي. اسان ٻنهي جي شايد اِها ذهني اختراع هئي ته اسين مالي لحاظ کان بيشڪ پنهنجي ڪلاس پيچين جو مقابلو نه ڪري سگهون پر ذهني قابليت ۾ ڪانئن گهڻو اڳتي آهيون ۽ اسان جي انهيءَ قابليت تي اسان جا ڪجهه دوست نه رڳو شاڪي هئا پر اسان جي حوصلي افزائي ڪرڻ کان به نه ڪيٻائيندا هئا. اِهو اسڪول جو سونهري دور هو. اسان جا ڪجهه دوست سڄو هفتو اسڪول وڃڻ جو عذاب لاهڻ لاءِ ويڪ اينڊ تي اڪثر پارٽي ڪندا هئا جڏهن ته هو ۽ آئون اڪثر اڪيلي سر ڪو چڱو ڪتاب پڙهڻ کي ترجيح ڏيندا هئاسين ۽ اهڙين ويڪ اينڊ پارٽين تي وڃڻ کان لنوائيندا هئاسين.

اسان ٻنهي کي پختو ويساهه هو ته اي ليول ڪرڻ ڪانپوءِ اسان کي پرڏيهه جي ڪنهن بهترين تعليمي اداري ۾ اسڪالرشپ سوڌي داخلا ملي ويندي. انڪري اي ليول جي پهرين سال کان ئي اسين سمورا دوست ڪنڌ جوڙي مختلف يونيورسٽين ۾ داخلا جا فارم ڀرڻ لڳي وياسين پر ڪنهن به پرڏيهي تعليمي اداري ۾ داخلا کان اڳ انگريزي ٻوليءَ ۾ مهارت جي سرٽيفڪيٽ (ELTs) جو ٽيسٽ ڏيڻ لازمي هو جنهن جي في غير معمولي طور تي تمام گهڻي هئي. بهرحال ٽيسٽ ڏنوسين ته انجو اسان ٻنهي جو نتيجو مختلف آيو. هو انگريزي ٻوليءَ جي چڱي موچاري ڄاڻ هئڻ باوجود پهريون ڀيرو ٽيسٽ ۾ گهربل مارڪون حاصل ڪري نه سگهيو پر ٻيهر ڳري في جمع ڪرائڻ تي بهترين مارڪن سان پاس ٿي ويو. اِهو سندس زندگيءَ ۾ تعليمي واپار جي واپارين هٿان پهريون جهٽڪو هو. اسان جا سمورا دوست جيڪي ڪلاسن ڇڏڻ ۽ ويڪ اينڊ تي ڪنهن ساهيءَ ڪانسواءِ پارٽيون ڪرڻ کان ڪڏهن به غافل نه هوندا هئا، اسان کي روزانو دنيا جي بهترين يونيورسٽين ۾

داخلا ملڻ جون خوشخبريون ٻڌائي رهيا هئا. جيئن ته اسان ٻنهي جو مقصد رڳو داخلا حاصل ڪرڻ نه هو پر نصابي ۽ غيرنصابي سرگرمين ۾ غير معمولي ڪارڪردگيءَ تي اسڪالرشپ حاصل ڪرڻ يا فيءَ ۾ ڪٽوتي پڻ هو، انڪري ڪنهن اهڙي تعليمي اداري ۾ داخلا جي اطلاع جا منتظر هئاسين، جيڪو اسان جي قابليت کي ترجيح ڏئي.

اي ليول جي فائنل ۾ اسان ٻنهي اي اسٽار حاصل ڪيا هئا. سون تي سهاڳو اِهو ته ڪيس پنهنجي رانديگر ۽ مقرر هئڻ تي ناز هو ۽ مون کي سنگيت جي تعليم تي. سوچيوسين ته هاڻ اولهه جي يونيورسٽين جا در اسان تي کلڻ کان ڪير به روڪي نٿو سگهي پر جيئن جيئن ڏينهن لنگهي رهيا هئا، خدشا ۽ وسوسا اسان ٻنهي کي ديڄاري رهيا هئا.

خدا جي قدرت ئي چئبي جو اسان جا اُهي ڪلاس پيپچي، جن کي ”اي“ ۽ ”يو“ گريڊ پلئه پيا هئا، سي سيئي هڪ هڪ ڪندا دنيا جي بهترين ۽ مهانگن تعليمي ادارن ۾ سولائي سان داخلا ۽ ويزا حاصل ڪندا ويا. اسانجي هڪ انتهائي پياري دوست جنهن کي پڙهائي سان ڪا دلچسپي نه هئي ۽ سڄي سال دوران به مهينا ئي اسڪول آئي هئي، سندس سميت اسان سيني جو خيال هو ته اي ليول ڪرڻ ڪانپوءِ وٽس فقط گهر وسائڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪي به نه هوندو، پڻ انگلينڊ جي هڪ مهانگي ترين يونيورسٽيءَ ۾ پنهنجو فائونڊيشن ڪورس ڪرڻ لاءِ تيار ٻيني هئي.

فيئرويل تي معصوميت سان چيو هئائين ته پڙهڻ ڪنهن کي آهي يار! موم ڊيڊ چيو آهي ته انگلينڊ جي ڊگريءَ ڪري سنگ بهتر ايندا. پاڳ ۽ پئسي جي طاقت اسان ٻنهي جي ذهني ۽ شعوري برتريءَ کي مات ڏئي ڇڏي هئي. هو انتهائي نراس هو ۽ آئون انتهائي بيچين ته اسان جو ڇا ٿيندو. ڪنهن به تعليمي اداري مان ڪا اطمينان جوڳي وراڻي نه آئي هئي ۽ اسڪالرشپ ڪانسواءِ جڏهن فِي ۽ رهڻ سهڻ جي خرچ جو ڪاٿو ڊالرن يا پائونڊن مان پاڪستاني رپين ۾ ٿي لڳايوسين ته ڏينهن ڏني جا تارا ٿي نظر آيا.

ميرٽ ڪهڙي باغ جي موري آهي ۽ انجي وقعت ڇا آهي! هاڻ اسان ٻنهي کي انهيءَ ڳالهه جو پتو لڳي چڪو هو ته دولت ڪانسواءِ نه اوهان جا تارن پريا گريڊ ڪنهن ڪم جا آهن ۽ نه ئي اوهانجا غيرنصابي ڪارناما. هو آهستي

آهستي پنهنجي ئي هٿن سان پنهنجا سپنا لوٽڻ لڳو ڇاڪاڻ جو سندس گهر جون حالتون اسڪالرشپ کانسواءِ پرڏيهه ۾ تعليم حاصل ڪرڻ جوڳيون نه هيون. انڪري هُن لاهور جي هڪ نامي گرامي تعليمي اداري ۾ داخلا وٺڻ جي پتوڙ شروع ڪري ڏني ۽ آخرڪار ان ۾ سوپارو به ٿي ويو. منهنجي ماءُ پيءُ انهيءَ شرط تي ته آئون نوڪري ڪري پنهنجو خرچ پکو پاڻ ڪمائيندس، منهنجي داخلا ڪينيڊا جي ميٽروپوليٽن يونيورسٽيءَ ۾ ڪرائي، جنهن جي في عالمي معيار جي ٻين يونيورسٽين جي ڀيٽ ۾ اڌ هئي ۽ ٻيو ته منهنجي ماسي پڻ اُتي ٽانيڪو هئي. اسين ٻئي ڪينيڊا ۽ لاهور وڃڻ کان اڳ پاڻ ۾ گڏياسين. سندس آڏو مصلحت طور پاڪستان مان ڀاڄ ڪائڻ واري ڳالهه لڪايم جو سندس پيڙا سمجهيم ٿي. تعليم واسطي پرڏيهه نه وڃي سگهڻ جو ڏک سندس چهري تي واضح هو. هو اسان سمورن دوستن ۾ سڀ کان وڌيڪ ذهين، دورانديش ۽ صلاحيت ڀريو هو. اِها سندس نه پر نظام جي شڪست هئي جنهن ۾ دولت کانسواءِ ڪنهن ٻئي خوبيءَ کي پرکڻ جو گُڻ ئي نه هو.

ڪينيڊا پهتيس ته اسانجي ڳالهه ٻولهه وقت گذرڻ سان گهٽ ٿيندي ٿيندي بنهه ختم ٿي وئي، سواءِ انسٽاگرام تي هڪٻئي جون اسٽوريون ڏسڻ/ پڙهڻ جي. هڪ مهيني اندر ئي مون کي احساس ٿي ويو ته هتي زندگي انهيءَ کان بنهه مختلف آهي جيڪا فلمن ۾ نظر ايندي آهي.

هڏ ڇيريندڙ ٿڌ هجي يا برفباري، ٿڌي هوائن جا جهوٽا هجن يا ڳڙهن واري برسات، هر حال ۾ ٿي بسون بدلائي يونيورسٽي ۽ ڪم تي ويندي گهر جو سڪون ياد ايندو هئم.

هت اچڻ کان اڳ سوچيندي هئس ته سنگيت جو هڪ مضمون به رکنديس يا ڪنهن ڪميونٽي سينٽر ۾ پيانو جا ڪلاس وٺنديس پر ڏيڍ سال لنگهڻ وارو هو ۽ پيانو وڄائڻ لاءِ ڪو ادارو نظر ئي نه آيم. اهڙي صورتحال ۾ مونکي پنهنجي پيانو اُستاد جي ڪلاس ڏاڍي ياد ايندي هئي ۽ منهنجون آڱريون پاڻ مرادو هوا ۾ ڦڙڪڻ لڳنديون هيون. بيمار ٿيڻ تي امان جي هٿن جا تيار ڪيل طعام ۽ بابا جي پرگهور ياد ايندي هئي. اڪيلائپ ۾ اُهي سموريون محفلون ۽ انهن ۾ شريڪ ٿيندڙ اُهي سڀ پنهنجا ياد ايندا هئا جن جون ڏاهپ ڀريون ڳالهيون ٻڌي وڏي ٿي هئس.

وطن عزیز نہ تھا سیف، پھر بھی غربت میں
کسی کو دل سے بھلانے کا حوصلہ نہ ہوا

جھڙي چئجي تهڙي ويراني هئي. ٽين سيميسٽر دوران مون تي الرجيءَ جو شديد حملو ٿيو، جنهن سبب پنهنجا ٻہ امتحان ڏئي نہ سگهيس پر وقت سر پنهنجي پروفيسرن کي انجو اطلاع ڪري ڇڏيو هئم. طبيعت گهڻي خراب ٿي تہ ڊاڪٽر کي ڏيکارڻ مناسب ليکيم. انشورنس هوندي بہ ڊاڪٽر کان ٻہ ڏينهن پوءِ جو وقت مليو. ٻہ بسون بدلائي ۽ هڪ ڪلاڪ جو سفر ڪري جڏهن ڪلينڪ پهتيس تہ پتو لڳو تہ اڄ تہ ڊاڪٽر آيو ئي ناهي. ان وقت پنهنجي علائقي جا ڊاڪٽر ياد آيا جيڪي مريضن کي چڪاسڻ لاءِ هر وقت ڪلينڪ تي ملي ويندا هئا.

طبيعت بحال ٿي تہ انهيءَ ويساهہ سان يونيورسٽي پهتيس تہ منهنجا ٻئي رهجي ويل امتحال هاڻ ورتا ويندا پر اِهو ڄاڻي پيرن هيٺان زمين کسڪي وئي تہ مونکي انهن ٻنهي امتحانن لاءِ ٻيهر رجسٽريشن ۽ پوري سيميسٽر جي في ڏيڻي پوندي. ڪوآرڊينيٽر ۽ پنهنجي پروفيسرن کي اِي ميلون ڪيم جن جي ورندي تہ آئي پر مسئلي جو حل نہ نڪتو.

انتظاميا آڏو سڄي ڳالهہ رکيم ۽ پنهنجي مالي حالتن جي ڄاڻ ڏنم پر ڪو نتيجو نہ نڪتو. ڪاوڙ تہ گهڻي آئي تہ اسان جهڙن ٽين دنيا جي ملڪن جي نوجوانن جي مجبورين جو هيءُ سامراجي ملڪ فائدو وٺي رهيا آهن پر حالتن جي مجبوريءَ روئڻ بہ نہ ڏنو. ”پري جي هرڪ اکيون ڪيرو ڪري“ واري چوڻي هاڻ سمجهہ ۾ اچڻ لڳي.

پاڻ سان پيش آيل وارتا لکڻ لاءِ اڄان انسٽاگرام کوليو ئي مس هئم جو سندس پوسٽ تي نظر پئجي ويم. پنهنجون سموريون ڏکيائيون وساري سندس کهاڻي پڙهندي انهن پيڙائن جو ڪاٿو لڳائڻ لڳيس جيڪي هو ڪيترن ئي سالن کان سهي رهيو هو. پنهنجي تعليم اڌوري ڇڏي هو لاهور کان واپس اسلام آباد موٽي آيو هو ڇاڪاڻ جو فيءَ ۾ ٽيل ڳاٽي ٽوڙ واڌ سندس پهچ کان ٻاهر هئي. ڪيترن ئي مهينن تائين هو نفسياتي ڪشمڪش جو شڪار رهيو پر سگهو ئي احساس ٿيس تہ ان ريت هو نہ تہ پنهنجو پاڻ سان ڪا ڀلائي پيو ڪري ۽ نہ ئي پنهنجي والدين ۽ پيئرن سان. هٿ هٿ تي ڌري ويهڻ

ڪان بهتر سمجهيائين تہ پنهنجي پيئرن کي اعليٰ تعليم ڏياري. جنهن اسڪول ۾ اسان سيني پڙهيو هو، اُتي هُن پڙهائڻ شروع ڪيو. اسڪول انتظاميا پنهنجي انهيءَ لائق شاگرد جي حالتن ۽ صلاحيتن ڪان واقف هئي انڪري ڪيس گريجوئيشن لاءِ اسڪالرشپ ڏيڻ جو انتظام پڻ ڪيائين.

سندس داستان پڙهي ساڻس ڳالهائڻ لاءِ ڪيس فون ڪيم. ڪجهہ سندس ٻڌيم تہ ڪجهہ ڪيس پنهنجي ٻڌايم. ڪجهہ هُن آٿت ڏني تہ ڪجهہ مون سندس حوصلو وڌايو. گذريل ڏينهن تي ٿهڪ بہ ڏناسين تہ ايندڙ ڏينهن بابت پريشان پڻ ٿياسين.

بهرحال زندگيءَ اسان ٻنهي کي گهڻو ڪجهہ سيکاري ڇڏيو آهي. اسين ٻئي گهڻ ۾ گهڻ ان تي تہ يڪرائپ هئاسين تہ ڪوبہ معاشرو مڪمل طور تي خراب يا سٺو نٿو هجي. اسان ٻنهيءَ جي لهجن ۾ ڪوڙائڻ سان گڏوگڏ اميد جو ڪرڻو بہ موجود هو. سندس گريجويشن ڪرڻ ڪانپوءِ ماسٽرس واسطي پرڏيهہ جي اسڪالرشپ حاصل ڪرڻ جا سپنا ڏسڻ ۽ منهنجو پنهنجن ڪان پريرو هوندي بہ نيون واٽون ڦلهورڻ اُتساهيندڙ ڳالهہ ئي تہ هئي. خواهشون، پوريون نہ ٿي سگهندڙ سڌون، اُميدون ۽ مسئلا ٻنهي جا هڪجهڙا هئا، بس فرق رڳو ايترو هو جو آئون پرديس ۾ هئس ۽ هو ديس ۾.

ٻن صدين جو مسافر

فلاءِ جناح جي اُڏام P6759 ڪراچيءَ واسطي تيار آهي. مسافرن کي منٿ آهي تہ گيٽ نمبر.....

اسلام آباد ايئرپورٽ تي اعلان ٻڌندي ئي ماضيءَ کان ٻيهر حال ۾ موٽڻو پيو. ٻنپهرن تائين اندازو ئي نہ هو تہ ڪو ايئن اوچتو ڪراچي وڃڻو پوندو. اُميد اِها ئي هئي تہ سڀ ڪجهہ ٺيڪ ٿي ويندو ۽ ڪجهہ ڏينهن ۾ بابا هڪ ڀيرو ٻيهر نوبنو ٿي ويندو. هڪ مهينو اڳ تائين سڀ ڪجهہ ٺيڪ ٺاڪ پئي هليو پر ڪن پل جي ٿيڙ سڀ ڪجهہ اٿلائي پٿلائي ڇڏيو هو. اسپتال وٺي وڃڻ تي اُها ئي خبر ٻڌڻ لاءِ ملي جيڪا وهي چڙهيلن مان اڪثر ٻزرگن جي زندگيءَ ۾ لاچاري آٽي ڇڏيندي آهي، بابا جي ڏُڌ جي هڏي ڀُڄري پئي هئي. ٻيانوي ورهين جو بابا جيڪو هڪ مهينو اڳ تائين پنهنجي وڏي پٽ سان گڏ ماربل شو روم جي سمورين سرگرمين ۾ شريڪ رهندو هو ۽ پنهنجي ڇهاسي ورهين جي زندگيءَ جي ساٿياڻي جيڪا پوين پنجن ورهين کان هلڻ چلڻ کان معذور آهي، جون ضرورتون چڱي ريت پوريون ڪرڻ ۾ اڳيرو رهندو هو، اڄ زندگيءَ جي اهڙي ٻہ-واٽي تي اچي ڪڙو ٿيو هو جتان اُميدون انتهائي تيزيءَ سان رُسي وينديون آهن.

ابو ۽ بابا ۾ فرق ڪي بابا آڱر جي اشاري سان سمجهائيندو هو. بابا سڏي آڱر جيان اُهي جڏهن تہ خمدار آڱر ابو سڏبي آهي، فرق شايد ٻڍٻي جو هجي ٿو جيڪو بابا ۾ سرس هو. بابا کي شروع کان وٺي نہ رڳو سندس پنهنجي ٻارن پر اوسي پاسي رهندڙن پڻ بابا سڏيو، ايستائين جو سندس زال

پڻ سندس نالو ونڻ بدران بابا طور مخاطب ٿيندي هئي. ”بابا ڇا ڇيو؟ بابا ڇا ڪاڏو؟ بابا ڪٿي آهي؟“ دکني لهجي واري رشيدا بيگم جي سموري حياتيءَ جو مرڪز بابا ئي رهيو. امان جهڙيون عورتون منهنجي نظر مان گهڻ ئي گذريون آهن جن جي سڄي ساري حياتي گهر ڪان شروع ٿي گهر تي ئي ختم ٿي هجي. انهيءَ ڳالهه ڪان پاسيرو ٿيندي ته اِها چڱائي آهي يا خرابي، رشيدا بيگم جي دنيا بس اِهائي هئي ۽ هوءَ انهيءَ ۾ مست هئي. امان ۽ بابا ٻئي پاڻ ۾ ماسات پڻ آهن. بابا امان کي ”بي بي“ سڏيندو آهي. آپريشن ڪانپوءِ بابا ڪاڻ پيئڻ ڪان پاسو ڪيو. رڳو ڪجهه ڏڪ پاڻي يا قهوو، پويون سڄو مهينو سندس اِها ئي خوراڪ رهي. ”تون دعا نٿي ڪرين ته بابا نيڪ ٿي پوي.“ سس فون تي اوچنگار ڏيندي ڪيس ميار ڏني. هوءَ ان ڳالهه جي پلا ڪهڙي ورندي ڏئي ها. زندگيءَ جي حقيقتن تي پلا ڪنهن جو وس هليو آهي.

محمد رشاد 1932 ۾ بمبئي ۾ ڄائو. پيءُ سورت جو گجراتي جڏهن ته ماءُ ۽ ماسي ترڪيءَ جي تاريخي شهر بسرا سان تعلق رکندڙ هيون جيڪي پنهنجي ٻالڪپڻي ۾ ڪمال اتا ترڪ جي حڪومت دوران پنهنجي ماءُ پيءُ سان گڏ لڏپلاڻ ڪري حيدرآباد دکن پهتيون هيون.

بابا ستن ڀائرن ڀينرن ۾ ٻئي نمبر تي هو، ڪائنس وڏي ڀيڻ هئي. پيءُ جي غير متوقع مرتئي تي ڏاڏاڻن مٽن مائٽن پرڏيهي ۽ برادريءَ ڪان ٻاهر واري نهن کي ٻارن سوڌو سموري جائيداد ۽ گهر مان تڙي ڇڏيو. انهيءَ هاڃي ڪٽنب سنڀالڻ جي سموري ذميواري غير اعلانيا طور تي ٻارهن ورهين جي رشاد تي وجهي ڇڏي.

”اسانجي امان جڏهن حويليءَ مان بيدخل ٿي ته ڪجهه رپين ۽ ڪپڙن لٽن ڪانسواءِ وٽس ٻيو ڪجهه نه هو. ممبئي جو علائقو ڊنڪن روڊ هڪ بدنام علائقو هو جتي چوريءَ جو مال ڪلئي عام وڪرو ڪرڻ، شراب، گانجو ۽ شباب مزو ماڻڻ جي ڪليل آزادي هئي. انهيءَ علائقي ۾ رهندي به سمورين غلاظتن ڪان محفوظ رهڻ امان جي تربيت ڪري ئي ممڪن ٿيو. اسان ڦوڪٽا وڪيا، گاڏو لڳايوسين، محنت مزوري ڪئي سين. جڏهن ته امان ۽ ڀيڻ گهر ويٺي سپاريون ڪپينديون هيون. ان ريت زندگيءَ جو گاڏو گهلبو رهيو.

پوءِ هڪ ڏينهن امان مونکي هڪ پارسيءَ جي ڪارخاني وٺي وئي.

ان ڪارخاني ۾ ڪيسي جي ماپ جا آئينا ٺهندا هئا جيڪي ٻين مهاڀاري لڙائي دوران فوجي سنوارت دوران استعمال ڪندا هئا. اُتي منهنجي ملاقات ڪميونسٽ پارٽي آف انڊيا جي ڪارڪنن سان ٿي جن ذريعي ڪيفي اعظمي، شوڪت عظمي، سجاد ظهير، سردار جعفري ۽ ٻين انيڪ سرگرم پارٽي ڪارڪنن سان گڏيس. دنيا جهان جو شعور رکندڙ انهن همراهن جي سنگت مون کي سياست، سماجيات ۽ نفسيات جو ادراڪ ڏنو جنهن منهنجي حياتيءَ جي راهه بدلائي ڇڏي.“ بابا سدائين پنهنجي ڏکئي دور جون ساروڻيون ۽ تجربا ونڊيندو هو.

ننڍپڻ ۾ شيشي سازيءَ سان لاڳاپي سنڌس هٿن ۾ نفاست پيدا ڪئي ۽ ڪم ۾ مهارت ٻه. بابا 1954 ۾ پاڪستان آيو. هتي پنهنجي ماسات سان پرڻيو. هتي ٻه شيشي سازيءَ سان لاڳاپيل رهيو ۽ ڪجهه سالن اندر لاهور ۾ پنهنجو شيشي جو ڪارخانو قائم ڪيائين. ڪاروباري ذهن هوندي ٻه بابا جو سڄي ڄمار ڪتاب، اخبار ۽ شاعريءَ سان تعلق ڪنهن پريتما جهڙو رهيو جنهن جي ديدار ڪانسواءِ سنڌس نه صبح ٿيندي هئي ۽ نه شام. امان ۽ بابا جون شخصيتون ٻن مختلف ڏسائن ۾ وهندڙ دريائن وانگر هيون جن جا ڪپ ڪڏهن ٻه پاڻ ۾ نه مليا. بابا سخت گير هو جڏهن ته امان ٿڌي ٺار، ان هوندي ٻه ٻنهي هڪٻئي کي ڀرپور وٿي ڏني. امان مڪمل طور تي گهريلو عورت رهي ۽ بابا جي هر ضرورت جو پنهنجي ذات کان وڌ خيال رکيائين.

جون 2018 جي هڪ شام امان جي ٽنگ جي هڏي ڀُري پئي ته ڄڻ گهر ۾ ڀونچال اچي ويو. ڪيس اسپتال وني ويندي بابا اوچنگارون ڏيئي رنو، شايد پروڙي ورتو هئائين ته بي بي هاڻ ٻيهر پنهنجي پيرن تي بيهي نه سگهندي. ڪجهه مهينا ته پٽن ۽ نهن سنڌس تيمارداري ڪئي، جنهن ڪانپوءِ بابا اِها ذميواري پنهنجي سر کنئي جيڪا ڇهن سالن تائين بهتر انداز ۾ نڀايائين. بابا بي بيءَ لاءِ اُهو سڀڪجهه ڪيو جنهن لاءِ محمد رشاد جهڙي شخصيت بابت تصور ٻه نٿو ڪري سگهجي.

پوئين نومبر ۾ امان ۽ بابا پنهنجي پرڻيل زندگيءَ جا انهٺ ورهيه مڪمل ڪيا.

اڄ بابا کي ليٽيل ڏسي محسوس ٿو ٿئي ته ٻن صدين جو مسافر

تڪيل ٽٽل حالت ۾ موت جي بستري تي آهي. انهن ٻن صدين جون ڇا ڇا ڪهاڻيون، ڪهڙيون ڪهڙيون يادون ۽ طرح طرح جا ڪردار سندس نيڻن آڏو اچي رهيا هوندا، جڻ اُهو سيڪجهه ڪالهوڪي ڳالهه هجي. بابا جو جسم ساٿ ڇڏي پيو، ڳچي هر هر لڙهي ٿي پوي پر دماغ اڃ به زيرو ميٽر گاڏيءَ جي انجڻ جيان آهي. زبان ۾ ٻاتائڻ ضرور آهي پر مهل سر لاڳاپيل ڪو شعر چوڻ ڪان اڃ به نٿو مڙي.

ضعف میں طعنہء اغیار کا شکوہ کیا ہے
بات کچھ سر تو نہیں ہے کہ اُٹھا بھی نہ سکوں

ٽي ڀيرا بابا کي سندس ڊاڪٽر پوٽي ويندي ويندي واپس ورايو. ”علاج پيڙا ۽ سور جو ٿيندو آهي، موت جو نہ. مون پنهنجي زندگي پنهنجي اصولن تحت ڀرپور گذاري آهي. ڪنهن به ڳالهه جو پڇتاءُ يا افسوس ناهي. زندگي آهي تہ موت بہ لازم آهي.“

زندگی کیا ہے عناصر میں ظہور ترتیب
موت کیا ہے انہی اجزا کا پریشاں ہونا

بابا جيڏي مهل بہ چارج هوندو هو تہ ٽٽل ڦٽل لفظن ۾ شعر ضرور ٻڌائيندو هو. بابا ۽ امان جي پٽن جو سندن لاءِ ڏينهن رات هڪ ڪرڻ شايد نئين نسل لاءِ اچرج جوڳي ڳالهه هجي پر شايد اِهو آخري نسل آهي جيڪو ماءُ پيءُ سان نظرياتي اختلاف رکندي بہ اهڙا اُڏما رکي ٿو. هُن سوچيو تہ ڇا واقعي پوڙهائپ ۾ ماڻهو بار ٻڻجي ويندو آهي؟ نہ! ماءُ پيءُ لاءِ جم ڪان وٺي ٻار کي اسرندو ۽ نسرندو ڏسڻ هڪ دلچسپ ۽ من موهيندڙ مرحلو هجي ٿو جڏهن تہ پوڙهائپ واري جمار ۾ ماءُ پيءُ کي اولاد پنهنجي اکين آڏو بيوس، لاچار ۽ سدائين لاءِ ويندي ڏسي ٿو جيڪو هڪ ڏکيو ئي نہ پر دردناڪ تجربو آهي. اسين ماءُ پيءُ ۾ ايندڙ تبديليون نظرانداز ڪندا رهندا آهيون پر هڪ ڏينهن اوچتو غور سان ڏسڻ تي انڪشاف ٿيندو آهي تہ ڪهاڻي تہ پنهنجي پڄاڻيءَ تي آهي.

هندو ڇوڪرا ڇو پريت نٿا ڪن؟

1- مينا ڪماري

علائقي ۾ هر پاسي ڊپ ڊاءُ پکڙيل آهي ته نه ڄاڻ ڪڏهن ڪنهن جي ٻارڙي اغوا ٿي وڃي. انهيءَ ڪري ٻارڙين کي اسڪولن مان ڪڍي گهر ويهاريو ويو آهي. ڊپ ڊاءُ رڳو مڙهيو ئي نه پر مارڪيٽ پڻ ڪيو ويو آهي.

منيءَ جي هڪ پوئتي پيل ڳوٺ ۾ مٽيءَ سان ليپو ڏنل هڪ ڪمري واري گهر ۾ کٽ تي ويٺل مينا ڪماري پنهنجي ميري سيري پوتيءَ سان نيٽن مان وهندڙ ڳوڙها روڪڻ جي ناڪام ڪوشش پئي ڪري. ڳالهائيندي هر هر سندس نڙيءَ ۾ پيڙا جي هڪ ڳنڍ ڦاسيو پوي ته سندس پيڙا ڀري ڳالهه ٻڌندڙن کي به نڙيءَ ۾ ڦاهو پوندي ٿو محسوس ٿئي جنهن کي اوسي پاسي کنگهڪار ڪري صاف ڪرڻ جي ڪوشش ٿا ڪن.

ڪمري ۾ هڪ پراڻي کٽ ڪانسواءِ، جنهن جو واڻ جهوني پپر جي وڻ جي ڏاڙهيءَ جيان جتان ڪٿان لٽڪي رهيو آهي، فقط هڪ ٽپائي تي به گلاس رکيل آهن.

کٽ تي سندس ٻن ورهين جو ٻار سندس چيلهه سان لڳو ويٺل آهي، جڏهن ته ٻيو سندس ڪُک مان ڪجهه ئي هفتن اندر انهيءَ بيحس دنيا ۾ اچڻ لاءِ اتاولو آهي. مينا جنهن ڏينهن اغوا ٿي هئي، سندس ڄمار تيرهن ورهيه هئي. ڏهن مهينن دوران هوءَ ڇهن مردن جي هوس جو نشانو بڻي. هر مرد ساڻس ڏاڍائي ڪرڻ کان اڳ چوندو هو ته هن سان سندس نڪاح ٿيو آهي. مينا جي بقول نه ڪو مولوي هوندو هو نه ڪو گواهه، نه ئي وري ڪو نڪاح پڙهايو

ويندو هو. بس ڪيس سينگھاري سنواري مختلف مردن جي حوالي ڪيو ويندو هو. هڪ ٻن مهينن اندر جڏهن هڪ مرد جو منجهائس دل ڪٿو تي ويندو هو تہ وري نئين سر ساڳي ڪهاڻي ورجائي ويندي هئي.
ڏهن مهينن تائين انهن ڳجهن مينا جو ماس پٽيو ۽ جڏهن هوءَ ڳورهاري ٿي پئي تہ هڪ رات نيم بيهوشيءَ جي حالت ۾ ڪيس سندس علائقي پرسان ڦٽو ڪيو ويو.

مينا کي اِهو پتو تہ ناهي تہ سندس ڪُک ۾ پلجندڙ ٻار ڪنهن جو آهي، ها پر هوءَ ايترو ضرور ڄاڻي ٿي تہ ماءُ ٿي آهي. سندس ڦوڪيل پيٽ ڏسي دل مان اِها ئي ڪوڪ ٿي نڪري تہ شل سندس ڪُک ۾ ڌي نہ هجي.

2- پوڄا ڪماري

پوڄا ڪماري سورهن ورهين جي سهڻي خانا بدوش هندو ڇوڪري هئي. سندس ماءُ کي اڪثر پنهنجي ڌيءَ جي زورآور جواني ڏسي ڏپ ٿيندو هو تہ متان ڪنهن ڳجهہ جي مٿس نظر نہ پئجي وڃي.سکر بيراج جي ڪينال تان بيدخل ٿيڻ ڪانپوءِ پوڄا جي ماءُ پيءُ روهڙيءَ پرسان نارا ڪينال تي هڪ ننڍڙو پر پڪو گهر اڏيو هو. اوسي پاسي ڪمي ڪاسبي ئي ٽانيڪو هئا، جن ۾ ڪجهہ ڏوهاري قسم جا ماڻهو پڻ هئا.

واحد بخش لاشاريءَ جو گهر پوڄا ڪماريءَ جي گهر سان لڳولڳ هو. ننڍن گهرن جي پٺين ۾ ڪن ئي نہ پر انيڪ اکيون پڻ هونديون آهن جيڪي سدائين هڪبئي جي وجهہ ۾ هونديون آهن. واحد بخش انهيءَ پاڙي جو هڪ لوفر ڇوڪرو هو. پوڄا ڪماريءَ کي ڏسي سندس واڇ گودو پئي ٿي پر وجهہ نہ پئي مليس. پوڄا پنهنجي ماءُ پيءُ سان گڏ مزدوريءَ تي ويندي هئي پر اڄ صبح جو ڪيس تپ ٿي پيو ۽ سندس بُت ٻاهہ وانگر ڏُکي رهيو هو. ماءُ ڪيس دوا ڏني ۽ پنهنجي مڙس سان گڏ ڪم ڪار تي نڪري وئي جو موڪل ڪرڻ تي هڪ ڏينهن جي ڏيهاڙي نہ ملي ها.

واحد لاشاري شايد اهڙي ڪنهن موقعي جي تاڙ ۾ هو. جيئن ئي هو ٻئي گهران نڪتا، هن پنهنجي مامي ۽ پاڙي جي ڪجهہ رولو ڇوڪرن سوڌو اچي پوڄا جي گهر نڪاءُ ٽيو.

واحد لاشاريءَ ڪجهہ مهينا اڳ بہ پوڄا کي اغوا ڪرڻ جي ڪوشش

ڪئي هئي. پنهنجي اندر ۾ ڏُڪندڙ ٻاهه ڪي اڄ هُن مذهب جي نالي تي اُجهائڻ جي پوري تياري ڪئي هئي.

واحد ۽ سندس ساٿين جو اڄ پوڄا ڪي زبردستي اغوا ڪرڻ ڪري ڪلمو پڙهائي نڪاح ڪرڻ جو ارادو هو پر پوڄا سندن ٻئي ڳالهيون مڃڻ کان انڪار ڪيو. اسلامي ايمان سان مالامال واحد لاشاري ۽ سندس دوستن پوڄا ڪماريءَ کي مسلمان ڪرڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي. جڏهن سندس هوڏ برقرار رهي تہ واحد مچرجي پنهنجي ور مان پستول ڪڍي پوڄا جي پيٽ ۾ ڪيترين ئي گوليون وهائي ڪڍيون. واحد لاشاريءَ کي هڪ هندو ڇوڪري ڏڪاري سو بہ سندس سنگتين آڏو، اِهو ڀلا ڪيئن ممڪن هو.

3- رنڪل ڪماري

ٿرپارڪر جي هڪ وسنديءَ جي گهٽيءَ ۾ اتي ڏکر ڪيڏنديون ٻارن زمين آسمان هڪ ڪري ڇڏيو آهي. ٿورڙي دير ۾ انهن ٻارن جي ڪوڪرن ۾ هڪ ٻئي ٻارڙيءَ جون دانهون ڪوڪون پڻ شامل ٿيون ٿين. سمورا ٻار راند روند ڇڏي وسنديءَ جي اڪيلي پڪي گهر ڏانهن ڏسڻ تا لڳن جنهن جون ڀتيون ڪنهن ڪوٽ جيان اوچيون آهن. هڪ ننڍڙي چمار جي ٻارڙي رنڪل ڪماري ڇت جي ٻنڌ تان پنهنجي ڳچي ٻار ڪڍي زوردار آواز ۾ دانهون ڪري رهي آهي، ”مدد ڪريو، مونکي منهنجي گهر وڃڻ ڏيو، ڀڳوان جي صدقي مونکي ڇڏيو، مري ويندس.“ هڪ ٻار پنهنجي موبائل فون ذريعي ويڊيو ٺاهي انهيءَ ڏيک کي قيد ڪري ورتو.

اوڏي مهل اوچتو ئي اوچتو ٻارڙيءَ جي پويان کان مرداڻي هٿ روج پٽڪو ڪندڙ ٻارڙيءَ کي وارن مان جهلي زورائتو جهٽڪو ڏنو. ٻارن جون نظرون اُتيئي ڪتل هيون پر هاڻ نہ ڪو روج پٽڪو ڪندڙ چهرو هو ۽ نہ ئي دانهيندڙ آواز. ثبوت جي طور تي ويڊيو بہ رنڪل ڪماريءَ کي بازياب ڪرائي نہ سگهيو. سموري آباديءَ کي جڻ تہ نانگ سونگهي ويو هجي.

4- وائتو

حيدرآباد جي هڪ ڪچي آباديءَ جي ”وائتو“ چئن ٻارن جي ماءُ، سنهڙي سپلڪڙي، هڏين مُڇ، ٻت تي گوشت نہ هئڻ جوڳو... پر حوصلو ۽ همت ڪنهن ڏونگر کان گهٽ ناهي جو اڄ بہ ڪيس اغوا ۽ ڏاڍائي ڪندڙ رڪشا

ڊرائيور جي خلاف بي ڊپائتي بيٺي آهي. اُهو ئي رڪشا وارو جنهن جي رڪشا ۾ ويهي هوءَ پنهنجي پاڙي جي ٻين عورتن سان گڏ ڪم ڪار تي ويندي هئي. انهيءَ رڪشا واري هڪ هندو عورت کي مالِ غنيمت سمجهندي اغوا ڪيو هو پر جيئن ته عام طور تي عورت تي ئي الزام ڌريو ويندو آهي ته هوءَ ڀڄي وئي هوندي، وائيتو جي معاملي ۾ به اِهو ئي عُذر پيش ڪيو ويو، جنهن ۾ پوليس جو ڪردار انتهائي ڪريه ڏيارينڊڙ هو ڇاڪاڻ جو هڪ غريب هندو عورت جي پيٽ ۾ ڪنهن مسلمان مرد کي ٻچائڻ کين وڏيڪ افضل عمل ٿي لڳو.

وائيتو جي گهر جي در تي ٽنگيل پردو هوا ۾ اڏامندي سندس پوتيءَ جيان پئي لڳو. سندس نيڻن ۾ مينا جيان ڳوڙها نه پر حوصلو هو، بردباري هئي. شايد ڄمار ۽ تجربو، ورتاءُ ۾ فرق ڪرڻ جي صلاحيت رکن ٿا. هوءَ هر هر هڪ ئي جملو ورجائيندي رهي ته معاشري جي اهڙن ناسورن کي سزا ملڻ گهرجي... ضرور ملڻ گهرجي.

سندس اغوا ٿيڻ تي به اڍائي مهينا سندس چار ئي ٻار پنهنجي ماءُ لاءِ ٻاڏائيندا رهيا، سندس مڙس هر چائنٺ تي انصاف ۽ پنهنجي زال جي بازيابيءَ لاءِ منٿ ميڙ ڪندو رهيو پر هن ملڪ ۾ شنوائي گهٽ ماڻهن جو ئي ڀاڱ ٻڌبي آهي. وائيتو ته هونئن به غريب هئي، مٿان هندو به ۽ سڀ کان اهم هڪ عورت ۽ معاملو اغوا جو... سو ڪنهن وٽ وقت آهي اهڙن ڪمتر ماڻهن جو فرياد ٻڌڻ لاءِ؟ پر سلام آهي انهيءَ برادريءَ جي عورتن کي جن گڏجي سڏجي پنهنجي وائتو کي انهيءَ چنگل مان ڇڏرائڻ لاءِ ڪيترن ئي ڏينهن تائين احتجاج ڪيو ۽ ڏنڊا ٻاننا ڪٽي انهيءَ اغوا ڪندڙ جي گهر تي ڪڙو چاڙهيو تانجو پوليس مائي کي نه موٽرايو.

هيءُ مختلف ڄمارن وارين ٽئن هندو عورتن جو داستان آهي. نه ڄاڻ ٻيون ڪيتريون ئي اهڙيون عورتون هونديون جن جو پيڙا ڀريو داستان سامهون اچي نه سگهيو هوندو. هو يا ته رنڪل ڪماريءَ جيان ڪنهن ڪوٽ اندر دفن ٿي ويون هونديون يا وري پوجا ڪماريءَ جيان گولين سان پروڻ ڪيون ويون هونديون. اقليتن لاءِ قانون ناهڻ جي ضرورت انهيءَ ملڪ ۾ پوندي آهي جتي کين پنهنجا حق حاصل نه هجن.... اوهين بيشڪ سوين قانون ناهيو پر جيڪڏهن انهن کي لاڳو نٿو ڪيو وڃي ته پوءِ سموريون ڪارروايون بي مقصد

ٿيون رهن. مٿي ڪان هيٺ تائين هڪجهڙي ذهنيت رکندڙ ماڻهو انصاف فراهم ڪرڻ لاءِ وينا هوندا تہ اسانجو پدرشاهي معاشرو ثواب ڪٺڻ جي نالي تي پنهنجي هوس ئي اُجهائيندو رهندو. ڪفر وگهي معاشرا زوال پذير نہ ٿيندا آهن، پر ناانصافيءَ سبب معاشرا ٽوڙ ڦوڙ جو شڪار ضرور ٿيندا آهن.

هلو، ڪٿي مجي ٿا ونون تہ رڳو اهيئي چار عورتون انهن ڏاڍاين جو شڪار ٿيون آهن باقي سڀڪجهہ هوائي ڳالهہ هجي، تہ بہ سوال اهو آهي تہ، ”ڇا انهن ڪجهہ“ عورتن سان ٿيندڙ ظلم ڪا معنيٰ نٿو رکي؟ سوال اِهو ناهي تہ چار غريب هندو عورتون هيون يا چاليهہ... سوال اِهو بہ ناهي تہ اغوا ٿيون، جنسي ڏاڍائي جو شڪار بڻيون، زوري پرڻايون ويون، هرڪائي ساڻ نيون ويون يا سڀڪجهہ پيار پريت ڪري ٿيو.

چوڻيءَ ۾ واهيات ئي سهي پر چيو ويندو آهي تہ ”محبت ۽ جنگ ۾ سڀڪجهہ جائز آهي.“ سو سوال فقط ايترو آهي تہ مسلمانن سان پيار پريت رڳو هندو عورتون ئي ڇو ٿيون ڪن؟ هندو مردن کي محبت ڇو نٿي ٿئي؟

ڪلف لڳل دليون، ڪلف لڳل دروازا

محمد رشاد ورهاڱي مهل تہ ممبئي ڇڏي نہ سگهيو پر جڏهن پاڪستان ۾ ٽانيڪو ٽيندڙ پنهنجي ماسيءَ وٽ پهريون پيرو گهمڻ ڦرڻ آيو تہ سندس وڏي ڌيءَ رشيدا بيگم ڪيس ايڏو وڻي وئي جو اُن پل ئي ڪيس پنهنجي زندگيءَ جو ساٿي بڻائڻ جو فيصلو ڪيائين. ان ڪان پوءِ ممبئيءَ ۾ من نہ لڳس ۽ 1954 ۾ سيڪجهہ پوئتي ڇڏي ٽڪيٽ ڪٽائي اچي نڪاءُ ڪيائين ڪراچي ماسيءَ جي گهر. ٻہ چار ڏينهن تہ چپ نہ چوريائين پوءِ آخرڪار من جي منشا ونديائين. ماسي ڪنهن حد تائين گرم سياءُ واري هئي سو چڱي موچاري حيل حجت ڪانپوءِ راضي ٿي. سندس مڙس ڄائي ڄم ڪان شريف ماڻهو هو سو جيڪا زال جي خواهش سا سندس بہ.

رشاد صاحب ممبئي ڪان شيشي تي قلعي ڪرڻ ۽ گل ٻوٽا ناهڻ جوڪم سکي آيو هو. ممبئي جا ڪيترائي ڪارخانا جهاڳي آيو هو سو ڪراچيءَ جي هڪ ٻوهري واپاريءَ جي ڪارخاني تي جهٽ پل ۾ ڪم ملي ويس. ايندڙ ئي سال سيٺ ڪم ۾ ڦڙتي، هٿ ۾ صفائي ۽ طبيعت ۾ ايمانداري ڏسي سندس پگهار ٻيڻ تي وڌائي ڇڏيو. ٻن سالن جي عرصي ۾ رشاد صاحب چڱو موچارو ڪمائڻ لڳو تہ گڏيل ڪٽنبي نظام ۾ سئو خاميون نظر اچڻ لڳيون نيٺ ماسي ۽ سس جي روزاني جي پيهہ پيهان ڪان تنگ اچي لاهور ڏانهن لڏڻ جو پهہ ڪيائين. ڪجهہ ڏوڪڙ بچائي هڪ ڏينهن پنجن مهينن جي ڳورهاري رشيدا بيگم ڪي سامان سڙو ميڙي لاهور اُسهڻ جو فيصلو ٻڌايائين.

ملڪي حالتون ڏينهون ڏينهن ساندي جيان رنگ بدلائي رهيون

هيون، هيل تائين ملڪ الله جي آسري تي، بنان ڪنهن آئين جي پئي هليو. رشيدا بيگم اهڙين حالتن ۾ پنهنجي متن مائٽن کان پرپرو رهڻ تي ويچاريندي ٻُڌتر جو شڪار هئي. جڏهن ته سندس مڙس لاهور ۾ شيشي جو ڪارخانو لڳائڻ جو پڪو پهه ڪري ورتو هو. سو من تي پٿر رکي رشيدا بيگم پنهنجي مڙس سان گڏ اچي لاهور ٽانيڪو تي. ٻن ڪمرن ۽ هڪ اڱڻ تي ٻڌل اِهو گهر رشيدا بيگم جو هنيانءُ ڪپي رهيو هو. رشاد صاحب پنهنجي گهر واريءَ جي اندر ٻاهر جي حالت کان پلي پت واقف ته هو پر وٽس انهيءَ مسئلي جو نه ته ڪو حل هو ۽ نه ئي لاهور اچڻ ڪانسواءِ ڪو ٻيو چارو.

رشيدا بيگم لڄاري ۽ پنهنجو پاڻ ۾ مست رهڻ واري عورت هئي نه ته پاڙي اوڙي جو وهنوار سندس اڪيلائپ ختم ڪرڻ واسطي اُتي سموري طمطراق سان موجود هو. پاڙي جا ويهه پنجويهه گهر هڪٻئي سان ڳنڍيل هئا. گهٽيءَ جي ڪُنڊ تي پاڙي جي هڪ ننڍڙي مسيت هئي، جنهن جي مولوي صاحب جو ڪم ٻانگ ڏيڻ، نماز، جنازو، نڪاح ۽ گهٽيءَ جي ٻارن کي سپارو پڙهائڻ هو. جيڪڏهن پاڙيسرين ۾ ڪڏهن ڪا اٽبٽت ٿي پوندي هئي تڏهن به مولوي صاحب کي زحمت ڏني ويندي هئي. باقي پاڙي وارن مان ڪنهن جو من ڪندو هو ته نماز پڙهڻ هليو ويندو هو نه ته مولوي صاحب پاڻ ئي پيو پنج وقت نماز پڙهندو هو ۽ پاڙي وارن طرفان اُماڻيل ماني ٽِڪي کائي صبر شُڪر ڪندو هو. مولوي صاحب گهر گهاٽ جي فڪر کان آجو هو ۽ اڪيلي سر زندگي گهاريندو هو.

پاڙي ۾ ٽانيڪو لڳ ڀڳ سمورا ماڻهو وچولي طبقي سان تعلق رکندڙ هئا. انهيءَ پاڙي ۾ گلاب ديوي اسپتال ۾ ڪم ڪندڙ هڪ نرس مقصودا مسيح پڻ رهندڙ هئي، جنهن کي هرڪو سندس نالي بدران ”سسٽر“ ڪري پيو سڏيندو هو.

ڊگهي قدڪاٺ،سانوري رنگ ۽ گهاٽن ڪارن وارن واري مقصودا روز صبح ساڻ اسپتال وڃڻ لاءِ اجرو ڪَلف لڳل يونيفارم پهري گهٽيءَ مان لنگهندي هئي ته ڪو نه ڪو پاڙيسري رستي ۾ ئي ڪيس پنهنجي ڪا پيڙا يا بيماري ٻڌائڻ لاءِ موجود هوندو هو ۽ مقصودا چپن تي مُرڪ سينگهاري دوائن جو نسخو لکي پنهنجي منزل ڏانهن راهي ٿيندي هئي. مقصودا ۾

پيشيوارانې تجربي، اخلاص ۽ ديانتداري جهڙيون خوبيون سرس هيون.

رشيدا بيگم کي انين مهيني شروع ٿيندي ئي وٺ پوڻ شروع ٿي ويا هئا، جو هڪ رات ايترا تہ وڌي ويا جو رشاد صاحب کيس اسپتال ٿي وٺي ويو جو کيس اوچتو سسٽر مقصودا جو خيال آيو ۽ ڊوڙي کيس وٺي آيو ۽ پوءِ بس رشيدا بيگم هئي ۽ مقصودا سسٽر. ٻنهي ۾ جڻ تہ ساهيڙپ ٿي وئي. ڏٺيءَ مقصودا جي روپ ۾ رشيدا کي ڀيڻ، ساهيڙي ۽ خدمتگار ڏئي ڇڏي.

ٻئي پاسي مقصودا کي انهيءَ گهر مان ايتري تہ پنهنجائپ ملي جو هڪ ڀيري جي وٿي بہ کيس ماندو ڪري ڇڏيندي هئي اصل ۾ کيس انهيءَ گهر ۾ اِهو مان حاصل هو تہ هوءَ ٻنان ڪنهن هٻڪ جي انهيءَ گهر جا ٿانو، ٿالهيون ۽ ڪوپ واپرائي پئي سگهي جيڪو ٻين گهرن ۾ ممڪن نہ هو. مقصودا نندپڻ کانوٺي معاشري ۾ پنهنجي استعمال لاءِ پڳل ٿنل ۽ ڏار ڪيل ٿانو ئي ڏٺا هئا. مقصودا اسپتال وڃڻ کان اڳ ۽ اتان موٽڻ تي رشيدا بيگم جو ڀيرو ضرور ڪندي هئي. رشيدا بيگم جي هٿن جي ناهيل طعامن مقصودا کي ديوانو ٻڻائي ڇڏيو هو. ٻئي پاسي رشيدا بيگم کي بہ پنهنجي حمل ۽ ٿيڻ واري ٻار بابت رهنمائي ڪندڙ ساهيڙيءَ جي روپ ۾ نرس ملي وئي هئي. مقصودا نہ رڳو گلاب ديوي اسپتال پر سڄي علائقي جي بهترين، تجربيڪار ۽ هڏ ڏوکي نرس ليکي ويندي هئي. پاڙي اوڙي جو ڪو اهڙو فرد نہ هو جنهن جي ڪنهن پيڙايا بيماري تي مقصودا پنهنجي فرضن کان ڪوتاهي ڪئي هجي.

هر ڪنهن جي ڪم ايندڙ مقصودا مسيح سان ماڻهو پنهنجي ڳجهين بيمارين کانوٺي پنهنجي زالن جي ڳورهاري ٿيڻ، نہ ٿيڻ تائين، ٻار ڄڻائڻ کانوٺي ٻارن جي طهرن تائين ۽ نينگرين جي بلوغت جي مسئلن تائين ونديندا رهيا پر جڏهن ڳالهہ گهر ۾ نياز، سالگرهہ يا وهان جي ڪاڄن جي ٿي آئي تہ اوڏي مهل کيس فقط مسيحي عورت ٿي ليکيو ويو جيڪا بنيادي طور تي هڪ ”چوڙي“ جو ئي اولاد هئي. نرس هئڻ بہ ڪا فخر جوڳي ڳالهہ آهي؟ نرس بہ تہ اسپتال ۽ پاڙي جي مريضن جو گند ئي صاف ڪندي آهي.

رشيدا بيگم جو ڀهريون پٽ مقصودا هٿان ئي ڄائو. رشيدا بيگم ڳاڙهي ڳٽول هئي جڏهن تہ رشاد صاحب جو رنگ ڪجهہ ڪسو هو. پر سندن

پٽ سانورو هو. مقصودا ٻارڙي کي وينجهاري سينجهاري تنجڻ ۾ ويڙهي ماءُ حوالي ڪندي ٿهڪ ڏيندي چيو، ”ٻچڙا تنهنجي پاڳن ۾ ٻه پنهنجي ماءُ پيءُ جو رنگ نه هو.... تون ٻه مون تي ئي ويو آهين.“ تڏهن رشيدا بيگم جي پڇا ڪرڻ تي مقصودا ٻڌايو ته ”منهنجي ماءُ انتهائي سهڻي عورت هئي. هوءَ ٻه نرس هئي هن ئي پاڙي ۾ ننڍپڻ ۽ جواني گذاريائين ۽ منهنجي جمڻ کان اڳ هوءَ پنهنجي اباڻي شهر نارووال هلي وئي. جڏهن ٻن ٽن ورهين جي هئس ته امان هن پاڙي ۾ موٽي آئي ۽ پوءِ مرڻ گهڙيءَ تائين هتي ئي رهي.“ مقصودا جا نيڻ ڏور پولار ۾ پنهنجو ماضي ڦلهورڻ لڳا ”پيءُ جو پتو نه اٿم ته ڪير هو جو ڪيس ڪڏهن ڏٺو ئي نه هئم پر امان ٻڌائيندي هئي ته هو ڪڻڪائي رنگ جو هو“ پيءُ جو ذڪر ڪندي مقصودا هٻڪي رهي هئي جڻ سندس يا ماڻس جي ڪا چوري پڪڙجي پوڻ جو ڊپ هجيس.

سڄو سارو سوا مهينو مقصودا رشيدا بيگم کي کٽ تان هيٺ لهڻ ئي نه ڏنو. ساجهر سوير ٻنهي زال مڙس کي نيرن ڪرائيندي هئي ۽ پوءِ پاٻوهه مان ٻارڙي جي تيل مالش ڪري پنهنجي اسپتال رواني ٿيندي هئي. موٽ تي ٻه پهرين سندن گهر جو پيرو ڪندي هئي، ٻارڙي سان ڪجهه دير نينگ مستي ڪندي هئي ۽ گهر جا ڪم ڪار اُڪلائي پنهنجي گهر جو رخ ڪندي هئي. مقصودا وڏي اُڪير سان ٻارڙي لاءِ پنهنجي هٿن سان سوئيٽر اُڻي ۽ ڪپڙا سبي پهرائيندي هئي. رشيدا بيگم ۽ رشاد صاحب جو پهريون پٽ ماءُ پيءُ کان وڌيڪ مقصودا سان هِري مِري ويو هو.

رشاد صاحب شام جو ڪم ڪار کان موٽي ريڊيو تي بي بي سي اڙدو سروس وڏي اُڪير سان ٻڌندو هو. تن ڏينهن ۾ ريڊيو تي صدر اسڪندر مرزا جي حڪومت جي برطرفي ۽ ايوب خان جي مارشل لا مڙهجڻ جو وڏو چرچو هو. صبح سوير سمورا پاڙي وارا پاڻي ڀرڻ کوهه آڏو گڏ ٿيندا هئا ته ملڪي حالتن تي تبصرن ۾ جنبي ويندا هئا. انهن ڏينهن ۾ هر ڪنهن آڏو نئين قائم ٿيل ملڪ ۾ مڙهيل پهرين مارشل لا جو موضوع ئي هو. هيءُ اُهو دور هو جڏهن اجان پاڻيءَ جون لائنون گهرن تائين نه پهتيون هيون. هر علائقي ۾ هڪ کوهه هوندو هو جتان علائقي واسي پاڻي ڀريندا هئا. صبح سوير پاڙي جا سمورا رهواسي قطار ۾ انهن کوهن سان ڳنڍيل ڏول ذريعي پاڻي مٿي ڇڪي

پنھنجي ضرورت موجب گھرن تي پاڻي ذخيرو ڪندا ھئا.

مقصودا بہ روزانو انھيءَ قطار ۾ موجود تہ ھوندي ھئي پر پنھنجي واري اچڻ تي پنھنجي بالٽي کوھہ کان پري رکي ويھي رھندي ھئي جو اُتي موجود ڪو ٻيو پاڙيسري ڏول ۾ پاڻي ڀري سندس بالٽيءَ ۾ پلٽائي. ورھين کان اِھو ٿيندي پئي آيو ڇاڪاڻ جو مسلمانن جي نظر ۾ جيڪڏھن ڪنھن غير مسلمان کوھہ جي ڏول کي ھٿ لڳائي پاڻي ڇڪيو تہ سڄو سارو کوھہ ناپاڪ ٿي ويندو.

تنھن سال برساتون گھٽ پوڻ ڪري کوھہ جو پاڻي وڃي تري سان لڳو ھو انڪري پاڙي جي سمورن رھواسين پاڻيءَ جو استعمال گھٽائي ڇڏيو ھو. اُن ڏينھن مقصودا جي اسپتال ۾ ايمرجنسي ڊيوٽي لڳل ھئي ۽ ڪيس جلدي پھچڻ لاءِ چيو ويو ھو. گھر پاڻيءَ جو ڦڙو ئي نہ ھو ۽ ان مھل کوھہ تي ڪو پاڙيسري بہ نہ ھو ڪجھہ دير اوسيئڙو ڪرڻ کانپوءِ مقصودا پنھنجي سر پاڻي ڀرڻ لاءِ اڳتي وڌي. اوسي پاسي ڪوبہ نہ ھو تنھنڪري پاڻ ئي تڙ تڪڙ ۾ ڏول وجھي پاڻي ڇڪڻ لڳي. ايندڙ وقت کان بيخبر ھوءَ تيار ٿي معمول جيان رشيدا بيگم جي گھران ٿيندي اسپتال ھلي وئي. ڪيس پتو نہ ھو تہ ھڪ پاڙيسريءَ کيس پاڻي ڀريندي ڏسي ورتو ھو جنھن کوھہ جي ناپاڪ ٿيڻ واري ڳالھہ ھر ڪنھن کي ٻڌائي. شام جو مقصودا پاڙي ۾ پھتي تہ سمورا ماڻھو کيس ڌڪار ۽ ڪاوڙ وچان ڏسي رھيا ھئا. پاڙي جي بزرگن وٽ سندس شنوائي ٿي جنھن جي سرواڻيءَ لاءِ پاڙي واري مسيت جي مولويءَ کي خاص طور تي سڏرايو ويو ھو ڇاڪاڻ جودين جو روح تہ ھو ئي پئي سمجھي سگھيو. اڄ پاڙي وارا جيڪي پنھنجي ھر ڏکيائي ۾ بنان ڪنھن ھٻڪ جي مقصودا کي پڪاريندا ھئا، ڪيس اوپري نظرن سان ڇتائي رھيا ھئا ڄڻ ھوءَ ڪنھن ٻئي اپگرھہ جي مخلوق ھجي. کوھہ جو پاڻي ناپاڪ ڪرڻ تي مقصودا تي لعنت ملامت ڪئي وئي. پاڙي جي ڪجھہ ماڻھن جن ۾ رشاد صاحب ۽ رشيدا بيگم پڻ شامل ھئا، مقصودا جي حمائت ڪرڻ لڳا پر اھڙي اُپار ۾ ڪير ٿو اھڙي ڳالھہ ٻڌي.

مولوي چپ چپات ڪنڌ جھڪائي ڪٿ تي وينو رھيو. پاڙي وارن مولويءَ ڏانھن ڏنو تہ جيئن ھو پنھنجو فيصلو ٻڌائي سگھي... آخرڪار

مولويءَ مقصودا کان نظر بچائيندي ڪيس پاڙي مان بيدخليءَ جو فيصلو صادر ڪيو.

مقصودا جا ڳوڙها وهڻ لڳا. هوءَ سيني جون تلخ ڳالهيون خاموشيءَ سان ٻڌندي پئي آئي پر مولويءَ جي فيصلي سندس صبر جو ڇيهه ڪري ڇڏيو هو.

”نيڪ آهي اڄ منهنجي هڪ بيجان ڪوهه ۽ ڏول کي ڇُهڻ سان پاڻي نجس ۽ ناپاڪ ٿي ويو آهي پر هڪ مسيحي نرس هٿان ملم پٽي ڪرائيندي، پنهنجي زالن جا ٻار ڄڻائيندي، پنهنجي ٻارن کي ٽڪا هڻائيندي، دوا درمل ڪرائيندي ڇا اوهين سڀئي ناپاڪ ۽ نجس نه ٿيا آهيو؟ جيڪڏهن ڪوهه ۽ ان جو پاڻي منهنجي ڇُهڻ سان ناپاڪ ٿي ويو آهي ته پوءِ هيءُ سڄو پاڙو ۽ ان ۾ رهندڙ سمورا ماڻهو به ناپاڪ آهن جو اوهان سيني جي بيمارين ۾ مون اوهان کي ڇهيو آهي. آئون پنهنجي ماءُ ۽ اوهانجي هڪ هم مذهب جي پيار جي يادگار آهيان. جيڪڏهن آئون نجس عورت آهيان ته اِهو نه وسارجو ته منهنجو پيءُ مسلمان مرد هو.“ اِهو چئي مقصودا مولويءَ تي طنز ڀري نظر وڌي ۽ سيني کي گنگ ڇڏي پنهنجي گهر رواني ٿي.

مولويءَ پريل اکين سان مقصودا کي ويندي ڏٺو ۽ پنهنجو ڪنڌ وڌيڪ نمائي ڇڏيو.

رشاد صاحب ۽ رشيدا بيگم اِها رات جاڳي گذاري. صبح سوير ٻئي زال مڙس پنهنجي پُٽ کي هنج ۾ کڻي مقصودا جي دروازي تي پهتا ته دروازي تي ڪلف چڙهيل هو جيڪو سڄي پاڙي جا ويچارا ڪدي رهيو هو.

ٽي پهر

صبح

سائرن وڄائيندي ايمبولنس تيز رفتاريءَ سان اسپتال جي ايمرجنسي وارڊ ۾ داخل ٿي. اسٽريچر تي رت ۾ ڳهاوَن پريل ستن ورهين جي هڪ نينگريءَ کي تڙ تڪڙ ۾ آپريشن ٿيٽر ڏانهن نيو پئي ويو. بارڙيءَ جي چهري، چاتي، ٽنگن ۽ هٿن تي بيرحم تشدد جانير پيل نشان هئا جڏهن ته تازن گهاوَن مان رت ٽمي رهيو هو.

مرٽينگ بارڙي آپريشن ٿيٽر ۾ زندگي ۽ موت جي ڪشمڪش ۾ هئي. ”اڃان هڪ سال به نه لنگهيو هو مون کي ڳوٺان هتي آئي. بابا کي چاچا ٻڌايو هو ته مالڪ ۽ مالڪياڻي وڏي دل وارا آهن هو مونکي پنهنجي گهر جو ڪم ڪار ڪرڻ عيوض پڳهار ڏيڻ ڪانسواءِ پڙهائيندا به. هت اچڻ کان اڳ مون کي سپنن ۾ هر پاسي رنگبرنگي ڪتاب ئي نظر ايندا هئا.

پر مالڪن جي گهر ڪم ڪار ڪندي ڪيترائي ڏينهن لنگهي ويا پر سپنن جو ڪو به رنگبرنگي ڪتاب منهنجي حصي ۾ نه آيو. آهستي آهستي اُهي ڪتاب منهنجي سپنن کان رُسي ويا.

انهيءَ گهر ۾ هڪ جيو منهنجو پيڇي هو، منهنجي مالڪن جو طوطو جيڪو سڄو ڏينهن پنجري ۾ رهندي گهرياتين جون ڳالهيون انتهائي اُڪير سان ورجائيندو هو. سندس پنجري ۾ داڻو پاڻي، چُوري ۽ ساوا مرچ رکڻ منهنجي ذميواري هئي. ظاهري طور تي مطمئن نظر ايندڙ اِهو طوطو مون جيان اُداس هو. اسين ٻئي هڪٻئي جون اڻ چيل ڳالهيون يلي يت سمجهندا هئاسين. اِها ڏاڍائي ته هئي جو اسين ٻئي ڪليل فضائن جا پنڇي هڪ جهڙي

بنديخاني ۾ هئاسين. مونکي ته هر پيري طوطي جون اکيون ”پنجرو کول“ جي منٿ ڪندي لڳنديون هيون. جڏهن گهر ڀاتي ڪيڏانهن ٻاهر ويندا هئا ته اسين ٻئي هڪٻئي سان ڪچهريون ڪندا هئاسين. آئون طوطي سان رنگبرنگي ڪتابن ۽ مالڪياڻيءَ جي مارڪٽ جو ٻنان ڪنهن هڪ جي ذڪر ڪندي هئس ۽ هو منهنجون ڳالهيون ڌيان سان ٻڌندو هو.

اڄ پهرين مئي هئي سو مونتي ڪم جو بار ٻيڻو ٿي ويو هو ڇاڪاڻ جو سڀئي گهرڀاتي پورهيتن جي ڏيهاڙي واري موڪل ملهائي رهيا هئا. نه ڄاڻ ڇو طوطو به اڄ صبح کان منهنجي ڪتابن واري ڳجهه تان هر هر پڙدو ڪڻي رهيو هو. مالڪياڻيءَ جا ڪن به هر هر ڪڙا ٿي ٿيا. اڄ ڪيس مونتي معمول ڪان وڌيڪ ڪاوڙ پئي آئي. هڪ اڌ ڀيرو طوطي کي به چڙٻ ڏنائين. ٻنپهرن جو جڏهن داڻو وجهڻ لاءِ پنجرو ڪوليم ته اِهو سوچي ته اسان ٻنهي مان ڪنهن هڪ کي ته آجپو ملي، سو ڄاڻي ٻوجهي اِهو ڪليل ڇڏي ڏنم. طوطي مونتي ٿورائتي نظر وڌي ۽ پڙڪو ڪائي آڪاش ڏانهن اُڏري ويو. انکانپوءِ ڇا ٿيو سو ياد نه اٿم، سواءِ صاحب جي لڪڻ ۽ مالڪياڻي جي نونشن واري مار جي.

فضا ۾ انيڪ طوطا ۽ نيرا، هيدا، ڳاڙها ۽ نارنگي ڪتاب نرت ڪندي منهنجي هٿ وس آهن.

اڄ طوطو ۽ آئون ٻئي جبري قيد مان آجا ٿياسين“

ستن ورهين جي ٻارڙيءَ جي وينٽي ليٽر تي ٻن ڏينهن کان آڏيون ڦڏيون هلڻ کانپوءِ لاٽنون سڏائي ۾ هلڻ شروع ٿي ويون.

شام

”اچي ويو باسترد....“شهر جي پوش علائقي ۾ نهيل هڪ عاليشان گهر جي انٽرڪام تي پنهنجي اچڻ جو اطلاع ڏيڻ تي پويان کان زناني آواز ۾ ورندي آئي.

ضروري ناهي ته دولت جي گهٽائي دل جي ڪشادگيءَ جو به سبب بڻجي! جيترو ڌن ايتروئي من تنگ.

”واءِ آر يو سو ليٽ؟ اسين ڪيڏي دير کان ڪاڏي جو انتظار پيا ڪريون“ هڪ مرداڻو آواز آيو.

”سائين! تيز برسات وسي رهي هئي ۽ رستي ۾ منهنجي بائيڪ به

خراب ٿي پئي هئي، انڪري دير ٿي..” مون ٻاڏايو.

”مونکي ڪمپلين ڪرڻي پوندي. نالو ڇا آهي تنهنجو؟“ صاحب جو ڪاوڙ ڀريو آواز اُڀريو.

”سوري سر! آئينديِ ايئن نہ ٿيندو“ آئون برسات ۾ ٻڏل هئس ۽ پنهنجي بائيڪ کي پاراتا ڏئي رهيو هئس.

نيٺ هنن جو نوڪر ٻاهر اچي پنهنجو آرڊر وصول ڪري رمندو رهيو .عيدي يا ٽپ تہ پري جي ڳالهہ، پنهنجي نوڪري وڃائڻ جي ڊپ وچان تڙتڪڙ ۾ پنهنجي بائيڪ اسٽارٽ ڪري اُتان ڀڄي نڪتس.

منهنجو هيءُ ٻيو سال هو گهرن تي کاڌي جا آرڊر پهچائڻ جو. اسين رائيڊرز ماڻهن جا روزانو گتا لفظ ٻڌي ڄڻ تہ انهن جا عادي ٿي ويا آهيون. دير ٿيڻ تي پنهنجو آرڊر وصول ڪندي جيڪڏهن ڪو تميز جو مظاهرو ڪندو آهي تہ سندس ذهني صحت تي شڪ ڪرڻ لڳندا آهيون. صبح کان جو ڪم شروع ڪندا آهيون تہ پتو ئي نہ پوندو آهي تہ ڪيڏي مهل رات ٿي وئي آهي. ٿڪاوٽ جو احساس روز ڪٽ تي ليٽندي ئي ٿي ويندو آهي جڏهن جسم ڪنهن ڳوڙهيءَ جيان سور ڪرڻ شروع ڪندو آهي. سڄو ڏينهن گهاٽي جي ڏاند جيان ڀڄ ڊُڪ جسم جي سموري سگهہ نپوڙي ڇڏيندي آهي تہ من چوري چوري پنهنجي ڦٽيچر موٽرسائيڪل تي لڳل ڊبي ۾ پيل طعام کائڻ تي هرڪندو آهي.

سڄي شهر ۾ ماڻهن کي موسم کي آڏو نہ رکندي سندن من پسند کاڌو پهچائڻ منهنجي پيشي جو پهريون شرط آهي. اوهين پاڻ فيصلو ڪريو تہ ڇا منهنجو من نہ ڪندو هوندو بيشڪ ٿورڙي ئي سهي پر اِها لذيذ خوراڪ پنهنجي ڪُک ۾ اوتڻ جو پراسانجي ياڳن ۾ فائيو اسٽار هوٽلن، ڪيفي، ريسٽورينٽن ۽ خوراڪ ماڳن آڏو ٻانهون ٻڌي قطار در قطار پنهنجي واري جو انتظار ڪرڻ ئي لکيل آهي جو جيترا وڌيڪ آرڊر ماڳ تي پهچائيندا سين اوتري ئي وڌيڪ ڪميشن ملندي.

عيد جو پهريون ڏينهن هو ۽ اِهو سوچي ئي ڪم ڪرڻ تي راضپو ڏيکاريو هئم تہ ٽپ ۽ عيدي ملڻ جو آسرو هو پر برسات سيڪجهہ ڌُڦ ڪري ڇڏيو هو.

”منحوس ڏينهن آهي اڄ منهنجي لاءِ.“ من ۾ ويچاريم.

برسات بس نہ پئي ٿي، جنهنڪري ڪيفي جي انتظاميا هوم ڊليوريءَ جا آرڊر ونڻ کان ڪيٻائي رهي هئي. سڄي ڏينهن ۾ فقط هڪ آرڊر، سو بہ بنان ٽپ جي مليو هئم. شام ٿيڻ واري هئي سوچيم تہ هاڻ گهر هليو وڃان جو برسات ۾ وڏيڪ ڪو آرڊر اچڻو نہ هو. اڃان انهيءَ بڏتر ۾ ئي هئس جو ڪيفي کان فون آيو تہ هڪ آرڊر پهچائڻو آهي ارجنٽ.

پتو جيئن تہ هڪ پُر تعيش اپارٽمنٽ جو هو سو سيگهہ ۾ آرڊر جو پارسل ڪنيم ۽ ٿورڙي دير ۾ بائيڪ هوا سان ڊوڙڻ لڳي. وقت کان اڳ منزل تي پهتس تہ هڪيپيرو ٻيهر مناسب ٽپ ۽ عيدي ملڻ جي آس ڪَرَ موڙيا. اپارٽمنٽ جي ٽين ماڙ جو پتو هو لفٽ ۾ داخل ٿيس تہ من ۾ ٻيهر ترنگ اُٿي تہ هن ڀيري چڱي موچاري ٽپ ضرور ملندي.

ٽين ماڙ تي پهچي لفٽ مان نڪري پتو ڳولهڻ لڳس. سامهون شيشي جي ناهوڪي بالڪونيءَ مان هلڪي برسات جون ٻوندون من موهي رهيون هيون.

گهربل دروازي تي پهچي اڃان گهنٽي وڃائي ئي مس هئم جوسامهون واري فليٽ جو دروازو اوچتو کليو ۽ هڪ خونخوار ڪتو ڪنهن رسيءَ ڪانسواءِ مونتي باهوڙيو. ڊپ وگهي منهنجي هٿ مان ڪاڏي جو پارسل ڇڏائجي وڃي زمين تي ڪريو مون بہ ويرم نہ لڳائي ۽ سوچڻ سمجهڻ ڪانسواءِ ونِي ڊوڙ پاتم. لڳم تہ اڄ انهيءَ بکايل ڪتي جو کاڄ بڻجي ويندس، ڊپ ذهن ۾ واسو ڪري تہ پوءِ سوچڻ سمجهڻ جي صلاحيت ختم ٿي ويندي آهي. تيزيءَ سان ڊوڙندي وڃي شيشي جي بالڪونيءَ ۾ لڳس. بالڪوني هاڻ منهنجي پويان هئي ۽ اڳتي ڊوڙڻ جي ڪا وٿي نہ هئي. ان کان اڳ جو ڪتو مونتي حملو ڪري، ٽين ماڙ واري انهيءَ من موهيندڙ بالڪونيءَ کان ٽپ ڏيڻ ۾ ئي پنهنجو بچاءُ ڏٺم چاڪاڻ جو اڄ واقعي منهنجي لاءِ منحوس ڏينهن هو.

تيز برسات ۾ رت ۽ پاڻي گڏيا رهيا ۽ پارڪنگ ۾ بيٺل ڦٽيچر موٽرسائيڪل پنهنجي پيچيءَ جو اوسيئڙو ڪندي رهي.

رات

جنوريءَ جي ڪنبائيندڙ ٿڌي رات جي ٻئي پهر ڪنهن معصوم جون

هڏڪيون اونداهي ۾ سانت ڪي چيري رهيون هيون. اڄ انهيءَ تيرهن ورهين جي ٻارڙيءَ ڪي مالڪن تمام گهڻي مار ڪٽ ڪئي هئي، سبب ڪم ڪار ۾ ڪوتاهي بلڪل نہ هو پر مالڪياڻيءَ جي ننڍي پٽ جي شهوتي خواهش آڏو ڪنڌ نہ نمائڻ هو.

ڪو سال کن اڳ سندس پيءُ ڪيس ڪم ڪار ڪرڻ واسطي ڳوٺان شهر وٺي آيو هو ۽ مالڪن کان پيشگي رقم وصول ڪري انهيءَ معصوم کي سندس رحم ڪرم حوالي ڪري هليو ويو هو، هُن هڪ لحاظ کان پنهنجي ڌيءَ کي وڪڻي ڇڏيو هو. سڄو ڏينهن گهر جو هر ياتي ڪيس ڦرموٽيءَ وانگر ڪم لاءِ هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙائيندو هو ۽ هوءَ بہ گهر جا سمورا ڪم ڪار ڦڙتيءَ سان ڪندي هئي. سندس وس ۾ هجي ها تہ ڪر سڄ لهڻ ئي نہ ڏئي ها جو رات جا گهرا ٿيندڙ پاڇا سندس من ۾ هڪ اڻڄاڻ ڊپ پکيڙڻ لڳندا هئا. ڪٿولي تي سمهندي ئي روز هڪ رڙهندڙ پاڇولو سندس هنڌ ۾ گهڙي سندس جسم مهٽڻ لڳندو هو. ٿڪ هوندي بہ ڪيس پنهنجي بُت تي ڦرندڙ انهيءَ هٿ کان ڪرهت ٿيندي هئي. هوءَ ڊپ ۽ لڄ وگهي اِهو سڀڪجهہ چپ چپات ۾ سهندي رهي، جنهن سبب ننڍي مالڪ جي هشي ملندي رهي.

ٻارڙي گهر جي پوئين حصي ۾ نهيل پاڻيءَ جي ٽانڪيءَ پويان ويڙهي سيڙهي ايئن چپ چپات ۾ ويٺي هئي جو ڪنهن جي بہ متس نظر نہ پئجي سگهي. جسم تي ٿڏن ۽ نونشن جي وسڪاري سبب پيڙاهاڻ ڪليل ۽ ٿڌي آڪاش هينان وڌيڪ سخت ٿي رهي هئي. اهڙي صورتحال ۾ هوءَ پنهنجي ماءُ جي ڪوسي هنج بدران پسيل ٿڌي زمين تي وٿيل سٽيل ويٺي هئي. معصوم ذهن لاءِ سمورن گهرياتين جو ورتاءُ سمجهہ کان مٿيرو هو. پنهنجي ليکي هُن ننڍي مالڪ طرفان هٿ چراند ڪرڻ واري شڪائت ڪري درست ڪم ڪيو هو. نہ ڄاڻ ڇو پوءِ هر ڪنهن ڪيس ڊيڄاريو ۽ ڌمڪايو ۽ ڪيهہ جيان ڪٽيائونس؟ سمورا گهرياتي نمازِ روزي جا انتهائي پابند هئا. پڙدو ڪرڻ تہ جڻ سندن ئي ڪٽنب لاءِ فرض ٿيو هو. شايد انهيءَ ڪري ئي پنهنجي لاڏلي پٽ جي بدڪاريءَ تي پڙدو وجهڻ ٿي چاهيائون.

رات جي اونداهيءَ ۾ ٻارڙيءَ جا هڏڪا پساهہ پورا ڪندي محسوس ٿي رهيا هئا.

بَبو

هو گذريل پندرهن منٽن کان منهنجي هنج ۾ پنهنجو ڪنڌ رکي سڪون سان ليٽيل هو، آئون ڪيس هلڪي ٿڦڪي ڏئي رهي هئس. سندس نيڻ اجان تائين پنل هئا، اڄ پهريون ڀيرو سندس نيڻن ۾ وهندڙ ڳوڙها ڏسي اچرج ۾ پئجي وئي هئس. قدرتي گهاٽي ڪاري ڪجل سان رنگين تڪا نيڻ سندس پيشانيءَ تي واضح هئا. اڄ هڪ مهيني ڪانپوءِ انگلينڊ کان موٽيس ته هُن منهنجو قربائتو آڌرياءُ ڪيو. ڪڏهن هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙ تي پاتائين ته ڪڏهن وري ٽپ ڏيئي مون کي پيار تي ڪيائين يا وري پنهنجي ننيڙن پر سگهارن پيرن جي بار سان مونکي زمين تي ٿي ڪيرايائين. هڪ عجيب پيار پري هوڏ هلندي رهي. سندس ڇاتي ڌڙڪي جيان ڦوندجي رهي هئي.

”ريليڪس بيبي ڪام ڊائون.... آءِ ايم بيڪ نائو.“ ڪيس ٿڦڪي ڏيندي معمول جيان ساڻس ڳالهائڻ لڳيس. هاڻ هو ٿڪجي پنهنجو ڪنڌ منهنجي هنج ۾ رکي شانت ٿي ويو هو.

بَبُو ٻه هزار چوڏهن ۾ اسانجي گهر آيو هو جڏهن اسانجي هڪ دوست اسانکي سوکڙي ڪري ڏنو هو. هيءُ ببو جو ٽيون گهر هو. پهريون انهيءَ دوست جو جتي سندس ماءُ پيءُ کيس ٽن ٻين ٻارن سوڌو پئدا ڪيو هو، ٻئي گهر ۾ ڪجهه مهينا رهڻ ڪانپوءِ نه ڄاڻ ڇو اسانجي دوست جي گهر موٽي آيو هو ۽ هاڻ اسان سان رهڻ لڳو هو. اسانجي گهر سندس پهرين رات جڏهن ڪاڏو ڏنو مانس ته ان ڏانهن نهاريائين به ڪونه. سوچيم ته نئون گهر اٿس سو آهستي آهستي هري مري ويندو. پوءِ سندس گاديلو ورانديءِ ۾ وجهي پنهنجي

ڪمري ۾ اچي سمهڻ لاءِ ليٽيس تہ ننڊ نيڻن کان ڪوهين ڏور هئي. سڄي رات پاسا ورائيندي گذاريم. صبح جو ٻانگ جو آواز ايندي ئي هڪدم اُٿيس ۽ وڃي دروازو کوليم تہ ٻبو ڪنڌ ۾ رسي سوڙو چبوتري تي دروازي سان لڳيو وينو هو.

دروازو کلڻ جي آواز تي هُن پنهنجو ڪنڌ مٿي ڪندي پيار ۽ پاٻوهہ ڀريل التجائي نظرن سان مون ڏانهن نهاريو. سندس اکيون قدرتي ڪجل سان ڀريل هيون. نہ ڄاڻ اُهو ڪهڙو پل هو جو اڄ ٻارهن ورهين ڪانپوءِ بہ وساري نہ سگهي آهيان. ٻبو جي نيڻن ۾ هڪ وينتي هئي جيڪا جيڪڏهن اُن ڏينهن نہ ڏٺي هجيم ها تہ ڪر ٻين جانورن جي اکين ۾ وسندڙ ٻيوسي بہ سڄي زندگي پروڙي نہ سگهان ها.

ان پل ئي ٻبو کي رسيءَ مان آجو ڪيم ۽ دروازي جا ٻئي پُٽ کولي گهر جي هڪ وڏيڪ ياتيءَ جو آڌر ڀاءُ ڪيم.

ٻبو شايد انهيءَ انتظار ۾ هو ۽ هڪدم خوشيءَ وچان ٽپڪندي نينگ ٽپا ڏيندو لائونج مان ٿيندو ڪڏهن هڪ ڪمري ۾ تہ ڪڏهن ٻئي ڪمري ڏانهن تي ڊوڙيو، هر ڪا شئي تي سونگهيائين ۽ جتي ڪٿي ٽنگ مٿي ڪري ڪارنامو تي سرانجام ڏنائين. اڙي هيءُ ڇا پيو ٿئي ؟ آئون پويان پويان پوتڙي سان سندس ڪاروائي صاف ڪندي پئي ويس ۽ هو هيڏانهن هوڏانهن وڏيڪ ڦوهارو هٽي رهيو هو. نہ صاحب! ايئن معاملو گهڻي دير تائين هلي نہ سگهندو. ڪيس ٻاهر ئي رکڻو پوندو پر سندس ڪجل ڀريون معصوم نظرون هڪ ڀيرو ٻيهر مونسان ٽڪرايون تہ سوچيم تہ جيڪڏهن ٽن ڏيئرن جي پالنا ۽ تربيت ڪري سگهان ٿي تہ هيءُ تہ پوءِ بہ وري بي زبان جانور ئي آهي. بيشڪ ستن انن مهينن جو تي ڇڪو آهي پر اجان وقت ويو ناهي، شايد انهن سمورين ڏنگائين کان پاسو ڪرڻ سکي وڃي. گهر اندر گند نہ پکيڙي بس اهو سوچي ڪيس ڊيڄارڻ ڏمڪائڻ جا مختلف حربا ڪتب آڻڻ شروع ڪيم، جن مان آخرڪار هڪ ڪامياب ٿيو. جڏهن بہ ٽنگ مٿي تي ڪيائين اوڏي مهل ئي پادر هٿ ۾ ڪٺي ڏانهس تي ڊوڙيس ۽ ڪيس ٻاهر اڱڻ ۾ هڪلي ڪجهہ دير لاءِ دروازو بند ڪري تي ڇڏيم.

ڪو ڏهن ٻارهن ڏينهن اندر ٻبو اهڙي ڪاروائي ٿيڻ کان اڳ ٻاهر

ڏانهن ڊوڙ ٿي پاتي، ايستائين جو آڌي رات بہ جيڪڏهن رفع حاجت جي ضرورت ٿي پيس تہ اسانکي جاڳائڻ لاءِ دروازي کي پنهنجي اڳيان پيرن ۽ نهن سان ايئن رهڙيندو هو جو اسان مان ڪو نہ ڪو جاڳي پوندو هو.

ببو "الفا" هئڻ ڪري قدبت ۾ پنهنجي ماءُ پي ۽ پينرن ۽ پائرن جي پيٽ ۾ وڏو ڄائو هو انڪري نخري باز بہ گهڻو آهي. ڪيس اندازو آهي تہ اچن وارن ۾ ڪجل پريل اکيون، ڪاري ٿوٿني ۽ ڦوهاري جيان اُبو پڇ ڪيس موهيندڙ ۽ سهڻو تا بڻائين. ببو گهر ۾ سڀ ڪان وڌيڪ مون سان لاڏ ڪوڏ ڪندو آهي جڏهن تہ ناظر کي گهر جي وڏي طور مان بہ ڏيندو آهي تہ پيار بہ. ٿنهي ڏيئرن سان ٿينگ مستي بہ ضرور ڪندو آهي پر هڪ حد پڻ رکيائين. باقي جڏهن چوڪريون تعليم واسطي پرڏيهہ ويون تہ ببو هر هر سندن ويران ڪمرن ۾ وڃي سندن شين کي سونگهيندو هو ۽ پهرن جا پهر اُداس ويهي ساڻن پنهنجي اُڪير جو اظهار ڪندو هو.

ببو جي گهر اچڻ جي ٽن مهينن ڪانپوءِ هڪ اهڙي وارتا ٿي جنهن مان لڳو تہ ببو کي پوين ٻن گهرن مان چو ڪڍيو ويو هو. "امان.. امان..." وڏي ڌيءَ جي روئڻ جي آواز ۽ ٻنهي نندين جي دانهن مونکي پنهنجي ڪمري مان ڊوڙ پائڻ تي مجبور ڪيو. "چا ٿيو؟" آئون هيسجي وئي هئس. ڪمري ۾ منهنجي وڏي ڌيءَ جي ٽنگ تي ڏندن جا ڳاڙها نشان هئا ۽ هوءَ پيڙا ۽ ڊپ وگهي روئي رهي هئي جڏهن تہ ببو پريرو خاموش وينو هو. پڇڻ تي پتو پيو تہ ڌيءَ سان ٿينگ مستي ڪندي سندس ٽنگ ۾ ڏند ڪپائي ڇڏيا هئائين. پنهنجي ڌيءَ جو اِهو حال ڏسي ببو تي سخت ڪاوڙ آيم ۽ پهريون پيرو ڪيس جُتيءَ سان رڳو ڊيڄاريومانس ئي نہ پر بہ وهائي بہ ڪڍيونمانس.

ببو کي ويڪسين لڳل هئي، پوءِ ڌيءَ کي ڊاڪٽر وٽ وٺي وياسين ۽ اينٽي بايوٽڪس جو ڪورس بہ ڪرايوسين.

هاڻ سيئي هڪ هڪاٽي تي ويچارڻ لڳاسين تہ ببو جو چا ڪجي. گوگل تي ڳولا ڪرڻ تي پتو پيم تہ ببو اِها حرڪت چو ڪئي ۽ انجو حل چا ڪجي. تڏهن پتو پيم تہ ڪتا بہ باءِ پولر ٿيندا آهن.

ٻيو سبب نندپڻ ۾ سندس ٽنگ جُهرڻ ۽ ڪن ڪپجڻ هو. ببو جي اڳوٽي سنڀاليندڙ سندس ڪن اهڙي ريت مهٽيو جو ان جي نازڪ هڏي جُهري

پئي. ٽنگ بہ ڪنهن جي هنج مان ڪرڻ تي جُهري هئي. سو ببو پين ڪتن وانگر هر ڪنهن کان پيار ڪرائڻ ۽ هٿ ڦيرائڻ پسند نٿي ڪيو جو ڪيس ڪنهن تي بہ ڀروسو نہ هو، سواءِ ڪجھ ماڻهن جي. ببو کي ٽڙڻ بدران ممڪن حد تائين سمجهڻ ۽ گهر ڀاتين کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪيم. سندس عادتن پٽاندر پنهنجو پاڻ کي نهڪايم ۽ ٿورڙو ڪيس دڙڪو داٻ بہ ڪيم. ببو جيترو ڏکيو ٻار هو اوترو ئي سمجهو پڻ. ڪيس منهنجي من جي ويجهو ماڻهن کي پروڙڻ ۾ ويرم ئي نہ لڳندي هئي ۽ ساڻن ڪجھ ملاقاتن کانپوءِ دوستاڻو سياءُ رکندو هو.

”هو ڏسو گاڏيءَ ۾ ڪتو پيو وجي، ڪيڏو نہ سهڻو آهي، ڪيئن نہ مزي سان ڪنڌ ٻاهر ڪڍي هيڏانهن هوڏانهن پيو ڏسي.“ پرسان لنگهندڙ سمورين گاڏين جا مسافر پوءِ ڀل ٻار هجن يا وڏا، ببو کي گاڏيءَ جي دريءَ مان مُنڍي ٻاهر ڪڍي ڏسي اهڙائي جملا چوندا آهن. گاڏيءَ جي سواري ببو جي من پسند وندر آهي. گاڏيءَ جي چاٻي ڪڍڻ جي دير هوندي آهي، هو بہ پڇ لوڏيندو اچي پهچندو آهي ۽ اُسهڻ کان اڳ ڪَرَ موڙڻ شروع ڪري ڏيندو آهي پوءِ ڀلا ڪيس ڪيئن نہ گڏ وٺي وڃجي، ڀلي علائقي جي مارڪيٽ تائين وڃڻو هجي يا اي ٽي ايم مشين تائين، دوستن جي گهر ڪو ڪاج هجي يا امان جي ياترا، ببو هر وقت تيار، هر هنڌ گڏ هلڻ لاءِ اتاولو. انڪري سنگتي ساٿين بہ ببو کي اسانجي ڪٽنب جي حصي طور قبول ڪري ورتو آهي.

اسان واري سموري سيڪٽر ۾ ماڻهو مونکي ۽ ببو کي ”ببو والي باجي“ يا ”ببو والي آنٽي“ طور سڃاڻن ۽ سڏين ٿا جو هو سدائين مون سان گڏ گاڏيءَ ۾ ايندو ويندو آهي. جڏهن نينگريون اسڪول ۾ پڙهي رهيون هيون تہ آئون ئي کين اسڪول ڇڏيندي هيس ۽ واپس آڻيندي هيس ۽ ببو مونسان گڏ کين ڇڏڻ ۽ وٺڻ لاءِ هلندو هو. صبح سوير جڏهن ننڍاڪڙي اکين ۽ ٻوٽ ڦٽايل هر جمار جي ٻارن جي چهرن تي ببو کي ڏسي سرهائي ۽ تازگيءَ جيڪا ٽڙندي هئي سا انتهائي خوشگوار هوندي هئي. ٻار پنهنجي گاڏين يا ويگنن مان رڙ ڪري پڇندا هئا، ”آنٽي! هن جو نالو ڇا آهي؟“

”ببو..“ آئون وراڻي ڏيندي هئس.

گهڻو تڻو وقت ببو مونسان ئي گاڏيءَ ۾ هوندو آهي تہ لازمي طور

تي هو ئي مونسان گڏ اڳين سيٽ تي هوندو آهي پر منهنجي انهن دوستن لاءِ اِها سيٽ خالي ڪري ڇڏيندو آهي جن کي آئون پاڻ سان گڏ ويهارڻ چاهيندي آهيان.ننڍڙو دماغ هوندي به ايترو عقل جو آئون دنگ رهجي ويندي آهيان.

ڪير ٿو چوي ته جانورن جا اُڏما ۽ احساس نه هوندا آهن ؟

”چڱو نيڪ آهي... هلي ماني کائو... نيڪ آهي پوءِ تا ڳالهايون..“

جهڙو ڪو جملو آکڻ جي ڪا بس دير هوندي ته ببو جو پڇ گاڏيءَ جي وائپر جيان لڏڻ شروع ٿي ويندو آهي يعني هاڻ ”هلو“ انتظار ڇو ۽ ڪنهن جو؟

جڏهن کان ببو گهر جو هڪ ڀاتي بڻيو آهي تڏهن کان پسار ڪرڻ معمول بڻجي ويو آهي. اسانجي گهر جي اوسي پاسي ڪيترائي پارڪ آهن، پهرين ته ببو کي ڪجهه وڏ سري پارڪ وٺي ويندي هئس پر اُتي پونڪڻ جي ذميواري ببو بدران ڪجهه صاحبن پنهنجي ذمي ڪنئي ۽ اڪثر مونکي ببو سان گڏ ڏسي سندن وڦ ڳڙڻ لڳندي هئي... هن نجس جانور کي پارڪ ۾ آڻڻ جي اجازت ناهي، اوهان ڇو پاڻ سان گڏ هن کي آندو آهي... ۽ ان ڪانپوءِ ڪتن جي ناپاڪي ۽ انسان جي پاڪائي تي پاشڻ شروع ٿي ويندو هو...

هڪ ڏينهن برداشت کان ٻاهر ٿيو ته ڪين ست سُريون ٻڌايم.

”صاحب! ڪتي کي پارڪ ۾ آڻڻ جي سزا ته ٿي هزار رپيا ڏنڊ آهي جڏهن ته ڪنهن عورت کي هيسائڻ جي سزا ٽي سال ٽيپ آهي.“ منهنجي انهيءَ ڳالهه تي هُن ڪڙين تي زور ڏنو. ان ڪانپوءِ سامهون ايندو هو ته هٽي پاسو ڪندو هو.

ان ڪانپوءِ انهيءَ پارڪ ۾ وڃڻ کان منهنجو ارواح ئي ڪڇي ويو. هڪ ڏينهن گهر جي سامهون ئي هڪ ننڍي پارڪ ۾ ببو کي وٺي ويس جتي پسار ڪندڙ ماڻهو دوستاڻي سياءُ وارا هئا سو هاڻ ڏهن سالن کان ببو کي صبح ۽ شام پسار لاءِ اوڏانهن ئي وٺي ويندي آهيان.

”اوهان ئي آهيو نه جيڪا پنهنجي ڪتي کي هڪ وڏي شاهي ليبرا ڊور کان بچائڻ واسطي بنان سوچڻ سمجهڻ جي آلي مٽيءَ تي ويهي رهيون هيون ؟“ پسار تي روزانو نظر ايندڙ هڪ همراهه مون کان پڇيو.

مونکي هڪ پراڻو واقعو ياد آيو جڏهن ببو فقط ٻن ورهين جو هو

”جي بلڪل... پر اِها ته ست سال اڳ جي ڳالهه آهي.“ مون ورندي ڏني ”جي جي... اڙي سانڻ! اوهان ته پنهنجي ڪتي کي اهڙي ريت دليريءَ سان بچايو

هو جيئن ڪڪڙ پنهنجي چوزن ڪي ٻليءَ کان بچائيندي آهي. گهر موٽي هر ڪنهن کي اِهو ٻڌايو هئم.“

هو صاحب ڳالهائيندو رهيو، ”اصل ۾ اسين پويان ڪيترائي سال دبئي ۾ هئاسين، هاڻ ڪو ٻه مهينا ڪن اڳ موٽيا آهيون. اڄ اوهان تي نظر پئي ته اُهو واقعو ياد اچي ويو. هاڻ ته اوهانجو ڪُتو وڏو ٿي ويو هوندو.“

”ڪُتو نه پر سندس نالو ببو آهي“ مون زور ڏيندي چيو.

بس انڪانپوءِ پارڪ ۾ ڪنهن به ببو کي ڪُتو نه سڏيو.

هڪ سال ٿائين ته ببو جي ڳچيءَ ۾ پٽو وجهي پارڪ ويندي هئس، پوءِ آهستي آهستي ڪيس بنان پٽي جي ئي ونئي وڃڻ لڳيس ۽ هاڻ ڏهن سالن کانپوءِ هرهنڌ بنان پٽي جي ئي ويندو آهي شروعات ۾ ڊڪندڙ ماڻهن تي ڀونڪندو هو.

”ڀڄو! جڏهن سامهون کان ببو ايندو هجي ۽ اوهين تڪو ڊوڙندي ٿا اچو ته هو ليڪي ٿو ته اوهين مٿس ڪاهه ڪرڻ پيا اچو، ان ڪري ڪوشش ڪريو ته ببو جي سامهون اچڻ مهل ڊوڙڻ بدران پسار ڪريو يا ٽريڪ تان هٽي گاهه تي ڊوڙڻ شروع ڪري ڏيو.“

آئون ڊوڙندڙ ماڻهن کي مفت مشورو ڏيندي هئس ته منهنجي ڌيءَ جيڪا اڪثر اسان سان گڏ هوندي هئي، اچرج وچان مون ڏانهن نهارڻ لڳندي هئي.

”واؤ.. امان هيءُ ٽريڪ انسانن لاءِ آهي ۽ تون... هائو اسٽرينج.“ هوءَ اچرج وچان چوندي هئي.

انسانن هزارين سالن کان دنيا ۾ وسندڙ جانورن ۽ پکي پنڇين جي زندگي عذاب بڻائي رکي آهي. آزاد ڦرڻ، اڏامڻ ۽ رهڻ واري مخلوق کي اسان ترقيءَ جي نالي تي قيد ۽ مجبور بڻائي ڇڏيو آهي.

ببو جي زندگيءَ ۾ اچڻ کانپوءِ، گهٽيءَ ۾ ڏاٽي پاٽيءَ لاءِ ڀٽڪندڙ رولو ڪتن، ڳاڏين هيئنان چيپاجندڙ ٻلين، مٽن جي مقدار ۾ سامان جي بار هيئنان دٻيل گڏهن جي ابتر حالت هاڻ واضح طور تي نظر اچڻ لڳي هئم،جيڪا شايد اڳي ڏسڻ کان محروم هيس.

پتو اٿم ته ببو جهڙي ڏکئي بار جو ڪنهن ٻئي گهر رهڻ سولو نه

هجي ها پر ٻٻو جي اسان جي گهر ۾ شموليت اهڙي رونق جو سبب بڻي آهي جو هاڻ اِهو سوچڻ بہ نٿو پڄي تہ ٻٻو ڪانسواءِ زندگي ڪيئن ٿي گذاري سگهجي. هيءُ اُهي ٻچا هوندا آهن جيڪي ڪڏهن بہ وڏا نہ ٿيندا آهن انڪري گهڻو ڪجهہ ڪمپرومائيز ڪرڻو پوندو آهي. پل ڪيڏانهن گهمڻ ڦرڻ وڃڻو هجي، شاپنگ ڪرڻي هجي، هوٽلنگ جو شوق چڙهي يا ڪراچيءَ ڏانهن اُسهڻو هجي، هر اُها شئي محدود ڪري ڇڏي اٿئون، جتي ٻٻو جو وڃڻ ممڪن نہ هجي.

منهنجا سهڻا، منهنجا پيارا چنڊ، چنون منون، گڊو ٻچا، جانو ٻچا چئي سڏيو تہ ٻٻو هڪ پل جي دير ڪرڻ ڪانسواءِ پڇ لوڏيندو اچي سامهون بيهندو آهي جڻ تہ ڪيس انهيءَ ڳالهہ تي ڪو شڪ شبهو ئي ناهي تہ اِهي اعزازي لفظ فقط هُن لاءِ ئي ادا ٿيڻ جوڳا آهن.

ٻٻو هاڻ يارهن ورهين جو ٿي ويو آهي ڪتي جو هڪ ڏينهن انساني ستن ڏينهن برابر هوندو آهي، انجو مطلب اِهو ٿيو تہ هاڻ هو ستهتر ورهين جو آهي. هڪ وقت هو جڏهن ٻٻو جوانيءَ سان ٽمٽار هو. پارڪ وٺي وڃڻ تي سندس ڏور ايتري سگهہ سان ڇڪڻي پوندي هئي جو اسانکي بہ ساڻس گڏ ڊوڙڻو پوندو هو. پوپٽن، جهرڪين ۽ ڪانون پويان ايئن ڊڪندو هو جو ڄڻ انهن کي جهٽي وٺندو پر هاڻ منجهس اُها سگهہ ۽ ڦڙتي ناهي رهي، هاڻ پارڪ جو اڌ ڦيرو ڏئي تہ بہ ڇيهہ ٿيو. ورلي ئي ڊوڙندو آهي، هلڻ ۾ بہ سست ٿي ويو آهي. ڦٽاڪا،طوفاني برسات، وڄ جو ڪڙڪو اجان تائين ڪيس هيسائي ٿا ڇڏين ۽ هو منهنجي وجود ۾ ايئن لڪي ويندو آهي جڻ آئون سندس نجات ڏياريندڙ هجان. اڳي جيان هاڻ بہ سندس وجود اسانکي ڇڳن ڏينهن ۾ ڪلائڻ ۽ ڏکويل ڏينهن ۾ روئڻ لاءِ ڪلهو ٿو فراهم ڪري. آئون ڪنهن هيڪ ڪانسواءِ ساڻس من جون اُهي ڳالهيون بہ سليندي آهيان جيڪي شايد پنهنجو پاڻ ڪان بہ لڪائڻ گهرجن ڇاڪاڻ جو ڇاڻان ٿي تہ هو مونتي پنهنجي راءِ جا تبرا نہ ڪندو.

ننڍپڻ ڪان ٻڌندي پئي اچان تہ جنهن گهر ۾ ڪتا هوندا، اُتي فرشتا نہ ايندا. اِهو تہ پتو نہ اٿم تہ فرشتا منهنجي گهر اچن ٿا يا نہ.... ها پر ايترو پتو اٿم تہ جڏهن ڪان ٻٻو اسان جي گهر آيو آهي، فتني باز ماڻهو ٿورڙي ئي عرصي اندر اسان ڪان پرپرو ٿيندا پئي ويا آهن ۽ فرشتن جهڙي صفتن جا مالڪ دوست يار اسانجي زندگيءَ جو حصو بڻبا رهيا آهن.

احتياط ماڻهن کان

پارڪ ۾ پسار ڪندڙن مان هوءَ سيني کان ڏار لڳندي هئي، جنهن کي نہ اوسي پاسي جو ڪو هوش هوندو هو ۽ نہ ئي ڪنهن جي پرواهہ. اباڻڪيون اکيون، تيل سان ستيل لھرن جيان اچا وار ۽ مُک تي اڻچاتل وحشت جنهن سندس چهري جي ريکائن کي اجائين وڏيڪ گهرو ٿي بڻايو. ڪڏهن سلام ڪجيس تہ عجيب انداز ۾ بڙبڙ ڪرڻ لڳندي هئي. ڪيس ڏسي سدائين اِها ولوڙ ٿيندي هئي تہ هوءَ انهيءَ حال ۾ ڇو ۽ ڪيئن پهتي.

سندس گهر پارڪ جي سامهون رستي سان لڳو لڳ هو. جينز ۽ ٽي شرٽ پهريل هڪ سنهڙي سپلڪڙي ڏِکھي نوجوان ڇوڪري روزانو ساڻس گڏ ايندي هئي ۽ سختيءَ سان ڪيس تاڪيد ڪندي هئي تہ، ”پڦي! پارڪ جو هڪ چڪر لڳائڻ ڪانپوءِ هن بينچ تي ويهي منهنجو انتظار ڪجان“ اِهو چئي ڇوڪري تہ جڻ اڏام ڪٽولي تي سوار ٿيندي هئي ۽ هوءَ پنهنجي هوائي چپل گهليندي نڪ جي سڌائي ۾ هلڻ شروع ڪري ڏيندي هئي.

پوءِ اوچتو ئي اوچتو اُها عورت پارڪ ۾ اچڻ نہ لڳي ۽ نہ ئي اُها ڇوڪري نظر آئي. وقت گذرڻ سان اِهي ٻئي ڪردار منهنجي ذهن تان بہ ميسارجي ويا. سال کن ڪانپوءِ نوجوان ڇوڪري پارڪ ۾ پسار ڪندي نظر آئي تہ کيس ڪيڪاريم، ”هيلو..“

پهرين تہ ڇوڪري مون کي اوپري نظرن سان ڏٺو ۽ پوءِ شايد سڃاڻي وئي تہ مون ڏانهن پير پرڻ لڳي. آئون بہ واڪنگ ٽريڪ کان هٽي هن ڏانهن

وڌيس.

”جي، فرمايو؟.“ ڇوڪريءَ جي نيڻن ۾ اجان بہ تجسس هو. ”اوهان سان گڏ هڪ وڏي ڄمار جي عورت روزانو پارڪ ۾ ايندي هئي. ڪافي عرصي کان هوءَ نظر نہ آئي آهي، خير تہ آهي؟“ هڪ ئي ساهہ ۾ ڪيترائي سوال ڪري ورتم.

”اوهہ اڇا..“ ڇوڪريءَ منهنجي هڪ ئي ڏک ۾ پڇيل انيڪ سوالن جي ورنديءَ ۾ چيو. ”هوءَ ڏگهي عرصي کان بيمار آهي ۽ مـنـن پيشابن جي وڏي وجهہ ڪري هاڻ هلڻ چرڻ کان بہ لاچار آهي.“

بيماريءَ جو ٻڌي آئون انهيءَ نوجوان ڇوڪريءَ سان گڏ پسار ڪندي سندس حال احوال وٺڻ لڳيس. نوجوان ڇوڪري نفسيات ۾ گريجويشن ڪري رهي هئي.

منهنجي ذهن ۾ آيل سوال ٻيهر اُڀرڻ لڳا تہ هڪ ٻئي پويان ڪائنس پڇڻ لڳيس تہ سندس پڦيءَ جو اهو حال ڪنهن، ڪڏهن ۽ ڇو ڪيو؟ سندس ورنديءَ مونکي ڇرڪائي وڌو.

”سندس مڙس انجو ذميوار آهي. منهنجي پڦي وهان کان اڳ صحتمند، سهڻي ۽ خوش باش رهندڙ ڇوڪري هئي. وهان کانپوءِ سندس مڙس ڪيس ڳالهہ ڳالهہ تي چري، ڪوڙي ۽ بيوقوف سڏيندو رهيو. سندس هر ڳالهہ ۽ عمل تي شڪ ٿي ڪيائين. سندس سچ کي ڪوڙ ۽ ڪوڙ کي سچ بڻائي نفسياتي راند ڪيڏندو رهيو، تانجو پڦيءَ کي پڪ ٿي هئي تہ هوءَ نفسياتي مريض آهي.“

ڪن پل جي ساهي ڪٽي چوڻ لڳي، هيءُ سڏوسنئون گئس لائٽنگ جو ڪيس آهي پر اسانجي معاشري ۾ اهڙا ”گئس لائٽر“ کلي عام گهمندا ڦرندا ٿا وتن. ڇاڻو ٿيون نہ تہ گئس لائٽنگ ڇا ٿيندي آهي؟“ ڇوڪريءَ پنهنجي وڏين اونهي اکين سان مون ڏانهن ڏسندي پڇيو تہ هڪدم گهبرائجي ويس. ”ها، پتو اٿم ۽ ان تي هڪ پراڻي انگريزي فلم بہ ڏٺي اٿم.“ ڪجهہ سامت ۾ ايندي وراڻيم.

اصل ۾ گهڻي ڀاڱي عورتن کي اِهو پتو ئي نہ هوندو آهي تہ هو گئس لائٽنگ جو شڪار پيون بڻجن ۽ سڄي زندگي نفسياتي چڪتاڻ سندن

شخصيت جو حصو بڻجي ويندو آهي. ڇوڪريءَ اپٽار ڪئي.

”جيڪڏهن خراب نہ لڳي تہ مونکي پنهنجي پڦيءَ بابت ٻڌائي. اصل ۾ آئون اهڙن نفسياتي ۽ سماجي موضوعن تي مختلف مقامي ۽ عالمي ادارن لاءِ ڪالم لکندي آهيان.“ ڇوڪريءَ کي مطمئن ڪرڻ لاءِ پنهنجو پورو تعارف ڪرائڻ ضروري سمجهيم.

”شايد اوهان جي پڦيءَ جي ڪهاڻي پڙهي ڪيترين ئي عورتون پاڻ سان ٿيندڙ وارتائن کي بهتر انداز ۾ سمجهي سگهن،“ مون دليل ڏنو.

ڇوڪريءَ هائوڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻيو ۽ چيائين،”سڀاڻي شام اسانجي گهر اچو اُتي سڪون سان ٿا حال احوال ڪريون. باءِ دي وي منهنجو نالو فريحا آهي.“ هُن پنهنجو هٿ وڌائيندي چيو.

”منهنجونالو صنوبر آهي،“ گرمجوشيءَ سان سندس هٿ جهليندي چيم.

”مون کي پنهنجي ڪالمن جا لنڪ هن نمبر تي موڪلي ڏيو.“ هُن پنهنجو فون نمبر ٻڌايو جيڪو هڪدم پنهنجي موبائل فون ۾ محفوظ ڪري ڇڏيم ۽ ايندڙ ڏينهن ملڻ جي وعدي سان ڪائنس موڪلائي پنهنجي گهر رواني ٿي ويس.

ايندڙ ڏينهن شام جو فريحا جي گهر تي گهنٽي وڄايم تہ هڪ ملازم دروازو کولي مونکي لائونج ۾ وڃڻ جي واٽ ڏيکاري. فريحا لائونج ۾ ليپ ٽاپ کولي ويٺي هئي. مونکي ويهاري ملازم کي چانهہ آڻڻ لاءِ چيائين ۽ مونکي چوڻ لڳي، ”هيءُ ڏسو منهنجي پڦيءَ جي وهان جون تصويرون.“ ليپ ٽاپ جو رُخ مون ڏانهن ڪندي چيائين.

”ڪهڙي سال ۾ سندس وهان ٿيو هو؟ ان وقت گهڻي ڄمار هئي ۽ هاڻ اوهانجي پڦي جي ڄمار ڪيتري آهي ؟.“ عادت کان مجبور ٿيندي مون ٻيهر سوالن جي پرمار ڪري ڏني.

”پڦي جو وهان 1999 ۾ ٿيو هو. تڏهن شايد ويهن ورهين جي هئي رقيا پڦي، هاڻ بس ڪو چاليهن ورهين کن جي ٿيندي. گذريل ڇهن ورهين کان هوءَ اسان سان گڏ ٿي رهي. آئون سندس وهان مهل پنجن ورهين جي هئس.“ فريحا ڏور پولار ۾ ڪجهہ ڦلهوريندي رقيا جي ڪهاڻي ٻڌائڻ شروع

ڪئي.

رقيا دروازو کولي سنهڙي گهٽيءَ ۾ ٻنهي پاسي نهاريو، جتي نہ ڪو آدم هو نہ ڪو آدم زاد.. ڪنهن بہ انساني جيو ڪان وانجهيل گهٽي.

”اڄ جو تہ وعدو هو ملڻ جو“ رقيا پنهنجي مُٺ ۾ وڪوڙيل ڪاغذ جو ٽڪرو کوليو ۽ ان کي سڏوسنئون ڪندي پڙهڻ لڳي.

”صبح ڇهين وڳي جو ئي لکيل آهي.“ هُن اکيون مهٽيندي ٻڻ ٻڻ ڪئي.

هُن پوئتي مڙي وشال اگڻ ڏانهن نهاريو. اڃان تائين سمورا گهرياتي ننڊ جي ماٺرين جو سئر ڪري رهيا هئا. فقط اهوئي وقت مناسب هو ملڻ لاءِ پوءِ تہ گهر ۽ گهٽيءَ ٻنهي ۾ هر پاسي ڏينهن جي هڻ هڻان شروع ٿيو وڃي. ٿورڙي ئي دير ۾ هوڪيس پير پير ۾ ڏيندوايندي نظر آيو. رقيا دروازي کي هلڪو پڪوڙيو ۽ گهٽيءَ ۾ لهي بيهي رهي.

رقيا ۽ قدير اسڪول جا ساٿي هئا. ڇڙهندڙ جواني بہ اُيامندڙ ڪير جيان هوندي آهي جو هڪدم اُيامي سانت تي ويندي آهي.. ٻنهي انين ڪلاس کان هڪٻئي جي من ۾ ڦاسڻ شروع ڪيو هو ۽ هاڻ هڪٻئي جو ڦريل من واپس ڪرڻ جو وقت اچي ويو هو. قدير جي هٿ ۾ هڪ وڏو لفافو هو جيڪو هن ايندي ئي هڪ ڊگهي چميءَ سان رقيا حوالي ڪيو. لفافي ۾ انهن سالن دوران هڪٻئي کي لکيل چٺيون ۽ ڪجهہ تصويرون هيون.

”قدير! هاڻ تون وڃ.. ڪنهن ڏسي ورتو تہ ڏچو ٿي پوندو. اڄ کان پوءِ اسانجو پاڻ ۾ ڪو واسطو نہ رهندو“ رقيا جي من کي اِهو جملو چوندي ڌڏڪو آيو پر اِهو سوچي پنهنجو پاڻ کي آٿت ڏنائين تہ جيڪڏهن قدير اسان جهڙو هجي ها تہ منهنجو وهان ساڻس ئي ٿئي ها. قدير بہ هڪ اُجاتري نظر رقيا تي وڌي ۽ اِهو سوچي پُرسڪون ٿي ويو تہ اڄ ڪراچيءَ کان سندس سهٽي من موهڻي ماسات هڪ هفتي لاءِ وٽن رهڻ پئي اچي. اڄ کان قدير پنهنجو پاڻ کي هڪ نئين مهم لاءِ تيار ڪري رهيو هو.

رقيا جو تعلق حيدرآباد جي هڪ وڏي زميندار گهراڻي سان هو جنهن جون شڪارپور ۾ تمام گهڻيون زمينون هيون. پئسو ڏوڪڙ جام هو. رقيا ٻن ڀائرن جي ننڍي ڀيڻ هئي. هڪ پاڻُ زميندارِيءَ سبب اباڻي علائقي ۾ جڏهن تہ

ٻيو ڪامورو هئڻ ڪري اسلام آباد ۾ ٽانيڪو هو. سڄي ڪٽنب مان رقيا لاءِ انيڪ سنگ چڪيا پئي ويا.

رقيا جو وهان سندس سئوٽ سان طئي ٿي چڪو هو جنهن جي پيڻ سان رقيا جي وڏي ڀاءُ جو ڪيترائي سال اڳ وهان ٿيو هو. اِهو ڏيتي ليتيءَ وارو وهان هو. رقيا کي پرڻجي ڪراچي وڃڻو پيو. هوءَ هڪ قبولڻ جوڳي منهن مهانڊي واري پراعتماد ۽ زندگيءَ سان پرپور ڇوڪري هئي جڏهن ته سندس مڙس احسن علي سهڻو پر سدائين ٿونديل رهندڙ شخص هو. شايد رقيا جي مالي طور تي سگهارو هئڻ سندس معمولي شڪل ۽ صورت تي پڙدو وجهي ڇڏيو هو. وهان جي شروعاتي ڪجهه سالن دوران ته احسن جو رقيا سان ورتاءُ سنو رهيو پر آهستي آهستي منجهس تبديلي اچڻ شروع ٿي. انهيءَ دوران رقيا هڪ ڌيءَ جي ماءُ پڻ بڻي. احسن هاڻ ڪمن ڪارين جي سلسلي جي ڪري ڪيترن ئي ڏينهن لاءِ گهر کان ٻاهر رهڻ لڳو. جيئن ته رقيا جي نالي تي چڱي موچاري جائيداد پڻ هئي سو احسن سونو بيضو ڏيندڙ انهيءَ ڪڪڙ کي هڪدم ذبح ڪرڻ نٿي چاهيو.

قربت اڳي ٻه رقيا ۽ احسن ۾ ڪا خاص نه هئي پر ڌيءَ ڄمڻ کانپوءِ اِها ٻه نه رهي. رقيا ڌيءَ جي سارسنڀال ۾ ايتري ته جنبيل رهي جو ڪيس احساس ئي نه ٿيو ته مڙس جي پرپرو هئڻ جو سبب ڪو ٻيو جيو آهي. پر جڏهن احسن جي ڪپڙن لٽن مان اڪثر زناني سرهاڻ اچڻ لڳي ته هوءَ اِهو ويچارڻ تي مجبور ٿي پئي ته احسن جي زندگيءَ ۾ پڪ سان ڪا ٻئي عورت آهي تڏهن ته هو ڌانهنس نهاري ٻه نٿو. رقيا جي دماغ ۾ شڪ ڪَرَ موڙڻ لڳو انهيءَ شڪ کي هٿي انهيءَ تصوير ڏني جيڪا احسن جي ڪوٽ مان نڪتي. ننڍي ڄمار واري هڪ سهڻي ڇوڪريءَ جي تصوير ڏسي رقيا ٻتال ٿي وئي.

”تون هن وئشيا لاءِ مون کان پرپرو ٿي رهيو آهين؟ آئون اڪيلي سر ٻارڙيءَ جي سارسنڀال لهان، گهر جا ڪم ڪار ڪريان ۽ تون ٻاهر عياشيون ڪندو وتين. آئون هڪ پل ٻه توسان گڏ نٿي رهي سگهان.“ رقيا چتاءُ واري انداز ۾ احسن کي چيو.

احسن ڪجهه دير تائين وضاحتون ڏيندو رهيو ۽ آخرڪار پاسو بدلايائين ۽ جوابي وار ڪندي رقيا کي قدير جي ياد ڏياريائين. ”ستي ساوتري

تي بڻجين. وهان کان اڳ اسڪول جي عاشق قدير سان عاشقي معشوقي ڪندي پنهنجي ۽ ڪٽنب جي عزت جو خيال ته ڪڏهن به نه آيو هوندو. وڃڻ چاهين ٿي پنهنجي گهر ته پلي وچ پر ياد رکجان ته تنهنجي پريم ڪهاڻي سڄي ڪٽنب آڏو رکڻ کان ڪونه ڪيبائيندس. آئون ته رڳو پنهنجي پيٽ جي ڪري چُپ هئس جيڪا اوهانجي ڪٽنب ۾ پرٽيل آهي نه ته تو جهڙي معمولي شڪل واري عورت سان مون جهڙو مرد ڪيئن وهان ڪري ها. ڪنهن ڏينهن آئيني ۾ ته پنهنجي شڪل ڏس. نه شڪل چڱي اٿئي ۽ نه ئي وري سيرت..هونهن..“

احسن جي واتان قدير جو نالو ٻڌي رقيا ڄڻ ته غش ٿي وئي. ڪيس سمجهه ۾ نه پئي آيو ته قدير ۽ سندس وچ ۾ ناتن جي ڳالهه ڪنهن احسن سان ونڊي هوندي، ناتو به ڪجهه چمين ۽ خطن تائين محدود هو. غير ۽ پاڻ کان هيٺين طبقي واري برادريءَ جي ڇوڪر سان ڪجهه ورهين جو ناتو به رقيا جهڙن زميندار گهراڻن لاءِ ڪيتري بيعزتيءَ جو سبب بڻبو آهي، رقيا ڪي انهيءَ جو پورو اندازو هو، پر ويهن ايڪويهين ورهين جي ڇوڪريءَ ۾ عقل ئي ڪيترو هوندو آهي جو ڪيس پنهنجي اوسي پاسي جو ادراڪ ٿئي. رقيا جي ڪاوڙ پاڻيءَ جي اڇ وانگر ٻهي پئي. هاڻ هوءَ ارڙهن ورهين جي جوان ڇوڪري نه پر هڪ ڌيءَ جي ماءُ هئي.

احسن کي رقيا کي ايذائڻ جو هڪ نئون هٿيار هٿ چڙهي ويو هو. هو ڪيس ايذائي دلي سڪون حاصل ڪندو هو ۽ بي روڪ پنهنجي عياشين ۾ رڌل هوندو هو. اڪيلائپ ۾ ڳالهه ڳالهه تي ڪيس مهڻا ڏيندو هو، دل گهريو ڪاڏو نه ملڻ تي چوندو هو، ”اڄ پڪ سان قدير جي ياد آئي هوندي سو ڪاڏو به ڏيان سان تيار نه ڪيو اٿئي.“ ٻارڙي جي روئڻ تي به ڪيس ذميوار ليکيندي چوندو هو، ”ٻارڙيءَ جو خيال به نٿي رکين، تو جهڙين عورتن کي وهان ڪرڻ ئي نه گهرجي.“ ڪنهن سان فون تي ڳالهائيندي هئي ته چوڻ لڳندو هو، ”پنهنجي يار سان ڳالهائيندي هوندين؟ “جيڪڏهن رقيا ڪا فلم يا ڊرامون ڏسڻ لڳندي هئي ته احسن کي هڪ نئون بهانو ملي ويندو هو، مهڻا ڏيڻ جو، ”اِهي فلمون ڊراما ڏسي ڪنهن نئين قدير کي ڦاسائڻ جو ارادو اٿئي ڇا؟ تو جهڙيون عورتون پنهنجي ڌيئرن کي غلط وات تي لڳائڻ کان به نه هٻڪنديون

آهن.“

رقيا اهڙن الزامن تي هنجون هارڻ لڳندي هئي تہ هو وڏيڪ مهڻا ڏيندو هو ”ڊراما ڪوئين آهين تون، توکي تہ ڪنهن فلم ۾ ڪم ڪرڻ گهرجي. گهر ۽ ٻار سنڀالڻ تنهنجي وس جي ڳالهہ ناهي.“ اهڙا اُگرا الزام رقيا کي نہ رڳو ٻڌڻ ۾ خراب لڳندا هئا پر انهن ڪري هوءَ پنهنجو اعتماد، سگهہ ۽ پنهنجو وجود پڻ وڃائي رهي هئي.

احسن پنهنجي زال تي مهڻن جا اهي تير ڪڏهن بہ پنهنجي ڌيءَ يا ڪنهن ٽئين فرد آڏو نہ هلائيندو هو. انجي اُبتڙ ڌيءَ ۽ ٻين ڪٽنب ڀاتين آڏو هو ساڻس ايڏي اُڪير جو مظاهرو ڪندو هو جو ڄڻ ڪائنس وڏيڪ ڪو ڀائيندڙ مڙس دنيا ۾ ڳولهيو نہ ملندو. رقيا پنهنجي مڙس جي اِها چالاڪي سمجهي نہ پئي سگهي. سندس من ڪندو هو تہ هوءَ دانهون ڪوڪون ڪري هنجون هاري پر سندس آواز اندر ۾ ئي نپوڙجي ٿي ويو ۽ هوءَ پاڻ بہ ليکڻ ٿي لڳي تہ هوءَ خراب عورت آهي، ڪنهن نہ ڪم جي چالو عورت، جيڪا ڊراما ڪوئين آهي.

سندن وهان کي ٻارهن سال ٿيڻ وارا هئا. ورهين کان رقيا پنهنجو خيال رکڻ ڇڏي ڏنو هو. ڪيترن ئي ڏينهن تائين نہ ڪپڙا مٽائيندي هئي، نہ وينجهندي هئي ۽ نہ ئي وري وارن ۾ ڦڻي ڏيندي هئي. سندس جسم ڦوڪجي ٻي ڊنگو ٿيڻ لڳو هو. ڪاڄن ۾ وڃڻ کان لنوائيندي هئي ۽ جيڪڏهن ويندي بہ هئي تہ ڪا ڪُنڊ جهلي پنهنجي منهن ويٺي هوندي هئي. جڏهن تہ احسن ڄمار وڌڻ سان اڳي کان وڌيڪ رنگ ڪيڻ لڳو هو. هُن پنهنجي ڌيءَ کي پنهنجي ويجهو ۽ ماءُ کان پريرو ڪري ڇڏيو هو. هو ڌيءَ کي پٽي پڙهائڻ لڳو هو تہ سندس ماءُ نفسياتي مريض آهي.

ايئن رقيا پنهنجي ڪمري تائين ئي محدود ٿي وئي. گهر جي ڪمن ڪارين سان ڄڻ تہ سندس ڪو واسطو ئي نہ رهيو. گهر جي صفائي سترائي ۽ ڪاڌو تيار ڪرڻ لاءِ احسن هڪ سهڻي ۽ نوجوان عورت کي نوڪرياڻي ڪري رکيو. صبح جو ڌيءَ جي اسڪول وڃڻ ڪانپوءِ رقيا کي گهر جي مٿين ماڙ تان ڪنهن جي هلڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ ايندو هو. ڪڏهن زور زور سان روئڻ جو آواز ايندو هو تہ ڪڏهن تيز ڊوڙڻ جو، جنهن وگهي سندس انگ انگ ڪنبجي ويندو هو. اِهو سيڪجهہ تڏهن ٿيندو هو جڏهن هوءَ گهر تي اڪيلي هوندي هئي. هوءَ

زورائتي دانهن ڪري احسن، پنهنجي ڌي يا نوڪرياڻيءَ ڪي سڏيندي هئي پر ڪيس ورندي ڏيڻ وارو ڪو بہ نہ هوندو هو.

احسن روزانو جڏهن ڌيءَ کي اسڪول مان واپس وٺي ايندو هو تہ هوءَ ڊوڙي ڪيس ڀاڪر پائيندي چوڻ لڳندي هئي."احسن! مٽي ڪو آهي، خدا جي واسطي مون کي اڪيلو ڇڏي نہ ويندو ڪر."

احسن پنهنجو پاڻ کي رقيا جي پنجوڙ مان آجو ڪرائيندي نرميءَ سان چوندو هو،"نہ، رقيا گهر ۾ تہ ڪو بہ ناهي توکي وهم ٿيو آهي. اِهو سيڪجهہ تنهنجي دماغ جو خلل آهي."

احسن ڌيءَ سان گڏ رقيا کي مٿين ماڙ وٺي وڃي هرڪو ڪمرو ڏيکاريندو هو."ڏس.. ڪير آهي هتي؟ تو کي ڇا ٿيندو پيو وڃي؟" هو ڪيس آٿت ڏيندي حوصلو ڏياريندو هو.

پر رقيا بي اعتباريءَ سان ڪڏهن خالي ڪمري ڏانهن تہ ڪڏهن ڌيءَ ۽ مڙس ڏانهن نهاريندي هئي، ايستائين جو سندس ڌيءَ کي بہ پڪ ٿي وئي تہ سندس ماءُ کي پاڳلپڻي جا دورا ٿا پون. صبح جو پيءُ ۽ ڌيءَ جي ويندي ئي اِهي آواز ڏينهون ڏينهن وڌڻ لڳا. هاڻ ڪمري ۾ بجلي بہ اوچتو بند ٿيندي هئي تہ رقيا هراسجي بستري تي ڊرڪي پوندي هئي. جڏهن اِها ڳالهہ احسن سان يا نوڪرياڻيءَ سان سليندي هئي تہ هو ٻئي ڪيس پڪ ڏيارڻ لڳندا هئا تہ بجلي هڪ پل لاءِ بہ بند نہ ٿي هئي. اهڙا مامرا هاڻ روز مرهہ جو معمول بڻجڻ لڳا هئا، جن وگهي رقيا جي دماغي حالت ڏينهون ڏينهن ابتر ٿيندي وئي.

گذريل ٻن سالن ۾ احسن پنهنجي ڌيءَ کي اِها پڪ ڪرائڻ ۾ مڪمل طور تي ڪامياب ٿي ويو هو تہ اِهي سمورا مامرا سندس ماءُ جي ذهن جو فتور آهن، ايستائين جو رقيا بہ اِهوئي سمجهڻ لڳي هئي. ڪڏهن ڪڏهن ڪيس لڳندو هو تہ هوءَ سچ مچ ۾ چري ٿي وئي آهي ۽ هاڻ سندس علاج ممڪن ناهي تہ ڪڏهن وري سوچيندي هئي تہ سندس پنهنجو مڙس ئي ڪيس نفسياتي ۽ ذهني دٻاءُ جو شڪار بڻائي رهيو آهي. انهيءَ ڪشمڪش ۾ هوءَ ذهني طور تي ايترو تہ ڪمزور ٿي وئي جو سندس پنهنجي دماغ تي ڪنٽرول رکڻ ناممڪن ٿي ويو هو.

احسن پنهنجي چالبازيءَ سان هڪ تير ذريعي ٻہ شڪار ڪيا. رقيا

ڪي اهڙو نفسياتي مريض بڻايائين جو هوءَ پنهنجي مڙس تي الزام ڏرڻ جوڳي نہ رهي. ٻئي پاسي سڄو ڪٽنب احسن ڪي ئي ساراهائڻ لڳو تہ زال سان ڪيڏو نہ وفادار مڙس آهي جو نفسياتي ۽ چري زال سان بہ نڀائي پيو ۽ ڏيءَ جي ذميواري بہ سهڻي نموني پوري پيو ڪري. رقيا انهن حالتن وگهي اڳيئي نراس هئي مٿان ڏيءَ جي سپاءُ ڪيس مڪمل طور تي جهوري وڌو.

نوڪر چانهہ جي ٽري ٽپائي تي رکي تہ فريحا پنهنجي سوچن کان واپس مون ڏانهن متوجہ ٿي. آئون اجان تائين فريحا ڏانهن سوال ڀريل نظرن سان واجهائي رهي هئس.

منهنجي اچرج ڀريل اکين ڏانهن نهاريندي چوڻ لڳي.”اهوئي پڇڻ ٿيون چاهيو نہ تہ اسانکي سندس انهيءَ حالت جو پتو ڇو نہ لڳو ۽ پوءِ هوءَ اسانجي گهر ڪيئن پهتي ؟.“

مون هائوڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻيو تہ ٻڌائڻ لڳي. ”منهنجو والد جيئن تہ شروعات کان ئي اسلام آباد ۾ ٿانيڪو هو،انڪري ڦقيءَ سان اسانجي ملاقات حيدرآباد واري ڏاڏاڻي گهر تي ئي ٿيندي هئي، سا بہ ڪنهن شادي وهان تي. هڪبئي پويان ڏاڏو ۽ ڏاڏي گذاري ويا تہ اسان جو حيدرآباد وڃڻ گهٽجي ويو، تانجو بنهہ ختم ٿي ويو ڇاڪاڻ جو چاچا وارن سان اسان جا ناتا چڱا ڪين هئا.

ڇهہ سال اڳ بابا وٽ چاچا جو فون آيو تہ رقيا پنهنجي رڳ ڪپي آپگهات جي ڪوشش ڪئي آهي پر احسن ڪيس وقت سر اسپتال پهچائي بچائي ورتو آهي ۽ رقيا ڪي هاڻ پاڳلخاني ۾ داخل ڪرائڻ انتهائي ضروري ٿي پيو آهي.

بابا فون ٻڌندي ئي ڪراچيءَ جي سيٽ بوڪ ڪرائي ۽ هفتي ڏهن ڏينهن اندر ڦقيءَ کي پاڳلخاني ۾ داخل ڪرائڻ بدران پاڻ سان گڏ اسلام آباد وٺي آيو تڏهن کان ڦقي اسان سان گڏ ٿي رهي.“

”۽ احسن علي ؟ تنهنجي ڦقات؟“ سڄو داستان ٻڌڻ کانپوءِ ٻن اهم ڪردار بابت پتو ڪيم.

”ڦقيءَ جي مڙس نوڪرياڻيءَ سان وهان ڪري ورتو. هاڻ تہ هڪ پٽ بہ اٿس،انهيءَ مان ڏيءَ لڳي ٿو تہ سمجهي وئي هئي تہ سندس پيءُ ايترو سادو سودو ناهي جيترو نظر ٿو اچي پر ظاهر آهي تہ هاڻ سندس آخري سهارو بہ هو

ئي آهي چاڪاڻ جو پڦيءَ جي جائيداد بہ احسن سندس بيماريءَ دوران پنهنجي نالي ڪرائي ورتي هئي.

پوئين سال پڦيءَ جي ڌيءَ اي ليول ڪرڻ انگلينڊ هلي وئي، جتان اڪثر پنهنجي ماءُ لاءِ فون ڪندي آهي پر پڦي هاڻ اهڙي حالت ۾ ئي ڪونهي جو پنهنجي ڌيءَ جو آواز سڃاڻي سگهي.“ اِهو سڀڪجهہ ٻڌائيندي فريحا جي اکين ۾ لڙڪ تري آيا. ”پڦيءَ کي انهيءَ حال تائين پهچائڻ وارو سندس پنهنجو مڙس آهي جنهن پوري رٿابنديءَ سان گئس لائٽنگ ڪري پنهنجي زال جو استعمال ڪيو“ فريحا زور ڏيندي چيو.

هڪيپيرو ٻيهر ليپ ٽاپ تي نظرون ڪپائي ڇڏيم جتي فريحا جي پڦي تصويرن ۾ ڪلندي مرڪندي نظر پئي آئي. گئس لائٽنگ جهڙي مڪروهہ ڪرت پنجيتالهين ورهين جي رقيا کي پوڙهو جهور ڪري ڇڏيو هو..

رقيا جون تصويرون ڏسندي سوچي رهي هئس تہ اسان جي معاشري ۾ نہ ڄاڻ ڪيترين ئي عورتون فريحا جي پڦيءَ وانگر گئس لائٽنگ جو شڪار بڻجي پنهنجي ذات جي نفي ڪندي ڪندي پنهنجا حواس وڃائي ٿيون ويهن... ڪنهن کي پتو؟

پڙدو ڪري ٿو

پهريون ايڪٽ

رات جا پوڻا اٺ وڳا آهن، رمضان جو ٻيو ڏهاڪو آهي. افطار کان پوءِ رستن تي ويراني آهي پر ڪا ايڪڙ ٻيڪڙ گاڏي زوڪاٽ ڪندي سنسان رستي تان لنگهي ٿي وڃي. هيءُ وقت گاڏي هلائڻ لاءِ مناسب هجي ٿو. اِهو سوچي مون امان بابا جي گهر وڃڻ لاءِ گاڏي ڪڍي. اجان موڙ تان ڦري گهر کان ڪجهه فرلانگ پري هاءِ وي تي پهتي ئي مس هئس جو هڪ زوردار ڌماڪي مونکي ڏيڄاري وڌو.

هاءِ وي سان لڳولڳ رستي تي هڪ ڪاري هوندا سٽي موٽرڪار اونڌي ٿي پئي هئي جنهن ۾ چار بيجان جسم پيا هئا. هو چارئي راولپنڊيءَ مان نڪري اسلام آباد هاءِ وي ڏانهن راهي هئا. پري پري تائين رستي تي ٽريفڪ جو ڪو نالو نشان ئي نه هو. ويران رستو ڏسي ڊرائيونگ سيٽ تي وينل همراهه کي تيز گاڏي ڊوڙائڻ ۾ ڪو خطرو محسوس نه ٿيو هوندو، سو هُن گانن جو آواز ۽ گاڏي جي رفتار هڪ ئي وقت وڌائي ڇڏي هوندي. هو چارئي شايد ٻالڪپڻي جا دوست هوندا ۽ ورهين ڪانپوءِ مليا هوندا... ڪجهه ته جوانيءَ جو نشو ٿي سگهي ٿو ته ڪجهه هڪٻئي سان عرصي ڪانپوءِ ملڻ جو خمار به. زندگيءَ جي ڪيترن ئي داستانن جا رازدار دوست متان پنهنجي پنهنجي زندگين جي حالتن کان هڪٻئي کي واقف ڪندا هجن. ٿي سگهي ٿو ته ڪو پنهنجي گهريلو ذميوارين کان تنگ هجي ته ٻيو پنهنجي نوڪريءَ مان، شايد ڪو پنهنجي مائٽن جي روڪ ٽوڪ تي ڏڪارو هجي ته ڪو پنهنجي اڌوري محبت جي وڇوڙي تي بيحال. حالتون ۽ روزگار جا غم جتي پنهنجن

ڪي پاڳن ٽڪرن ۾ ورهايو ڇڏين اُتي نـنـڍڙيـون نـنـڍڙيـون ڳـڏيـل خـوشـيـون هڪبئي سان ڳنڍي ٻه ٽيون رکن.

ڪنهن ڪي پتو ته گاڏيءَ جي ڊرائيونگ سيٽ تي وينل دوست ترنگ ۾ اچي ايڪسيليٽر تي پير جو دٻاءُ حد ڪان وڌيڪ وڌائي ڇڏيو هجي ۽ گاڏي واچوڙي جو مقابلو ڪرڻ لڳي هجي.

شايد ڪچنار پارڪ پرسان گاڏي تيز رفتاريءَ سبب قابو مان نڪرڻ لڳي هجي، جڏهن ڪو پنهنجي جان جو پاڻ دشمن بڻجي وڃي ته ڪو معجزو به نه ٿيندو آهي. بئي پاسان هڪ بي ايم ڊبليو پئي آئي. تيز رفتار هندا سٽي قلابازيون ڪائيندي بئي پاسان ايندڙ بي ايم ڊبليو مٿان چڙهي وئي. هندا سٽي ذرا پرزا ٿي رستي تي چوطرف پکڙيل هئي ۽ اُهي چارئي دوست جيڪي ڪجهه پل اڳ ڪل يوڳ ۾ چرچا گهٻا ڪري رهيا هوندا سي هاڻ موت جي ياڪرن ۾ آرامي هئا. ماڻهو پنهنجا موبائل ڪڍي ويڊيو ناهڻ ۾ رُڌل هئا. چڪرايل دماغ سان امان جي گهر پهتيس ته اوستائين انهيءَ پوائتي حادثي جي ويڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل ٿي چڪي هئي.

ٻيو ايڪٽ

ايڪويهين اپريل 2013، آچر جو ڏينهن ۽ صبح جا ڇهه وڳا آهن. معمول جيان آچر جو ڏينهن هئڻ ڪري رستن تي ويراني آهي، نه گاڏين جو هجوم آهي ۽ نه ئي هارن جا ڪن ڦاڙيندڙ آواز. ماڻهو سڄي هفتي جو ٿڪ موڪل واري ڏينهن دير تائين ننڊ ڪري لاهيندا آهن. موڪل هوندي به منهنجي انهيءَ ڏينهن هڪ تربيتي ويهڪ هئي انڪري صبح سوير گهران نڪرڻو پيو. منهنجي گاڏي اجان اسلام آباد هاءِ وي تي ڪجهه منٽ هلي ئي مس هئي جو مونکي انهيءَ جي رفتار گهٽائڻي پئجي وئي. رستي تي ڪيترين ئي موٽر سائيڪلون ۽ موٽر گاڏيون بيٺيون هيون، جن آڏو ماڻهن جا هشام هئا. ڪجهه فرلانگ اڳتي وڌيس ته سڄي رستي تي جتي ڪٿي ڪانيون وکريل ڏسي اچرج لڳم ته ايترين ڪانيون ڪٿان اچي ڪريون آهن.

گاڏين جي هشام مان منهنجي گاڏي سست رفتاريءَ سان اڳتي وڌي ته ٻنهي هاءِ ويز جي وچ واري گرين بيلٽ تي هڪ نوجوان ڇوڪري جو جسم ۽ ان پرسان ڳاڙهي وڻزالٽي پيل نظر آيم جنهن جي حالت ابتر ٿي چڪي هئي.

گاڏي ايڏي تہ تيز رفتاريءَ سان گرين بيلٽ وارن وڻن سان ٽڪرائي هئي جو ٽڙن جا ذرا پرزا چئني پاسي پکڙيل هئا. نوجوان جو چهرو چاهيندي بہ ڏسي نہ سگهيس. سچي واتِ اِها ئي دُعا پنندي رهيس تہ شل ويچاري جي حياتي بچي پوي.

ويهڪ دوران هر هر اِهو ڏيک منهنجي اکين آڏو ايندو رهيو ۽ اکيون آليون ٿينديون رهيون. جيئن تيئن ڪري ڪم ختم ٿيڻ تي گهر پهتيس تہ پنهنجي ڏيئرن کي روئندي ڏسي ڪنبجي ويس.

جنهن جوان جو چهرو نہ ڏٺو هئم سو منهنجي ڏيئرن جي ننڍپڻ واري ساهيڙيءَ جو ننڍو ڀاءُ هو، جيڪو سوين ڀيرا انهيءَ ڳاڙهي وٽز الٽيءَ ۾ اسانجي گهر اچي چڪو هو.

ڪلنڊڙ ڪڏنڊڙ ٻارڙو صبح جو گهر ڀاتين لاءِ حلوي پوريءَ جي نيرن وٺڻ نڪتو هو پر ڪنهن کي پتو هو تہ سورهن ورهين جو سهڻو ۽ سلڇڻو نينگر تيز رفتاريءَ سبب سيني کي پنهنجي پويان روئندي ڇڏي ويندو.

اکين ڏٺل شاهدن موجب تيز رفتاريءَ ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن تي بہ الزام ڌري نہ پئي سگهيو.

اڄ بہ جڏهن اُتان لنگهندي آهيان تہ اُهو ساڳيو ڏيک اکين آڏواچي ويندو اٿم.

ٽيون ايڪٽ

سنگيت جي تيز آواز ۾ ٻيو ڪجھ بہ ٻڌڻ ۾ نہ پئي آيو، ان دوران مسعود عالم نہ ڄاڻ ڇا چيو جو ٻڌي نہ سگهيس.

”هل تہ ٻاهر اگڻ ڏانهن ٿا هلون، هتي تمام گهٽي گُهٽ آهي.“ گوڙ گهمسان کان جان ڇڏرائڻ لاءِ بهانو ڪيم.

”شيور“ مسعود عالم بنان ڪنهن دير جي هائوڪار ڪئي ۽ اسين ٻاهر اگڻ ۾ اچي ويناسين.

آئون: اوهان ڪجھ چيو پئي جيڪو گوڙ سبب ٻڌي نہ سگهيس.

مسعود عالم: چيم پئي تہ مرڻ ڪانپوءِ ماڻهو اسانجو اهوئي چهرو ۽ روپ ياد رکندا آهن جيڪو اسانجي مرڻ تي ڏسندا آهن.

آئون: ظاهر آهي پر سمجهيم نہ تہ چوڻ ڇا ٿا چاهيو.

مسعود عالم: جڏهن بہ مٿوبالا متعلق سوچيندا آهيون تہ سندس اُهو ئي من موهڻو مرڪنڊڙ وجود اسانجي تصور ۾ اُڀرندو آهي، ساڳي طرح ميڊم نورجهان جو بہ اسانکي اُهو ئي چهرو ياد آهي جيڪو سندس آخري ڏينهن ۾ هو، ڪوئل فلم واري نورجهان اسانجي ذهنن کان عرصو ٿيو جو لڏي چڪي آهي.

آئون: چوڻ چا پيا چاهيو.

مسعود عالم: مطلب اِهو تہ ماڻهو ڪي مرڻ کانپوءِ سندس دوست يار موچاري صورت ۾ ياد رکن.

آئون: يعني اوهان جو مطلب آهي تہ بندو جوانيءَ ۾ ئي مٽي هليو وڃي.

مسعود عالم: بيشڪ جوان نہ هجي پر ڇهري تي ڦتڪار تہ نہ هجي. مسعود عالم جي انهيءَ ڳالهہ تي زورائتو ٺهڪ ڏنم پرمونکي اندازو نہ هو تہ ڪجهہ مهينن کانپوءِ انهيءَ ڳالهہ تي هنجون هاريندس.

چوويهہ ڪروڙ آباديءَ واري ملڪ ۾ چوويهہ دوست ملڻ بہ ڀاڳن واري ڳالهہ ليکجي ٿي. مسعود عالم جو ڳاٽيٽو انهن چوويهن دوستن ۾ مٿيرو هو. مسعود عالم ۽ سندس گهر ڀاتين سان هڪ ڪٽنب جهڙو ناتو هو. اسانجا ٻار بہ هم عمر هئا انڪري هر ويڪ اينڊ تي هڪٻئي جي گهر اچڻ وڃڻ معمول جي ڳالهہ هئي. مسعود عالم جڏهن بہ اسانجي گهر ايندو هو تہ سڌو رنڌڻي ۾ اچي منهنجو هٿ ونڊائيندو هو. ساڻس منهنجو ناتو ڀاءُ ۽ دوست وارو هو. پنهنجي هر ڳالهہ مون سان ونڊيندو هو. خوش مزاج اهڙو جو ٻارن سان ٻنهہ ٻارن جهڙو ٿي ويندو هو. گهمڻ ڦرڻ جو اهڙو شوقين جو پروگرام ناهي رڳو اطلاع ڪندو هو تہ فلاڻي ڏينهن فلاڻي هنڌ لاءِ نڪرڻو آهي.

ڏهين مارچ جي شام بہ مونکي فون ڪري بس ايترو ٻڌايائين تہ سڀاڻي صبح جو اسين سيئي مونال وينداسين نيرن ڪرڻ، سو تيار رهجو.

منهنجي طبيعت ڪجهہ ٺيڪ نہ هئي سوچيو مانس تہ سڀاڻي نہ پر ايندڙ هفتي هلنداسين. توقع جي ابتڙ هو ڪنهن حيل حجت کانسواءِ راضي ٿي ويو.

تيرهن مارچ تي پنهنجي هڪ دوست جي گهر ٻين سنگتين سان گڏ وينو هو. وقت گذرڻ جو احساس تڏهن ٿيس جڏهن گهران فون آيس تہ رات جو هڪ ٿي ويو آهي پر ڳالهين ۾ ايترو مگن هو جو نڪرندي نڪرندي بہ ڏيڍ ٿي

ويو. سيني دوستن کان موڪلائي ٻيهر سگھوئي ملڻ جو وعدو ڪري پنهنجي مني پجيرو اسٽارٽ ڪري گھر ڏانهن وڃڻ جو شارٽ ڪٽ اختيار ڪيائين. ٽڪاوت ۽ ننڊ جي غلبي سبب سروس روڊ جي لاهين چاڙهين تي گاڏيءَ جو توازن رکي نہ پئي سگھيو پر گھر جلدي پهچڻ جي آنڌ مانڌ ۾ گاڏيءَ جي رفتار وڌائيندو رهيو. جي ٽين واري سروس روڊ جي لاهيءَ تي ڪيتري ئي عرصي کان پيل کڏا کوبا مرمت جا منتظر هئا پر انتظاميا جي بيحسيءَ سبب اِهي انيڪ حادثن جو سبب بڻجي رهيا هئا. مسعود عالم اٽڃاتل نتيجن کان بيخبر گاڏي ڊوڙائي رهيو هو، رستي جي لاهيءَ تي جيئن ئي تيز رفتار گاڏيءَ جو ٽائر کڏي ۾ ويو، گاڏي پُل سان ٽڪرائجي نالي ۾ بينل وڻن جي جهڳٽي تي وڃي پئي.گاڏي وڻن جي وچ ۾ اونڌي ٿي پئي هئي ۽ فون جي لاڳيتو وڄندڙ رنگ ٽون اونداهي ۾ سانت کي چيري رهي هئي. چوڏهين مارچ تي پنهنجي ڏيئرن کي اسڪول ڇڏي گھر موٽي آيس تہ مسعود عالم جي ڪمهلي مرتئي جي خبر منهنجي منتظر هئي. روئندي پڇتائڻ لڳيس تہ ڪاش اُن ڏينهن ساڻس گڏ مونال وڃڻ کان انڪار نہ ڪريان ها تہ ڪر ساڻس ملاقات ٿي وڃي ها.

منهنجي ڪنن ۾ اڄ بہ مسعود عالم جو ڪڙڪيدار ۽ ٽهڪ ڏيندڙ آواز ٻُرندو آهي ۽ هرهر ماڌو بالا واري سندس ڳالھ ياد ايندي اٿم. مسعود عالم جي آخري ديدار مهل سندس جرڪندڙ ۽ مطمئن چهرو ڏسي سوچڻ لڳيس تہ من جي سهڻن ماڻهن جي چهرن جي رونق سدائين برقرار رهندي آهي، پل هو ڄمار جي کهڙي بہ حصي ۾ پنهنجي آخري سفر تي روانو ٿين.

حادثو فقط ڪن پل جو ڪيل هوندو آهي پر زندگيءَ کي موت ۾ بدلائي ڇڏيندو آهي.

مرڻ وارا تہ مري ويندا آهن پر پنهنجي پويان اوسيئڙو ڪندڙ نيڻ، بيوس دليون ۽ رستي تي خوني ٽائرن جا نشان ڇڏي ويندا آهن.

پر اِها بہ حقيقت آهي تہ زندگي سچ پچ هڪ اسٽيج آهي جتي اسين سڀئي پنهنجي حصي جو ڪردار نڀائڻ ايندا آهيون ۽ جيئن ئي ڊائريڪٽر ايندڙ ايڪٽ جو اشارو ڪندو آهي، پڙدو ڪرندو آهي ۽ ناٽڪ جا ٻيا ڪردار اسٽيج تي اچي ويندا آهن.

دشمن ملڪ

سال ٻہ هزار عيسويءَ ۾ ياڳ پلا هئم جو پهريون پيرو ۽ بدقسمتيءَ سان هيل تائين آخري پيرو ”پاڪ انديا پيس فورم“ ۾ شرڪت واسطي انديا وڃڻ جوموقعو مليم. ڪراچيءَ کان بمبئي تائين جي اُڏام هئي. سنڌ مان ڪو سئو کن امن جا پانڌيئڙا هئا، جن ۾ شرافت علي مرحوم، ڪرامت علي، شيما ڪرماني، بي ايم ڪُٽي، صالحا اطهر، فرهاد زيدي مرحوم، مسرت جبين ۽ رسول بخش پليجو پڻ شامل هئا. باقي ڏيڍ سئو کن پنجاب ۽ سرحد صوبي سان تعلق رکندڙ هئا جيڪي واهگا واري سرحد رستي پهتا. آءِ اي رحمان مرحوم، مسعود اشعر، ايم بي نقوي،ارشد وحيد، اڪرم وڙائچ ۽ نہ ڄاڻ ڪيترا سارا ماڻهو بنگلور ۾ ڪونايل انهيءَ ٽن ڏينهن واري ڪانفرنس ۾ اڳيرا هئا. سيني کي پوليس انڪوائري ڪانسواءِ وارا ويزا مليل هئا، جن تي اسين سيئي پنهنجي من پسند شهرن جو اڳواٽ ئي اندراج ڪرائي چڪا هئاسين.

اسين ڊوڙندي پڄندي بہ ڪيترائي وڏا شهر ڏسي سگهياسين، سمورا هڪ کان وڌيڪ هڪ. هر شهر جو پنهنجو ڏار وهنوار، انداز ۽ رنگ ڍنگ. چنائي جو سامونڊي ڪنارو، مهابلي پورم جو تاريخي مندر، بنگلور جي جديديت، دليءَ جو دلي دروازو، جامع مسجد ۽ ڪينٽ بازار، ميسور ۾ ٽيپو سلطان جو محل ۽ عجائب گهر، حيدرآباد دڪن جو سالار جنگ عجائب گهر، موسيٰ ليڪ ۽ مسلم علائقا، ممبئي جو مالا بارهل، جوهو وارو سامونڊي ڪنارو، جهونپڙ پٽي ۽ سينيما ۾ ڏٺل فلم ”هيرا ڦيري“ جڏهن تہ آگري جي تاج

محل ڪانوني دهليءَ جي قطب مينار تائين اڄ بہ سيڪجهہ منهنجي ساروڻين ۾ تازو توانو آهي. جڏهن تہ آئون اڪيلي عورت هئس جيڪا پنهنجي ٻن ننڍڙي ڏيئرن سان گڏ آئي هئي سو سنڌ سماءُ جا ذريعا بہ مونسان ئي ڳالهائڻ تي هوڏ پريندا رهيا. ان وقت موبائل فون تہ هئا ڪونہ پر زي نيوز ۽ اسٽارنيوز پاڪستان ۾ بہ ڏنا ويندا هئا سو منهنجي گهر ڀاتين کي اسانجي اُتي پهچڻ جو اطلاع انهن چينلن تي منهنجا انٽرويو ڏسي ملي تي ويو.

ٽن ڏينهن واري انهيءَ ڪانفرنس ۽ پوءِ مختلف شهرن جي سياحت دوران ڪيترائي قصا ٿيا.

ڪراچيءَ ڪان ممبئي ڪو ڪلاڪ کن جي اڏام هئي ۽ اسين انديا جي ڌرتيءَ تي هئاسين جتي ميزبان گلن جون مالهائون ڪٽي اسانجي آڌرڀاءُ لاءِ موجود هئا. ممبئي ايئرپورٽ جي ڊيوٽي فري شاپ تي انتهائي گهٽ اگهہ تي ٻڌي جي حساب سان وڪامجندڙ ”سانجهہ مهل جو مشروب“ ڏسي اڪثر دوستن جي واڇ اهڙي تہ گودو ٿي وئي جو بوتلن جا سٽ خريد ڪرڻ لڳا جڏهن تہ اسانجا ويچارا ميزبان ٻاهر اسانجو اوسيئڙو ڪندا رهيا.

خير جيئن تيئن ڪري ٻاهر نڪتا جتي هڪ وڏي ۽ آرام دهہ بس اسانکي پنهنجي پهرين منزل تائين پهچائڻ لاءِ بيٺل هئي. ايئرپورٽ کان ٻاهر پير ڌريندي ئي هڪ واضح فرق جنهن سڀ کان اڳ منهنجي نيڻن کي اڇرج ۾ وڌو سو هزارين عورتن جو رستن تي موٽر سائيڪل يا اسڪوٽي هلائڻ هو. ڪا شلوار قميص ۾ هئي تہ ڪنهن کي وري جينز پهريل هئي، ڪا ساڙهي ۾ هئي تہ ڪا لانگ يا مني اسڪرٽ ۾ پر سموريون ٻنان ڪنهن ڊپ ڊاءُ جي موٽر سائيڪلون ڊوڙائي رهيون هيون. انتهائي پلو لڳو عورت جو اِهو اعتماد پريو روپ.

ڪلاڪ کن جي سفر ڪانپوءِ اسين سيئي هڪ شاندار ريسٽورينٽ پهتاسين. اندر داخل ٿيندي ئي خوشگوار اڇرج لڳي جو اُتي انڊين فلم انڊسٽري، سنڌسماءُ جي ذريعن ۽ ٻين ڪيترن سان تعلق رکندڙ ساٿي اڳ ۾ ئي موجود هئا. آرٽ فلمون جيڪي اسين ڏسي جوان ٿيا هئاسين، جي اداڪارن کي پنهنجي آڏو ڏسي اسانجو پير زمين تي نہ پئي لڳو. بوفي ۾ ويج ۽ نان ويج کاڌن جا انيڪ قسم ميز تي انتهائي نفاست سان سينگاريل هئا. سمورو

وقت ڪيفي اعظمي، شوڪت اعظمي، علي سردار جعفري، اي ڪي هنگل ۽ جاويد اختر پنهنجي پاڪستاني مداحن جي هشامن ۾ رهيا. سوا نيزي تي چڙهيل اڃي اُس وسائيندڙ سج هاڻ هيڏو تي جهڪو ٿيڻ لڳو هو پر ڳالهيون ايتريون هيون جو ختم ئي نہ پئي ٿيون. ورهين کان اڃايل هڪ ٻئي ملاقات ۾ اُڃ اُجهائڻ لاءِ آتا هئا.

رات انين وڳي راڄڌاڻي ايڪسپريس ذريعي ممبئي کان بنگلور تائين اسانجو سفر شروع ٿيو، اسانجي لاءِ ٻہ بوگيون مخصوص ٿيل هيون. هڪ بوگيءَ ۾ سمورا منچلا ستجي ويا تہ سڄي رات ڳائيندي وڄائيندي گذاريندا جڏهن تہ ٻئي بوگيءَ ۾ بزرگ ٿانيڪو ٿيا. جيئن تہ آئون پنهنجي ٻارڙين سان انتهائي ٿڪيل هئس سو پهرين بوگيءَ جي منورنجن کي نظرانداز ڪري هڪدم ٻئي بوگيءَ ۾ ٻارڙين لاءِ جاءِ ٺاهي ويهي رهيس. ايئرڪنڊيشن جي ڪري سڄي بوگي ٿڌي ٺار ٻٺيل هئي. هاڻ نئين پريشانيءَ اڃي ورايو تہ سڄي رات اهڙي ٿڌ ۾ ڪيئن گذاربي. اڃان ويچاريم پئي جو ريل عملي جا ٻہ همراهہ بوگيءَ ۾ داخل ٿيا هڪ جي هٿ ۾ ويهاڻا، ڪمبل ۽ اڇيون چادرون هيون، جيڪي انتهائي ڍنگ سان برٿ تي رکندا ويا. ٻارڙين کي گرم ڪپڙن جو سيڪ مليو تہ هڪدم ننڊ پئجي ويون. ٻئي ڪارڪن جي هٿ ۾ هڪ ٽرالي هئي جنهن ۾ چانهہ جا ننڍا ٿرماس، ڪوپ ۽ ساسرن سان گڏ سموسن ۽ بالوشاهيءَ جون پليٽون هيون، جيڪي هر ڪنهن کي ڏيندو. ويو سوچيم تہ اِهو ئي رات جو کاڌو هوندو سو ٻہ سموسا ۽بالوشاهيءَ جو هڪ ڳيو چانهہ سوڏو هڪدم ڳڙڪائي ويس.

ريل گاڏي هلندي ئي اهڙي رفتار ورتي ڄڻ هاڻ بنگلور پهچندي ئي بريڪ لڳندو. سفر شروع ٿيندي اڃان اڌ ڪلاڪ کن ئي مس گذريو هو جو ريلوي جو هڪ ملازم مينو ڪارڊ هٿ ۾ جهلي بوگيءَ ۾ آيو ”ويج، نان ويج ميڊم؟“ ريلوي ملازم قلم ۽ نوٽبڪ هٿ ۾ جهليندي پڇيو. ”اڙي ماني بہ ملندي؟ هيءَ ريل گاڏي تہ هوائي جهاز کان بہ وڌيڪ ايڊوانس نڪتي..“ مون من ئي من ۾ سوچيو.

”نان ويج.“ اِهو سوچڻ ڪانسواءِ تہ ايندڙ خوراڪ کهڙي ڪُڪ ۾ وجهنديس، هڪدم چئي ڇڏيم. ڪلاڪ کن ڪانپوءِ هر ڪنهن لاءِ هڪ وڏي

شاهي ٽري اچي وئي. ٽري جي مٿان فوائل لڳل هو ته جيئن ڪاڏو صاف سٿرو رهي. اچرج مٿان اچرج پئي لڳم ته ڇا اِهو به ممڪن آهي؟ ٻارڙين کي ننڊ مان اُٿاريم ته ٿورڙو ڪجهه کائي وٺن ته جيئن صبح تائين سڪون سان سمهي ننڊ ڪن. مون به سموسا ۽ بالوشاهيءَ کي پيٽ جي هڪ پاسي ڪندي ڪڙي مسالي جو ٻوڙ چانورن سان پيٽ پري ڪاڏو ۽ کيرٽيءَ جي ڪٽوري به چٽ ڪري ڇڏيم. اِهو چوڻ ۾ ڪو عيب نه اٿم ته مونکي سفر ۾ بک گهٽي لڳندي آهي.

اسانجي بوگيءَ ۾ آءِ اي رحمان، بي ايم ڪُٽي، شرافت علي، ڪرامت علي، شيما ڪرماني، ايم بي نقوي، ارشد وحيد، فرهاد زيدي، مسرت جبين، صالحا اطهر، مسعود اشعر ڪانسواءِ ڪجهه اندين دوست پڻ هئا. شايد هاڻوڪين حالتن تي ڪو بحث مباحثوجاري هو جو آئون پنهنجي ڏيئرن سميت ننڊ ۾ غلطان ٿي ويس. صبح جو به انهن دوستن جي ڳالهين تي اک کلي. آءِ اي رحمان ۽ مسعود اشعر سان منهنجي اِها پهرين باضابطا ڏيٺ ويٺ هئي.

ٻئي ڏينهن شام جو ڪرناٽڪ رياست جي آءِ ٽيءَ واري گڙهه بنگلور جي هڪ پُرسڪون ۽ شاندار هوٽل ۾ پنهنجن ڪمرن جون چاٻيون ملڻ جي انتظام ۾ هئاسين. هتي به سڏسماءُ جا ذريعا موقعي مان پرپور لاڀ پرائي رهيا هئا. زي، اسٽار، اين ڊي ٽي وي، دور درشن ڪانوٽي مقامي چينلن جي رپورٽرن تائين هر ڪو ڪنهن نه ڪنهن ڪنڊ پاسي ۾ ڪنهن نه ڪنهن جو انٽرويو ڪري رهيو هو. امن ڪارڪن جي ننڍڙين ٻارڙين جي ماءُ هئڻ ناتي هتي به چينلن وارا هر هر ڪئمرائون ۽ مائيڪ کڻي مون ڏانهن ٿي آيا. هوئنئن هڪ سبب ٻيو به هو جيڪو ايندڙ ڏينهن اسانجي اندين دوستن ٻڌايو ته بنگلور يا ايئن چئجي ته ڏکڻ هندستان ۾ دراوڙ نسل رهي ٿو جن جو رنگ روپ انتهائي گهرو، گهاٽو ۽ قد ننڍو هجي ٿو. منهنجون ڏيئرون جيئن ته پنهنجي رنگ روپ ۽ نيڻ نقشن ۾ پنهنجي ترڪ نسل ڏاڏاڻن تي ويل آهن انڪري سيني ڪان واضح ٿيون نظر اچن.

خير، ٻه ٽي انٽرويو ڏيڻ ڪانپوءِ ڪمري جي چاٻي هٿ آئي ۽ پوءِ ڪمري ۾ پهچي ڪيڏي مهل اک لڳي ۽ ڪڏهن باک ڦٽي،سو پتو ئي نه لڳو. فون جي گهنٽي وڄڻ تي ڇرڪ پري اُٿيس ته پتو لڳم ته نيرن واسطي هر ڪنهن کي نوين وڳي ڊائننگ هال ۾ گڏ ٿيڻو آهي. سيگهه ۾ تيار ٿي ڊائننگ

هال پهتاسين تہ سيني ڪٽي نعرو هنيو، ”سيليبرٽيز اچي ويا“ اسانکي حيران ڏسندي دوستن اخبارن ۾ ڇپيل اسانجون تصويرون ڏيکاريون ان تي سيني ونئي ٺهڪ ڏنا. نيرن جي ميز تي اڊلي، ڍوسا ۽ سانڀر پيش ڪيا ويا تہ سيني ونئي گوڙ ڪيو تہ اسان کي اِها نيرن نہ گھرجي. مونکي ڪجهہ ٻيهر نهرائڻ مناسب نہ لڳو سو ٿورڙي نيرن ڪري بيڪريءَ کان ٻارڙين لاءِ شئي شگل وٺڻ لاءِ خاموشيءَ سان بازار جو رُخ ڪيم جتان بہ لنگھياسين تي تہ ماڻهن اسانکي چتائي تي ڏنو ۽ ڪنڙا ٻوليءَ ۾ ڪجهہ چوڻ تي لڳا. بيڪري پهچڻ تائين ڪيترن ئي ماڻهن اِهو ڪيو. بيڪريءَ وارو اخبار پڙهي رهيو هو ۽ اسان ڏانهن نهاري مرڪيو، جڻ اسان کي اڳيئي سڃاڻندو هجي، جڏهن ڪائنس انگريزيءَ ۾ پڇيم تہ هر ڪو اسانکي ايئن چتائي ڇو پيو ڏسي تہ مقامي اخبار منهنجي آڏو ڪيائين جنهن جي اڌ صفحي تي منهنجي ڏيئرن جون تصويرون شائع ٿيل هيون. اهو ڏسي اسان سيني جو ٺهڪ نڪري ويو. بيشڪ هڪٻئي جي ٻوليءَ کان تہ واقفيت نہ هئي پر اڏمن جي ٻولي تہ هڪ هئي.

بنگلور ۾ تعليم جي شرح سئو سيڪڙو آهي هتان جا رهواسي ڪنڙا ٻولي تا ڳالهائين يا وري انگريزي. هتان وارن کي هندي ٻوليءَ ۾ ڪا خاص دلچسپي نظر نہ ٿي اچي. پهرين شام سموري وفد کي شاپنگ لاءِ ڊائون ٽائون جهڙي علائقي ڏانهن نيو ويو ۽ سيني کي چيو ويو تہ گهمي ڦري ساڳي هنڌ موٽي اچو تہ جيئن ڪو پتڪي نہ وڃي. خير، مون بہ پنهنجي ذهن ۾ جي ايم روڊ ياد ڪري ڇڏيو ۽ نڪري پيس رستا ڪڇڻ. رات لڙي رهي هئي ۽ محسوس ٿيم تہ رستو پُلجي وئي آهيان، رستي جي ڪناري ٻهارو ڏيندڙ هڪ سگهاري عورت کان اڙدو ۾ ڏس پڇيم تہ اچرج وچان مون ڏانهن نهارڻ لڳي ۽ انگريزيءَ ۾ چوڻ لڳي ”واٽ ڊو يو وانٽ ؟“ تڏهن سمجهہ ۾ آيم ۽ انگريزيءَ ۾ ئي رستو پُلجي وڃڻ جي ڳالهہ سليم ۽ منٿ ڪئي مانس تہ مهرباني ڪري جي ايم روڊ جي راهہ ڏسي، انهيءَ عورت فرفر انگريزيءَ ۾ ڄاڻايو تہ هتي گانڌي روڊ تہ ڪيترائي آهن سو پنهنجي هوٽل جو نالو ٻڌاءِ.. هوٽل جو نالو ٻڌندي ئي انگريزيءَ ۾ اهڙي بهترين انداز ۾ رستو ٻڌايائين جو سڌو اچي هوٽل پهتس.

ٽن ڏينهن تائين بنگلور ۾ صبح نوين کان شام پنجين وڳي تائين

ڪانفرنس جون ڪيتريون ئي ويھڪون ٿيون، جن ۾ زوردار تقريرون ٿيون، امن جا گيت ڳاتا ويا ۽ رات جو وفد ڪي گھمائڻ ڦيرائڻ جو بندوبست ڪيو ويو.

جنھن ڳالھ تي پارٽ واسين ڪي سئو مان سئو نمبر ڏيندس سو آھي سندن قطار ڪري بيھڻ، جنھن ڪان اسين پاڪستان وارا اڃ بہ اڻواقف آھيون. اُن وقت شديد لڄ ٿي آئي جڏھن ويھڪن دوران مانجھاندي جي وٿيءَ ۾ ھڪ پاسي سمورا پارٽ واسي قطار ۾ بيھي پنھنجي ٿالھيءَ تي ڪاڏو رکي رھيا ھئا جڏھن تہ ٻئي پاسي اسين ھئاسين جيڪي جٿي جي صورت ۾ ڪاڏي تي چڙھائي ڪري رھيا ھئاسين. ڪنھن بلڪل صحيح چيو آھي تہ اھا اسانجي صدين جي بُک آھي جيڪي ان صورت ۾ سامھون ٿي اچي.

ٽي ڏينھن جڻ پَرَ ھٽي اڏامي ويا ۽ ھاڻ وفد جا سمورا دوست پنھنجي پنھنجي پسند جي شھرن ڏانھن راھي ٿيا پر وڏيڪ اھم ڳالھ اِھا ٿي جو ٽن ڏينھن واري انھيءَ ڪانفرنس ۾ جيڪي نوان دوست بڻيا تن ۾ ھندو، مسلم، سک، مسيحي سيئي شامل ھئا، سيني مون ڪي پنھنجي گھرن ۽ آفيسن جا فون نمبر ڏنا تہ جيئن سندن شھر اچڻ تي سندن مھمان بڻجان. انديا پاڪستان ناتن جي ڪري، ”چئن ڏينھن جي چاندوڪي پوءِ ساڳي ڪاري رات“ واري مامري ڪي آڏو رکندي انھيءَ مليل موقعي مان ڀرپور لاڀ پرائڻ جو فيصلو ڪيم تہ ٻيھر وري الائي ڪڏھن اھڙو موقعو ملي سو بنگلور جي شاندار مھمانوازي سدائين لاءِ ذھن ۾ سانديندي چنائي يعني مدراس جو رخ ڪيم.

تامل ناڊو رياست جي راڄڌاني مدراس ۾ اسانجي دوست ڪرسٽوفر اسانکي چنائي ۽ انجي اوسي پاسي جي ماڳن جو سئر ڪرايو. چيو وڃي ٿو تہ چنائي جو مرينا وارو سامونڊي ڪنارو دنيا جي ڊگھن سامونڊي ڪنارن مان ھڪ آھي. چنائي جي پسگردائي ۾ سامونڊي ڪناري تي ٺھيل ھڪ تفريحي پارڪ وڃڻ جو پروگرام جوڙيوسين تہ ڪرسٽوفر ڪرائي تي ڪيل ھڪ گاڏيءَ سوڌو صبح ساڻ پھچي ويو، گاڏيءَ جو ڊرائيور تامل مسلمان ھو. ٻن ڪلاڪن جي مسافريءَ ۾ سوين آڪاش ڪي ڇھندڙ مندرن ۽ تاريخي عمارتن جي گھٽائي ھئي. ڊرائيور ٻڌايو تہ اڳتي ڪينٽونمنٽ مان لنگھي تفريحي پارڪ پھچنداسين. آئون انتظار ئي ڪندي رھيس تہ ڪڏھن ٿو ڪينٽونمنٽ اچي ۽ اسانجي ٻڌ ٻڌياد ڪي ٿو ڦلھوريو وڃي، نہ ڪٿي ورديءَ وارا فوجي نظر آيا ۽ نہ

ئي ڪا فوجي بيرڪ، تانجو وچي منزل تي رسياسين. اچرج وچان ڊرائيور ۽ ڪرسٽوفر ڪان پڇيم تہ ڪينٽونمنٽ واري ايراضيءَ ڪي باءِ پاس ڪيو اٿئون ڇا؟ ٻنهي وراڻيو تہ اُتان ئي تہ لنگهي آيا آهيون تڏهن سمجهہ ۾ آيم تہ ڪجهہ جاين تي جو ڪجهہ نوجوان ڪسرت ڪري رهيا هئا، سي فوجي هئا ۽ اُهو سمورو علائقو چنائي ڪينٽونمنٽ جو هو.

نہ فوجي چوڪيون، نہ ڪا بيرڪ ۽ نہ ئي ڪا پڇا ڳاڇا. هڪ پاڪستاني ڪٽنب پنهنجي مسيحي دوست سان گڏ هڪ مسلمان ڊرائيور جي گاڏيءَ ۾ فوجي ڇانوڻيءَ مان لنگهي ٻنان ڪنهن هٻڪ جي تفريحي پارڪ پهچي مزا ماڻي رهيو هو... واهہ ري خدا تنهنجو شان! ٻارڙين اُتي انتهائي مزو ماڻيو پر مونکي اوسيئڙو هو سپاڻي جي سئر جو.

ايندڙ صبح اسين مهابلي پورم وڃڻ لاءِ تيار هئاسين جيڪو چنائي کان لڳ ڀڳ پنجاهہ کن ڪلوميٽرن جي فاصلي تي پنهنجي تاريخي مندرن جي ڪري ڏيهان ڏيهہ مشهور آهي. ستين صدي عيسويءَ ۾ ٻالا سلطنت هتي مندر اڏاريا جيڪي اڄ بہ پنهنجو مٽ پاڻ آهن. ايئن ٿي لڳو تہ ڄڻ مندر ۾ رڪيل نرتڪين جون مورتيون ڪن پل ۾ نرت ڪرڻ شروع ڪري ڏينديون. ٽڪرين ڪي ڪپي ايڏي تہ من موهڻي انداز ۾ مجسما جوڙيا ويا هئا جو عقل دنگ رهجيو وڃي. سيتا جو هڪ مڪمل داستان انهن مندرن ۾ اظهار ڪيل هو.

ايندڙ منزل موسيٰ دريا جي ڪناري آباد تلنگانا رياست جو شهر حيدرآباد دڪن هو، جيڪو هندو، مسلم ۽ ٻين مذهبن جو شاندار سنگم آهي. حسين ساگر حيدرآباد دڪن کان بہ وڌيڪ آڳاٽي حيثيت رکندڙ آهي، جتي گوتم ٻڌ جو مجسمو مذهبي رواداريءَ جو هڪ شاندار مثال آهي. انهيءَ شهر جي سجاڳپ چار مينار ڀرسان هڪ مقامي غير سرڪاري تنظيم جي صدر ۽ اسانجي دوست جهانزيب مونکي هڪ خاتون ڪارڪن حوالي ڪيو تہ جيئن لاڏ بازار مان حيدرآبادي ڪندن جا زيور خريد ڪري سگهان، جنہ۾ مونکي ٽڪو بہ دلچسپي نہ هئي پر ايمانداريءَ جي ڳالهہ اِها آهي تہ ڪندن جا اهڙا زيور ۽ جڙائو نگيني وارا ڪنگڻ ۽ چوڙيون ان کان اڳ ڪڏهن بہ ايڏي وڏي تعداد ۾ نہ ڏٺيون هئم.

اسين جلد ڪان جلد سالار جنگ ميوزيم وڃڻ لاءِ اُتاولا هئاسين. اُتي پهچي اندازو ٿيم تہ نظام حيدرآباد شاندار ذوق جو مالڪ هو. دنيا جي هر پاڳي جي چترڪارن جا چتر انهيءَ عجائب گهر ۾ رکيل هئا. اُتي سڄو ڏينهن گذاريوسين پر پوءِ بہ تفصيلي طور تي ڏسي نہ سگهيس.

ايندڙ ڏينهن گولڪنڊا قلعي وڃڻ جو بي صبريءَ سان ٿيندڙ انتظار ختم ٿيو. انهيءَ قلعي جا بنياد تہ ٻارهين صدي عيسويءَ ۾ ڪتيا سلطنت دوران وڌا ويا پر ان کي عروج قطب شاهي دور ۾ پلئہ پيو. گولڪنڊي وارو قلعو هڪ جبل تي ٺهيل آهي ۽ لڳ ڀڳ ٽن ڪلوميٽرن جي ايراضيءَ تي پکڙيل اِهو قلعو اڄ بہ پنهنجي انفراديت ۽ جدت جو پنهنجو مٽ پاڻ آهي. اسين شام ڇهين وڳي اُتي پهتاسين. قلعي ۾ روزانو هڪ لائيٽ شو ٿيندو آهي جنهن ۾ انجي سموري تاريخ پيش ڪئي ويندي آهي. گولڪنڊا شو ۾ وڃڻ لاءِ هڪ جبل جي غار يا سرنگهہ مان لنگهڻو پوندو آهي، جيڪا مڪمل اونداهي آهي. غار ۾ داخل ٿياسين تہ هزارن جي ڳاٽيتي ۾ اونڌو لٽڪيل چمڙا گوڙ ڪندي اسانجي اوسي پاسي ڪان اڏاميا تہ اسين سيئي ڊڄي وياسين. اڄ بہ اُهو ڏيک منهنجي سارو ٽين ۾ تازو توانو آهي.

گولڪنڊا جو شاندار لائيٽ شو هڪ ڪلاڪ تي ٻڌل هو، جنهن ۾ تاريخي واقعا انتهائي سهڻي انداز ۾ بيان ڪيا ويا هئا. رات جي رنگ برنگي روشنيءَ جو آواز جي لاهين چاڙهين سان مناسبت ۾ هلڪو يا تيز ٿيڻ انتها درجي جو ڪمال هو.

شاهجهان ۽ ممتاز محل جي حوالي سان هڪ ٻي تاريخي شهر ذهن تي تري ٿو اچي.. آگرو. آگري ۾ بہ ڏينهن انتهائي ڀرپور رهيا. عجيب شهر آهي آگرو.. عجيب رومان ڀرئي اُداسيءَ سان لبريز تاج محل جو شهر...پر جن جي گهر تي اسين ترسياسين، سي انتهائي جيءَ دار قسم جا دوست هئا. منهنجو تہ ساٿن گڏجڻ جو پهريون ڀيرو هو پر ٻئي زال مڙس منهنجي مڙس جا ”لوممبا يونيورسٽي ماسڪو“ جا ساٿي هئا. سڌير، سندس روسي ڀرين زال تانيا ۽ بہ ٽين ايجز ڌيئرون. سڌير پيشي جي لحاظ کان ٻارن جو ڊاڪٽر هو پر مزاح واري حس کنهن ڪاميڊين جهڙي هئس. سچي ڳالهہ اِها ٿي هوندي تہ ٻارن جون اڌ بيماريون تہ سندس مزاح ڀري طبيعت وگهي ٿي ختم ٿي ونديون

هونديون. تانيا جيئن تہ روسي آهي سو انتهائي ڳاڙهي ڳتول ۽ سهڻي عورت هئي. هڪ طوفاني عشق ڪانپوءِ ٻنهي جو وهان ٿيو هو. ياءُ سڌير بہ شڪل صورت جو خراب ناهي پر سندس بقول ”ماڻهو مونکي تانيا ۽ بارڙين جو ڊرائيور سمجهندا آهن يا ڪين خراب نظر ڪان بچائڻ واسطي ڪارو ٽڪو“ وغيره وغيره ۾ اهڙا قصا هو وڏا وڏا ٺهڪ ڏيندي ٻڌائيندو رهيو.

جنهن ڏينهن اسين سندن گهر پهتاسين تہ اُتي ڪيترن ئي ڏينهن کان وٺن احمدآباد کان آيل مهمان بہ ٽڪيل هئا. پهرين ڏينهن آگري جا تاريخي ماڳ ڏسڻ ڪانپوءِ گهر موٽي آياسين تہ سڌير پنهنجي دوست سان ڪجهہ سُس پُس ڪرڻ لڳو. اجان ڪمري ۾ بارڙين سان گڏ چيلهہ سڌي ڪرڻ لاءِ ليٽي ئي مس هئس جو ناظر ڪمري ۾ آيو ۽ چوڻ لڳو تہ چانهہ پيئڻ ڪانپوءِ اسين سيئي فلم ڏسڻ ٿا هلون سو سيگهہ ڪري تيار ٿي وٺ. فلم جو نالو پڇيو مانس تہ وراڻيائين، ”باغي“ جيئن تہ اُن وقت هندي فلمون سولائي سان پاڪستان ۾ ملي وينديون هيون سو مونکي اندازو هو تہ اِها بڪواس فلم آهي، جيڪا سينيما ۾ ويهي ڏسڻ عذاب هوندو، خاص طور تي ناظر لاءِ، جيڪو فلمن جي هڪ هڪ جزي جو پوسٽمارٽم ڪندو آهي پر انجون آنڊا اوجهڙيون پڻ ڪڍي چڏيندو آهي، پر ناظر هوڏ ڪئي سو اسان سيني کي تيار ٿيڻو ئي پيو. مون زور ڀريو تہ روهتڪ روشن جي فلم ”کہو نا پیار ہے“ بہ سينيمائن ۾ لڳل آهي سو اُها ٿا ڏسون پر سڌير فرمائڻ لڳو تہ باغيءَ ۾ جيڪو سسپنس آهي سو ڪنهن بہ استوريءَ ۾ ڪٿي هوندو؟

خير، ڏهن چڻن وارو اِهو قافلو سينيما ڏانهن راهي ٿيو. سڌير سينيءَ جون سيٽون گڏوگڏ قطار ۾ ورتيون سواءِ پنهنجي ۽ تانيا جي. سينيما جي اونداهيءَ ۾ اسين سيئي ويهي رهياسين، اِهو ڏسڻ ڪانسواءِ تہ هو ٻئي ڪٿي آهن. فلم شروع ٿيڻ جي ڪجهہ دير ڪانپوءِ تانيا آئي ۽ ناظر جي ڪن ۾ سرٻاٽ ڪيائين ۽ اُڏام ڪتولي تي وئي. پڇيم تہ چا ٿيو تہ ناظر جو چوڻ هو تہ تانيا ۽ سڌير پوين سيٽن تي آهن جو هتي اسان سان گڏ ڪا سيٽ خالي نہ هئي.

مون بہ گهٽو ڌيان نہ ڏريو ۽ ٽريلر ڏسندي رهيس... فلم تہ بس چون چون جو مربو هئي، مثان وري مار ڪٽ جا انيڪ ڏيک ۽ هر اهڙي ڏيک تي

آواز بيٺو پئي ٿيو، جنهن تي منهنجو رت ٽهڪڻ ٿي لڳو مونکي هر هر ناظر تي ڪاوڙ پئي آئي تہ هو ڪيڏي نہ مزي سان يڪ ٽڪ وينو فلم ڏسي. هڪ اڌ ڀيرو مون آٽو رڪشا ذريعي موٽي هلڻ جو اشارو پڻ ڪيو پر هو تہ ڄڻ ڄرڻ ڦرڻ کان معذور هو.

فلم جي پڇاڙيءَ تائين نہ ڪو سسپنس آيو ۽ نہ ئي ڪو ڊراپ سين. بي ڊنگي فلم، جيئن تيئن ڪري اڍائي ڪلاڪن ۾ ختم ٿي تہ سينيما کان ٻاهر نڪتاسين تہ سڀئي موجود هئا سواءِ سڌير ۽ تانيا جي. ٿورڙي ئي دير ۾ سڌير ۽ تانيا گاڏيون ڪاهي اچي پهتا.

مون اچرج ۽ ڪاوڙ واري گاڏڙ انداز ۾ پڇيو تہ ڪٿي هئا اوهان ٻئي؟ فلم تہ انتهائي ڪنهن نہ ڪم جي هئي... سڌير هڪدم وراڻيو تہ هڪ ڪيس اچي ويو هو ۽ زندگي ۽ موت جو مامرو هو. مون کي ويساهہ تہ نہ آيو پر چپ رهيس.

گهر پهچي ماني ڊاني کائي جڏهن سمهڻ جي تياري ڪري رهيا هئاسين تہ پنهنجي مڙس کي چيم تہ عجيب ماڻهو آهي سڌير بہ. اِها ڀلا ڪهڙي سنگت سڌبي؟ سچو داستان ٻڌڻ ڪانپوءِ اندازو ٿيم تہ اِها دوستي تہ هئي جنهن ڪري اهڙي فلم آخر تائين ڏسڻ ضروري هئي جو دوست کي پنهنجي پرين زال سان بہ اڍائي ڪلاڪ نويڪلائي جا ملي سگهن جيڪي پوين ٻن هفتن کان مهمانن ڪري گهر جي ڪابہ ڪُندِ ٻنهي کي پنهنجو پاڻ سان سلڻ جو موقعو نہ ڏئي رهي هئي. تڏهن مونکي انهي سُس پُس ۽ زندگي ۽ موت واري ڪيس جي ڳالهہ سمجهہ ۾ آئي. سڌير ۽ تانيا هاڻ نانا ناني بڻجي چڪا آهن ۽ اجان تائين عيد تهوار تي ساڻن ڳالهہ ٻولهہ ٿيندي رهندي آهي تہ ان دوران مونکي باغي فلم ياد ايندي آهي ۽ آئون پاڻ مرادو مرڪڻ لڳندي آهيان.

ايندڙ ڏينهن تاج محل، آگري جو تاريخي قلعو ۽ فتح پور سيڪري ڏسڻ ڪنهن سپني جي مثل ئي هو.

رات جي ماني راجيو پيا ۽ سندس افغان گهرواري جميلا جي گهر هئي. راجيو پيا گوڙ برهمڻ ۽ جميلا افغانستان جي سندري... سماج جا قانون ٽوڙي ٻئي هاڻ هڪ جان بہ دليون جو مڪمل نمونو نظر آيا. ٽن ٻارن جا ماءُ پيءُ

پنهنجي پنهنجي مذهب تي قائم هئا. پٽ جو نالو محمد عمر، هڪ ڏيءَ شالني ۽ ٻئي ناديا يا نديا. جميلا اسان لاءِ ڪيترائي افغاني ۽ هندستاني طعام تيار ڪيا هئا جيڪي اسان پيٽ ڀري کاڌا. سيني دوستن سان ڀهريون ڀيرو ملڻ جي باوجود ايئن ڀئي محسوس ٿيو تہ ڄڻ ورهين کان کين سڃاڻندي هجان. صبح سوير اسان کي دهلي اسهٽو هو، سو موڪلايوسين ۽ سڌير سان گڏجي گهر موٽي اچي اگهور ننڊ ڀئجي وياسين.

دلي پهچندي لڳو تہ ڄڻ لاهور موٽي آيا آهيون. ساهہ نپوڙيندڙ ۽ ٻاهہ وسائيندڙ گرمي بہ لاهور جهڙي ئي هئي. تاريخي حوالي کان بہ ٿوري گهٽ فرق سان هڪجهڙو ورثو. اجي ڀون ۾ اسانجو ٿاڪ هو. اجي ڀون جي بہ وڏي تاريخي حيثيت آهي. ريتا ديدي جيڪا ماسڪو ۾ منهنجي مڙس جي سينئر شاگردياڻي هئي، سان گڏ دل کولي دليءَ کي ڏٺوسين. هلندي ڦرندي اُڃ ٿي لڳي تہ پاڻيءَ بدران ناريل جو رس ٿي پيتوسين ۽ ڪجهہ کائڻ جو من ٿي ٿيو تہ اناناس تي مسالو ٻُرڪي مزو ٿي ماڻيوسين. دلي گيٽ ڏسي ڪن پل لاءِ پئرس جو سينٽ ڊينس گيٽ ياد اچي ويو. نوجوان جوڙا دلي گيٽ جي اوسي پاسي هٿ هٿ ۾ ڏيئي هر پاسي پسار ڪري رهيا هئا. ريتا ديدي پاڻ تہ پڪي برهمڻ هندو هئي پر اسان کي دليءَ جي بهترين چائينز هوٽل تي مزيدار طعام کارايائين.

دليءَ جي مشهور ڪينٽ بازار مان طرح طرح جون شيفون، ڪاٽن ۽ لان جون مناسب اگهہ تي ڪيتريون ئي ساڙهيون خريد ڪيم. هتي هر قسم جا دڪان موجود آهن انتهائي مهانگن اسمن وارا بہ تہ وچولي درجي وارا بہ. آئون هر ممڪن ڪوشش ڪري گهٽ اگهہ وارا اسم خريد ڪري رهي هئس جو ريتا ديديءَ ڀين سيني کي ڪتابن جي هڪ دڪان ڏانهن اُماڻي مونکي هڪ پوش دڪان ڏانهن زبردستي وٺي وئي، جتي قيمتي ساڙهين ۽ بلائوزن جا ڍير سينگاريل هئا. ديديءَ چيو تہ وجي پهرين ٽراءِ ڪر پوءِ خريد ڪنداسين. سوچيم تہ نيڪ آهي ونڊو شاپنگ ئي سهي سوست اٺ ساڙهيون ڪٽي ٽراءِ روم ڏانهن ويس ۽ واري واري سان پهري ٻاهر ٿي آيس ۽ ديديءَ کي ٿي ڏيکاريم نيٺ هڪ آرڪنديءَ جي فيروزي ۽ آسماني رنگ جي ساڙهيءَ تي من هرڪجي پيو سوچيم تہ دل تي پٿر رکي انهيءَ مهانگي ساڙهيءَ جو اگهہ

پڇي ٿي وٺان.

دڪان ڪو گهڻو وڏو نہ هو پر چئني پتين تي وڏا شاهي آئينا لڳل هئا جن وگهي دڪان جي ايراضي بيٺي پئي لڳي ۽ مونکي پتو ئي نہ هو تہ جڏهن جڏهن ساڙهي پهري ديديءَ کي ٿي ڏيکاريم تہ دڪان ۾ موجود هر ڪنهن جو ڌيان اوڏانهن ٿي ڇڪيو جو چئني پاسي آئينا لڳل هئا. جڏهن ڪائونٽر تي ڏوڪڙ ڏيڻ جو پل آيو تہ دڪاندار چيو تہ اوهان اسانجا مهمان آهيو ۽ چڱو لڳو تہ هُن پار وارا بہ ساڙهي واپرائڻ ڄاڻن ٿا. هيءَ ساڙهي اوهان لاءِ اسان جي سوکڙي آهي. سچ پڇو تہ انهيءَ ساڙهيءَ جو مُلھ پاڪستاني رپين ۾ پنج هزار رپين جي لڳ ڀڳ هو. ساڙهي سدائين منهنجو من گهريو لباس رهي آهي پر انهيءَ واقعي ڪانپوءِ تہ ساڙهيءَ سان اُڪير ۽ پنهنجائپ وارو اُڏمو بہ ڳنڍجي ويو آهي.

ٻيو مزيدار واقعو پراڻي دليءَ جي جامع مسجد پرسان سائيڪل رڪشا جي سواري هو. دليءَ ۾ آخري رات هئي ۽ سڄو ڏينهن تاريخي ماڳ پيٽڻ ڪانپوءِ واپسيءَ تي اجي پون پهچي ڪنهن ٻئي پاسي وڃڻ جو ست نہ هو، سو بہ ٻن ننڍڙين ڏيئرن سوڊو پر ڪجهہ دير سوچ ويچار ڪانپوءِ من ۾ آيو تہ اِهو موقعو وڃائي ڇڏيئي تہ پوءِ ٻيهر الائي اهڙو پل اچي يا نہ، سو نہ چاهيندي بہ هلي پياسين جامع مسجد ڏانهن... رات ڏهين وڳي پراڻي دلي پهتاسين تہ لڳو تہ ڄڻ اُتي هڪ الڳ ئي دنيا آباد آهي. قطار در قطار سائيڪل رڪشائون بيٺل هيون. رڪشائن کي هوائن تي اڏاريندي هلائڻ لاءِ تيار ويٺل رڪشا پائليٽ زمين تي آلتي پالتي هڻي مدهوشيءَ واري حالت ۾ ايندڙ ويندڙ ماڻهن تي ڪرڙي نظر رکيووينا هئا. هڪ سائيڪل رڪشا واري سان سڄي علائقي جو ڦيرو لڳائڻ جو پاڙو طئي ڪيوسين ۽ ويهي رهياسين رڪشا ۾. رڪشا تہ نہ هئي ڄڻ ڪو راڪيٽ هو ۽ سمورو وقت اِهو ئي دپ رهيو تہ بس اجهو ٿي ڪلٽي ٿئي،رڪشا هلائيندڙ نرو پي مڪمل ٽُن هو ۽ سڄي وات ٽيپ ريڪارڊر ٻٽيو رهيو جنهن تي بس هڪ ئي گانو وڄندو رهيو،"دل والے دلهنياں لے جائيں گے" گنجي ۽ لُنگي پهريل اِهو ڇوڪر دنيا جهان کان بيخبر هو.

جامع مسجد جي چوڌاري ڪاڏي پيتي ۽ ڪپڙن لٽن جا انيڪ دڪان هئا. هڪ ريسٽورنٽ پهچي ڪاڏي پيتي جو آرڊر ڏنوسين تہ انجي مالڪ پڇيو

تہ پاڪستان جي ڪهڙي شهر کان آيا آهيو؟ پڇيو مانس تہ توکي ڪيئن پتو لڳو تہ وراڻيائين تہ اوهانجي انداز مان. وڌيڪ چوڻ لڳو تہ اوهين جيڪو من گهري خريد ڪريو، هن سڄي مارڪيٽ ۾ اوهان کان ڪوبہ ٽڪو پئسو نہ وٺندو ۽ ٿيو بہ اِهو ئي، جتان بہ لنگهياسين ڪنهن وڳو ڏنو تہ ڪنهن لسي پياري، ڪنهن پان پيش ڪيو ۽ زور پرڻ جي باوجود ڪنهن بہ ڏوڪڙ نہ ورتا. منهنجو ٽڪ تہ چڻ ڪيڏانهن اُڏامي ويو. اڌ رات تائين انهيءَ ڏينهن جهڙي جرڪندڙ شهر ۾ رولاڪيون ڪندا رهياسين. اڄ انديا پاڪستان جي اُگرين حالتن کي آڏو رکندي ويچاريان ٿي تہ جيڪڏهن اُنهيءَ رات ننڊ واسطي اِهو انوکو موقعو وڃايان ها تہ ڪر زندگيءَ جي انهيءَ هڪ منفرد رات کان محروم رهان ها.

هاڻ وارو هو ممبئي جو، جنهن کي ڪراچيءَ جو جاڙو شهر سڏيو ويندو آهي. ساڳي تيز رفتار زندگي، ساڳي پيچ پچان چڻ تہ ساهہ کڻڻ لاءِ ترسبو تہ سيني کان پوئتي رهجي وڃبو. لوڪل ريل گاڏين جو تہ چڻ چار وڇايل هو اُتي، لکين مرد ۽ عورتون روزانو پنهنجي ڏينهن جي شروعات ۽ پڄاڻي انهيءَ سواريءَ ذريعي ڪن ٿا. ريلوي اسٽيشن جي بہ پنهنجي هڪ ڌار خاصيت هجي ٿي. پنهنجو وهنوار هجي ٿو. لڳندو آهي تہ زندگي ڇڪ ڇڪ ڪندي بس رڳو ڊوڙندي پئي وڃي ۽ دير جي ڪا گنجائش ناهي.

ممبئي ۾ اسانجو دوست روزاني ”دي هندو“جو ايڊيٽر پاسڪر صاحب هو. ٿلهي جسم تي ڪاديءَ جو ڍلو ڍالو ڪڙتو جينز يا پاجامي سان پهري سدائين ڪاپي ٻانهن ۾ ٿيلهي جهڙو بيگ لٽڪائيندڙ هن اسانجي رهڻ جو بندوبست اخبار جي مهمان خاني ۾ ڪيو هو.

ڪراچي وارن لاءِ سمنڊ ”گهر جي مرغي دال برابر“ آهي پر جوهو ۽ چوپاٽيءَ وارا سامونڊي ڪنارا ڏسڻ وٽان آهن. صاف سٿرو ڪنارو پاڻ ڏانهن ڇڪيندي محسوس ٿئي ٿو. ڪراچيءَ وانگر ممبئي ۾ بہ سامونڊي هوائون تہ سچو ڏينهن گُهلن ٿيون پر پگهر جيئن جو تيئن ٿو رهي. هوا جي پوسيل هئڻ ڪري ٿورڙي ئي دير ۾ وار ۽ چهرو تيل ۾ ٻڏل تا محسوس ٿين. جو هو ڪناري تي رستي سان لڳو لڳ آڪاش کي ڇهندڙ عمارتون، ڪنڌ مڪمل طور تي اُپو ڪرڻ تي بہ پوري طرح نظر نٿيون اچن. پيل پوري، پاٽي پوري،

چولا چاٽ، ناريل پاڻي ۽ اناناس جا ٽُڪرا وڪڻندڙ ريڙهيون قطار سان سامونڊي ڪناري تي نظر ٿيون اچن. گراهڪن جو ڌيان ڇڪرائڻ لاءِ ريڙهي وارن جا هوڪا اوهان سان گڏ پسار تا ڪن.

ممبئي جو گيٽ وي آف انڊيا، هاءِ ڪورٽ، ريلوي اسٽيشن، حاجي عليءَ جي درگاهه، مها لڪشمي، ڌوٻي گهاٽ مطلب ته ممبئي شهر پنهنجي اندر ڪيترن ئي شهرن جو جهڳٽو آهي.

ڪجهه سال اڳ مرحوم عرفان خان جي فلم ”لنچ باڪس“ ته هر ڪنهن ڏٺي هوندي. اِها ڪا خيالي ڪهاڻي ناهي پر ممبئي ۾ انهيءَ سروس کي ”ڊٻي والا“ طور سڃاتو ويندو آهي جيڪا منهنجي خيال ۾ 1980 واري ڏهاڪي ۾ شروع ٿي هئي. آفيسن ۾ ويٺل ڪاروباري جاين تي گهر جو کاڌو پهچائڻ جو اِهو شاندار ۽ انوکو انتظام آهي. منجهند جو ٻارهين وڳي کان ٻين وڳي تائين اڇو يونيفارم ۽ گانڌي ٽوپي پهريل هزارن جي ڳاڻيٽي ۾ ڊٻي وارا هيڏانهن کان هوڏانهن ڊوڙندي نظر تا اچن.

ايندڙ ڏينهن منجهند جو ڀاسڪر صاحب ۽ سندس گهر واريءَ مونکي ۽ منهنجي ڌيئرن کي سينيما ۾ فلم ڏيکارڻ جو پڪو پهه ڪيو هو. جيئن ته آگري ۾ ”باغي“ جهڙي بيڪار فلم ڏسڻ جوعذاب سهي چڪي هئس سو سڀ کان پهرين فلم جو نالو پڇيم ته مسز ڀاسڪر وراڻيو ته ”هيراڦيري“ لڳل آهي ويجهي سينيما ۾.

تڙ تڪڙ ۾ تيار ٿياسين ۽ نڪري پياسين هيرا ڦيري ڏسڻ. سينيما ڪلچر انڊيا ۾ تمام گهٽو وڌيو ويجهيو آهي ۽ ڏينهون ڏينهن ترقيءَ جا نوان گس پيو ڦلهوري. ڪنهن پارٽي شهريءَ جي ڪيسي ۾ پل ڪجهه رپيا ئي هجن ته به هو فلم ڏسڻ نه ڇڏيندو پوءِ پل ان لاءِ ڪيس هڪ ويلو لنگهڻ ڪاٽو پوي. اُتي پتو لڳو ته فلم ”دل والے دلہنیاں لے جائیں گے“ رليز ٿيڻ جي پهرين ڏينهن کانوني اڄان تائين لاڳيتو سينيما ۾ ڏيکاري پئي وڃي. اِها صورتحال هيءُ سٽون لکڻ تائين برقرار هئي.

خير، ڳالهه پئي ٿي فلم هيرا ڦيريءَ جي واهه، واهه، ڇا ته فلم هئي. اداڪاري، هدائتڪاري، مڪالما ۽ مزاح سڀڪجهه ڪمال جو هو. وڏي پڙدي انهيءَ فلم کي جڻ ته چار چنڊ لڳائي ڇڏيا. فلم ڇهين وڳي ختم ٿي.

هاڻ وارو هو ممبئي جا ڪجهه تضاد پنهنجي اکين سان ڏسڻ جو، جن بابت ٻڌو به هو ته آرٽ فلمن ۾ ڏٺو به هو.

پاسڪر صاحب جي ماروتيءَ ۾ ويهي اسين ممبئي جي هڪ عجيب دنيا پسي رهيا هئاسين.

رات جا لڳ ڀڳ اٺ ٿيا هئا. هڪ گندي نالي جي ڪناري قطار سان بسون بيٺل هيون ۽ هر بس هيٺان ڪجهه ماڻهو چادرون وڇائي ايئن سُتل هئا جڻ بس جو هيٺيون حصو سندن گهر جي ڇت هجي، بسن جي وچ ۾ جيڪا خالي جاءِ هئي تنهن کي رنڌڻي طور استعمال ٿي ڪيو ويو، جتي ڪا عورت اٽو ڳوهي رهي هئي يا سبزي ڪپي رهي هئي يا وري ڪا چلهه تي چاڙهيل ديڳڙيءَ ۾ چمچو/ ڪفگير هلائي پاڇيءَ کي سڙڻ کان بچائي رهي هئي. جڏهن ته انهن بسن جي وچ ۾ خالي وٿيءَ ۾ اُهي ماڻهو جيڪي اڃان بسن هيٺان گهڙي سُتا نه هئا، سي ماني داني کائي رهيا هئا. انهن ڪٽنبن جا ٻار ابندڙ ويندڙ گاڏين پويان ڊوڙندي پني رهيا هئا، سندن جسمن تي ليڙن ڪانسواءِ ڪجهه به نه هو. بسن جي انهيءَ قطار کان اڳتي نيڻ نهار تائين هڪ ڳتيل آبادي هئي جتي ڪوڪن جي ماپ وارين ڪولين ۾ ماڻهن جو ٿاڪ هو، عجيب و غريب گهٽين ۾ جڻ هڪ دنيا آباد هئي. گندگيءَ جا ڍير ۽ انهن مان اُٿندڙ بوءِ انهيءَ آباديءَ ۾ جڻ سرايت ڪيل هئي. انهيءَ وسنديءَ ۾ هر ڪجهه سالن ڪانپوءِ ڪا نه ڪا وبائي بيماري هزارين انسانن کي موت جو ڪاج ٿي بڻائي.

اِها دنيا جي وڏين ڪچي آبادين مان هڪ جهونپڙ پٽي ”ڌاراوي“ هئي جيڪا ممبئي جو لڳ ڀڳ وچئون وچ آهي، جتي ڏهه لک ماڻهو غربت جي ليڪ کان هيٺ گهارين ٿا ۽غربت به اهڙي جيڪا لفظن ۾ بيان نٿي ڪري سگهجي.

انهيءَ جهونپڙ پٽيءَ کان نڪري اولهندي پاسي وڌياسين ته ڪجهه ئي ڪلو ميٽرن جي فاصلي تي جڳ مشهور علائقو ”باندرا“ اچي ويو جتي باليووڊ جي اداڪارن، رانديگرن ۽ چوٽيءَ جي صنعتڪارن، سياستدانن ۽ مذهبي پيشوائن جي عاليشان ۽ طلسماتي گهرن جي ڀرمار هئي. هتي شاهوڪار ٿانيڪو آهن. باندرا جو ڪاروهنوار ڏسي ويساهه ئي نٿي آيو ته ممبئي جي انهيءَ پوش علائقي سان لڳو لڳ ڌارا وي جهونپڙ پٽيءَ جهڙي

علائقي جو وجود بہ تي سگهي ٿو. ممبئي هر لحاظ کان هڪ عجائب گهر آهي.

سال بہ هزار جو انڊيا پنهنجي انيڪ سيڪولر خصوصيتن، رنگا رنگ ثقافت ۽ بين المذاهب راواداريءَ سميت هڪ اهڙي واٽ تي هلندي نظر آيو جيڪا خطري ڏانهن وڃي ٿي.

چا ممبئي، چا دلي، حيدرآباد دکن يا چنائي هر شهر ۾ اُن وقت بہ آڪاش سان ڳالهيون ڪندڙ وسيع ۽ شاندار مندرن جي ڀوڏ ڏنيم ۽ انهن ۾ پوڄا ڪندڙن جو عقيدت ڀريو انداز. جهڙي ريت پاڪستان جي هر گهٽيءَ ۾ ڪنهن عظيم الشان مسجد يا مدرسي تي نظر ٿي پوي، ساڳي ريت اُتي بہ هر ٿورڙي فاصلي تي مندر ٿي نظر آيو. آئون پاڻ بہ ڪيترن ئي مندرن ۾ ويس ۽ اُتان جو پرساد پڻ چکيم چاڪاڻ جو اجان حالتون اُنهيءَ حد تائين نہ پهتيون هيون جو ڪنهن پاڪستاني مسلمان عورت جي ڪنهن مندر ۾ پير ڌرڻ تي مذهب پرشٽ ٿي پوي ها.

اُتي آئون انيڪ مختلف ماڻهن سان مليس ۽ سچي ڳالهہ اِها آهي تہ اُتي تمام گهڻي عزت ۽ احترام مليو پر جڏهن بہ ڪنهن سان مذهبي انتهاپسندي يا رياستي دهشتگرديءَ تي ڳالهہ ٻولهہ ٿي تہ اڪثريت نہ رڳو اختلاف ڪيو پر غير ضروري طور تي پنهنجي موقف جو بچاءُ پڻ ڪيو. گهڻ ۾ گهڻ مونکي تہ اُهوئي راڪاس جيڪو پاڪستان جي رڳن ۾ پيهجي ويو آهي،اُتي بہ پنهنجا چنبا هنيل واضح طورتي نظر آيو. جيئن تہ اسانجي نظرن پاڪستان ۾ مڪمل تباهيءَ جو پنهنجي اکين سان مشاهدو ڪيو آهي انڪري اسين ڪليل دل سان پنهنجي ملڪ،ان ۾ ٿيندڙ نا انصافين ۽ مذهبي ڪٽرپڻي تي چٽي پٽي تنقيد ڪريون ٿا.

بهرحال اُن وقت ٻيا بہ ڪيترائي عنصر هئا جن ڪي ڏسي واقعي احساس ٿيو تہ انڊيا کان پاڪستان ڏانهن لڏپلاڻ ڪرڻ بلڪل ايئن ئي هو جڻ ڪنهن روشن خيال، ثقافتي ۽ مذهبي رنگا رنگيءَ سان ڀرپور معاشري کان ڪنهن قبائلي ۽ پوئتي پيل معاشري ڏانهن لڏپلاڻ ڪئي وئي هجي. اُتي اهم ڳالهہ اِها ڏٺم تہ مختلف مذهبن جي پيروڪارن جا عام جام وهان ٿيل هئا، جيڪا منهنجي لاءِ اچرج جوڳي ڳالهہ هئي. هر شهر ۾ اهڙن ٻن ٽن جوڙن سان

ملاقات ٿي ويندي هئي جيڪي مختلف مذهبن سان تعلق رکندي به هڪبئي سان وهان ذريعي ڳنڍيل هئا.

اُن وقت انڊيا بهرحال هڪ سيڪولر معاشري جو اولڙو ضرور هو. ڪو مڃي يا نه پر سيڪولر انڊيا ئي پاڪستان واسين لاءِ ڪارائتو هو، جو اسين پنهنجي رياست جي نا انصافين تي اِهو چئي ته پئي سگهياسين ته پاڪستان ڪي به انڊيا وانگر سيڪولر ملڪ بڻايو. گهاٽي ۾ اسين ئي رهياسين جو هاڻ اِهو ڪجهه آکڻ جوڳا به نه رهيا آهيون انهن ٽيويهن سالن دوران پلين هيٺان تمام گهڻو پاڻي وهي چڪو آهي. اڄ جو انڊيا بيشڪ سال به هزار واري انڊيا کان سئو سيڪڙو وڌيڪ اُسريل آهي پر انساني حقن جي پوئواريءَ ۾ انجو حال اسان کان ڪو گهڻو مختلف ناهي.

انساني حقن جو ڏيهاڙو مبارڪ

هوءَ ڪراچيءَ جي هڪ وهان واري گهر جي رونق ڪان بنهه بي نياز ڪنڌ نوائي مهندي لڳائڻ ۾ رڌل هئي. سندس آڱريون ڪون مهنديءَ سان گُل بوٽا ۽ ڊيزائن ناهڻ جون ماهر ٿي لڳيون. ڏهن ڪان ٻارهن ورهين جي سانوري رنگ تي تکن مهانڊن واري انهيءَ ٻارڙيءَ جي مٿي تي ٻڌل اسڪارف سندس وارن کي ٻاهر نڪرڻ ڪان روڪي رکيو هو.

واري واري سان هر ڪو پنهنجي هٿن ۽ پيرن تي مهندي لڳرائي رهيو هو. مستقل ڪنڌ نوائي ڪم ڪندي سندس چيله پڪ سان سور ڪندي هوندي. مهندي لڳرائيندڙ هڪ عورت ٻئي کي سڏ ڪندي چيو،"هليا، تون بہ مهندي لڳرائي".

"نہ،آئون نٿي لڳرايان ورهين ٿيا جو مهندي لڳرائڻ ڇڏي ڏني اٿم" انهيءَ عورت وراڻيو.

"اڙي لڳرائي وٺ اڄ، ڪهڙي پٽر تي ليڪ واري ڳالهہ آهي. هن ويچاريءَ جي بہ اُپت ٿي پوندي." پهرين عورت زور پريندي چيو.

ٻئي عورت ڇوڪريءَ تي نظر وڌي ۽ ڪجهہ سوچيندي مهندي لڳرائڻ ويهي رهي. عورت جون نظرون مسلسل ٻارڙيءَ کي تاڙي رهيون هيون. هُن ويچاريو تہ ان ٻارڙيءَ جو ڏوهہ فقط ايترو آهي جو هوءَ غريب آهي انڪري سندس هٿ مهندي لڳرائڻ وارن جي فهرست ۾ نہ پر ٻين جا هٿ سينگارڻ لاءِ آهن.

"ڪهڙي ڊيزائن ناهيان؟" ٻارڙيءَ معصوميت وچان ٻئي عورت کان

پڇيو، سندس مُک تي تلخ حالتن جي ڪوڙاڻ واضح هئي.

”گول چنڊ ڻاهي ڇڏ“ عورت لاپرواهيءَ وچان چيو، ڇڻ سندس اصل مقصد مهندي لڳرائڻ نہ هجي.

ٻارڙيءَ ڪون مهندي انتهائي پيشيوراڻي انداز سان پنهنجي ننڍڙن هٿن ۾ ايئن جهلي جو رڳو ڪون جي اڳئين حصي ۾ ئي مهندي پرجي آئي ۽ هوءَ عورت جي هٿ تي چنڊ ڇٽڻ لڳي.

”ڪيترن ورهين جي آهين، ڏيئڙي؟“ عورت ٻارڙيءَ سان ڳالهہ ٻولهہ جي شروعات ڪئي.

”يارهن.“ ٻارڙيءَ ڪنڌ نمائي مختصر جواب ڏنو.

”پڙهندي آهين؟“ عورت پڇيو.

”جي.“ ٻارڙيءَ ٻيهر ڳالهہ اُڪلائي.

”ڪهڙي ڪلاس ۾؟“ عورت ٻيهر سوال ڪيو.

ٻارڙيءَ ويران نظرن سان عورت ڏانهن نهاريو ۽ ٻيهر ڪنڌ نمائي مهندي لڳائيندي وراڻيو. ”اسڪول نہ پر مدرسي ويندي آهيان قران پڙهڻ.“

”اسڪول ڇو نٿي وڃين؟“

”پئسا ناهن.“ ڇوڪريءَ رُکي لهجي ۾ وراڻيو.

پهرين عورت فاصلي ڪان ڇوڪري ۽ عورت جي ڳالهہ ٻولهہ ٻڌندي چيو، ”اڙي، هن جي پيءُ کي پيٽ ۾ ڳوڙهي ٿي پئي هئي. آپريشن ڪانپوءِ انفيڪشن پڪڙجي ويو. پنج ٻار ڄڻي پاڻ تہ بستري حوالي آهي، ويچاري زال پراون گهرن تي ٻهارو پوچو ڪري ٻار پئي نپائي.“

”رهندين ڪٿي آهين.“ عورت ٻيهر مخاطب ٿي.

”سڪيورٽي پريس پويان خالي پلاٽ آهن،امان اُتي ئي پنهنجي جهڳي ڪوڙي آهي باجي! آڱرين تي بہ ڊيزائن ناهيان؟“ ڇوڪريءَ شايدڳالهہ بدلائڻ لاءِ پڇيو.

”نہ، بس ايترو گهڻو آهي.“عورت وراڻيو.

”هڪ هٿ تي مڪمل لڳرائي ڏسو، جيڪڏهن پسند اچي تہ ٻئي هٿ تي بہ هڻي ڏينديس.“ ڇوڪريءَ انتهائي بردباريءَ سان سمجهايو.

”ٺيڪ آهي، لڳائي ڇڏ.“ عورت مُرڪندي وراڻيو.

”ڇا تون سيني کان وڏي آهين ؟ٻيا ٻائر ٻينرون اٿئي ؟“ عورت جو تجسس واضح هو.

”مون کان وڏو هڪ ڀاءُ آهي، جيڪو نشو ڪندو آهي ۽ باقي ٽي مون کان ننڍا آهن، ٻه ڀائر هڪ ڀيڻ.“ چوڪريءَ ڏور پولار ۾ نهاريندي ٻڌايو. پوءِ هڪدم ئي ٻيهر ڪنڌ نوائي عورت جي هٿ تي نفاست سان گُل ڀوٽا چٽڻ لڳي.

....

رات جو ڏهين وڳي جو وقت آهي. اسلام آباد جي هڪ پوش سيڪٽر ۾ هوا جو مقابلو ڪندڙ گاڏيون سگنل ڳاڙهو ٿيندي ئي بيجان ٿي بيهي رهيون آهن. اِهو سگنل لڳ ڀڳ هڪ منٽ تائين گاڏين کي چرڻ ڦرڻ کان روڪي ٿو رکي. اِهو ئي سبب آهي جو هتي گُل وڪڻندڙ گاڏين جون ونڊ اسڪرينون صاف ڪندڙ ۽ پنندڙ ننڍي ڄمار وارن ٻارن جي گهڻائي آهي. اسلام آباد ۾ ڊسمبر جي شروعات ۾ ٻه ٽڌ هڏيون چيريندڙ محسوس ٿيندي آهي پر پنندڙ، گُل وڪڻندڙ ۽ گاڏين جون ونڊ اسڪرينون صاف ڪندڙ هر ڄمار جا ٻار موسم جي سختيءَ کان بيپرواهه رستن تي سگنل جي ڳاڙهي ٿيڻ جي اوسيئڙي ۾ رات جو دير تائين وينا هوندا آهن.

گاڏين جي بيهندي ئي رستي جي فٽ پاٿ تي وينل اِهي ٻار بينل گاڏين جي چوڌاري ڦيرا ڏيڻ ۽ پنهنجي پنهنجي پيشي جي مارڪيٽنگ انتهائي ڍنگ سان ڪرڻ لڳا. اوڏي مهل هڪ اچي هندا ستي سگنل تي اچي بيني، ان پل ئي گاڏيءَ پرسان هڪ پنجن ڇهن ورهين جو ڳاڙهو ڳٽول ٻار وڏي آيو، جنهن جا ميرا ڪپڙا سوئيٽر کان وانجهيل هئا ۽ سندس پير ٻه اگهاڙا هئا. ٻار ڇهري تي فرشتن جهڙي معصوميت ۽ هٿن ۾ گُلاب ۽ موتئي جي گُلن جا گجرا ڪنيو بينو هو. سندس ننڍڙو قد گاڏيءَ جي شيشي تائين ٻه نه پئي پهتو. پيرن جي پنجن جي آڏار تي بيهڻ سان سندس سونهري وار، ڪنجهيون اکيون ۽ ننڍڙو نڪ نظر پئي آيا، ٽڌ جي ڪري سندس اکين ۽ نڪ مان پاڻي وهي رهيو هو.

”گهڻي جا آهن هيءُ گجرا ؟“ گاڏيءَ واري پڇيو.

”سئو رپيا.“ ٻار وراڻيو.

هُن گاڏيءَ ۾ رکيل چاڪليٽ ٻار کي ڏنو ته جهٽ هٽي ونئي چڙيائين ۽ ٿهڪ ڏيڻ لڳو، اوڏي مهل ڪائنس ڪجهه وڏو ٻار سندس پويان اچي بيٺو.

”ڪٿان جو آهين؟“ گاڏيءَ واري وڏي ٻار کان پڇيو.

”آئون فاٽا جو آهيان ۽ هيءُ افغان آهي.“ وڏي ڇوڪري ننڍي ڏانهن اشارو ڪيو جيڪو هاڻ چاڪليٽ کائڻ ۾ رڌل هو.

”گهڻا پئسا ملي ويندا اٿئي؟“ گاڏيءَ واري پڇيو.

”ٽي چار هزار.“ وڏي ڇوڪر ٻڌايو.

”پوءِ گرم ڪپڙا ۽ جوتا ڇو نٿو وٺين؟“ گاڏيءَ واري اچرج وچان پڇيو.

”سمورا پئسا اڪرم ڪنيو وڃي، فقط ٻه چار سئو ئي ملندا آهن اسانکي.“ ڇوڪري وراڻيو.

”اڪرم ڪير؟“ گاڏيءَ واري پڇيو.

”اُها ئي جيڪا اسان سڀني کي هتي آڻيندي آهي ۽ وٺي ويندي آهي. ٺيڪيدار آهي اسانجي.“ ڇوڪري ٻُڌايو.

سگنل هيڊو ٿيو ته گاڏيءَ وارا سئو سئو جا پنج نوٽ ٻارن کي ڏيندي چيو، ”هيءُ لڪائي رکو ٺيڪيدار کان.“

ڇوڪري زوردار ٽهڪ ڏنو ۽ چيائين، ”اڪرم اسانجي چمڙيءَ ۾ لڪايل ڏوڪڙ به هٿ ڪري وٺندي آهي.“

سائي رنگ جي اشاري گاڏيءَ کي ٻيهر پنهنجي زندگيءَ ڏانهن موٽڻ جي اجازت ڏني ته گاڏي ٻيهر هوا جيان ڊُڪڻ لڳي.

....

گڏيل قومن واري اداري تحت هلندڙ انهيءَ اسڪول ۾ غزه تي اسرائيلي بمباريءَ ۾ بچي ويل اُجڙيل ڪٽنب پناهه ورتل آهن. غزه ۾ ڪاڏي پيتي جا اسم ختم پيا ٿين. ٻئي پاسي اسپتالن ۾ زخمين لاءِ دوا درمل ۽ ٻيو طبي سامان ذري گهٽ ختم ٿي چڪو آهي. لڳي ٿو ته جيڪي ماڻهو بمباريءَ وگهي نه مئا آهن سي اسپتالن ۾ جان بچائيندڙ دوائن ۽ کاڌ خوراڪ وارن اسمن جي کوٽ سبب سگهو ئي موت جا راهي بڻبا. اسڪول جي اڱڻ ۾ ايندڙ وقت کان بيخبر ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون راند ڪيڏي رهيا آهن. هو ٽي هم عمر ٻار

۽ اسڪول جي پيت سان لڳو لڳ هڪ ڪُنڊ ۾ سڀ ڪان ڏار ويهي پاڻ ۾ ڳالهيون ڪري رهيا آهن. هڪ ڇوڪرو ۽ ٻه ڇوڪريون، ڄمارون اِهيئي ڪي ڏهه ٻارهن ورهيه. اڻ ڌوتل چهرا، وڪريل وار ۽ ميرا ڪپڙا پهريل. اِهي ٽئي ٻار هڪ اهڙي گهٽيءَ جا رهواسي آهن جتي هاڻ کنڊرن ڪانسواءِ ڪجهه به نه بچيو آهي. بمباريءَ سبب سندن گهٽي ياڳي دوست يار مارجي چڪا هئا. ڇوندا آهن ته جيڪڏهن ڪنهن شخص کي جيئري مارڻ ٿا چاهيو ته سندس ٻارن کي قتل ڪريو. هتي ته سڄي قوم جا ٻار قتل پيا ڪيا وڃن. اسڪولن ۽ اسپتالن ۾ جيئن ته بمباريءَ جو امڪان ناهي انڪري شايد هو بي گهر هوندي به ڪنهن حد تائين مطمئن آهن.

هر ٻار جيان هنن ٽنهيءَ جا به پنهنجي آئيندي بابت ڪي سپنا آهن. هڪ ٻارڙي ڊاڪٽرياڻي بڻجي انسانيت جي سيوا ڪرڻ ٿي چاهي. ٻئي فيشن ڊيزائنر ٿي بڻجڻ چاهي ته ڇوڪر کي ڪهاڻيڪار بڻجڻ جو شوق چڙهيو آهي. هو ٽئي اُتي ويهي ان بابت ئي پيا ڳالهيون ٻولهيون ڪن. نراسائي وارين حالتن ۾ به اُميد جو ڪو ڪرڻو باقي آهي. هڪ ڇوڪري جنهن کي ڪجهه ڏينهن کان ڪنگهه اچي ورايو هو، کي ڳالهين دوران ڪنگهه ٿي پئي ته ڇوڪر پنهنجي دوست کي ڪنگهندو ڏسي اسڪول جي هڪ ڪمري ڏانهن وٺي ڊوڙ پاتي، هو شايد پنهنجي دوست لاءِ پاڻي پرڻ ٿي ويو. اجان گلاس ۾ پاڻي وجهي ئي رهيو هو جو هڪ زوردار ڌماڪو ٿيو... هوائي حملي وڳهي چوپاسي گجگوڙ ٿيڻ لڳي. هاءِ گهوڙا مچي وئي ۽ ماڻهو بمباريءَ کان بچڻ واسطي افراتفريءَ ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙڻ لڳا. ڪنهن سوچيو به نه هو ته ڪو ڳڏيل قومن جي اسڪول ۽ اسپتالن تي به حملو ٿي سگهي ٿو. اِهو وحشي پڻو ڪيترن ئي منٽن تائين جاري رهيو.

هوائي حملي جو زور گهٽيو ته هرڪو پنهنجي پيارن جي ڳولا ۾ هتوراڙيون هڻڻ لڳو. هاڻ ڇڻي پاسي ماڻهن جو روڄ راڙو هو. ڇوڪر به تيزيءَ سان ڊوڙندو اڳڻ ۾ آيو جتي ڪجهه دير اڳ پنهنجي ٻن دوستن سان گڏ آئيندي جا سپنا ونڊي رهيو هو، اُتي هاڻ سپنن سوڌو سيڪجهه وڪريل هو ۽ سندس ٻنهي دوستن جا لاش رت ۾ ٻڏل پيا هئا.

ڏهين ڊسمبر تي سڄي دنيا ۾ انساني حقن جو عالمي ڏيهاڙو وڏي

اهتمام سان ملهايو ويو. دنيا جي سمورن مهذب ۽ انساني حقن جي علمبردار ملڪن جي سربراهن انهيءَ موقعي تي انساني حقن ۽ انهن جي پوئواريءَ تي زوردار تقريرون ڪيون ۽ انهن تقريرن تي زوردار تاڙيون پڻ وڄايون ويون.

اوهان سڀني ڪي بہ انساني حقن جو ڏيهاڙو مبارڪ هجي!!

ڪفن سيرايو، منهنجي بي زباني پروڙيو

دريائن تي نهيل مختلف قسمن جون پلون سدائين پاڻ ڏانهن ڏيان ڇڪرائيندڙيون آهن. ڪاٺ جي دڪن سان نهيل هوا ۾ لٽڪندڙ پُل، سيمنٽ گاري جي نهيل پڪ پُل ۽ لوهي پٽين جيان آڪاش کي ڇهندڙ پل... پر اهي پلون جهڙي ريت گذريل ڪجهه ورهين کان گلگت، بلتستان، هنزه، غذر، صوابي ۽ چترال ۾ آپگهات لاءِ بي روڪ ٽوڪ استعمال ٿي رهيون آهن، سو انهن کي ڏسي هاڻ دِپ ٿيڻ ٿو لڳي. هر پُل سان سوين نوجوان ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي آپگهات جا داستان ڳنڍيل آهن. نوجواني زندگيءَ جو سڀ کان وڌيڪ موهيندڙ دور ليکي ويندي آهي، جڏهن جيئڻ جا اُدما پرپور هوندا آهن. هونئن ته ڪنهن به ڄمار ۾ پنهنجي هٿن سان پنهنجي حياتيءَ جو ڏيئو اُجهائڻ ڪنهن به ريت سولو ڪم ناهي پر جوانيءَ ۾...؟

ڇا آپگهات فقط حالتن جي سبب ٿين ٿا يا انهن پويان ڪي ٻيا مامرا به هجن ٿا؟

اِهي سمورا نوجوان ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون روزانو انهن پُلين تان لنگهي پنهنجي اسڪول، ڪاليج ۽ يونيورسٽين جو رخ ڪندا هوندا. پنهنجي پنهنجي روزگار لاءِ انهن ئي پُلين تان لنگهي وڃڻ هر نوجوان لاءِ معمول جي ئي ڳالهه هوندي.

تازو ئي پرڻيل ڇوڪريون جن جا مڙس وهان جي ڪجهه هفتن جي ساٿ ڪانپوءِ پنهنجي روزگار واسطي ڪنهن ٻئي شهر يا ملڪ اسهن ٿا، سي به انهن دريائن تي نهيل فضا ۾ لٽڪندڙ پُلين تان لنگهي پنهنجي اڪيلائپ جي

پيڙا سهڻ پيڪن جو رُخ ٿيون ڪن.

پُلين تان ٽپ ڏئي آپگهات ڪندڙ ڪي ٻيا نہ پر اُهي ئي ماڻهو آهن جن جو ورهين تائين انهن پُلين سان ڳانڍاپو رهيو هوندو آهي.

غذر

دريا تي ٺهيل انهيءَ پل تان موٽر سائيڪل ڊوڙائيندي ڪم تي وڃڻ سندس روزمرهہ جو معمول هو جتي هو پهريون ڀيرو انهيءَ پنڌ ويندڙ تازو ئي پرڻيل ڇوڪريءَ کي نظر آيو هو. ڪنهن کي پتو هو تہ پُل تي ئي ايندي ويندي کيس ڪو اهڙو همسفر ملي ويندو جنهن سان ڪن پل لاءِ هوءَ پنهنجي اڪيلائپ ونڊي سگهندي. جڏهن تہ ٻئي پاسي کيس بہ انهيءَ پرڻيل ڇوڪريءَ سان ڄاڻ اڃاڻ ۾ پنهنجائپ پئدا ٿي وئي هئي ۽ هر ٻئي ڏينهن انهيءَ پل تي سندن ٽاڪرو ٿيڻ ڪو اتفاق نہ رهيو هو. تازو پرڻيل ڇوڪريءَ جو مڙس وهان کان چار ڏينهن پوءِ ئي ڪيس ساهرن حوالي ڪري ڪمائڻ واسطي شهر هليو ويو هو. ڇوڪري هر ٻن ٽئن ڏينهن کانپوءِ يڪسانيت کان تنگ اچي پنهنجي پيڪن جو رُخ ڪندي هئي جيڪو پُل جي هُن پار هڪ ڳوٺ ۾ هو.

ڇوڪرو هاڻ آفيس وڃڻ لاءِ وقت کان ڪجهہ اڳ نڪرندو هو. انهن هلڪي ڦلڪي ملاقاتن ٻنهي کي نئون جيون ڏنو هو پر ٻئي انهيءَ حقيقت کان بيخبر هئا تہ بهار جهڙي اِها زندگي مختصر هوندي. ڪيترن ئي ڏينهن تائين ڇوڪري تازو ئي پرڻيل ڇوڪريءَ کي رستي ويندي نہ ڏٺو تہ بيچين ٿي ويو پر ڪجهہ ڏينهن اندر اِها بيچيني ڏُک ۾ بدلجي وئي، جڏهن پتو پيس تہ ڇوڪريءَ دريا ۾ ٽپو ڏئي آپگهات ڪري ڇڏيو آهي.

ڪجهہ ڏينهن کانپوءِ لاش ملڻ ۽ پوسٽ مارٽم رپورٽ سامهون اچڻ تي پتو پيو تہ ڇوڪريءَ جي جسم تي انتهائي تشدد جا نشان هئا ۽ سندس مرتيو آپگهات نہ پر کيس دريا ۾ ڌڪو ڏئي ڪيل قتل هو.

انهيءَ حادثي نوجوان جي زندگيءَ کي انتهائي متاثر ڪيو، تانجو ڪجهہ عرصي کانپوءِ انهيءَ ڇوڪري جي آپگهات واري خبر اخباري سُرخين ۾ ظاهر ٿي پر ڄاڻندڙ ڄاڻن ٿا تہ سچ ڇا آهي ۽ اُهو ڪجهہ ڇا ٿيو جو جنهن پل تي هو ٻئي ملندا هئا، اُتان ئي ٽپ ڏئي ٻنهي پنهنجي حياتيءَ جو انت آندو.

گلگت

هوءَ بہ روز صبح ساڻ انهيءَ پُل تان لنگهي پنهنجي ساٿياڻين سوڌو پنهنجي ڪاليج ويندي هئي پر واپسيءَ تي سندس همسفر ڪو ٻيو هوندو هو. اُها چلولي شاگردياڻي جنهن تي ڪاليج جو هر ڇوڪرو مست ۽ فدا هو سا هڪ شيعا ڇوڪري سان پريت ۾ ڳنڍجي وئي هئي.

جيتوڻيڪ ٻنهي جو تعلق هڪٻئي ڪان ڏار فرقن سان هو پر سندن دل ۽ دماغ هڪجهڙي انداز ۾ ڌڙڪندا ۽ هڪٻئي کي سمجهندا هئا. ڪين اندازو نہ هو تہ جنهن پُل تي هو ٻئي منٿن جو سفر هڪٻئي جي صحبت ۾ مست انداز ۾ ڪلاڪن ۾ تا طئي ڪن، سا سندن موت جو سبب بڻبي.

ڪنهن اسماعيلي ڇوڪريءَ جي شادي ڪنهن شيعا ڇوڪري سان؟ ناممڪن... پر اِهو ڪٿان جو فهم هو تہ ڪا پڙهيل ڳڙهيل ڇوڪري فقط انڪري ڪنهن اڻپڙهيل سان زندگي گهاري جو هو بہ سندس ئي فرقي وارو هجي؟ هُن ويچاريءَ تہ اِهو ئي سمجهيو تہ تعليم پرائڻ ڪانپوءِ ايترو حق تہ کيس حاصل ٿي ويو هو جو هوءَ پنهنجي زندگيءَ جي ساٿيءَ جي چونڊ پنهنجي مرضيءَ سان ڪري. هاءِ ڙي خام خيالي!

”هڪ ڇوڪر گلگت دريا جي پُل تان ٽپو ڏيئي آپگهات ڪري ڇڏيو.“ انهيءَ شاگردياڻيءَ جون نظرون مقامي اخبار ۾ ڇپيل انهيءَ خبر ۾ کُتل هيون. کيس پتو هو تہ اِهو آپگهات نہ پر قتل آهي ڇاڪاڻ جو مامرو عزت جو هو جيڪو انتهائي چالاڪيءَ سان اُڪلايو ويو هو. دماغ ۾ واچوڙو هئڻ جي باوجود هوءَ اطمينان سان تيار ٿي پنهنجي ساٿياڻين سان گڏ ڪاليج وڃڻ لاءِ رواني ٿي.

پر پُل جي وچ تي پهچي هوءَ پنهنجي ساٿياڻين کي حواس وڃايل ڇڏي ڪن پل ۾ دريا جي لهرن ۾ گُم ٿي وئي. ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ سندس لاش بہ هٿ ڪيو ويو ۽ ايئن بہ پيار ڪندڙن جو داستان جتان شروع ٿيو هو اُتيئي ختم ٿي ويو.

هنزا

اجان تہ سندس ڇهري تي مُڇن جي ساوڪ بہ نہ آئي هئي. رات جو دير تائين امتحانن جي تياري ڪرڻ سبب اجڪلهہ روز دير سان اک ٿي کليس سو

اسڪول ويندي ٻوڙندي دريا تي لڏندڙ لمندڙ پراڻي ڪاٺ واري پل تان اهڙي ڦڙتيءَ سان ٻوڙندو هو جو ٻين ٻارن جو ساهه مُٺ ۾ اچي ويندو هو ته اجهو ڪاٺ جو ڪو تختو نڪتو ۽ هو ڦهڪو وجي ڪندو دريا ۾.

مٿس پڙهائي جي دٻاءُ نه رڳو مائٽن طرفان پر سڄي اسڪول طرفان به هو جو هو سدائين ٽاپ ڪندو پئي آيو. هن ڀيري ته مئٽرڪ جو امتحان هو ۽ هو پنهنجي پوري توانائي سڄي علائقي ۾ ٽاپ ڪرڻ تي لڳائي رهيو هو.

پر هيءُ ڇا ٿيو فقط ٻن مارڪن تان هو ٻهريون نمبر اچڻ کان رهجي ويو. رزلٽ جو ڪاڳر سندس هٿن ۾ ڪنبي رهيو هو. ڪيس لڳو ته سندس گهرياتي، سمورا دوست، اُستاد، سمورا علائقي واسي.... نه نه سڄو ملڪ... بلڪ سڄي دنيا سندس چٿر پئي اڏائي.

۽ امان... هوءَ ته منهنجي انهيءَ ناڪاميءَ تي جيئري ئي مري ويندي.

پوءِ اُهو ئي ٿيو جنهن جو ڊپ هو. رزلٽ تي نظر پوندي ئي سندس ماءُ پنهنجو پاڻ کي ڪمري ۾ بند ڪري ڇڏيو.

”امان! ايندڙ سال پڪ سان ٽاپ ڪندس، بس رڳو هن ڀيري معافي ڏئي.“ هو زور زور سان دروازو ڪڙڪائيندو رهيو پر نه ماءُ جي من ۾ ٻاجهه آئي نه دروازو کليو.

سيني جي چٿر ڀري نظرن کان بچڻ جو هڪ ئي رستو هو. هو پل ڏانهن پنهنجي پوري سگهه سان ڊوڙيو. پُل هوا ۾ جهولڻ لڳو. هيٺ وهندڙ دريا جون مست لهرون گجگوڙ ڪري رهيون هيون ۽ هن ڀيري اُها پراڻي پل ٻار جي مرضي جاڻي چڪي هئي ۽ ٻار جي وزن جو بار نه سهندي ذرا پرزا ٿي وئي.

چترال

روزاني ڏند چڪ سندس حوصلا خطا ڪري ڇڏيا هئا. هو چوويهن ورهين جو ٿيڻ وارو هو، ٻه سال اڳ بهترين مارڪن سان انجنيئرنگ جي امتحان ۾ ڪامياب ٿيو هو پر روزگار حاصل ڪرڻ ۾ هيل تائين ناڪام رهيو هو. جڏهن هو روزانو انهيءَ پل تان لنگهي، ڪڏهن پنڌ ته ڪڏهن رڪشا ۾ ڪاليج ويندو هو ته ڪيس انجو اندازو نه هو ته ڪو نوڪريءَ جي ڳولا ۾ ڪيس بيهر انهيءَ ساڳي پُل تان لنگهي اوسي پاسي وارن علائقن ۾ ڀٽڪڻو پوندو.

انهن ٻن سالن ۾ ان شهر ۾ روزگار حاصل ڪرڻ جا جيڪي ممڪن

ذريعا تي پئي سگهيا سي هُن آزمايا هئا پر ڪو ڪڙتيل نہ نڪتو. ڪيس سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ ان لاءِ ڪنهن تي ڏوهہ ڌري؟ پنهنجو پاڻ تي؟ مائٽن تي؟ يا وري رياست تي؟ يا رياست جي انهيءَ مدي خارج سرشتي تي جنهن نوجوانن لاءِ ڪي نيون راهون ڪڍڻ تہ پري جي ڳالهہ آهي، اڳي جيڪي ڪجهہ ميسر هو اُهو ئي ناس ڪري ڇڏيو هو.

گهر ۾ داخل ٿيندي ڪيس لڄ ٿيندي هئي. مائٽن جون آس ڀريل نظرون سندس وجود کي ڏينهون ڏينهن ڪوڪلو ڪري رهيون هيون ۽ سندس ذهني تاءُ وڌائي رهيون هيون.

ٻئي پاسي ڳاٽي ٽوڙ مهانگائي چيلهہ ڀڃي ڪري ڇڏي هئي. ننڍن ڀائرن ڀينرن جي اسڪول في ڏيڻ وس ۾ نہ رهيو تہ ڪين اسڪول مان ڪڍرائي گهر ويهاريو ويو.

ڪيس پنهنجو وجود ڪنهن بار جيان محسوس ٿيڻ لڳو. هاڻ سندس ماءُ بہ هر مهل سندس بيروزگاريءَ جا مهڻا ڏيڻ لڳي هئي، جنهن جو ٻنهي کي ڏک ٿيندو هو. ڏينهون ڏينهن سندس ذهني تاءُ ۾ واڌ ايندي رهي.

پُل تان تہ هو روز لگهندو هو پر اڄ حتمي فيصلو ڪري ورتو هئائين تہ اِهو انهيءَ پُل تان سندس آخري سفر هوندو.

تنهنجون ڳالهيون تنهنجا فسانا

اڄ صبح کان طوفاني برسات سبب پئرس جا سمورا روڊ رستا جل ٿل ٿي ويا آهن. ايفل ٽاور جي ڪيفي جي هڪ پرسُڪون ڪُنڊ ۾ اوڻهويهين صديءَ جو نمائندي اديب گاءِ دي موپاسان ڪٿئي رنگ جي ويسٽ ڪوٽ ۽ پتلون پهري سگار جا سوٽا هڻي رهيو آهي، ان ميز جي ٻئي پاسي ويهين صديءَ جو ناميارو افسانه نگار سعادت حسن منٽو اڇي ڪڙتي پاجامي ۾ هٿ ۾ ڪنيل وهسڪيءَ جي گلاس مان سرڪ پري رهيو آهي. ميز تي ڪيترائي ڪتاب پکڙيل آهن ۽ ٻئي ڳالهه ٻولهه ۾ غرق آهن...

منٽو: ميسيور! چا هيءَ اوهانجي پسنديده ڪيفي آهي؟ (منٽو پنهنجي چوڏاري هڪ اڇاتري نظر وجهندي پڇيو.)

موپاسان: (ڇهري تي گهنج آڻيندي) نه، قطعي نه. ها گهٽ ۾ گهٽ هيءَ اُها واحد جاءِ آهي جتان مونکي اڏاوت جي انهيءَ بدذوق نموني کي ڏسڻو نٿو پوي، جنهن کي دنيا ايفل ٽاور طور سُڃاڻي ٿي.

پنهنجو ٽهڪ روڪيندي منٽو سوال ڪيو: سائين! ان تي روشني وجهو ته اوهان ادب ۾ ڪنهن ٻئي انداز اختيار ڪرڻ بدران حقيقت نگاريءَ کي ئي ڇو چونڊيو؟

موپاسان: هممم! مونکي ليکڪ ٿيڻ تي گستائو فلابيغ هرڪايو جيڪو پاڻ هڪ حقيقت نگار ۽ فطرت پرست هو، نه ته شايد آئون ڪلرڪ ئي هجان ها. تلخ حقيقتن کي ابهام جي پڙدي پويان لڪائڻ کان بهتر آهي ته صاف ۽ واضح لفظن ۾ ڳالهه ڪجي. ٻيو سبب اِهو آهي ته مونکي زندگيءَ جون سچائيون ڦيرائي گهيرائي علامتي انداز ۾ بيان ڪرڻ ڪڏهن به پسند نه

آيو، سو جيڪي ڪجھہ محسوس ڪيم سو ڪنهن قلعي هٽڻ ڪانسواءِ لکي ڇڏيم. منٽو! تو ٻہ تہ پنهنجي افسانن ۾ مون وانگر ئي معاشري ۽ نام نهاد انسانيت تي سڏاسنوان ڪات ڪهاڙا ڪنيا آهن.

منٽو: (پنهنجي عينڪ نيڪ ڪندي) جي سائين! مون اوهانجا ڪيترائي افسانا اڙدو ۾ ترجمو ڪيا آهن، اوهانجي لکڻ جي انداز مونکي سماج تي ويڙهيل ليڙون ٽيل بدبودار لباس لاهڻ جو حوصلو ڏنو پر ڇا اِهو درست ناهي تہ اوهانجي گهڻي ڀاڱي لکڻين ۾ انساني پيڙا ۽ بيوسيءَ ڪي فطرت جي ستم واري پلڙي ۾ وجهي طبقاتي تضادن ۽ سماجي ناانصافين کي آڏو آڻڻ کان پاسو ڪيو ويو آهي؟

موپاسان: (هلڪو ٽهڪ ڏيندي) ها ڇئي سگهين ٿو تہ منهنجي قلم ۾ اسلوب ۽ ڦڙتي آهي پر اِها مڪمل سچائي ٻہ ناهي. ڇا تو "خوشي"، "زنگ"، "معذرت"، "هڪ پوڙهو"، "ڪانئر"، "شيطان"، "قبر"، "بهار ۾"، "هڪ ڇرئي جي ڊائري"، "اياڳي ماني" ۽ "رسيءَ جو ٽڪر" وغيره پڙهيون آهن؟. منهنجي لکڻ جي انهيءَ انداز جا ڪجھہ ٻيا ٻہ سبب آهن جهڙوڪ منهنجو ٻالڪپڻ ۽ جواني پنهنجي آزاد منش ۽ ادب جي شوقين ماءُ جي اثر هيٺ انتهائي خوشگوار ۽ سکيا ستابا گذريا آهن. اسانجون سياسي، سماجي ۽ معاشي حالتون اسانجي ڪهاڻين تي اثرانداز ٿينديون آهن. منهنجي اڪثر افسانن جي عورت ٻہ تنهنجي افسانن کان مختلف آهي ڇاڪاڻ جو هوءَ آزاد آهي ۽ پنهنجي مرضيءَ سان ڪنهن مرد سان جسماني تعلق رکڻ ۽ ختم ڪرڻ ۾ آزاد ٿي نظر اچي . سگنل، ڇا اِهو ڪو سپنو هو ۽ جيولز جهڙيون ڪهاڻيون انجو مثال آهن.

اصل ۾ طبقاتي فرق آئون اُن ريت پنهنجي ڪهاڻين ۾ شامل نہ ڪري سگهيس جهڙي ريت تو سولائي سان ڪيو آهي. شايد تو منهنجي پيٽ ۾ زندگيءَ جي ڪوڙاڻ کي پنهنجي سر ڀوڳيو آهي انڪري ئي تون انسان جي بيوسيءَ تي ماتم ڪرڻ بدران معاشري جي لاڳو قانونن تي بيرحم ڇٽر ۽ تنقيد جا تير وسائيندي ٿو نظر اچين. خير... تنهنجي ڪهاڻين جو مرڪز نندي ڪنڊ جو ورهاڱو، جنس ۽ عورت ئي ڇو رهيو؟

منٽو: (سيگهہ ۾ ٻچيل وهسڪي نڙيءَ ۾ اوتيندي) مون سوچي نہ

لکيو پر جيکو ڏسي محسوس کيم سو ڪاڳر تي لاٿم. فقط پهريون جملو منهنجو هوندو هو، باقي سڄو افسانو اُهو جملو لکندو هو. ورهاڱي جي پيڙا بہ بلڪل ايئن ئي آهي جڻ هڪ جسم کي ڪپي بہ ڀاڱا ڪيو وڃي. اِهو ان کي ئي سمجهہ ۾ ايندو جنهن سَنو هجي. ”ٽوبا ٽيک سنگهہ“، ”قندٽو“، ”سڑک کے کنارے“، ”خدا کی قسم“، ”سیاہ حاشیے“، ”آخری سیلوٹ“، ”ٹیٹوال کا کتا“، ”یزید“، ”سہائے“، ”موذیل“، ”انجام بخیر“، ”موتری“، ”مائی نانکی“ ۽ نہ ڄاڻ ڪيتريون ئي ڪهاڻيون ورهاڱي کان اڳ، ورهاڱي دوران ۽ ان ڪانپوءِ جون آهن جن کي منهنجي اکين پنهنجي اوسي پاسي ٿيندي ڏٺو آهي.جيڪڏهن جنس ڪانسواءِ معاشرو اڻپورو آهي تہ پوءِ ادب ڪيئن ٿو انڪانسواءِ مڪمل ٿي سگهي؟ عورت ۽ مرد جو جنسي لاڳاپو ازلي ۽ ابدي آهي. اسانجي معاشري ۾ جنسي نا آسودگي عروج تي آهي پر ان کي صدين کان ڪچري جيان غاليچي هيٺان لڪايو پيو وڃي انکري آئون پڙهندڙن کي غاليچي هيٺان نهارڻ تي هرڪايان ٿو. ها، جنس نگاريءَ ۾ فڪري لطافت ۽ نفاست جو انتهائي قائل آهيان.پل اُها ”ہتک“ هجي يا ”کالی شلوار“، ”ٹھنڈا گوشت“، ”بو“، ”پانچ دن“، ”دھواں“، ”وہ لڑکی“ يا ”بلائوز“... هر ڪهاڻي ڪنهن اهڙي عورت آڏو تي هلي جيڪا معاشري جي اکين ۾ اکيون ملائي، ان کي ڳتر مان جهلي پنهنجو حصو گهرڻ ڄاڻي ٿي. عورت جو هر ڪهاڻيءَ ۾ ڌار روپ آهي، ڪٿي هوءَ گهريلو آهي تہ ڪٿي دنيا سان همقدم. اصل ۾، جنهن دور ۾ آئون اِهي ڪهاڻيون تخليق ڪري رهيو هئس سو عورتن جي آزاديءَ جو دور هو. آئون شعوري طور تي اهڙي عورت کان متاثر آهيان جيڪا جاندار هجي، جنسي طور تي بہ تہ نفسياتي لحاظ کان بہ.

سڄو ڏينهن چڪي پيهڻ ڪانپوءِ اطمينان سان ننڊ ڪندڙ عورت منهنجي افساني جي هيروئن نٿي ٿي سگهي. ڪوٺي جي وئشيا، سنڌس جنسي بيمارين ۽ سنڌس ڳاريون مونکي وڻنديون آهن انکري وئشيا منهنجي ڪهاڻين جو مرڪزي ڪردار رهي آهي. منهنجي معاشري ۾ عورت معاشي، جنسي ۽ سماجي استحصال جو شڪار آهي. ”ہتک“، ”بسم اللہ“، ”موذیل“، ”شانتی“، ”کھول دو“ جون عورتون ڏاڍ ڏمر جو شڪار ٿيندڙ عورتن جي نمائندگي ٿيون ڪن.

موپاسان: ٻڌو اٿم تہ پاڪستان ۾ تنهنجي ڪجھہ افسانن تي فحاشيءَ جو الزام ڌريو ويو ۽ ڪيس بہ هليو، ڇا اِهو سچ آهي ؟ (موپاسان پليٽ مان فواگرا جو ٻيو وات ۾ وجهندي سوال ڪيو)

منٽو: ها ها... سچائي جيڪڏهن فحاشي آهي تہ پوءِ سمورو معاشرو فحش آهي ۽ اِها ڳالھہ ميسيور اوهان ڪان بهتر ڪير ٿو سمجهي سگهي تہ ادب ۾ حقيقت نگاريءَ جي شروعات فرانس ڪان ٿي ۽ اوهان انجي بانين مان آهيو تہ حقيقت پسند ادب ڪپڙن ڪانسواءِ ئي نظر ايندو، ڪنهن تعصب ۽ رومانويت سان گڏلاڻ ڪانسواءِ ايمانداريءَ سان. کهول دو، ٺنڊا گوشت، بو، ڪالي شلوار ۽ دهواں لکڻ تي مونکي فحش نگار سڏيو ويو ۽ ڪيس هلايو ويو. آهي نہ عجب جهڙي ڳالھہ! ڪو انهن انصاف جي نام نهاد نيڪيدارن ڪان پڇي تہ ڪو حقيقت نگار سچائيءَ ڪانسواءِ ٻيلا ٻيو ڇا ٿو تخليق ڪري سگهي.

واٽ نان سينس!

(موپاسان سگار جو دونهون اُڏائيندي گلاس ۾ اسڪاچ اوتڻ لڳو).

موپاسان: ميسيور منٽو! پنهنجي ڪهڙي ڪهاڻيءَ کي پنهنجي بهترين تخليق ٿو ليکين ؟

منٽو: هيءَ وهسڪي ڪجھہ وڌيڪ ئي مزيدار آهي، وهسڪيءَ جو گلاس چپن تي آڻيندي چوڻ لڳو، ڇا ڪا ماءُ ٻار ڄڻيندي اِهو سوچيندي آهي تہ ڪهڙو ٻار شريف ۽ فرمانبردار نڪرندو ۽ ڪهڙو نالائق ۽ بدمعاش؟ انڪري ان سوال جي ڪا تُڪ نٿي ٿئي. هونئن بہ مونکي پنهنجا اُهي افسانا وڻيا جن جي ڪري مونتي الزام ڌريا ويا پر منهنجي من ويجهو ”کهول دو“ ۽ ”ٽوبہ ٽيڪ سنگھ“ آهن، اِهي لکڻ ڪانپوءِ ڏکهي عرصي تائين انهن ڪهاڻين جي نهن منهنجي دل ۽ دماغ تي انتهائي رهڙون هيون آهن.

سائين! اوهين پنهنجي ڪهڙي لکڻي چوندينداِ جيڪا اوهان جي خيال ۾ پانڪ کي ضرور پڙهڻ گهرجي ؟. (منٽو سگريٽ جو سوٽو هڻندي موپاسان ڏانهن نهاريو).

موپاسان: تو هيءَ فواگرا چکيو؟ انتهائي لذيذ طعام آهي هيءُ فرانس جو. منهنجو خيال آهي تہ پانڪن کي ”دي نيڪلس“ وڌيڪ پسند آهي

پر منهنجي من ويجهو ”اديلي“ آهي. توهانجي ٻوليءَ ۾ انکي شايد ”طلب ۽ رسد“ نالي ترجمو ڪيو ويو آهي. انهيءَ لکڻيءَ تي ڏگهي عرصي تائين پابندي مڙهيل رهي ته اِها لکڻي جنسي اشتعال جو سبب آهي.پيٽ جي بک ۾ شهوت اُهو ئي محسوس ڪري سگهي ٿو جنهن کي ڪڏهن لنگهڻ ڪاٽڻو نه پيو هجي. ٿج سان پريل اُرهن جي پيڙا اُها عورت ئي سمجهي سگهي ٿي جنهن وٽ ٿج ڏارائڻ لاءِ ٻار نه هجي. اُتي شهوت نه پر مامتا جو اُڌمو ٿو پئدا ٿئي.

اصل ۾ لکڻي اهڙي هجي جنهن تي سوال اُٿاريا وڃن. ڪنهن حقيقت نگار جي بس اِها ئي ڪوشش هوندي آهي ته پڙهندڙ ۾ سوچڻ جي هُرڪُر شروع ٿئي. مونکي اِهو چوڻ ۾ ڪا هٻڪ نٿي ٿئي ته تون هڪ پئدائشي ڪهاڻيڪار آهين، جنهن نه ڪنهن جي پيروي ڪئي ۽ نه ئي ڪنهن ناميارو ليکڪ تنهنجي رهنمائي ڪئي. منٽو! آئون توکي فني ۽ فڪري حوالي سان هڪ جاندار ۽ طرز جو صاحب افساني نگار سمجهان ٿو.

منٽو: ميسيور! اِهو ته اوهانجو وڏماڻهپو آهي. ائون سمجهان ٿو ته سماجي ناانصافين جو ماتم منهنجي افسانن جي سرواڻ وصف آهي جڏهن ته اوهان ڪهاڻين ۾ زندگيءَ جي ڪوجهائپ ۽ سونهن ٻنهي کي واضح ڪرڻ جي فن کان پلي پت واقف هئا.

بهرحال، اسين ٻئي ٻن مختلف دورن، علائقن ۽ سيٽائن جا رهواسي هئاسين. اسانجي دورن، انجي مسئلن ۽ ٻوليءَ ۾ ڪا هڪجهڙائپ ناهي ته پوءِ اسين اڄ هتي ڇو گڏ ويٺا آهيون؟ (منٽو ڪيفي جي ڇتين تي لڳل وڏن شاهي آئينن تي برسات جي ڦڙن تي نظرون کپائيندي پڇيو)

برسات اڃان وسي رهي آهي پر زندگيءَ جو وهنوار هلي پيو. موپاسان گهري نظر سان منٽو کي ڇتائي ڏٺو ۽ پنهنجي ٺاءِ نيڪ ڪندي چوڻ لڳو.

موپاسان: اسان ٻنهي کي ٻائيتاليهن ورهين جي مختصر زندگي پلئه پئي پر اسانجي لکيل مختصر ڪهاڻين اسانکي امر ڪري ڇڏيو. جيڪڏهن ورهاڱي ۽ لڏپلاڻ جو خوني دور تنهنجي نظرن آڏو گذريو ته مون ٻه جرمني ۽ فرانس وچ ۾ لڙائي دوران انسانن کي انجو ٻارڻ ٻڻجندي ڏٺو. اسين ٻئي حقيقت پسند هئاسين انڪري ادب ۾ حقيقت نگاري اختيار ڪئي سين. اسانجون ڪهاڻيون انهيءَ طبقي جي اُڌمن ۽ پيڙائن کي واضح ٿيون ڪن جن

ڪي معاشرو عام طور تي ڏڪار پري نظرن سان تو ڏسي. چاهي اُهي غريب هجن، لاچار هجن يا وئشيائون، جيئن تہ اسين حقيقت نگار آهيون ان ڪري اسان لاءِ ڪهاڻيون پاشڻ، ابهام يا تمثيل ناهي پر سماجي هاجن جي اگهاڙي تصوير پيش ڪندي ٿيون نظر اچن تہ جيئن پانڪ انهيءَ طبقي جي هاجي ڪي سمجهڻ جي ڪوشش ڪن. اسان ٻنهي پنهنجن تجربن ۽ اُڏمن ڪي افساني ۾ وڏيڪ اثرائتي انداز ۾ پيش ڪيو آهي، ان هوندي بہ اسانجي لکڻ جو انداز ۽ اسلوب ٻنهہ مختلف رهيا آهن.

منٽو: اسان ٻنهي تي فحش نگاريءَ جا الزام ڏريا ويا ڇاڪاڻ جو اسان معاشري جي گندگي ڏوئي پوئي نہ پر جيئن جو تيئن پڙهندڙن اڳيان رکي تہ جهڙي ريت چاهيو، جيترو وٽيوَ صاف ڪريو. ڇا عجيب اتفاق آهي تہ "بولداسوف" جي ايلزبيت ۽ "ہتک" جي سوگندي هڪ ئي عورت جا ٻہ روپ آهن، هڪ موپاسان جي فرانسيسي وئشيا ۽ ٻئي منٽو جي هندستاني وئشيا. اسين ٻئي ضدي، صاف گو، هنيلا ۽ اناپرست بہ تہ مشهور رهيا آهيون.

موپاسان: (منٽو کي ياد ڏياريندي) تمام گهڻو پيئڻ ڪانسواءِ اسان ۾ هڪ ٻئي هڪجهڙائي اِها بہ آهي تہ اسان ٻنهي جا نالا هم آواز لفظ "م" سان شروع ٿا ٿين.

موپاسان ۽ منٽو هڪ زوردار گڏيل ٽهڪ ڏنو تہ اوسي پاسي وارين ميزن تي وينلن هنن ڏانهن چتائي ڏسڻ شروع ڪيو تہ موپاسان ۽ منٽو هڪدم ميز تان هڪ هڪ ڪتاب کڻي ورق اُٿلائڻ شروع ڪيا.

ميز تي چارلس ڊڪنز، اوهنري، پريم چند، ايمل زولا، دوستو وسڪي، عصمت چغتائي، ڪرشن چندر ۽ ٻين حقيقت نگار ليکڪن جا ڪتاب وکريل هئا ۽ برسات جا ڦڙا اجان بہ دريءَ جي شيشي تي ڳوڙهن جيان وسي رهيا هئا.

اچو تہ تصور ڪريون

پهريون تصور

ڪڏهن اسان تصور ڪيو آهي تہ اسين پنهنجي گھر پاتين سان گڏ ٿي وي ڏسي رهيا هجون يا ماني داني ڪائي رهيا هجون يا ڪا هلڪي ڦلڪي ڳالهہ ٻولهہ ڪري رهيا هجون ۽ اوچتو ڪيترائي هٿياربند بندوقون تاڻي اسانجي گھر جي چار ديواريءَ ۾ اجازت کانسواءِ گھڙي اچن ۽ گھر جي مرد کي جيڪو اسانجو پٽ، پاءُ، مڙس يا پيءُ هجي، کي بندوقن جي ڪنداڪن سان ڪٽيندي، ٻوٽن سان چيڀاٽيندي، وارن مان گھليندي اسان سيني جي نظرن آڏو، ڪجهہ ٻڌائڻ کانسواءِ گاڏيءَ ۾ وجهي هليا وڃن ۽ اسين بيوسيءَ وچان روح راڙي کانسواءِ ڪجهہ بہ نہ ڪري سگھون. ٿورڙو سوچيو تہ اِهو ڪيڏو نہ روح ڪنبائيندڙ ڏيک هوندو؟ بلوچستان جي لڳ ڀڳ سمورن علائقن جي ماڻهن جون زندگيون اهڙن انيڪ واقعن سان ڀريون پيون آهن. جن بلوچستان ڏٺو آهي سي ڄاڻن ٿا تہ اُتان جا گھڻي ڀاڱي علائقا انتهائي پوئتي پيل آهن. آواران، خاران، واشڪ، چاغي، خضدار، ڪوهلو، بارڪان ۽ شيراني فقط ڪجهہ مثال آهن جتي زندگيءَ جون بنيادي ضرورتون تہ ڇڏيو، گھر بہ ڪچي مٽيءَ جا اڌيل آهن، جيڪي ڪڏهن ٻوڏ تہ ڪڏهن ڌرتي ڌٻڻ ڪري ايئن ميسارجي ويندا آهن جڻ تہ اُتي ڪڏهن ڪجهہ هو ئي ڪونہ.

مئي 1998 ۾ چاغي ضلعي ۾ ائٽم بم جو تجربو ڪيو ويو. ٻن ڏهاڪن کان وڌيڪ جو عرصو گذرڻ کانپوءِ بہ اڄان تائين اُتي ڄمندڙ ٻارن ۾ ڄمڻ‌ءَ جون مختلف بيماريون ۽ جسماني نقص ملن ٿا. چاغيءَ جي سرزمين

تي ٿيل ائٽمي ڌماڪي جي تجربي سبب انهيءَ علائقي جي رهواسين ۽ جانورن تي تابڪاريءَ جا اثر اڃان تائين موجود آهن جڏهن ته ائٽمي تجربي ڪانپوءِ چاغيءَ ۾ سوڪهڙي سان گڏوگڏ پاڻي به اٽلپ ٿي ويو آهي.

حالتن جي مار ڪاڌل بلوچستان جي رهواسين جي زندگي گذريل ستر ورهين کان غربت ۽ بيوسيءَ جو شڪار ته آهي ئي، پر هاڻ ته بلوچ مردن کي زوري کڻڻ، اغوا ڪري گم ڪرڻ ۽ چٿريل لاشن جو ملڻ به روزمره جو معمول بڻجي ويو آهي. جڏهن چوطرف ناانصافي هجي ته پوءِ آزادي ۽ بغاوت جا نعرا لڳڻ ۾ ويرم ئي نه لڳندي اهي. جيڪڏهن ڪو فرد رياست جو ڏوهاري آهي ته ڪيس ملڪي آئين ۽ قانون تحت قانوني ۽ عدالتي ڪاروائي ذريعي سزا ڏني وڃي نه ڪي زوري کڻڻ جو سلسلو جاري رکيو وڃي.

ٻيو تصور

تصور ڪريو ته ڊسمبر ۽ جنوريءَ جي هڏيون چيريندڙ ٿڌ ۾ لکين ماڻهو کليل آسمان هيٺ بمباريءَ سبب تباهه ٿيل پنهنجي گهرن جي ملبي تي بيوس ۽ بي مدد وينا آهن. نه کائڻ لاءِ خوراڪ، نه پيئڻ لاءِ پاڻي، گئس ۽ بجلي ته هونئن ئي اٽلپ هئي. اسپتالن، ٻارن جي اسڪولن ۽ گڏيل قومن جي ادارن کي به بمباري ڪري ناس ڪيو ويو هجي ته جيئن اُتي ڪو پناهه وٺندڙ رهي نه سگهي. هڪ سئو ڏينهن ۾ ٽيهه هزار ماڻهو اجل جو شڪار ٿين، جن ۾ سورهن هزار ته رڳو معصوم ٻار هجن. ٿورڙو حساب ته لڳايو ته هڪ ڏينهن ۾ 250 انسان موت جي ننڊ سمهاريا وڃن ۽ پوءِ به انکي نسل ڪُشي نه سڏجي. هيءَ اُها سرزمين آهي جيڪا آهستي آهستي فلسطينين تي سوڙهي ڪئي وئي. غزه واري پٽيءَ جي لڳ ڀڳ اسي سيڪڙو ايراضي ٻن کان ٽن مهينن اندر کنڊر بڻائي وئي آهي. ڪو رستو، بازار، اسپتال يا اسڪول باقي نه بچيو آهي. ڪجهه عرصي اندر باقي بچيل ويهه سيڪڙو آبادي کي به ڌرتيءَ جي گولي تان ميسارڻ جو عزم اُن قوم جو وزيراعظم پيو ڪري جنهن جي ٻين مهاڀاري لڙائي دوران هٽلر نسل ڪشي ڪئي هئي ۽ قوم اڄ به اُن تي گريازاري وساري ناهي.

فلسطين ۾ ايتري ساري تباهي ۽ بربادي ڪانپوءِ اسرائيلي

حڪومت جي رتوچاڻ واري اُج اُجهاٽي ناهي. مثان وري حماس جا حملا، جڻ تہ هڪ ڦلجهڙي چڏي نئين سر اسرائيل کي ٻيهر هٿين خالي فلسطينين کي نيست ۽ نابود ڪرڻ جي راهہ ڏيکارڻ آهي. اچرج جوڳو مامرو آهي تہ ايڪويهين صديءَ ۾ جڏهن عالمي جنگي ۽ انساني حقن جا قانون موجود آهن، ان هوندي بہ دنيا جون سڌريل ۽ اُسريل حڪومتون خاموش تماشائي بڻيل آهن.

وڪريل سهيڙيل ساروڻيون

”سيگهه ڪريو، اسٽريچر آڻيو، 25 نمبر بيڊ واري ڳورهاريءَ جي جاڙن ٻارن جو ڪوريڊور ۾ ئي ويم ڪرائڻو پوندو.“ نرس آواز لڳايو ته سڄي وارڊ ۾ افراتفري مچي وئي ته آخر ڪنهن اهڙي وقت تي ڳورهاريءَ کي پسار ڪرڻ جي اجازت ڏني.

”ويم جي سورن وگهي ٻيٺي پئي ٿي جڏهن ته گڏ موجود اڇي ساٽن جو غرارو ۽ چڪن ڪاريءَ وارو ڪڙتو پهريل ٻُوا هر هر ڪنبندڙ هٿن سان سنهڙي ڪرن لڳل پوتيءَ سان مٿو ڍڪڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي. ويچاري ٻُوا جو ٻه ڪو ڏوهه نه هو، اصل ۾ مونکي لڳو ته پيٽ ۾ وَٿ پيا پون سو شايد ٿوري گهڻي پسار سان نيڪ ٿي وڃن. پهرين ٻار جي ويم تي مونکي کهڙو الهام ٿيو هو ته ويم جا سور چا ٿيندا آهن. اُنهن ڏينهن ۾ الٽرا سائونڊ وغيره ته هئا ڪونه پر منهنجو وزن ڏسي ڊاڪٽرن جاڙن ٻارن واري ڊبچاريندڙ خوشخبري ٻڌائي هئي. خير، اُتيئي ڪاريڊور ۾ اسٽريچر آڏو پڙدا تاڻي ويم ڪرايو ويو ۽ تون ڄائي هئين.“ امان مونکي اِهو قصو تڏهن ٻڌايو هو جڏهن سورهن ڪن ورهين جي هئس.

”تون جيئن ته گهڻي دير ڪان دنيا ۾ اچڻ لاءِ هٿوراڙيون هڻي رهي هئين سو جمڻ جي ٻن ڪلاڪن کن تائين روئڻ ته پري جي ڳالهه آهي، چون ٻه نه ڪيئي. نرسن توکي ڪُني ڪُني ڳاڙهو ڪري ڇڏيو تڏهن وڃي تنهنجي روئڻ جو آواز آيو. ڪپهه جو ڳڙو ته هئين ئي، اڇو چٽو رنگ، گول گپول چهرو، انتي ڳل ايترا پريل پريل جو اکيون ٻه ڏينهن نه کليون سو اسان ليکيو ته هيءَ

ڇوڪري ٻچندي ڪونہ. ها جڏهن تون ڄائي هئين تہ سڄو وارڊ مونکي ڏسڻ آيو هو.“

”ڇو؟“ ڪنهن پوک جيان امان کان پڇيم.

”اڙي تون جو ساڍن ڏهن پائونڊن جي ڄائي هئين سو سڄي اسپتال ۾ ڇوٻول مچي ويو تہ سترهن ورهين جي ماءُ ساڍن ڏهن پائونڊن جي ڏيءَ ڄڻي آهي.“ امان وراڻيو.

”تہ ڇا ٻيا ٻار ايترا وزني نہ ڄمندا آهن؟“ پڇيم

”ڏهہ ڇا، ستن اٺن پائونڊن جا بہ نہ هوندا آهن... اهڙا ڪوئن جهڙا ٻار پنهنجي بستري جي اوسي پاسي مائرن سان ڇهتيل ڏٺم تہ اندازو ٿيم تہ توکي ڏسي ايڏو هل هنگامو ڇو ٿيو هو. گهر اچڻ تي لاڳيتو ٽي ڏينهن ٻوا ستن ڳاڙهن مرچن سان تنهنجي ۽ منهنجي نظر لاٿي هئي. مجال آهي جو مرچن معمولي بہ ساڙاڻ ڪئي هجي نہ تہ هڪ مرچ بہ ساڙيو تہ اکيون پوسرڻ لڳنديون آهن جو ڪلاڪن جا ڪلاڪ ماٺهو وينو کنگهي. تنهنجي نانيءَ کي هرڪو ننديو وڏو ٻوا ئي سڏيندو هو.“

ٻوا يعني منهنجي ناني... جنهن وڌوا ٿيڻ کانپوءِ پنهنجو پاڻ کي اڇي ساٽن جي غرارن ۽ چڪن جي قميص ۾ غرق ڪري ڇڏيو.

آئون سندس اولاد جي اولادن ۾ اڪيلي ئي هئس جنهن ٻوا کي سيني جي ابتڙ ”ناني“ ئي سڏيو. ناني هڪ سڌي سادي گهٽ ڳالهائو عورت هئي. هوءَ حيدرآباد مان امان جي هر ويم کان لڳ ڀڳ هڪ مهينو اڳ پنهنجي ننڍڙي ڪٿئي رنگ جي چمڙي واري پيتي کڻي اسانجي گهر ڪراچي پهچندي هئي.

نانيءَ جي انهيءَ پيتيءَ ۾ رکيل اڇي ساٽن جي غرارن تي منهنجي واڇ گودو ٿيندي هئي.ناني هونئن ئي معصوم هئي مٿان وري سندس ٻنان ڏندن جي پوپرو وات کيس وڌيڪ ٻي ضرر ۽ پيارو ٻڻائي ڇڏيندو هو.

”خير، ٻڌايم پئي تہ ڏينهن گذرندا ويا ۽ جڏهن ٻن ورهين جي ٿئين تہ تنهنجي پيءُ هوندا ففتي خريد ڪئي. پوءِ اسين ٽئي هئاسين ۽ هوندا ففتي. صدر، ايمپريس مارڪيٽ، ڪلفٽن، جامع ڪلاٿ مارڪيٽ، ميٽرو پول هوٽل، پرنس سينيما ۽ هل پارڪ وڃڻ معمول هو.“ امان اڪثر اِهي قصا ٻڌائيندي هئي.

”توڪي فراڪ آئون پنهنجي هٿن سان سُبي پهرائيندي هئس. ٻانهين ڪانسواءِ پولڪا ڊاٽ وارا فراڪ، اکين ۾ اونهو ڪجل، ٻه چوٽيون ۽ پيشانيءَ تي فرينچ ڪٽ وارن جي لهر، ڪو توکي ٻچڪاريندو هو، ته ڪو ڳل ٺڦڪيندو هو ته ڪو وري تنهنجي وارن ۾ هٿ ڦيريندو هو، توکي پاڻ سان گڏ بازار وٺي وڃڻ ئي ڏکيو ڪم هو.“ امان اُڪير سان ٻڌائيندي هئي.

”امان! اوهان برقعو نه اوڍينديون هيون؟ سموريون ماسيون ته اوڍينديون آهن.“

”وهان ڪان اڳ آئون به برقعو اوڍيندي هئس پر شاديءَ جي ٻين ڏينهن ئي نفيس پڇيو ته شاهدا! اجان به برقعو اوڍڻ چاهين ٿي يا نه؟ ته هڪدم وراٽيم ته، ”نه!“ تنهنجي پيءُ اوڏي مهل ئي ڪليءَ تي ٽنگيل برقعو لاٿو ۽ سدائين لاءِ صندوق ۾ بند ڪري ڇڏيائين. ”شاهدا اڄ ڪان برقعو نه اوڍيندي.“ گهر ڀاتين کي فيصلو ٻڌائڻ ڪان پوءِ منهجي پيءُ ڪڏهن به پوئتي مُڙي نه ڏٺو جيتوڻيڪ ڪيترن ئي مٽن مائٽن ان ڳالهه تي مُنهن ڦونداريو. امان رازداريءَ واري انداز ۾ ڄاڻ ڏني.

امان ۽ بابا جي جوڙي سڄي پاڙي ۾ نديم ۽ شبنم جي جوڙيءَ طور مشهور هئي. ٻئي انتهائي سهڻا ۽ ڍنگ سان ڪپڙو لٽو پهرڻ جو ڍنگ رکندڙ هئا. گهر جو سودو سلف آڻڻ لاءِ به ٻئي گڏجي هوندا ففتيءَ تي ويندا هئا.

منهنجي ڏاڏاڻن ورهاڱي کان هڪ سال پوءِ جئپور مان لڏپلاڻ ڪئي هئي ۽ سڌو ڪراچي اچي خيما ڪوڙيائون. ملير انهن ڏينهن ۾ ڪراچيءَ جي پسگردائي وارو علائقو ليکبو هو ۽ هت ڏور ڏور تائين با غ پکڙيل هئا.ملير جي زيتونن، انبن، پپيتن ۽ ٽماٽن جو ڪو ثاني نه هو. آبهوا به باغن جي ڪري تازي ۽ شفاف هئي جيڪا وقت سان گڏ بي روڪ آبادي ۽ ڪنڪريٽ جي اٽڪٽ سمونڊ ۾ ڪٿي گُم ٿي وئي.

ڏاڏا ڏاڏي پنهنجي ستن ورهين واري پٽ سان گڏ آيا هئا جيڪو منهنجو وڏو چاچو آهي، ڏاڏيءَ کي ٻيو ٻار ڪُک ۾ هو جيڪو منهنجو پيءُ هو. ڏاڏا جا نقش نگار دراوڙي جڏهن ته ڏاڏي آرياڻي نسل جي لڳندي هئي، آئون بابا ڪانپوءِ ڏاڏيءَ جي انتهائي ويجهو هئس. ڏاڏي انتهائي سلڇڻي ۽ روشن خيال عورت هئي. جنهن وقت عورتون ڏهه ٻارهن ٻار ڄڻي يا ته فخر وچان

ڦوندجي گول گپو تي وينديون هيون يا انچرپنچر ڊرا ٿيڻ تي موت جون راهي ٿينديون هيون، ڏاڏيءَ به پٽ ڄڻڻ کانپوءِ وڏيڪ ٻار ڄڻڻ تي فل اسٽاپ هڻي دنيا وارن جي ڳالهين کي هڪ ڪن سان ٻڌي ٻئي کان ڪڍي ڇڏيو. بابا رنگ روپ ته پنهنجي ماءُ کان ماڻيو ئي پر روشن خيالي به ڪيس وٿانئس ئي ملي.

ڏاڏا جئپور ۾ پوليس کاتي سان لاڳاپيل هو پر گڏوگڏ شاندار خطاط، عربيءَ جو عالم ۽ ٻانگو پڻ هو. ڏاڏا مرڻ گهڙيءَ تائين پنج وقت نماز جو پابند ۽ تهجد گزار هو جڏهن ته ڏاڏيءَ کي پوين پساهن تائين ڪڏهن به نماز روزو ڪندي نه ڏٺم. هوش سنڀاليم ته ڏاڏيءَ کي اخبار ۽ سب رنگ ڊائجسٽ پڙهندي ضرور ڏٺم.

اڍائي ٽي سئو والن تي ٺهيل اسانجي گهر جو اڌ حصو رهائشي ۽ باقي اڌ ڪچي اڱڻ تي ٻڌل هو جنهن جي ٻنهي پاسي وليون لڳل هيون ۽ وچ ۾ انب جو وڻ تيز اُس ۾ هر ڪنهن کي ٿڌو ڇانورو ڏيندو هو. ڏاڏيءَ کي پوکيءَ جو شوق هو. اسانجو گهر به ماڙ هو، مٿين ماڙ تي چاچا پنهنجي آکهه سان رهندو هو جڏهن ته هيٺين ماڙ تي اسين. چاچا جا پنج ٻار هئا، سڀ کان وڏي ڌيءَ پوءِ به پٽ جڏهن ته به جاڙا منهنجا هم عمر... فرح جنهن کي هرڪو فري سڏيندو هو ۽ فهيم... فري منهنجي ٽج شريڪ ڀيڻ به هئي. اسين سيئي سڳن ڀائرن ڀينرن وانگر رهندا هئاسين. منهنجو، فهيم ۽ فريءَ جو ٽڪنڊو انتهائي مزيدار هو. سئوٽن ۾ وهان اسانجي ڪٽنب ۾ ڪڏهن به نه ٿيو. انڪي چڱو به نه سمجهيو ويندو هو.

ڏاڏا ۽ ڏاڏي جي ڪمري ۾ اسان ٻارن جي وندر جون ڪيترين ئي شيون هونديون هيون. ڏاڏا جي نعمت خاني ۾ رکيل قسمين قسمين جا مربا، ميوا ۽ خشڪ ڪير اسين اکيون پوري ڦڪيندا هئاسين. جڏهن ڏاڏا ڏٺو ته سندس خزانو هر ڪجهه ڏينهن ۾ خالي ٿيو وڃي ته هُن اِهو ڪنهن ٻئي پاسي وڃي رکيو پر اسان ڪجهه ڏينهن اندر ان کي به وڃي هٿ ڪيو. سنگل پاسراٽي واري فري پنهنجو ننڍڙو هٿ نعمت خاني جي بند تان اندر داخل ڪندي هئي ۽ اندر رکيل اسم بيهر اسانجي هڪ هٿيءَ ۾ اچي ويندا هئا. اسان جي ٻئي وٽندڙ شئي ڏاڏيءَ جو ڇڪو هوندو هو جنهن ۾ هوءَ ڪير، ڌونئرو، ڊبل روٽي، پاپا ۽ ٻوڙ وغيره رکندي هئي. ڏاڏيءَ جي هٿن جا ٺهيل

طعام ذائيقيدار هوندا هئا ۽ جڏهن پنهنجي هٿن سان ڪارائيندي هئي تہ انجو ذائقو ٻيڻو ٿي ويندو هو.

نندپڻ ۾ پولڙن جيان سڄو ڏينهن وڻن تي ٽنگيو رهڻ ۽ رات جو پي آءِ اي واري انڪل جي دروازي تي ڇت تان پٿر اُڇلائي لڪي وڃڻ اسان ٻارن جي وڏندڙ وندر هئي. پي آئي اي ۾ اعليٰ عهديدار انڪل جنهن وٽ فورڊ موٽرڪار هئي ۽ هو پنهنجي سنهڙي سپڪلڙي بُت تي سدائين سوٽ بوٽ ۾ رهندو هو ۽ انگريزيءَ ۾ ئي ڳالهائيندو هو. سندس چار ڏيئرون ۽ ٻہ پٽ هئا جيڪي ايلٽ اسڪولن ڪاليجن ۾ پڙهندا هئا. سندن گهر جي اڇن شاندار پڙدن جي پويان ڪان نظر ايندڙ خوابن جهڙن ڪمرن ڏانهن اسانجون نگاهون پاڻ مرادو کڄي ويندي هيون. ڪمري مان تيز آواز ۾ مائيڪل جيڪسن، ميڊونا ۽ بابا مارلي جي گانن جو آواز روزانو اسانجي ڪنن ۾ پُرندو هو. سندن ٻئي پٽ ڪنهن راڪ بينڊ جو حصو هئا انڪري روز رات جو گٽار ۽ ڊرم وڄائڻ جو آواز ايندو هو. نجاڻ اسان ٻارن کي انهيءَ ڪٽنب جي ياتين تي ڪهڙي چڙ هئي.شايد سندن شاهوڪاري ڏسي اسانکي پنهنجي گهٽ حيثيت جو احساس ٿيندو هو...

ڪجهہ عرصي ڪانپوءِ دروازي تي پٿر هڻندي سڳ سوڏو پڪڙجي پياسين تہ ڇڱو موچارو ڪٽڪو پيو ۽ اسان انهيءَ مزيدار راند تان سدائين لاءِ هٿ ڪنيو. وڻن تي چڙهڻ اڄ بہ پهچ آهر جاري آهي.

منهنجو سڳو ياءُ مونکان ننڍو هو سو سئوٽ ۽ ماروٽ ئي وڏن ڀائرن وارو رعب رکندا هئا. هڪ سال گرمين جي مُند ۾ موڪلون ڪارائتيون ڪرڻ لاءِ اسان سئوٽن ڪروشيا 7 مڪراما سکڻ جو فيصلو ڪيو. سئوٽ فهيم پنهنجي هڪ جيڏي دوست سان رابطو ڪيو جيڪو مڪراما سيکاريندو هو، شايد عرفان نالو هئس، سندس حليو تہ هاڻ ياد نہ رهيو اٿم پر سندس عينڪ اجان ياد اٿم. اسان سيني کي سکندي ۽ شغل لڳائيندي ڪجهہ هفتا ئي لنگهيا هئا جو هڪ شام ڇت تي گڏجاڻي ڪوٺائي وئي.

”هن جي همت ڪيئن ٿي جو اسانجي ڀيڻ بابت اهڙو سوچي بہ.“ فهيم چيو

”ڇا ٿيو؟“ مون ۽ فريءَ وائڙن وانگر هڪ ئي وقت پڇيو.

”چوي ٿو تہ مونکي صنوبر وٽي ٿي. هاڻ ڪيس سبق سيکارڻو ئي پوندو.“ فهيم ڪاوڙ وچان چيو. بس، پوءِ تہ منهنجي سئوٽن جي غيرت جاڳي پئي. ايمانداريءَ جي ڳالهہ آهي تہ ڪاوڙ تہ مونکي بہ تمام گهڻي آئي هئي. ٻئي ڏينهن ڇا ٿيو تنهن جو پتو نہ هئم تانجو بابا اسان سڀني کي پنهنجي ڪمري ۾ گهرايو.

”ڇا تو فهيم ۽ عاصم کي عرفان کي مارڪٽ ڪرڻ جو چيو هو؟“ بابا ڪاوڙ وچان پڇيو.

”نہ، بابا!“ مارڪٽ جو ٻُڌي آئون تہ ڊڄي وئي هئس.

”پوءِ، هنن هن ويچاري کي مارڪٽ ڇو ڪئي ۽ هن جي عينڪ بہ ٽوڙي ڇڏيائيون.“ بابا پڇاڻو ڪيو.

”بابا! قسم ٿي ڪاوان، مونکي ڪجهہ بہ پتو ناهي.“ آئون روئڻهارڪي ٿي ويس.

بابا جو ڏنو تہ مونکي سڄي معاملي جو پتو ناهي تہ مونکي ويهڻ جو اشارو ڪندي چوڻ لڳو، ”ڏس پٽ! ڪو بہ ڪنهن کي پسند يا ناپسند ڪرڻ جو پورو حق ٿو رکي ۽ ڪنهن کي بہ انهيءَ حق کان محروم نٿو ڪري سگهجي. ها، زور زبردستي ڪرڻ جو ڪنهن کي بہ حق حاصل ناهي. جيڪڏهن ڪو شخص توکي پسند ٿو ڪري پر هو توکي پسند ناهي تہ تہ ڇا انکي سزا ڏبي؟ انتهائي غلط ڪيو آهي توهان سڀني، عرفان سان. آئيندي اهڙي ڪا حرڪت نہ ٿيڻ گهرجي، درگذر ڪرڻ سکو. عرفان جي عينڪ ناهڻ لاءِ ڏئي آيو آهيان، سياڻي تائين ملي ويندي، باقي ڳالهہ آئون ڇوڪرن سان پاڻ ٿو ڪريان، تون پلي وڃ.“

ٻوڙي ڪمري مان نڪري آيس پر اِها ڳالهہ ڪڏهن بہ نہ وساريم. بابا مئٽرڪ پاس هو پر انگريزي فرفر ڳالهائيندو هو. بابا وهان کان اڳ هڪ اخبار ”آزاد“ ۾ ڪم ڪندو هو، جنهن جي هيڊ آفيس ڍاڪا ۾ هئي. بابا شروعات کانوني جديديت جو قائل رهيو آهي. کيس احساس هو تہ انگريزي سکڻ کانسواءِ اڳتي وڌڻ ممڪن ناهي، سو انگريزي اخبارون پڙهڻ ۽ ريڊيو تي بي بي سيءَ جون خبرون ٻڌڻ سندس معمول بڻيل هو. ٽائيپ رائٽنگ بہ گڏوگڏ سکي ورتائين. بنگلاديش ٺهڻ کانپوءِ اخبار جي نوڪري ختم ٿي ويس تہ

هيڏانهن هوڏانهن هٿوڙايون هڻڻ شروع ڪيائين جو وهان اچي پهتو هو. جيئن تہ ڪيس چڱي موچاري انگريزي آئي ٿي سو سگهو ئي ڪيس ”جنرل اليڪٽرڪ“ نالي هڪ عالمي اداري ۾ نوڪري ملي وئي، جيڪو جهازن جون انجڻيون ٺاهيندو هو.

شڪل صورت ۾ بابا هونئن ئي سهڻو هو، مٿان وري امريڪين جو ساٿ، سو بابا جا انداز ئي بدلجي ويا. سگهو ئي بابا آفيس جي ماحول ۾ رنگجي ويو. عيد براد تي بابا کي آفيس جي گاڏي ڊرائيور سوڌو ملندي هئي تہ اسانجي سڄ ۾ عيد تي ويندي هئي. بابا نندپڻ ۾ مونکي ڪهاڻيون ۽ گانا ٻڌائيندو هو ۽ فلمون ڏيکارڻ لاءِ وٺي ويندو هو. سهڻين تصويرن وارا سولي انگريزيءَ ۾ ڪهاڻين جا ڪتاب، انگريزي گانن جون ڪيسٽون ۽ روسي ڪهاڻين جا ترجما آڻي ڏيندو هو. ”هيءُ ڏس، تنهنجي لاءِ ڇا آندو اٿم؟“ ڪيترائي ڪتاب هٿ ۾ ڪٽي گهر ۾ داخل ٿيندي ئي بابا مونکي سڏيندو هو. مئڪسم گورڪيءَ جي ڪتابن، جن ۾ ”ماءُ“ ۽ ”منهنجي يونيورسٽي“ بہ شامل هئا، ڪانسواءِ بابا گهر تي ٻارن جي روسي ڪهاڻين جي ڪتابن جا ڍير لڳائي ڇڏيا هئا. امان ۽ بابا ٻنهي کي سنگيت جو چاهہ هو. ڏاڏا اڪثر بابا کي انگريزي گانو جهونگاريندي ٻڌي چوندو هو تہ منهنجي گهر انگريزن جو اولاد پئدا ٿي ويو آهي.

ايوري شالا لالا ايوي ود هووو!

آءِ جسٽ ڪال ٽو سي آءِ لو يو!

هيلو... از اٽ مي، يو آر لڪنگ فار!

شيري شيري ليڊي!

ڊانسنگ ڪوئين!

ڪيترن ئي اهڙن مشهور گانن سان بابا نندپڻ ۾ ئي متعارف ڪرائي ڇڏيو هو. ٻئي پاسي امان جي ريڊيو تي وڄندڙ هندي ۽ اڙدو گانا بہ ياد ٿي ويا هئم.

آئے گا، آئے گا، آئے گا آنے والا

پیا تو سے نینا لاگے رے

کبھی آر کبھی پار

یہ زندگی کے میلے دنیا میں کم نہ ہوں گے
بچپن کی محبت کو دل سے نہ بھلا دینا

اهڙا انيڪ گانا گهرن ۾ ئي نہ پر داٻن جهڙين هوٽلن، تندورن ۽ ريڙڪي دڪانن تي تہ چا بسن ۾ بہ وڄايا ويندا هئا.

”اڄ مونکي ريهرسل تي وڃڻو آهي. صنوبر کي تيار رکجان، آفيس کان ايندي ئي نڪرندس.“ بابا آفيس ويندي امان کي ٻڌايو هو. انهيءَ ڏينهن منهنجو صبح کان شام تائين وقت گذارڻ عذاب بڻجي ويو هو. جيئن تيئن ڪري بابا آيو ۽ آئون سندس ففتيءَ تي چڙهي اسلم اظهر صاحب جي گهر ڏانهن رواني ٿيس. يارهن ورهين جي ڄمار ۾ بابا مونکي اسٽريٽ ٿيٽر سان متعارف ڪرايو، 1984 ۾ جنرل ضيا جي آپيشاهيءَ جو اونداهون دور هو جڏهن دستڪ گروپ اسلم اظهر ۽ منصور سعيد جي سرواڻيءَ ۾ بهترين ناٽڪ منچ تي پيش ڪرڻ شروع ڪيا. دستڪ جي شروعاتي ساٿين ۾ بابا بہ شامل هو. آمريت جي انهيءَ اونداهي دور ۾ اهڙا سنجيدي سياسي ۽ سماجي ادراڪ سان ڀرپور اسٽيج ڊراما روشنيءَ جو هڪ ڪرڻو هئا. بابا ۾ اداڪاريءَ جا پيدائشي جيوڙا تہ هئا ئي پر سندس آواز بہ ڏاڍو پلو هو... ”جانے کیسے لوگ تھے جن کے پیار کو پیار ملا“ گرو دت تي فلمايل پياسا فلم جو اِهو گانو هيمنت ڪمار ڳايو هو جيڪو بابا هوبهو انهيءَ آواز ۾ اڪثر جهونگاريندو هو ۽ امان چٿر واري لهجي ۾ چوندي هئي، ”مون سان وهان ڪري هن جا تہ ياڳ ئي ڦٽي ويا آهن.“

منهنجي جمڻ جي ڇهن سالن ڪانپوءِ امان کي هڪٻئي پويان ٽي ڌيئريون ڄايون. اسان ٽئي ڀينرن ڪانپوءِ امان جڏهن پنجون ڀيرو ڳورهاري ٿي تہ آئون يارهين ورهين جي هئس.اُها رات مونکي ڪڏهن بہ نہ وسرندي جڏهن اڌي رات جو بابا مونکي ننڊ مان ڏونڌاڙي اُٿاري چيو تہ ”اُٿ-تنهنجو ڀاءُ ڄائو آهي.“ بابا کي ٻڪ وڌم ۽ ڪيس ڳلن تي چميون ڏيڻ لڳيس.

ايئن ڇو ڪيم يا اڄان تائين ڇو ياد اٿم، سو تہ پتو نہ اٿم پر اِهو پتو ضرور لڳو تہ ٽئن ڌيئرن جي ماءُ هئڻ تي امان پُٽ هئڻ واري پنهنجي خواهش جو اظهار وڏي واڪ ڪندي هئي. ٿي سگهي ٿو تہ مٿس سماجي ۽ ڪٽنبي دٻاءُ بہ هجي. خير، اُها رات انتهائي سرهائي واري هئي. آئون جيئن تہ وڏي هئس ۽ امان وڌيڪ ٽئن ٻارن جي ذميواريءَ ۾ وچڙي وئي هئي سو لڳم تہ آئون

يڪدم وڏي ٿي وئي آهيان.

اسانجو پاڙو مختلف قوميتن جي ماڻهن تي ٻڌل هو. اسانجي گهر منهنجي ننڍپڻ ڪان سائيڪل تي ڪير ڏيندڙ خالد انڪل پنجابي هو. چيڪ پرنٽ واري لنگيءَ تي ڊگهي قميص پهريل ۽ مٿي تي پوتڙو ٻڌل، روز صبح ساڻ اسانجي گهر جي دروازي تي گهنٽي وڄائڻ بدران مخصوص انداز ۾ آواز ۽ سائيڪل جي گهنٽي هڪ ئي وقت ۾ وڄائيندڙ... دودهه ٽڻ ٽڻ ٽڻ... دودهه والا ٽڻ ٽڻ ٽڻ...

انتهائي ننڍي ڄمار ڪان رنڌڻي جي ڪمن ڪارين ۾ امان جو هٿ ونڊائڻ شروع ڪيو هئم. اڪثر پنهنجي من کي وڻندڙ گڙٻڙ گهوٽالي قسم جا طعام ناهڻ جي ڪوشش ڪندي هئس. جڏهن ڪجهه منو ناهڻ جو من ٿيندو هو تہ خالد انڪل ڪان گهر جو ڪير وٺڻ ڪانپوءِ پنهنجي ننڍڙي ديڳڙي سندس اڳيان رکي چڏيندي هئس. هو مرڪندي هڪ پاءُ واري چل سان مفت ۾ ڪير منهنجي ننڍڙي ديڳڙيءَ ۾ اوتي ڇڏيندو هو. ڪراچي ۾ انجي رهواسين انتهائي ڏکيون حالتون پوڳيون آهن. اسيءَ وارو ڏهاڪو بہ ڪراچيءَ لاءِ رت هاڻو دور هو. جڏهن ڪان ٻوليوار فساد شروع ٿيا هئا، خالد انڪل صبح بدران رات جي اونداهيءَ ۾ ڪير ڏيڻ ايندو هو. جيئن تہ ڪجهه ڏينهن اڳ اسانجي پاڙي جي سيِن ڪان وڏيڪ شريف نوجوان مُنا پائيءَ جو بيرحم قتل ٿيو هو، انڪري سڄي علائقي ۾ پنجابين خلاف انتهائي ڪاوڙ ۽ ڏڪار پکڙيل هئي. مُنا پائي جي قتل ڪانپوءِ ڪيترن ئي ڏينهن تائين خالد انڪل ڊپ وگهي ڪير ڏيڻ نہ آيو پر آخر ڪيستائين ؟ هڪ رات ڪو ڏهہ سوا ڏهہ ٿيا هوندا جو دروازي واري گهنٽيءَ جي آواز تي اسين سيئي ڇرڪي پياسين. جيڪي علائقا وڳوڙن جو شڪار هوندا آهن انهن ۾ شام ڪانوني موت جا پاڇولا لامارا ڏيڻ لڳندا آهن، سو رات جو دير سان گهنٽي وڄڻ حيرت جوڳي ڳالهہ هئي.

"ڪير آهي ؟" بابا دروازي جي سِير مان جهاتي وجهندي هلڪي آواز ۾ پڇيو.

امان بہ بابا جي پويان بيٺي هئي ۽ آئون امان پويان لڪي دروازي ڏانهن ڏسي رهي هئس...

"خالد... ڪير وارو..." گهبرايل آواز ۾ وراڻي آئي.

بابا هڪدم دروازو کوليو تہ سامهو سائيڪل تي خالد انڪل ڪير جو ننڍڙو ڪنستر لٽڪايو بيٺل هو. اڄ پهريون ڀيرو هُن دروازي جي گھنٽي وڄائي هئي.

”تون هن وقت ڇو آيو آهين يار؟ ايم ڪيو ايم جا ڇوڪرا بو سونگھيندا پيا وتن پنجابي رت جي.“ بابا پريشانيءَ وچان چيو. منا ڀائي جي قتل ڪانپوءِ سمورا پاڙيسري بہ هاڻ ايم ڪيو ايم واري لائين تي ئي سوچي رهيا هئا.

”پا جی-- مینوں خبر اے مُنے بھائی نوں پی پی آئی والوں نے مار چھڈیا اے پر مینوں دسو کہ ساڈا کی قصور اے؟“ خالد انڪل روئٹهارڪي لهجي ۾ چيو.

”اوئي! پڪڙيو هن ڪميني ڪير واري حراميءَ کي... پيٽسان جي مجال ڪيئن ٿي جو اسان جي علائقي ۾ گهڙي...“ گهٽيءَ مان هڪ ڇوڪري دانهيو.

اوچتو گهٽيءَ جي ٻنهي پاسن کان ايم ڪيو ايم جي ڇوڪرن نڪري اچي خالد انڪل کي سندس سائيڪل سوڌو اچي ورايو. ڪنستر زمين تي ڪري پيو ۽ ڪير مٽيءَ ۾ جذب ٿيڻ لڳو. تڏهن امان بہ ٻانهون ڪنجهي اچي دروازي تي پهتي. آئون زور زور سان روئڻ لڳيس تہ منهنجي پيرويءَ ۾ ننڍن ٻائرنءِ پينرن بہ دانهون ڪرڻ شروع ڪيون. اڄ بہ انهيءَ پَل بابت سوچيندي آهيان تہ وار ڪاندارجي ويندا آهن. اُن وقت تہ لڳو هئم تہ اڄ خالد انڪل کي قربان ڪيو ويندو ڇاڪاڻ جو اِها ئي رتوڇاڻ واري راند پنهنجي عروج تي ڪيڏي پئي وئي.

”هٽ بہ نہ لڳائجو خالد کي.“ بابا ڪان اڳ امان سختيءَ سان چيو ۽ بابا انهيءَ پل خالد انڪل کي دروازي ڪان گهر اندر ڇڪي ورتو. امان دروازي تي خالد انڪل لاءِ ڍار ٻڌجي بيهي رهي.

”نفيس صاحب! اوهان وچ ۾ نہ پئو. اوهين غدار قوم جي ماڻهو کي بچائي رهيا آهيو ۽ انجو انجام اوهان جي حق ۾ چڱو نہ ٿيندو. هيءُ پنجابي آهي ۽ مُنا ڀائيءَ جي قتل جو پلاند ڪرڻ لاءِ ان ڪان بهتر موقعو ڪڏهن بہ نہ ملندو.“ هڪ مرداڻو آواز وقليو.

خالد انڪل جو جسم سُڪل پن جيان ڪنبي رهيو هو. ڊپ وگهي سندس لُنگي آلي ٿي وئي هئي ۽ هو ٻئي هٿ جوڙي فرش تي اُپ ڪڙين ويهي ٻاڏائي رهيو هو.

انسان ڪي ايترو لاچار ۽ بيوس پنهنجي پندرهن ورهين واري حياتيءَ ۾ پهريون ڀيرو ڏٺو هئم.

”منهنجي هوندي ڪو خالد جو وار بہ ونگو نٿو ڪري سگهي...“ امان ڪنهن ڊپ ڊاءُ ڪانسواءِ ڇوڪرن کي للڪاريو ”هو منهنجي گهر ۾ آهي ۽ آئون ڪنهن انسان جي ناحق موت جو ذميوار نٿو بڻجڻ چاهيان.“ بابا بہ انهن ڇوڪرن کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي.

”مُنا ڀائي ۽ ٻيا مهاجر ڦوڪٽ ۾ ڪلٽي ٿيا ڇا؟“ طنز ڀريو آواز آيو.

”گهڻي ڀرم بازي نہ ڪر آنٽي! هونئن بہ اڄڪلهہ هر ڪنهن جو ميٽر ڦريل آهي... ڪڍو ٻاهر هن حرامزادي کي...“ ڪيترائي آواز هڪ ئي وقت ۾ ڪنن تي پيا.

”نيڪ آهي، پهرين اسان کي ماريو پوءِ جيڪو وڻيوَ سو خالد سان ڪريو.“ امان ۽ بابا ٻئي دروازي تي بيٺا رهيا.

”هن ويچاري ڪي ڇو ٿا قربانيءَ جو ٻڪرو بڻايو... جن مُنا ڀائي ءَ کي قتل ڪيو آهي، وڃي تن کي پڪڙيو...“ امان ڪين لڄارو ڪندي چيو.

”پنجابي، مهاجر، سنڌي، پختون ٿيڻ کان اڳ انسان بڻجڻ سکو. ٻنهي پاسي وحشياڻو کيل پيو کيڏايو وڃي ۽ ياد رکجو تہ انهيءَ بربريت کان توهين بہ بچي نہ سگهندا.“ امان ۽ بابا ٻيو بہ گهڻو ڪجهہ چيو هو پر مونکي اهيئي جملا ياد رهيا آهن. آخر ۾ بابا پنهنجو حتمي فيصلو ٻُڌايو ۽ امان نڪاءُ سان دروازو بند ڪري ڇڏيو.

امان مذهبي هئي پر بابا نہ هو پر اسان پروڙيو تہ ٻنهي ۾ انسانيت وارو جذبو اُتم هو، جنهن جو وقت بوقت اسانکي پاٺ پڙهائيندا هئا ۽ پنهنجي عمل سان ثابت پڻ ڪندا رهيا. بابا ڪڏهن بہ امان يا ڪنهن ٻئي کي ڪنهن مذهبي رسم ادا ڪرڻ کان نہ جهيلو ۽ نہ ئي وري امان ڪڏهن بابا تي ڪا تبليغ ڪئي.

پاڙي ۾ تعلق اوڏي مهل نيايو ويندو هو جڏهن پاڙي جون ٻاجيون

پنهنجو جنم ڏينهن زور شور سان ملهائيندي هيون. گهٽيءَ ۾ اهڙن ڪاڄن تي تمام گهڻو هُل هنگامو ٿيندو هو، جنهن ۾ سيني پاڙي وارن کي نينڊ ڏني ويندي هئي. انهن ڪاڄن ۾ لائيو باربي ڪيو تحت گولا ڪبابن ۽ بهاري ڪبابن سان گڏ گرماگرم پراٺا نهندا هئا، جڏهن ته مٺي ۾ سوجيءَ جو حلوو به، اسيءَ واري ڏهاڪي کان ڪراچيءَ ۾ مشهور ٿيو هو.

ٻين ڪاڄن مان اسان سيني ٻارن کي قرآن خواني ۽ ميلاد جو به اوسيئڙو رهندو هو جو ان ۾ ديگ واري برياني، قورمي ۽ کيرٽيءَ جهڙا طعام هوندا هئا. فرفر ڪري سپارا پڙهيا ويندا هئا ۽ ڏڙاڌڙ قرآن ختم ڪيو ويندو هو ته جيئن سيگهه ۾ اِهو سلسلو ختم ٿئي ۽ کاڌي پيتي جو وارو اچي. ميلاد هوندو هو ته سلام جو انتظار ڪبو هو ۽ جيئن ئي سموريون عورتون اُٿي بيهنديون هيون، اسان ٻارن جي پيٽ ۾ پنيوروئون اڏامڻ شروع ٿي وينديون هيون.

ٽيون موقعو ڪنهن ميت واري گهر ۾ هوندو هو جتي ٻڳڙن تي قُل يا ڪلمو پڙهيو ويندو هو. سڄي پاڙي جا هڪ جيڏا ٻار هڪ ئي قطار ۾ ويهندا هئا. پوءِ هٿ ڦڙتيءَ سان هلندا هئا ۽ زبان ڊوڙڻ لڳندي هئي. جنهن جي اڳيان ٻڳڙن جو جيڏو وڏو ڍير هوندو هو، هو اوترو ئي فخر وچان ڦوندبيل هوندو هو جڻ ته ڪو وڏو شاهي ڪارنامو ڪيو اٿس. سوا لک قُل جا ٽي ڦيرا لڳندا هئا، آخري ڦيري ۾ هر ڪنهن جي رفتار ايتري تيز هوندي هئي جو رڳو من من ۽ پُڻ پُڻ ئي ٻڌڻ ۾ ايندو هو. قُل ڪانپوءِ دسترخوان تي کاڌو رکيو ويندو هو، بس پوءِ ته ڊؤ تي پيٽ ٻوڄا ٿيندي هئي. وڏي شهر جون وڏيون ڳالهيون !!

ياد نٿو پوي ته مونکي گڏي راند سان ڪڏهن ڪا دلچسپي رهي هجي پر ساهيڙين جي گُڏين جي وهان ۾ شامل ٿيڻ جڻ ته لازمي هو. انجو هڪ سبب اِهو به هو ته جنهن وقت منهنجون جيڏيون ساهيڙيون گُڏين راند ۾ مست هيون، بابا مونکي گوئٽي انسٽيٽيوٽ ۽ برٽش ڪائونسل ۾ ٿيندڙ بهتري فلمن ۽ بزم علم و دانش جي محفلن کان واقف ڪري رهيو هو. نظريو پل سياسي هجي يا مذهبي، معاشي هجي يا سماجي، نفسياتي هجي يا عقلي، سوچ ۾ هم آهنگي بابا جي ئي سوکڙي آهي. جنهن وقت اڙدو ڳالهائيندڙن جي اڪثريت جو قبلو ايم ڪيو ايم، نائين زيرو ۽ الطاف حسين هو، بابا اهڙين

سمورين ٻوليوار ۽ مذهبي ڏڦير پڪيٽرينڊز پارٽين جو سخت مخالف هو، انڪري ئي ننڍڙي ڄمار کان اسان ٻارن تي بابا جي خيالن جو واضح اثر رهيو.

بابا ڪمپيوٽر جو استعمال 1983 کان ئي شروع ڪري ڏنو هو. اُن وقت ڪمپيوٽر رکڻ لاءِ سڄو سارو ڪمرو گهربل هوندو هو. نوي واري ڏهاڪي جي شروعات ۾ آفيس جو پراڻو ڪمپيوٽر بابا کي گهر کڻي وڃڻ لاءِ ڏنو ويو.

امريڪي ڪمپنيءَ ۾ ڪم ڪرڻ سبب بابا کي جديد ٽيڪنالوجيءَ جي شدبد اُن وقت تي چڪي هئي جڏهن ماڻهن کي اجان انهن ايجادن جا نالا ٻہ پتو نہ هئا. بابا ذريعي اُهي مشينون اسان جي گهر جو حصو بڻيون جيڪي آفيس ۾ پراڻيون يا غير مناسب ليکيون ويندڙيون هيون. جتي بابا اسان جي ذهني اوسر ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو اُتي امان جي سختيءَ اسانکي گهريلو ذميواريون ڊنگ سان نڀائڻ جي تربيت ڏني. امان ديسي کاڌا تيار ڪرڻ ۾ پڙ هئي جڏهن تہ بابا چائنيز ۽ ٿائي کاڌا تيار ڪرڻ ۾ بي جوڙ هو. سندس هٿن سان سبزين جو تيار ڪرڻ ڏسي لڳندو هو تہ هو پوئين ڪنهن جنم ۾ ڪنهن فائيو اسٽار هوٽل جو شيف رهيو هوندو.

بابا جي فنونِ لطيفہ سان سدائين دلچسپي رهي، شايد انهيءَ ڪري اسين سڀئي بہ سندس پوئواري ڪري رهيا آهيون. بابا جي انگريزي لکڻ ۽ ڳالهائڻ جي مهارت ڏسي لڳندو ئي ناهي تہ ڪو هو رڳو مئٽرڪ پاس آهي. بابا ڪڏهن بہ ڪنهن مان فائدو حاصل ڪرڻ لاءِ نہ ولوڙيو. ايستائين جو پنهنجي جائز صلي لاءِ بہ ڪا سُڌ نہ رکيائين. جيڪي ڪجهہ بہ ڪيائين پنهنجي ئي ٻل تي حاصل ڪيائين. وچولي طبقي جي ڪنهن گهراڻي جي سربراهہ جو ڪُل اثاثو سندس ڪٽنب ۽ نوڪري ئي هجي ٿو. اهڙي صورتحال ۾ ڪا مصيبت اچي ڪڙڪي تہ ڇا محسوس ٿيندو آهي، تنهن جو اندازو تڏهن ٿيم جڏهن هڪ رات بابا موٽر سائيڪل بنان گهر موٽيو.

”ڇا ٿيو؟ سڀ نيڪ تہ آهي.“ امان بابا جو اُباڻڪو چهرو ڏسي پڇيو.

”بائيڪ چوري ٿي وئي.“ بابا ٿڪيل لهجي ۾ امان سان نظرون ملائڻ کانسواءِ وراڻيو. اسين ٻار شايد ٿي ويءَ تي ڪارٽون ڏسي رهيا هئاسين. آئون وڏي هئس سو ڪنڌ موڙي امان ۽ بابا ڏانهن نهارڻ لڳيس.

”او خدا يا! ڪيئن؟ ڪٿان چوري ٿي؟ تو روڪيو نہ؟“ امان سوالن

مٿان سوال ڪيا.

”پارڪنگ مان چوري ٿي. ٻاهر آيس تہ بائيڪ غائب هئي.“ بابا وراڻيو.

”اڙي ايئن ڪير ٿو ڪٽي وجي سگهي.“ اِهو چوندي امان ذري گهٽ روئڻ لڳي هئي... سچي ڳالهہ آهي تہ ويساهہ تہ مونکي بہ نہ پئي آيو. ان ڪري ڊوڙي اڳڻ ۾ ويس جتي بائيڪ بيٺل هوندي هئي پر اڄ نہ هئي. دروازي مان جهاتي پائي نهاريم تہ گهٽي سنسان هئي ۽ بائيڪ جو ڪو وجود ئي نہ هو.

اُها شام ۽ رات نٽي وساري سگهان. اسان سيني تي هڪ عجيب قسم جي سوڳواري ڇانيل هئي ڄڻ گهر ۾ ڪنهن جو قضيو ٿيو هجي. جن جي ڪُل پاڇي هڪ ڏڪ ۾ ڦرجي وڃي تن لاءِ اهڙو حادثو ڪنهن مرتئي ڪان گهٽ ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟ اُها هوندا ففٽي جيڪا بابا منهنجي ڄمڻ جي ڪجهہ سالن ڪانپوءِ وڏي چاهہ سان خريد ڪئي هئي، جنهن جي اڳيئن ڏگيءَ تي ويهي سفر ڪندي نديپڻ گذاريو هئم، وڏي ٿيس تہ بابا جي ڇيلهہ جهلي ۽ پويان ويهي مختلف ڪاڄن ۾ ويندي هئس... اڄ اُها اسانجي ورهيہ پراڻي ساٿياڻي اسان کان ڪنهن ڪم ظرف ڪسي ورتي هئي. بائيڪ ڇا وئي، بابا جي غير آفيسي سرگرمين تي ڄڻ تہ تالو لڳي ويو. ڪجهہ مهينن ڪانپوءِ، بابا پئسا ميڙي سيڙي هڪ سيڪنڊ هينڊ هوندا سيونٽي خريد ڪئي پر جيڪو مزو ففٽيءَ ۾ هو سو سيونٽيءَ ۾ ڪٿي. بهرحال زندگي هڪ هنڌ بيهجي وڃڻ لاءِ نہ هئي، هڪ ڦيرو هلي پوي تہ حالتون پل ڪهڙيون بہ هجن هلندي رهندي آهي.

نار واري لڙائي بابا جي زندگيءَ ۾ هڪ اهم موڙ ثابت ٿي. 1991 ۾ اِها لڙائي شروع ٿي تہ سمورا امريڪي پاڪستان کان بہ ڀجي نڪتا. آفيس جي ڏهن ٻارهن امريڪي عملدارن ۾ بابا اڪيلو پاڪستاني هو، سو هاڻ آفيس جي ڪمن جي سموري ذميواري بابا ڪي اچي مٿي ۾ لڳي. بابا محنتي تہ هو ئي، سندس ايمانداريءَ جا بہ مثال ڏنا ويندا هئا. نار واري لڙائي سان گڏ بابا جي گهرج ۾ پڻ واڌ اچڻ لڳي. ڪجهہ ئي مهينن اندر بابا ڪي جنرل اليڪٽرڪ پاڪستان جو عيوضي مقرر ڪيو ويو ۽ پوءِ تہ ڄڻ بابا جي پيرن ۾ ڦرموٽي لڳي وئي. بابا دنيا جي لڳ ڀڳ پنجاسي ملڪن جو دورو ڪيو، جن مان ٿيهن

ڪان وڏيڪ ملڪن ۾ ته امان به بابا سان گڏ وئي هئي.

عيد برات تي آفيس جي جنهن گاڏيءَ ۾ گهمڻ ڦرڻ جي سڌ ڪندا هئاسين سا هاڻ چوويهه ڪلاڪ ڊرائيور سوڌو اسانجي گهر بيٺي هوندي هئي. پگهار ۾ واڌيءَ تي ته بابا نئين گهر جا بنياد وجهرائڻ شروع ڪيا. هو پنهنجون ذميواريون پوريون ڪرڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪندو هو.

ايندڙ سال بابا پنجهتر ورهين جو ٿي ويندو ۽ امان اٺهٺ ورهين جي. پوئتي ورائي ڏسبو ته زندگيءَ جي پيچري تي ڪيترين ئي ڪاميابيون، ڪجهه ناڪاميون، ڪجهه غلطيون ته ڪيترائي درست فيصلا چٽا پٽا نظر ايندا. انڪي ڇڏي ته ڇا ماڻيوسين ۽ ڇا وڃايوسين. اهم ڳالهه اِها آهي ته ڪيتري ڪوششِ ڪئي، ڪيترين ڏکين حالتن جو مقابلو ڪيوسين ۽ ڪيتري جاکوڙ سان پنهنجي حيثيت حاصل ڪئي سين. اڪثر ٻار پنهنجي وڏن ڪان شڪوو ڪندا آهن ته جيڪڏهن هيءُ ڪريو ها ته بهتر ٿئي ها، اوهان اِهو ڪجهه ڇو نه ڪيو؟ اوهان ڪيو ئي ڇا آهي اسان لاءِ؟ وغيره وغيره. پر پنهنجي مائٽن سان شڪايت ڪندي اسين اولاد اِهو وساري ڇڏيندا آهيون ته اُن وقت اسانجي مائٽن پنهنجي ۽ اسان لاءِ جيڪو بهتر ڀانيو سو ڪيو. اسانڪي جوان ڪندي سندن پنهنجي جواني موڪلائي ويندي آهي. ڪيڏا نه من موهيندڙ سپنا، سڌون ۽ من گهريا ڪم هو اِهو سوچي پنهنجي دل ۽ دماغ جي اتاهه گهراين ۾ ڏٽي رکندا آهن ته ٻارن جي پڙهائي ۽ شادين مرادين مان فارغ ٿي ماڻيندا... پر اوستائين دير ٿي چڪي هوندي آهي... تمام گهڻي دير... جسم ڍرڪي پوندو آهي، نظر جهڪي ٿي ويندي آهي ۽ همت جواب ڏئي چڪي هوندي آهي.

جُهریاں راہ گزر بنتی چلی جاتی ہیں
وقت انسان کے اندر سے گزر جاتا ہے

سو جيڪي ڪجهه اسانجا مائٽ ڪنهن سبب جي ڪري نه سگهيا، اُهو ڪجهه اسين ڇو نه ڪري ڏيکاريون.

من-پيڙا واسطي

”هاءِ هاءِ! انهن مردود هندو چمارڻ کي ڪنهن هن گلاس ۾ پاڻي ڏنو؟ هاڻ هنن جا به ناز نخرا ڪٽبا؟ اڇلايو انهيءَ پليٽ گلاس کي ڪچري جي ڍير تي... ناپاڪ ڪري ڇڏيائون منهنجي ڏاج ۾ آيل ٿانون کي.“ اڄ صبح کان نانيءَ زمين آسمان هڪ ڪري ڇڏيو هو. گهٽيءَ ۾ صفائي ڪندڙ هڪ خاڪروب اُڃ لڳڻ تي پاڻي گهريو ته مون سوچڻ سمجهڻ ڪانسواءِ رنڌڻي جي چڪي تي رکيل ٽام چينيءَ جي گلاس ۾ پاڻي ڀري سندس حوالي ڪيو هو. مونکي سدائين اِهو سيکاريو ويو هو ته غير مسلمانن کي گهر جي ڪنهن ٿانو نکر ۾ ڪجهه به نه ڏيڻ گهرجي ڇاڪاڻ جو ان سان ٿانوَ ناپاڪ ٿي ويندا ۽ گناهه به ٿيندو. اسانجي گهر ۾ شيشي جي گلاس ۾ پاڻي پيئڻ جو رواج هو انڪري مناسب لڳم ته شيشي جي گلاس بدران انهيءَ بيڪار ۽ پراڻي گلاس ۾ ئي پاڻي ڏجي پر اياڳ جو عين موقعي تي نانيءَ خاڪروب کي گلاس واپس ڪندي ڏسي ورتو، نه ته نانيءَ جي فرشتن کي به انجو پتو نه لڳي ها.

منهنجي نانيءَ جو ٻالڪپڻ دهلي ڇهه ۾ گذريو هو. نانيءَ جي ماءُ مدراس جي هئي جڏهن ته پيءُ نيٺ پراڻي دليءَ وارو. ورهاڱي ڪانپوءِ نانيءَ جو ڪٽنب لڏپلاڻ ڪري سڌو ڪراچي آيو.

سوچيندي هئس ته نانيءَ کي هندن ۽ هندستان کان ايتري ڌڪار ڇو آهي؟ جڏهن ته سندس پاڙون به ته اُتان جون آهن. هوءَ اسان ٻارن کي ننڍپڻ کان دلي ڇهه ۽ انجي اوسي پاسي جا قصا ڀريل آواز ۾ اڪثر ٻڌائيندي هئي پر جڏهن ڳالهه هندن بابت ايندي هئي ته سندس لهجو ڪوڙو ۽ ڌڪار ڀريو ٿي ويندو هو. اسڪولي نصاب ۾ به اسان کي اِهو ئي پڙهايو ويو ته هندو واڻيا ٿيندا

آهن، بغل ۾ ڇري، ڇپن تي رام رام...

پنهنجي نانيءَ جي گهر ڪڏهن کان آهيان سو ته پتو نه اٿم پر جڏهن کان هوش سنڀاليو اٿم پنهنجو پاڻ کي امان ڪانسواءِ نانيءَ جي اوسي پاسي ئي ڏٺو اٿم.نانا ته آڳاٽو گذاري ويو هو سو امان ۽ ناني ئي منهنجي ڪُل ڪائنات آهن.

اسان جو تعلق وچولي طبقي سان هو يا شايد انکان به گهٽ. ننڍپڻ ۾ مونکي ساهه کڻڻ ۾ ڏکيائي ٿيندي هئي. جڏهن ساهه ڀرجي ويندو هو ته تڪليف برداشت کان ٻاهر ٿي ويندي هئي. پوءِ امان مونکي هڪ ڊاڪٽر کان ٻئي ٽائين وٺي ويندي هئي پر وقتي آرام کان وڌيڪ افاقو ڪڏهن به نه ٿيو.

پوءِ ڪنهن صلاح ڏني ته دل جي ڪنهن ماهر ڊاڪٽر کي ڏيکاريو، تڏهن امان ۽ نانيءَ تي انڪشاف ٿيو ته منهنجي دل مڪمل طور تي ڪم نه پئي ڪري.

منهنجي لاءِ دل جي بيماري لاءِ مخصوص دوائن تي انحصار لازمي ٿي پيو هو.

اسڪول کان گهر موٽندي هئس ته ناني ئي گهر تي منهنجون سموريون ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ هوندي هئي ڇو جو امان ته شام ڌاري ئي آفيس مان موٽندي هئي.

”ڏيئڙي! اڄ ايتري دير ڪري ڇڏيئي؟.ماني ڪائي وٺ، اڄ تنهنجي پسند جا پسندا ٺاهيا اٿم.“ نانيءَ ٻاٻوهه مان چيو.

”پسندا هممم... ناني! رات جو ڪائينديس مزي سان.هينئر ته پيٽ ڀريل آهي.“ مون چيو

”ڇا ڪائي آئي آهين؟ وري ڪا الم غلم شئي ڏوڪي آئي هوندين؟“ نانيءَ جو چوڻ هو.

”اڙي نه ناني... اسانجي اسڪول ڀرسان ئي هڪ ڇوڪري رتنا ديديءَ پائو ڀاڄي ۽ وڙا پائو جو گاڏو لڳايو آهي. ناني قسم سان ايڏو ته مزيدار ۽ ذائقيدار آهي جو بس ڪٺي ڪجي... ايتري ڀيهه هوندي آهي ان جي گاڏي تي جو وارو ايندي ايتري دير ٿي وئي.“ هٿ منهن ڌوئندي نانيءَ کي سڄي ڳالهه ڪري ٻڌايم.

”ڇا پئي چوين ڏيئڙي؟ تون ڇو ڪنهن هندو جي هٿ جي نهيل شئي شڳل ڪائي آئي آهين؟ توکي ايترو به عقل ناهي. ڪيترائي ڀيرا سمجهايو اٿم ته نه ڪڏهن ڪين پنهنجو ڪو ٿانو نڪر ڏيڻ گهرجي ۽ نه ئي سندن هٿن جي نهيل ڪا شئي شڳل ڪائڻ گهرجي.“ نانيءَ روئٽهارڪو ٿيندي چيو.

لڄي ٿيندي سندس دل آزاريءَ تي معافي گهري مانس.

”گرڙي ڪر ۽ چڱي ريت وضو به.“ نانيءَ مونکي چتاءُ ڏنو ۽ ڳالهه آئي وئي ٿي وئي.

هڪ رات منهنجي طبيعت تمام گهڻي خراب ٿي پئي. اسپتال ۾ اي سي جي ۽ ايڪو ٿيڻ تي پتو لڳو ته مونکي معمولي نوعيت وارو دل جو دورو پيو آهي. ڪجهه ڏينهن اسپتال ۾ علاج ڪانپوءِ گهر موٽي آيس. پاڪستاني ڊاڪٽرن منهنجي دل جو علاج ڪينيڊا يا انڊيا مان ڪرائڻ جي صلاح ڏني جو اسانجي پنهنجي ملڪ ۾ سهولتن جي کوٽ هئي جيڪي پاڙيسري انڊيا يا وري ڪينيڊا ۽ امريڪا ۾ موجود هيون. امان نڪا ڪئي هم نڪا تم، ڪينيڊا جي اسپتالن ڏانهن فون ڪڙڪائڻ شروع ڪري ڏنائين.

”امان! ڪينيڊا اچڻ وڃڻ ۽ علاج تي ڪروڙين رپيا لڳندا. ڪٿان ۽ ڪيئن ٿي انجو بندوبست ڪري سگهان؟ ڪيترن ئي ڏينهن کان مدد جي مهم به پئي هلايان پر ڪير ڪيتري مدد ڪندو؟ ڊاڪٽرن جو چوڻ آهي ته اسان وٽ وقت بنهه گهٽ آهي.“ رات سمهڻ مهل امان ڦٿل دل سان نانيءَ کي ٻُڌايو. آئون ننڊاکڙي هئس.

امان هاڻ متبادل تي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو ۽ انڊيا جي بهترين اسپتالن جي دل جي بيمارين وارن ماهر ڊاڪٽرن سان رابطو ڪرڻ لڳي.

”انڊيا ۾ ڪيترو خرچ پيو اچي؟ هڪ ڏينهن نانيءَ امان کان پڇيو.

”انڊين پنجٽيهه لک... پاڪستاني لڳ ڀڳ هڪ ڪروڙ.“

”ايڏو فرق... پاڻ وٽ گهڻا ڏوڪڙ آهن؟“

”امان! اڌ به ناهن.“ امان پريشانيءَ وچان چيو.

پوءِ ٻئي خاموش ٿي ويون.

امان چنائي ۾ دل جي بيمارين جي هڪ ماهر ڊاڪٽر سان رابطو ڪيو ۽ ڪيس سچ ٻڌايائين ته وٽن سرجري ۽ علاج جا پئسا ناهن.

”اوهين اڃا باقي اسين سنڀالي وٺنداسين...“ اسپتال جي بهترين هارٽ اسپيشلسٽ ۽ بين ڊاڪٽرن امان کي همت ڏياري. منهنجي علاج لاءِ هڪ پارٽي فلاحي تنظيم ڀرپور مالي سهڪار ڪيو ۽ جيڪا ڪمي ڪوتي رهي سا ڊاڪٽرن پوري ڪئي.

منهنجي حالت ڏينهون ڏينهن بگڙجندي پئي وئي. پتو نه اٿم ته ڪهڙي ريت هوائي سفر ڪيم. هوش آيم ته اسپتال جي هڪ بستري تي ليٽيل هئس. بستري جي ڀنهي پاسي مشينون لڳل هيون ۽ ڪجهه ڊاڪٽر منهنجي چوڌاري بيٺل هئا جن جا جرڪندڙ ۽ پيار ۽ پاڀوهه سان ڀريل چهرا مونکي آٿت ۽ اُميد ڏئي رهيا هئا.

”اوهان جي ڌيءَ جي دل جو ٽرانسپلانٽ ڪرڻو پوندو. اسان پارت جي سمورن هارٽ ڊونرز کي اطلاع ڪري ڇڏيو آهي پر هڪڙي ڏکيائي آهي.“ ڊاڪٽر بالا چيو

امان ڊاڪٽر ڏانهن ڪجهه آڪڻ ڪانسواءِ سوال ڀري نگاهه ڪئي.

”پارت ۾ ٽرانسپلانٽ پالسيءَ تحت ڪنهن به جسماني عضوي جي عطئي لاءِ پهرين ترجيح ڪنهن پارتي شهريءَ کي ڏني ويندي انڪري اوهان کي انتظار ڪرڻو پوندو ته ڪو اهڙو ڊونر ملي جنهن جو ڪو ٻيو اميدوار نه هجي.“ ڊاڪٽر وضاحت ڪئي.

اسان مان ڪنهن کي به پتو نه هو ته اِهو انتظار ڪيڏو ڏگهو ٿي سگهي ٿو پر اِها ئي آخري اُميد هئي. بهرحال ڏهن مهينن ڪانپوءِ اسان سيني جون اُميدون ساپيان ٿيڻ جو موقعو پئي آيو.ڊاڪٽر بالا جي ڪوشش سان دليءَ جي هڪ ڪٽنب هڪ وڏي ڄمار واري شخص جي دل جو مونکي عطيو ڪرڻ تي راضپو ڏيکاريو هو.

”مان! پنهنجي ڌيءَ لاءِ دل جو عطيو ملي ويو آهي. سڀاڻي آپريشن آهي.“ مان نانيءَ کي موبائل فون ذريعي خوشخبري ٻُڌائي. ”الله تنهنجو شڪر... ڪير آهي؟ مسلمان ته آهي نه جنهن جو دل ڌيئڙي کي پئي لڳي.“ نانيءَ ڄاڻڻ چاهيو.

”نه امان... هندو آهي.“ امان نانيءَ کي ورندي ڏني ۽ پوءِ ٻنهي پاسي هڪ ڊگهي خاموشي ڇائنجي وئي.

امان جي چهري تي ڊاڪٽر بالاڄ اسپتال جي سموري عملي، دل جو عطيو ڪندڙ دلي واسي شخص ۽ سندس ڪٽنب، مالي سهائتا ڪندڙ هندستاني اداري ۽ سڄي هندستان لاءِ ٿورائتي ڀري مُرڪ هئي.

دليءَ کان پنجن ڪلاڪن جي سفر ڪانپوءِ دل چنائي پهتي. ڊاڪٽرن انڪي ڀيهر جيئرو ڪيو. اوٽويهين ورهين جي بيمار ۽ سگهه ۽ مزاحمت وڃايل چوڪريءَ جي ڇاتيءَ ۾ وڏي ڄمار واري انسان جي دل لڳائڻ واقعي دل گڙدي جو ئي ڪم هو جيڪو ڊاڪٽر بالاڄ سندس ٽيم بهترين طريقي سان ڪيو. منهنجي ڇاتي آپريشن ڪانپوءِ ٻه ڪيترن ئي ڏينهن تائين ڪليل رکي وئي ته جيئن ڪنهن پيچيدگي ٿيڻ جي صورت ۾ هڪدم نئين سر آپريشن ڪري سگهجي. اِهو سمورو وقت ڊاڪٽر بالاڄ ڪانسواءِ آءِ سي يو ۾ ڊاڪٽر سريش ۽ سندس ٽيم پوري جانفشانيءَ سان مونکي حياتي ۽ موت وچ ۾ لٽڪيو رهڻ کان بچايو.

درد دل کے واسطے پیدا کیا انسان کو

ورنہ اطاعت کے لیے کچھ کم نہ تھے کرو بیاں

اِهو سچ آهي ته جيڪڏهن مونکي اِها دل نه لڳي ها ته شايد اڄ اِهو ڪجهه ٻڌائڻ لاءِ جيئري نه هجان ها. ايتري عرصي ڪانپوءِ وطن واپسيءَ تي نانيءَ اسان جي آڌرياءُ لاءِ گهر تمام گهڻو سينگاريو هو. ناني مون تان گهور پئي وئي، مونکي چميون ڏئي رهي هئي، پاڪرن ۾ ڀري رهي هئي جڏهن ته آئون سوچي رهي هئس ته جن سان اسان پنهنجا ٿانو نڪر ونڊڻ نٿي چاهيا، اڄ منهنجي ڇاتيءَ ۾ انهن جي دل ڌڙڪي رهي آهي.... سڄو هندستان ڌڙڪي رهيو آهي.

ڪنهن کي وڪيل ڪريون،
ڪنهن کان انصاف ماڱيون ؟

هوءَ منهنجي رنڊڙي جي دري يا ان سان لڳولڳ گئلريءَ جي ڄاريءَ تي ويهي مون يڪ ٽڪ ڏسندي رهندي هئي. مڪمل طور تي ڪاري، ڪوئلي جهڙي، اکين جون پتليون بہ ڪاريون... پر انهن اکين ۾ هڪ عجب جهڙي معصوميت ۽ ڪنهن دولاب ۽ فريب ڪانسواءِ پيار... هن جي ماءُ گونگي هئي جيڪا بہ سال کن اڳ نہ ڄاڻ ڪٿان گهر جي پوئين حصي ۾ اجازت ڪانسواءِ ئي اچي ٽانيڪو ٿي هئي ۽ ٽنهي ويلن جي مانيءَ مهل منهنجي رنڊڙي جي شيشي واري دروازي آڏو منٽ پريل نظرن سان واجهائيندي رهندي هئي تہ ڪيس ڪائڻ لاءِ ڪجھ ڏيڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪو چارو ئي نہ هوندو هو. آهستي آهستي هوءَ اسانجي گهر جو حصو بڻجي وئي. هڪ سال تہ نيڪ گذريو. پوءِ مونکي سندس صحت ۾ واضح فرق نظر اچڻ لڳو. ڏينهون ڏينهن سندس پيٽ ڦوڪجندي محسوس ٿيڻ لڳو.

هوءَ ڳورهاري ٿي ته سندس کاڌي جي طلب ٽن ويلن بدران هر وقت ٿيڻ لڳي. آخري ڏينهن ۾ ويم جي سورن وگهي ڪنجهڻ لڳي ۽ پوءِ گم ٿي وئي... چئن ڏينهن تائين ڪٿي بہ نظر نہ آئي. اُتي بہ نہ جتي روز سمهندي هئي. ڪجھ ڏينهن ڪانپوءِ گهر ۾ ايئن نظر آئي ڄڻ تہ ڪيڏانهن وئي ئي نہ هجي پر ڪمزور ۽ نٻل ضرور پئي لڳي. ڪجھ ڪائڻ لاءِ ڏنومانس تہ هڪدم ختم ڪري ڇڏيائين. هر ڪجھ دير ڪانپوءِ هيڇين جيان ٻيهر ڪجھ کاڌي پيتي جي آسري ۾ اچي ٿي نڪاءُ ڪيائين. هڪ ڏيڍ هفتي ڪانپوءِ هڪ صبح

هوءَ اڪيلي نہ پر پاڻ سان ٻہ ٻيا جيوَ آڻي ڪاڏي پيتي جي منتظر ويٺي هئي. هڪ ٻنهہ اُچو تہ ٻيو چٽ ڪارو جيو. صبح ساڻ ننڊ مان اُٿي رنڌڻي جو رُخ ڪندي هئس تہ اُهي ٽيئي ماءُ ۽ ڏيئرون اڳ ۾ ئي حاضر هونديون هيون.

هاڻ هو ٻئي تيزيءَ سان وڌيون ٿي رهيون هيون. ڪاري ماءُ جيان گونگي هئي جڏهن تہ اڇي ماءُ جي اُبتڙ تيز آواز ۾ ميائون ميائون ڪندي هئي. مونکي ڪوئلي رنگ واري ڪاري پسند هئي.

هڪ ڏينهن رات جي ڪنهن پهر ٻاهران ڪنهن جي روئڻ جو آواز آيو پر آواز انتهائي جهيڻو هو ۽ مونکي ننڊ بہ گهري هئي سو رات ايئن ئي گذري وئي. ايندڙ صبح هو ٽئي غير متوقع طور تي نظر نہ آيون. اچرج لڳم تہ رنڌڻي جو دروازو کولي جهاتي پاتم پر ٻاهر ڪاريءَ وارا ڪک هئا. ڪجهہ ڪائي ورتو هونداڻون ڪنهن ٻئي گهر مان، سوچي پنهنجي لاءِ نيرن تيار ڪيم ۽ ڪائي پيئي واندي ٿي لائونج ۾ ويهي فون تي براڻوزنگ ڪرڻ لڳيس. هڪ ڪانپوءِ ٻيو ويڊيو اسڪرين تي اچڻ لڳو.

ڦٽ ڦٽ ڦٽ... ڦوڪٽا ڦاٽڻ آواز تي ٻي ڍنگا ٺهڪ ڏيندڙ هر ڄمار جا مرد ۽ فقط مرد، ڏور ڏور تائين ڪنهن عورت جو وجود ئي نہ هو. رڳو مردن جو غير منتظم هجوم هڪ ننڍي ڄمار واري ڦوڪٽا وڪڻندڙ جي روزي روٽي ڦاڙي مزو وٺي رهيو هو. ڦوڪٽي وارو ڪڏهن هڪ کي جهليندو هو تہ ڪڏهن ٻئي کي، هڪ ٽولي ڪان پنهنجا ڦوڪٽا بچاياڻين ٿي تہ ٻئي پاسان ٻين ڇوڪرن جو هجوم ڦوڪٽا ڦاڙي پنهنجي تسڪين ماڻي رهيو هو. ڦوڪٽي واري ڇوڪري جي ڪاوڙ آهستي آهستي بيوسيءَ ۾ بدلجڻ لڳي جو هاڻ ڦوڪٽن جو تعداد بہ اڌ وڃي رهيو هو. ٽرڙائپ ڪندڙ نوجوانن کي ڏسندي وڏي ڄمار وارن مردن جي بہ بيغرت نرڪ جاڳي پئي. هاڻ ڦوڪٽن وارو ڇوڪرو مردن جي هجوم ۾ گُم ٿي ويو هو، بس رڳو هڪ هٿ سان پنهنجا ڦوڪٽا انهن ظالم مردن ڪان بچائڻ جي ڪوشش ڪندي ٿي نظر آيو. جڏهن سمورا ڦوڪٽا ڦاٽي چڪا ۽ بچيل ايڪڙ ٻيڪڙ هوا ۾ اڏامي ويا تہ هجوم بہ ٺهڪ ڏيندو ڦوڪٽي واري ڪان هٽڻ لڳو. هاڻ ڦوڪٽي واري جا هٿ خالي آهن پر نيڻ ڳوڙهن سان ڀريل. خدا جي ٻندن پنهنجي وندر خاطر هڪ غريب جي اُجرت سندس اکين آڏو ڦوڪٽن جي صورت ۾ هوا ۾ اُڏائي ڇڏي هئي...

مشال خان جو جسم ٻہ تہ هجوم ڪنهن ڦوڪٽي جيان هر هر ڦوڪيو، ڦاڙيو ۽ لوئيو هو. فرق رڳو ايترو هو جو اُهو جسم هو جڏهن تہ هيءُ ڦوڪٽا ئي هئا پر ڪمينگي ۽ بيحسي تہ هڪجهڙي ئي هئي.

آسمان تي ڪجهہ ڦوڪٽا اڃان اُڏامي رهيا هئا.

مونکان برداشت نہ ٿيو سو سيگهہ ۾ اسڪرين جي اسڪرولنگ شروع ڪري ڏنم... هڪ ويډيو تي نظرون کُپي ويون... هڪ ننڍڙي ڪمري ۾ ٻہ ڪٿون گڏوگڏ پيون آهن. ڪمري جي هڪ ڪُنڊ ۾ سوڙون ۽ پٿراٽيون هڪٻئي مٿان پيل آهن. کٽ تي وچولي ڄمار وارو هڪ مرد اطمينان سان وينل آهي جڏهن تہ ٻئي کٽ تي هڪ ڇوڪري جي ڇيلهہ نظر اچي رهي آهي. ايئن پيو لڳي تہ هو ڪا شئي پوري سگهہ سان دٻائي رهيو آهي. اِها ڪاروائي جاري هئي جو هڪ اڇاتل آواز ويډيو ۾ اُڀريو، "ابا! بهائی نوں کہہ اینو چهڈ دے."

ڪجهہ دير ڪانپوءِ ڇوڪري جو رُخ ڪئمرا ڏانهن ٿيو تہ پويان هڪ زناني جسم جي وات تي ويهاڻو پيل هو. ڪمري ۾ ٿيندڙ اِها ڪاروائي هڪ نوجوان ڇوڪريءَ جي قتل جي آهي. قتل ڪندڙ انهيءَ ڇوڪريءَ جو سڳو ڀاءُ ۽ مطمئن وينل مرد سندس پيءُ آهي.

"اچي پاڻي پيءُ..." پيءُ پٽ جو ٿڪ مٿائڻ لاءِ اِهو چوندي پاڻيءَ جي بوتل حوالي ڪئي جيڪا هو ڪنهن افسوس يا ڊپ ڪانسواءِ يڪساهي پيئي ويو.

آئون اک ڇنيڻ ڪانسواءِ اِها ويډيو ڏسندي رهيس تہ پنهنجي ڏيءَ ۽ پيڻ سان اهڙو ظالماڻو ورتاءُ آخر ڇو؟ غيرت جي نالي تي قتل! زور زبردستيءَ جو وهان؟ پر هيءَ ڪهاڻي اڃائين وڌيڪ وار ڪانداريندڙ هئي.

ٻُڌايو پئي ويو تہ اِهو غليظ پيءُ ۽ ڀاءُ مهينن کان مقتول ڇوڪريءَ سان جنسي ڏاڍائي ڪري رهيا هئا ۽ هاڻ ڳالهہ هتي مان نڪري وئي هئي جو ڇوڪري ڳورهاري ٿي پئي هئي سو سندس موت ئي سندن غلاظت تي ڍڪ وجهي پئي سگهيو. هڪ ڪمري ۾ ٽن فردن جي موجودگيءَ ۾ قتل ٿي رهيو هو ۽ هرڪو اطمينان ۽ سڪون جي سينڌ وجائي رهيو هو. ڪيڏي نہ اعتبار نہ ڪرڻ جوڳي بيحسي آهي؟ هاڻ ٿوبا ٽيڪ سنگهہ جي حوالي طور منٽو ۽

سندس بشن سنگھ نہ پر مريم ۽ سندس قاتل تا ذهن تي هُري اچن.

دماغ چرخ هو پر آڱريون تيزيءَ سان اسڪرين تي اسڪرولنگ ڪري رهيون هيون تہ ڪا تہ چڱي شئي نظر اچي.

”ٽي وي ناٽڪن ۽ فلمن ۾ نڪاح حقيقي ليکجڻ گهرجن.“ ٻيهر اسڪرولنگ

”بيبي! اوهانجو مڙس ڪمائي يا نہ ڪمائي پر سندس تابعداري اوهانجو فرض آهي.“

وري اسڪرولنگ!

”روزي جي حالت ۾ استنجا ڪرڻ جو درست طريقو.“

اسڪرولنگ ڪر!

”نماز پڙهندي پيرن جون مريون هڪٻئي سان ڳنڍيل هئڻ گهرجن. نہ هيءُ مولانو غلط پيو ٻُڌائي. مريون مليل نہ هئڻ گهرجن.

ملڻ گهرجن!

نہ ملڻ گهرجن!

گهرجن!

نہ!

ها... نہ... ها!“

منهنجو دماغ سُن ٿيڻ لڳو هو. پاڪستان واقعي اُها جاءِ آهي جتي پاڪيون نهنديون آهن. موبائل بند ڪري ٻاهر نڪري آيس. يڪدم اکين آڏو اُهي ٻہ ڪارا نيڻ تري آيا. گهر جي پوئين اڱڻ ۾ وڃي ڏٺم تہ اُتي ٻہ نہ هئي. پوين ٻن سالن ۾ اِهو ڪڏهن ٻہ نہ ٿيو هو جو ڪاڏي جي وقت تي هو نئي نظر نہ اچن.

اجان اندر اچي ويني ئي مس هئس جو اسانجي باورچيءَ سڏ ڪيو...

”باجي! سگهو اچ.“ دروازو کولي هڪدم پورچ ۾ آيس تہ باورچيءَ ٻيهر سڏ ڏنو...“ باجي! ٻاهر اچو.“ ٻاهرين دروازي کان ٻاهر نڪتيس تہ وڻ جي ڇانوري ۾ گاهہ تي ڪاري بيجان پئي هئي ۽ مکيون سندس بيجان جسم کي پنيوڙي رهيون هيون. اف! هن کي ڇا ٿيو؟ منهنجا نيڻ لوٽياني پاٽيءَ سان ڀرجي ويا. دريءَ ۾ ٽڪ ٻڌي انهن معصوم اکين جو نهارڻ ياد ٿي آيم... ڪاريون اکيون

هاڻ بند هيون. پوئين رات ننڊ ۾ ٻڌل انهن ٻلين جي آهہ زاريءَ جو سبب هاڻ سمجهہ ۾ آيم.

ڏيءَ کي فون تي ٻڌايم تہ روئڻهارڪي آواز ۾ چيائين، ”امان! ڪاريءَ ڪي ڪچري جي ڍير تي نہ اڇلائجان، انکي دفن ڪجان ڪتي.“

ڪاري ٻليءَ جي مرتئي ڪانپوءِ بہ ڏينهن ٻئي ٻليون نہ جاڻ ڪتي گُم رهيون، شايد جانورن ۾ ئي هاڻ احساس جي ڪا حس بچي وئي آهي.

ٽوبا ٽيڪ سنگهہ يا پشاور واري واقعي سان ڪاري ٻليءَ جي موت جي پلا ڪهڙي ڀيٽ، سواءِ ظالماڻي بيحسيءَ جي.

سيما جا سپنا ۽ پنهنجا

ڪجهه سال اڳ پيش آيل هڪ واقعي جو پڙاڏو ڪيتري ئي عرصي تائين ملڪ تي ڇانيل رهيو. اِهو قصو نہ رڳو پاڪستاني پر انڊين سڌسماءُ جي اليڪٽرانڪ ۽ پرنٽ ميڊيائي ذريعن تي بہ هر پاسي چوٻول مچائيندو رهيو. منهنجو اشارو جيڪب آباد سان تعلق رکندڙ سيما حيدر بابت آهي. سيما پنهنجي چئن ٻارن سوڏو ڀارت جي راڄڌاني دليءَ کان لڳ ڀڳ ستر ڪلوميٽرن جي فاصلي تي هڪ نئين اُڀرندڙ شهر نائيڊو جي رهواسي سچن جي پريت ۾ اهڙي گرفتار ٿي جو نيپال رستي وڃي سچن سان ملي. ڪو ان کي محبت جي ميخ ليکي رهيو هو تہ ڪو وري بدديانتي. جت پاڪستان ۽ انڊيا جا بااثر ڪاتا ۽ فرد ڪيس "را" يا "آءِ ايس آءِ" جو ايجنٽ قرار ڏيڻ تي ڳنڍيو ڏيو ويٺا هئا تہ اُتيئي ڪجهہ ماڻهن جو خيال هو تہ اِهو سڀڪجهہ انڊين فلم انڊسٽريءَ ۾ پنهنجو ڀاڳ آزمائڻ جي هڪ دليراڻي ڪوشش آهي. خير، معاملو جيڪو بہ هجي، هت منهنجو موضوع تہ اِهو ئي آهي پر انهيءَ سموري قصي ۾ ڪردارن کي ٿورو بدلائي ٿا ڏسون.

سنڌ سان تعلق رکندڙ سيما ۽ حيدر ٻنهي جو ٻالڻ ۾ پيار هو پر ٻنهي جا گهر ڀاتي سندن وهان جا مخالف هئا. نتيجو اِهو نڪتو جو ٻئي پنهنجي پنهنجي گهران ڀڄي نڪتا ۽ ڪراچي پهچي وهان ڪري اُتيئي ٽانيڪو ٿيا. سيما جيڪي ڪجهہ پئسا ڏوڪڙ پاڻ سان آندا هئا تن مان هنن هڪ سستو گهر مسواڙ تي ورتو ۽ ٻئي راضي خوشي رهڻ لڳا. سيما ڪمائيندي هئي ۽

حيدر گهر سنڀاليندو هو. هڪڙي پويان ڪين چار ٻار ڄاوا. حيدر ٻارن جي پالنا ٻه ڪندو رهيو پر وقت سان گڏ وڌندڙ مهانگائي سندن جيئڻ جنجال ڪيو ته ٻئي گوڏو ڪوڙي وينا ته زندگيءَ جو گاڏو اڳتي ڪيئن ڌڪجي. نيٺ پاڪستان جي معاشي بدحاليءَ کي آڏو رکندي فيصلو ڪيائون ته سيما هن ملڪ ۾ رهندي ته نه پنهنجي گهر جون حالتون بهتر ڪري سگهي ٿي ۽ نه ئي ٻارن کي چڱيرڙي تعليم ۽ تربيت ڏياري سگهي ٿي سو ڇو نه سعودي عرب وڃي پنهنجو ڀاڳ آزمائجي. اِهو سوچي گهر واسطي ضرورت پٽاندر سامان سڙو خريد ڪرڻ ۽ راشن وغيره وٺڻ ڪانپوءِ هُن پنهنجي مڙس کي هڪ اسمارٽ فون ٻه خريد ڪري ڏنو ته جيئن رابطي ۾ ڪا ڏکيائي پيش نه اچي. پوءِ هوءَ پنهنجي مڙس ۽ ٻارن کي آسائش ڀري زندگي ڏيڻ جا سپنا من ۾ سانڍي سعودي عرب اُسهي. اُتان جي لنگ ساڙيندڙ گرميءَ ۾ هوءَ رات ڏينهن محنت ڪري وقت سر گهر پئسا ڏوڪڙ اُماڻڻ لڳي.

سيما جي سعودي عرب واري ڪمائيءَ مان گهر جون حالتون آهستي آهستي بهتر ٿيڻ لڳيون. اُهي شيون جيڪي حاصل ڪرڻ ڪجهه مهينا اڳ تائين ممڪن نه هو، سي هاڻ حيدر ۽ ٻارن جي هٿ وس هيون پر سيما کي سيڪجهه ٺيڪ هوندي ٻه ڪجهه ٺيڪ نه پئي لڳو ڇاڪاڻ جو ڪجهه عرصي کان سيما کي حيدر جا تيور بدليل پئي لڳا. سيما جڏهن موڪلن تي ڪراچي آئي ته حيدر جو سڀاءُ اڳي جهڙو نه هو ۽ سندس گهڻي ڀاڱي وقت فون تي پب-جي کيڏندي پئي گذريو. سيما حجت ڪرڻ مناسب نه سمجهيو ۽ موڪلون ختم ٿيندي ئي سعودي عرب موٽي وئي.

تيرهن مئي تي سيما واٽس ايپ تي حيدر جي خير خيريت پڇڻ لاءِ معمول جيان هڪ ٻه پيغام اُماڻيا پر جواب ۾ ڪاريءَ وارا ڪڪ. سوچيائين ته متان مصروف هجي. رات جو سمهڻ کان اڳ ٻيهر پيغام اُماڻيائين پر فقط هڪ ئي ”ٽڪ“ مان سيما اندازو لڳايو ته حيدر آن لائين ناهي. ٻه چار ڏينهن کنهن رابطي کانسواءِ لنگهي ويا ته سيما کي ڳڻتي اچي ورايو سو گهر جي مالڪ کي فون ڪري حيدر ۽ ٻارن جي خيريت پڇيائين، جنهن تي پتو پيس ته حيدر ته چار ڏينهن اڳ ٻارن سوڌو ٽئڪسيءَ ۾ سوار ٿي ڪنهن پاسي هليو ويو آهي. مالڪ مڪان ٻڌايو ته چار پنج پيٽيون ٻه هيون سو هنن سمجهيو ته

متان جيڪب آباد ويندو هجي. سيما هڪدم جيڪب آباد فون ڪيو تہ ساهراڻي گهران پتو پيس تہ حيدر ۽ ٻار تہ سال ڪن کان ڳوٺ آيا ئي ناهن. انهيءَ سموري مامري تي سيما سعودي عرب ۾ مهينو ڪن پريشان رهي تہ نہ ڄاڻ ٻار ۽ حيدر ڪهڙي ويڌن ۾ آهن پر موڪلون نہ ملڻ سبب هوءَ تڪڙو پاڪستان موٽي نہ سگهي.

چار جولاءِ جي صبح حيدر جون هڪ انڊين ڇوڪريءَ سان گڏ تصويرون هر ٽي وي چينل تي چانيل هيون. ڪجهہ ئي ڏينهن ۾ اِها ڪهاڻي هر گهٽي هر گام پکڙجي وئي. حيدر جي ٽي ويءَ کي ڏنل انٽرويو موجب "سيما جي سعودي عرب وڃڻ ڪانپوءِ منهنجي پب-جيءَ تي پاڻ کان گهٽ ڄمار واري هڪ انڊين ڇوڪريءَ سان دوستي ٿي ۽ آهستي آهستي اِها دوستي پيار ۾ بدلجي وئي. انڪري سيما طرفان اُماڻيل ڏوڪڙن ۽ گهر جي ڪجهہ شين جي وڪري مان پئسا ڪري نيپال جو ٽڪيٽ ورتم ۽ ٻارن سوڌو نيپال پهچي ويس جتي اُها ڇوڪري منهنجي آڌرڀاءُ لاءِ موجود هئي." حيدر اُتي هندو مت اختيار ڪري انهيءَ ڇوڪريءَ سان پرڻو ڪيو ۽ سندس ڳوٺ نوپورا پهچي ويو.

پتو اٿم تہ هر ڪنهن کي اِها ڪهاڻي ازبر ياد هوندي پر سيما حيدر جي حوالي سان. پر هتي اِها ڪهاڻي ٻئي پيرائي ۾ ورجائڻ جو مقصد فقط اِهو پڇڻ آهي تہ ڇا اجان بہ اسين حيدر جي ان قسم جي عمل کي "محبت زنده باد" ۽ "پيار جي فتح" سان تشبيهہ ڏينداسين؟ بلڪل بہ نہ! بلڪہ اسين حيدر کي دل کولي گاريون ڏينداسين ۽ تبرا وجهنداسين.

خاص طور تي عورت جي حقن جي علمبردار هئڻ ناتي آئون بہ حيدر تي شديد ڇوهہ ڇنڊبنديس پر جيئن تہ اصل ۾ اِهو سيکڻ هڪ عورت ڪيو آهي تہ ڇا اِهو مناسب ٿيندو تہ انکي آئيڊيلائيز ڪريان؟ هت منهنجو جواب ناهڪار ۾ هوندو. عورتن جي حقن جي حمائتي يا علمبردار هئڻ جو مطلب اِهو قطعي ناهي تہ عورت مرد کي ڌڪاري ٿي يا ڪنهن جواز ڪانسواءِ مرد کي گار ڏيڻ پنهنجو فرض ٿي پائي. فيمينزم جو مطلب عورتن جو هن ئي معاشري ۾ پنهنجي لاءِ ڪنهن فرق ڪانسواءِ هڪجيترا حق ماڻڻ آهي.

اِهو سيکڄهہ لکڻ جو مقصد ڪنهن بہ انسان جي اُڌمن جي توهين

ڪرڻ ناهي. ڪنهن ڪي بہ ڪنهن سان ڇمار جي کهڙي بہ حصي ۾ پيار تيڻ، ڪنهن بہ سبب ڪري وهان ختم ڪرڻ يا ٻئي شادي ڪرڻ ڪو ڏوهہ ناهي، نہ عورت لاءِ ۽ نہ ئي مرد لاءِ. پر ڇا ايڏو وڏو فيصلو ڪنهن ڪي ٻڌائڻ ڪانسواءِ ڳجهہ ڳوهہ ۾ ڪرڻ يا لڪ ڇپ ۾ ڀڄي وڃڻ ۽ پوءِ سمورو الزام ٻئي ڌُر تي ڌرڻ ڪي ڪنهن بہ حوالي سان درست مڃي سگهجي ٿو؟ منهنجي راءِ ۾ اهڙو ڪو بہ عمل اخلاقي طور تي قطعي درست ناهي.

بيشڪ اسانجي معاشري ۾ اڪثر مرد ئي عورتن سان ڏڍائي جا جوابدار هجن ٿا پر ڪنهن مامري ۾ مرد بيڏوهي بہ ٿي سگهن ٿا.

دلي دروازو ۽ منو ميان جو حلوو پوري

چوندا آهن تہ ”جنھے لہور نئیں ویکھیا او جمیا ای نئیں“ اِهو سوچي سوئٽزرلينڊ کان موڪلن تي اسلام آباد آيل ننڍو ڀاءُ هوڏ ٻڌي ويٺو تہ ”[illegible]“ پر جھڙي ريت سياري ۾ لاهور جي سموگ جو حال ٿيڻ لڳو آهي تہ لڳي ٿو تہ هاڻ تہ انهيءَ موسم ۾ شهر واسي بہ لاهور کي عرصي کان ڏسڻ کان قاصر هوندا، سو اسين ڇا ڏسي سگهنداسين. خير، ڀائرن ۽ ڀينرن سان گڏ لاهور ياترا جو پنهنجو ئي هڪ ڌار مزو هوندو، اِهو سوچي نڪري پياسين اسين سموگ ۾ بہ لاهور ڏانهن.

اسين ٽي ڀينرون ۽ هڪ ڀاءُ جڏهن تہ هڪ ڀيڻ جو پٽ ۽ ٻئي جي ڌيءَ بہ گڏجي پيا. اسلام آباد ۾ سج پنهنجي پوري جوڀن سان آسمان تي موجود هو. ٽپ ٽاپ تيار ٿي اکين تي عينڪون چاڙهي اسين سيئي گاڏيءَ ۾ ويناسين تہ امان پنهنجي ٻارن جي مذهبي لاڙن کان واقف هئڻ ڪري گاڏيءَ پرسان آئي ۽ شايد آيت الڪرسي ۽ درود شريف پنهنجي منهن پڙهي اسان سيني تي ڦوڪاريائين، پوءِ گاڏيءَ تي بہ دائرو ڪڍيائين ۽ اسانکي سموگ ۾ گاڏي آهستي هلائڻ جو چتاءُ بہ ڏنائين. اسين سيئي گاڏيءَ ۾ بلڪل چپ چپات وينا هئاسين تہ امان جي اِها ڪاروائي جلد کان جلد پوري ٿئي تہ اسين اسپوٽي فاءِ تي وڏي آواز سان پنهنجا وٽندڙ گانا لڳايون ۽ گاڏيءَ کي جي ٽي روڊ تي ڊوڙايون.

جي ٽي روڊ جو سفر موٽر وي کان هر لحاظ کان منفرد ۽ مختلف آهي پر جڏهن اوهان وٽ فقط چوويهہ ڪلاڪ هجن تہ من چاهيندو آهي تہ جلد کان جلد پنهنجي منزل تي پهچجي. سوچيو تہ اِهو هو تہ جي ٽي روڊ تي سموگ نہ هوندي پر جهلم جي حد ختم ٿيندي ئي اهڙي سموگ شروع ٿي جو هڪ

فرلانگ جي فاصلي تي بہ ڪجھ نظر ئي نہ پئي آيو. گاڏي آهستي هلائڻي ئي پئي. پاڻيجي رانيا هر هر پنهنجي ماءُ جي معمول جي ابتڙ سُست ڊرائيورنگ تي اچرج ڪائيندي چوندي رهي، ”امان! واءِ ڊونٽ يو ريس دي ڪار؟“ اصل ۾ نينگريءَ ڪي پنهنجي ساهيڙيءَ سان ملڻ جي تڪڙ هئي جيڪا تازو ئي لاهور لڏي وئي هئي. خير، پنجن ڪلاڪن جو سفر نيٺ اٺن ڪلاڪن ۾ پورو ٿيو. رانيا ڪي سندس ساهيڙيءَ جي گهر ڇڏيوسين ۽ اسين پنج ئي پهتاسين ڊاڪٽر مبارڪ عليءَ جي گهر. ڊاڪٽر مبارڪ ۽ ذڪيا آنٽيءَ جو لاهور ۾ گهر منهنجو پيڪو آهي. سندن ٽن ڪمرن واري فليٽ جو وڏو ڪمرو سدائين مهمانن لاءِ مخصوص هوندو آهي. اُتي اسان پنج ئي ڄڻن پنهنجو سامان سڙو رکيو ۽ هٿ منهن ڌوئي لائونج ۾ آياسين تہ ذڪيا آنٽي ڪيٽليءَ ۾ دم ڪيل چانهہ ۽ چاڪليٽ ڪيڪ سوڌو اسانجو اوسيئڙو ڪري رهي هئي. ڊاڪٽر مبارڪ سان ڪجھ دير ڪچهري ڪري سندن نندي ڌيءَ نينيءَ کي پاڻ سان گڏي نڪري پياسين اندرونِ لاهور جي سئر لاءِ، جنهن واسطي خاص طور تي سڄي ساري چنگچيءَ جو ڀاڙو ننڍ جا جهوٽا ڪائيندڙ ڊرائيور سان طئي ڪيوسين ۽ ويهي رهياسين سيئي اُن ۾.

اوهين سوچيندا هوندا تہ گاڏي هوندي بہ چنگچي ڇو؟ اي صاحبلوڪو! اندرونِ لاهور گهمڻ جو مزو رڪشا يا چنگچيءَ ۾ ئي ايندو آهي. اسپيڪر جيئن تہ گڏ هو انڪري گانا ٻڌندي حويلي ريسٽورنٽ پهتاسين پر هر پيري لاهور جي ٽريفڪ وڌيڪ غير منظم ۽ بي لحاظ ٿي نظر اچي. رات جو سڄو شهر ڌنڌ جي گهاٽي چادر اوڍيل هو ۽ ان ۾ عجيب قسم جي ساهہ ٻوسٽ محسوس ٿي رهي هئي. ريسٽورنٽ جي ڇت تان رستي جي ڪناري تي ئي موجود بادشاهي مسجد ۽ مينار پاڪستان ميرانجهڙا نظر اچي رهيا هئا.

اوچو دڪان، ڦڪو طعام واري چوڻي انهيءَ مهانگي ريسٽورنٽ تي سچ ثابت ٿئي. هر پيري پراٺو لاهور ڏسڻ جي قيمت اگهي ڪان وڌيڪ بدمزو ۽ مهانگو ڪاڻو ڪائي ڏيڻي پئي پر عملي جي ڦڙتي ۽ بهتر سپاءُ جي واکاڻ نہ ڪرڻ زيادتي ٿيندي. اسين پنهنجي ميز تي پنهنجا وڻندڙ گانا جهيڻي آواز ۾ اسپيڪر تي ٻڌي رهيا هئاسين. ريسٽورنٽ ۾ هلندڙ لائيو ميوزڪ اسان جهڙن ڪيترن ئي ٻين ڪسٽمرن تي بار وانگر ڪڙڪي رهيو هو، انڪري پرسان

واري ميز تي وينلن بہ فرمائش ڪئي تہ ٿورڙو آواز وڌايو. بس پوءِ ڇا هو جو ڳائڻ جو جهيڻو آواز جيترو وڌائي سگهياسين وڌايوسين، جنهن سبب ماحول وڏيڪ رنگين بڻجي ويو.

پيٽ پوڄا ڪانپوءِ چانهن جي ٻاڙ وڌي وئي هئي. ريسٽورنٽ جي ٻاهران چانهن جان ڪيترائي اسٽال هلائيندڙ هوڪا ڏيندي گراهڪن جو ڌيان پاڻ ڏانهن ڇڪرائي رهيا هئا. اسين بہ هڪ اسٽال آڏو وڃي ويٺاسين. ڪشميري چانهن مخصوص انداز ۾ پيش ڪرڻ جو اهو انداز ۽ ذائقو گهٽ ۾ گهٽ مون لاءِ بنهہ نئون ۽ نرالو هو. اسٽال واري همراهہ انتهائي ڦڙتيءَ سان مٽيءَ جي پيالين کي ٻاهہ تي سيڪڻ ڪانپوءِ پيهر انهن گرم پيالن ۾ ٽي وڌي تہ ڪنارن ڪان ٻاهر ٽي نڪري آئي. موٽ آڌي رات مهل ٿي. رات جو ٿڪايل حالت ۾ اِهو سوچيندي ستاسين تہ صبح سوير دلي گيٽ ويندا سين، جيڏانهن ڪڏهن بہ نہ ويا هئاسين ۽ اُتان جي مشهور نيرن ڪنداسين.

ايندڙ صبح اٿين وڳي اسان سيني پنهنجو سامان سهيڙيو ۽ سيني کان موڪلايوسين جو اُن شام ئي اسلام آباد موٽڻو هو.

لاهور جو دلي دروازو مغل شهنشاهہ اڪبر جي اڏاوتي فن جو جيئرو جاڳندو شاهڪار آهي. اهڙن تاريخي ماڳن تي پهچي ماڻهو پنهنجو پاڻ انهيءَ دور جو رهواسي محسوس ڪرڻ لڳندو آهي. جيئن تہ دليءَ جو مون دل کولي سئر ڪيو هو انڪري لڳم تہ پراڻي دليءَ ۾ ئي پئي گهمان ڦران.

دلي گيٽ جي سرجن سنگهہ گليءَ جو سينگار اٽلي يا اسپين جي گهٽيءَ وانگر هو. جيڪڏهن وڏيڪ گهٽين کي بہ اهڙو ڪيو وڃي تہ واهہ جو ڏيک ٿي پوندو. ان سان لڳو لڳ جڳ مشهور سوڙهي رتين گهٽي ڏسي واقعي اچرج لڳو تہ ماڻهو ان ۾ رهن ڪيئن ٿا؟

پڇندا پڇندا شاهي حمام پهتاسين. جيتوڻيڪ رانيا پنهنجي ساهيڙيءَ جي گهر هئي پر ذهن ۾ ڇهہ ڄڻا ئي وينل هئا سو سوچڻ سمجهڻ کانسواءِ ڇهہ ٽڪيٽ ورتاسين. شاهي حمام جو نگران اسان سان گڏ هلندي وزير خان شاهي حمام جي تاريخ بہ ٻڌائيندو هليو. اوچتو ڪجهہ سوچيندي پڇيائين تہ اوهين آهيو تہ پنج پوءِ ٽڪيٽ ڇهہ ڇو ورتا اٿو؟ اسان پيرن پائرن کي رونشو لڳو سو اڪين ئي اکين ۾ هڪٻئي کي ارشارا ٿيا تہ ڪهاڻي ناهٽي

آهي. ”صاحب! اسين ڇهہ ئي آهيون پر هو اوهان کي نظر نہ ايندو. هليا وڃولي هيڏانهن“، ”پوئتي ڏسندي ايئن اشارو ڪيم ڄڻ ڪو منهنجي پويان بيٺل هجي. شاهي حمام جو اُهو حصو جتي ڦوهارو لڳو آهي، آواز جو چڱو موچارو پڙاڏو ٿئي ٿو. منهنجي پيڻ ٿورڙي ناٽڪي انداز ۾ باقاعدي اوچي آواز ۾ جهونگارڻ شروع ڪيو جنهن ڪري هڪ عجيب پراسرار ماحول بڻجي ويو هو.

ساموهون مغل دور جي آخري روشندان ڏانهن ڏسندي مون زور سان ڌڙڪو ڏنو، ڄڻ اُتي ڪو موجود هجي، ”اڙي وڃولي! تون هُتي اڪيلي ڇو بيٺي آهين؟ هڪدم هيڏانهن سيني سان اچي بيهہ.“

”*میرے ڈھولنا سن--- میرے پیار کی دھن*“ پيڻ گاني جو ورجاءُ شروع ڪري ڏنو.

نگران جي چهري جو رنگ ئي ڦري ويو. هو واقعي سمجهڻ لڳو تہ ڪو روح بہ اسان سان گڏ هتي گهمڻ آيل آهي.

”ڊڄو نہ انڪل! هوءَ بلڪل بي ضرر آهي.“ پائو کيس مطمئن ڪرڻ واسطي چيو ۽ بظاهر سندس بدحواسي نظرانداز ڪندي کائنس پڇيائين، ”سو اوهان هن حمام ۾ پانيءَ جي فراهميءَ بابت ڪجهہ ٻڌايو پئي؟“

چار سئو ورهيہ اڳ وزير خان هيءُ حمام نهرايو هو. سگرين کي ڪوئلا دُکائي پاڻيءَ جي لائينن جي مهاڙ تي رکيو ويندو هو... نگران صاحب پنهنجي ترنگ ۾ اِهو ٻُڌائي رهيو هو جو اسان رازداريءَ واري انداز ۾ کائنس پڇيو، ”اوهان کي هتي ڪي روح نظر آيا آهن؟“

”نہ-نہ- اهڙو اتفاق ڪڏهن بہ نہ ٿيو آهي.“ نگران ناهڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻيندي چيو.

”سائين! ماڻهو هت وينجهڻ ايندا هئا تہ ڪڏهن پاڻي بند بہ تہ ٿي ويندو هوندو تہ ڇا ڪڏهن ڪو آواز آيو تہ پاڻي نہ پيو اچي، موٽر هلايو، وغيره وغيره“ اسان انتهائي سنجيدگيءَ سا ذهن جا خيالي گهوڙا ڊوڙائيندي کائنس پڇيو.

”سر جي! اُن وقت موٽرون ڪٿي هيون. باقي آئون گڏريل ڪيترن

ئي سالن کان هتي نوڪري پيو ڪريان پر اهڙو ڪوبہ واقعو پيش نہ آيو آهي.“
هُن اسانجو مذاق نہ سمجهندي معصوميت سان وراڻيو.

خير اِهو ناٽڪ ڏهہ ٻارهن منٽ ڪن جاري رهيو. پوءِ اسان ٿهڪ ڏيندي ڪيس سڄو قصو ٻڌايو تہ هو بہ اسانجي يوڳائي طبيعت تي باغ بهار ٿي ويو ۽ ٿهڪ ڏيندي برجستو سوال ڪيائين تہ، ”اوهين ڪراچيءَ جا آهيو نہ؟“ اسان ڪيس ٻڌايو تہ، ”جي بلڪل! پر اسين سيئي پائر پينرون گذريل پندرهن ويهہ سال دنيا جي مختلف ڀاڱن ۾ رهڻ ڪانپوءِ هاڻ اسلام آباد ۾ ٿانيڪو آهيون پر ڪراچي اسان جي ۽ اسين ڪراچيءَ جي پٽ ڇڏڻ لاءِ قطعي تيار ناهيون.“ نگران صاحب اسانجي ورندي وات ڦاڙي ٻڌندو رهيو ۽ پوءِ ڪنڌ ڌوڻي ”ها جي، ها جي“ ڪرڻ لڳو.

ڪراچيءَ سان ناتو ٽوڙيون بہ تہ آخر ڪيئن؟ ڪراچيءَ جي زنده دلي، گرمجوشي ۽ يوڳائي حس ئي تہ اسانکي اسلام آباد جي ”ننڍ پروگرام“ سان مهاڏو اٽڪائڻ جو حوصلو ڏنو آهي.

خير وچوليءَ واري ڪهاڻي تہ خيالي هئي پر پٽين ڪي بہ ڪن ٿيندا آهن واري چوٽي تہ هر ڪنهن ٻُڌي هوندي. مغلن ننڍي کنڊ ۾ تاريخي عمارتن جي اڏاوت جا اهڙا ڪارناما ڏيکاريا آهن جو عقل دنگ رهجيو وڃي. پوءِ پيل فتح پور سيڪري هجي يا دليءَ جو لال قلعو يا تاج محل پٽين جون ڪندبون موبائل فون وانگر ڪم ٿيون ڪن. اسان چئني پاءُ پينرن چئني ڪندبن ۾ بيهي پٽين ۾ جيڪي سرٻاٽ ٿي ڪيا سي ٻئي ڪند ۾ چٽا پٽا ٻڌڻ ۾ ٿي آيا. پٽين واري انهيءَ مواصلاتي سرشتي سان اسان وڏو شغل لڳايو.

شاهي حمام مان نڪرڻ ڪانپوءِ پيٽ پوڄا جي سڌ زور ٿي وئي هئي. هڪ سک دڪاندار کان سني نيرن جي هنڌ جو پڇيوسين تہ ٻڌايائين تہ، ”منو جي حلوي پوريءَ“ جهڙي نيرن لاهور ۾ ڪٿي بہ نہ ملندي. بس پوءِ ڇا هو، هلو هلو منو ميان جي دڪان ڏانهن. گهٽين اند ر گهٽيون ۽ انهن سوڙهين گهٽين ۾ قسمين قسمين دڪان، جن ۾ ڪتمنڙن ۽ بسڪوٽن ڪانوني ڊراءِ ڪلين ۽ مرداڻي ڪمزوريءَ ڪانوني ٻارن ۾ مناسب وٿيءَ جا مرڪز پڻ شامل هئا پر سوڙهين گهٽين ۾ صفائي سترائيءَ جو عنصر واضح هو. ڪيترن ئي دڪانن جو ڏيک ۽ گهٽين جي جوڙجڪ حيدرآباد جي ڪجهہ علائقن جي ياد ڏياري

رهي هئي. واٽ تي ڪيترائي حلوي پوريءَ وارا آيا پر اسان نڪ جي ڏاڍائي سان ڪانئن ئي سندن رقيب جو ڏس پڇندا رهياسين ۽ هو چهرو بگاڙي اسانکي اڳتي وڃڻ جو اشارو ڪندا رهيا. جيئن ته اسانجي حواسن تي منو ميان ئي سوار هو انڪري انهن دڪاندارن جي چهرن جا تاثر نظرانداز ڪندي مسڪيني واري شڪل سان سندن ٿورا مڃيندي اڳتي وڌندي ۽ ڪجهه وڪون اڳتي ڪٽي ٿڪن ۾ ٿي پياسين.

وزير خان مسجد جي ڪاٻي پاسي ويندڙ اندرين گهٽين مان لنگهي نيٺ وڃي پنهنجي منزل تي رسياسين. اِهو هڪ عام صاف سٿرو دڪان هو جنهن تي هڪ پاسي هڪ وڏي شاهي ڪڙائي ۾ مناسب باهه تي تيل ٽڙڪي رهيو هو. هڪ ڇوڪرو ويلڻ سان اٽي جي پيڙي کي پوريءَ ۾ تبديل ڪري انهيءَ ڪڙائي ۾ ٿي وڌو ته پوري ڦلڪي جيان گول گپول ٿي پئي وئي. ٻئي پاسي هڪ وڏي ڄمار وارو خوش شڪل همراهه وينو هو جيڪو هڪ وڏي شاهي گول تسلي ۾ ڪفگير سان حلوو اٿلائي پٿلائي رهيو هو. پرسان ئي ڇٽن جو ٻوڙ ۽ پٽاٽن جي ڀاڄي رکيل هئي جڏهن ته وچئون وچ هڪ ٻئي تسلي ۾ ڪچورين جو ڍڳ پڻ رکيل هوجيڪي ماپ ۾ ڪراچيءَ وارين ڪچورين کان تمام گهٽيون وڏيون هيون.

”هيءُ منو ميان جو دڪان آهي؟“ اسان سيني هڪ ئي وقت پڇيو.

”جي بلڪل“ خوش شڪل همراهه خوشدليءَ سان وراڻيو.

دڪان تي ڪجهه ٻيا گراهڪ پڻ بيٺا هئا، ٻه عورتون ۽ ٽي چار مرد. سيني اسان ڏانهن ڌيان ڌريو پر ڪنهن ٻه اسانجي روپ ۽ پوشاڪ تي تنقيدي نظر نه وڌي جيتوڻيڪ اسانکي جينز ۽ هوڊي پهريل هيون.

”هونئن ته اسين آهيون ڪراچيءَ جا، پر رهندا اسلام آباد ۾ آهيون ۽ منو ميان جي جڳ مشهور حلوو پوري کائڻ لاهور آيا آهيون.“ پنهنجو مڪمل تعارف اڳواٽ ئي ڪرائڻ مناسب سمجهيم.

اُهو همراهه ۽ ٻيا گراهڪ ٻه پنهنجاپ ۾ مرڪڻ لڳا. همراهه چيو ته، ”اچو، اچو، اندر هليا اچو.“

”ڪٿان اچون؟“ دڪان آڏو تسلا، ديڳڙيون ۽ ٽهڪندڙ باهه تي چڙهيل ڪڙائي کي عجب وچان ڏسندي پڇيوسين ته هڪ گراهڪ دڪان جي ڪاٻي

پاسي هڪ سوڙهي ۽ اونداهي گهٽيءَ ڏانهن اشارو ڪيو.

اسين سيئي تڙتڪڙ ۾ گهڙي اندر ڪلنڊڙ دڪان جي پوئين دروازي ڪان اندر داخل ٿياسين. حلوي پوريءَ جو وٽنڊڙ سونهري رنگ ۽ پٽاٽن چٽن جي ٻوڙ جي وات ڪيرو ڪندڙ سرهاڻ ٻک کي اجائين وڏائي چڙيو هو.

معمول جيان دڪان جو هڪ ڇوٽو ڦڙتيءَ سان ڪاٺ جي ٻن بينچن وچ ۾ هڪ ميز رکي انکي ڪپڙي سان چندڻ لڳو. اسانجون اتاوليون نظرون ڦلڪي جهڙين پورين تي هيون جيڪي تيل ڪڙائي ۾ پوندي ئي ڦوڪجي تي ويون. سڄو دڪان ڪنهن باورچيخاني جيان هو. ڪانين جي نهيل موڙهي تي ويٺل ڇوڪري جا هٿ پوريون ناهڻ جا ماهر تي لڳا.

آئون اُتي ئي دڪان تي موجود هڪ ٻئي موڙهي تي ويهي پوريون نهندي ڏسندي رهيس. جڏهن وڏيڪ صبر نہ آيو تہ پوريون ناهيندڙ ڇوڪري کي چيم تہ هڪ پيڙو مونکي بہ ڏئي، پنهنجي هٿن سان ناهي تي ڏسان.

ڇوڪري اچرج وچان مون ڏانهن نهاريندي چيو. ”اوهين ناهينديون؟“

”ها، ڇو نہ“ سندس اچرج تي مرڪندي وراٽيم.

”اچا جي! پر اوهان کي ڏسي لڳي تہ نٿو تہ ڪو اوهان ڪاڏو پيتو تيار ڪنديون هونديون.“ ڇوڪري پيڙو منهنجي حوالي ڪندي چيو.

”آئون ئي نہ پر هيءُ ٻئي بہ بهترين ڪاڏو تيار ڪنديون آهن.“ ٻنهي ڀينرن ڏانهن اشارو ڪندي ڪيس ٻڌايم. ”۽ ڪاڏو تيار ڪرڻ هڪ فن آهي جيڪو هر ڪنهن جي وس جي ڳالهہ ناهي.“ ڇوڪري منهنجي ڳالهہ ٻڌي هائوڪار ۾ ڪنڌ ڌوڏيو.

پر ايمانداريءَ جي ڳالهہ آهي تہ اسين ويلڻ سان پوري ويلڻ، هٿ سان گول ۽ سنهڙي پوري ناهڻ ڪٿي تا ڄاڻون.

خير، جڏهن اٺ ڏهہ پوريون تيار تي ويون تہ ڇوٽو اسان آڏو چٽن، پٽاٽن جو ٻوڙ، حلوي جي پليٽ ۽ پوريون آڻي رکيون.

”آچار ملندو؟ ترڪاريءَ ۾ آچار ڪانسواءِ ڪهڙو مزو؟“ ڀيڻ وڏي اُڪير سان پڇيو.

”هتي ماڻهو آچار نہ کائيندا آهن نہ ڪائيندا آهيون انڪري اسين نہ رکندا آهيون.“ خوش شڪل همراهہ وراٽيو. پوءِ ڪجهہ سوچي ڇوٽو کي سڏ ڪيائين ۽ ڇڪي

ڏانهن اشارو ڪندي چيائينس تہ اِها ٿيلهي مونکي لاهي ڏي. سو چوٿو اِها ٿيلهي لاهي خوش شڪل همراهہ حوالي ڪئي. ان ۾ آچار هو.

”اوهين مهمان آهيون، انڪري اوهان کي خاص قسم جو آچار ٿا کارايون.“ هُن اِهو چوندي پليٽ ۾ آچار وڌو ۽ اسان ڏانهن وڌايو.

ڪيڏيون نہ نرم ۽ پوريون پُنيون پڪل پوريون هيون جي وات ۾ وينديءَ ئي ڳري ٿي ويون. آچار چٽڻ ۽ پٽاٽن جي ڀوڄ جو مزو وڌائي ڇڏيو جو اسين پنج ئي پليٽون کن پل ۾ چٽ ڪري وياسين. سوجيءَ جو داڻيدار حلوو مناسب مناڻ سبب اسانجي زبان جي ذائقي جي حساب سان شاندار هو. وڏي عرصي ڪانپوءِ اڄ پيٽ ڀري حلوي پوريءَ جي نيرن ڪئي سين نہ تہ اسلام آباد جي هڪ پوري ڪائڻ ڪانپوءِ ئي ارواح ڪڇيو وڃي.

پوءِ اسانجي فرمائش تي تازي کير پتي چانهہ گهرائي وئي. حلوي پوريءَ ڪانپوءِ من پسند چانهہ جي گرم ڪوپ جو سواد اهي ئي ڄاڻن ٿا جن کي ادرڪ جو مزو بہ پتو هجي. واهہ سائين واهہ! چا تہ ڪٽي ڳالهہ ڪجي. سيڪجهہ اُميد کان بهتر هو. ڪائڻ پيئڻ مان فارغ ٿي جڏهن سيني شين شگلين جو مُلهہ پڇيوسين تہ خوش شڪل همراهہ انتهائي پنهنجائپ مان چيو تہ اوهين اسانجا مهمان آهيو سو اوهان کان ڪهڙا ڏوڪڙ وٺون.

ڪجهہ خاص سياءُ ۽ پنهنجائپ مخصوص ملڪن ۽ علائقن واسين ۾ ئي ملندي آهي. پندرهن پورين ۽ پنج پليٽون ڀوڄ ۽ حلوي جي هڪ پليٽ جو مُلهہ فقط ڇهہ سئو رپيا هو. خير، ان کان بيٺا اسان راضي خوشي کين ڏنا ۽ سندن ٿورا مڃيندي اُنهيءَ ٻاهرين رستي ڏانهن پير ڪنياسين جتي تاريخي دلي گيٽ ٻاهران اسانجي گاڏي پنهنجي مسافرن جو انتظار ڪري رهي هئي.

رفعت ۽ بوتا

صبح سوير دروازي جي گهنٽي وڳي تہ جنوريءَ جي هڏيون چيريندڙ ٿڌ ۾ مونکي گهنٽي وڄائيندڙ تي انتهائي ڪاوڙ آئي، گهر جي اندرين دروازي مان رڳو چهرو ٻاهر ڪڍي بيزاريءَ وچان پڇيم ”ڪير آهي؟“ ٻاهرين گيٽ جي ٻاهر ڪان هڪ عورتاڻو آواز ڪنن تي پيو، ”ڪچري وارا، ڪچرو ڏيو، باجي!“ اچرج لڳم تہ اسانجي گهٽيءَ ۾ تہ بوتا نالي صفائي ڪندڙ همراهہ آهي سو هيءَ عورت ڪير آهي ۽ سو بہ ايترو سوير...

دروازو کوليم تہ سامهون وچولي قد جي هڪ سهڻي عورت بيٺل هئي جنهن جا ڳل ٿڌ جي شدت سبب ڳاڙهن ٽماٽن جهڙا ٿيل هئا ۽ سندس هرڻيءَ جهڙا نيڻ آلا هئا. مٿي تي گول ڦندڻي واري اون جي ٽوپي ۽ ڍڳهو بي ڍنگو سوئيٽر پهري بہ هوءَ انتهائي موهيندڙ پئي لڳي.

سونهن دولت جي محتاج نہ هوندي آهي. ويچاريون وڏن شهرن جون ميم صاحبياڻيون سڄو سڄو ڏينهن بيوٽي پارلرن ۾ گذارڻ ڪانپوءِ بہ گهربل نتيجا حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام ٿيون رهن ۽ هيءَ صفائي ڪندڙ عورت ڪنهن هار سينگار ڪانسواءِ بہ انهن سيني کي مات ڏيو بيني آهي. ڪيس غور سان ڏسندي سوچيم.

اِهو رفعت سان منهنجو پهريون تعارف هو. هوءَ بوتا جي زال هئي. سي ڊي اي ۾ خاڪروب طور ڀرتي ٿيڻ لاءِ اڄ هوءَ پنهنجي مڙس سان گڏ آئي هئي. اڄ ڪم تي سندس پهريون ڏينهن هو ۽ پوءِ اِهو روز جو معمول بڻجي ويو. ٻئي زال مڙس اسانجي گهٽيءَ جي صفائي ڪرڻ ۽ هر گهر تان ڪچرو

ميڙڻ واري ڪم سان لڳايل هئا. منهنجي نيرن تيار ڪرڻ ۽ سندن ڪچري ميڙڻ جو وقت لڳ ڀڳ ساڳيو هو. سو ڪين جيڪي ڪجهه نهيل هوندو هو چانهه سان گڏ ڏئي ڇڏيندي هئس.ٻنهي زال مڙس جو اسانجي گهر جي اڱڻ ۾ رکيل ڪرسين تي ويهي نيرن ڪرڻ معمول بڻجندي بڻجندي عادت بڻجي وئي، انڪري آچر ڏينهن گهر ويران لڳندو هو. ٻئي مونکي باجي سڏيندا هئا ۽ مونکي به هنن سان اُنسيت ٿي وئي هئي ڇاڪاڻ جو هڪ ته ٻنهي جي جوڙي ڀلي هئي ۽ ٻيو ته هو پنهنجو ڪم به انتهائي محنت ۽ اُڪير سان ڪندا هئا.

اسلام آباد کي سائو ستابو ۽ صاف سٿرو شهر هئڻ ڪري سهڻن شهرن ۾ ڳڻيو ويندو آهي. ساوڪ ته قدرت جي ڏنل سوکڙي آهي پر شهر کي گندگيءَ کان آجو رکڻ اسانجن انهن ئي خاڪروبن جو ڪارنامو آهي جيڪي لڳ ڀڳ نوانوي سيڪڙو مسيحي برادريءَ سان تعلق رکندڙ آهن. انهن خاڪروبن پنهنجي اڻٿڪ محنت وسيلي اسلام آباد کي چار چنڊ لڳائڻ ۾ وسان نه گهٽايو آهي.

بوٽا ۽ رفعت به ٻين خاڪروبن وانگر باهه جا اُلا ٻڙيل گرمي هجي يا لڱ ڪانڊاريندڙ سيارو، تيز بارشون هجن يا طوفان واچوڙو، هر مند جي سختين ۽ عذابن کان بي نياز صبح ڇهين وڳي ئي اسلام آباد جي گهٽين ۾ صفائي ڪرڻ پهچيو وڃن، سواءِ آچر جي موڪل جي. اسانجن سمورن تهوارن 14 آگسٽ، 23 مارچ، عاشوري ۽ ايستائين جو پهرين مئي تي پورهيتن جي عالمي ڏهاڙي تي به اِهي محنتي خاڪروب پنهنجي ڊيوٽي تي موجود هوندا آهن. مسلم تهوارن تي سندن ڊيوٽي اجائين وڌيڪ سخت ڪئي ويندي آهي ۽ ڪم ڪار جا ڪلاڪ وڌايا ويندا آهن ته جيئن اسانجو پکيڙيل گند اِهي خاڪروب رات دير تائين ميڙي سگهن. ياد اٿم ته جڏهن ڪووڊ آيو ۽ حڪومت سڄي ملڪ ۾ لاڪ ڊائون ڪيو تڏهن به هو پنهنجي ڊيوٽي ڪندا رهيا.

”باجي! سپاڻي کان اسانکي نيرن نه ڏجان.“ رفعت ڏڪاري آواز ۾ چيو ته بوٽا به هائوڪار ۾ ڪنڌ ڏوڻيو.

”ڇو؟ اسانجي ڪا ڳالهه خراب لڳي ڇا؟“ مونکي سمجهه ۾ نه آيو ته مرڪندي پڇيومانس.

”باجي! ڪرونا جي بيماري پکڙيل آهي سو خدا تعاليٰ اوهانکي

تندرست رکي. اسانجو ڇا آهي، اسين ڪجهه به ڪائي ونداسين.“ بوٽا پنجابيءَ ۾ چيو.

”بيڪار ڳالهيون نه ڪر اڳي جيان ئي اچو ۽ نيرن ڪريو“ چيومانس. جيترو عرصو ڪووڊ جي وبا هلي، انهن خاڪروبن کي سي ڊي اي طرفان ڪا به حفاظتي ڪٽ نه ڏني وئي. شايد قدرت ئي کين انهيءَ وبا سان مهاڏو اٽڪائڻ جو ٻل ڏنو هو. انهيءَ وبا دوران جڏهن به کين دير ٿيندي هئي منهنجو من ڪنبجي ويندو هو ته ڪٿي ڪرونا ته کين سٽڪو نه ڪرايو هجي.

اسلام آباد ۾ لڳ ڀڳ هڪ درجن مسيحي آباديون مختلف سيڪٽرن ۾ پکڙيل آهن پر ايچ نائن ۾ سندن سڀ کان وڏي آبادي آهي. بوٽا ۽ رفعت به پنهنجي ڇئن ٻارن سوڌو اُتي هڪ ڪمري واري گهر ۾ رهن ٿا. ڪجهه پيرا پنهنجي گاڏيءَ ۾ کين اوڏانهن ڇڏڻ لاءِ ويس ته ويساهه ئي نه پئي آيو ته ايڪويهين صديءَ ۾ به هڪ پوش ۽ خوبصورت راڄڌانيءَ جي وچئون وچ رهندي به هي شهري بنيادي ضرورتن کانسواءِ زندگي گهارڻ تي مجبور آهن. ظلم جي انتها ته ڏسو ته انهن مان گهڻي ڀاڱي آبادين ۾ بجلي، گئس ۽ پاڻيءَ جي فراهمي ناهي، اُتي نه ڪا اسپتال آهي ۽ نه ئي ٻارن لاءِ ڪو اسڪول. ڪجهه ماڻهن جي گهرن تي ننڍڙا ننڍڙا سولر پينل لڳل هئا ۽ جن جي آمدني اها عياشي نه پئي ڪري سگهي سي اڄ به لالٽين جي روشنيءَ تي ڪانئن تي ڪاڏو پيتو ڪرڻ لاءِ مجبور آهن. انهن خاڪروبن جي ذاتي زندگيءَ سان گڏوگڏ معاشي حالت پڻ رحم جوڳي آهي.

”باجي! اسانجي نوڪري ختم ٿي وئي.“ هڪ ڏينهن رفعت سڌو رنڌڻي ۾ ڊائننگ ٽيبل جي ڪرسيءَ تي ڦانهه ٿي اچي ڪري. بوٽا ۽ رفعت کي اسانجي گهٽيءَ ۾ ڪم ڪندي پنج کن سال ٿي چڪا هئا.

”ڇا مطلب؟ ڪيئن ختم ٿي وئي؟“ مون حيراني ۽ پريشانيءَ وچان پڇيو.رفعت جيڪي ڪجهه سمجهي سگهي هئي سو مونکي ٻڌائڻ لڳي.

”باجي! اسانجو پيشو شروعات کان ئي مسيحين ۽ هندن سان ڳنڍيو ويو آهي ۽ هاڻ اسانکي انهيءَ پيشي مان به نيڪالي ڏئي پٽ سان پيو لڳايو وڃي. اسلام آباد ۾ سي ڊي اي 1960 ۾ قائم ٿي ۽ شهر جي صفائي سترائي لاءِ مسيحي خاڪروب ڀرتي ڪيا ويا ر وقت گذرڻ سان جڏهن شهر جي آبادي ۽

ايراضيءَ ۾ اضافو ٿيو ته ڪجهه سيڪٽرن ۾ 1994 ڌاري ٺيڪيداري سرشتو لاڳو ڪيو ويو جنهن تحت مسيحي برادريءَ جو هڪ وڏو ڀاڱو خانگي خاڪروبن طور ان پيشي سان لاڳاپجي ويا. 2016 ۾ جڏهن اسلام آباد ۾ ميئر سسٽم لاڳو ٿيو ته خاڪروبن وارو ڪم لڳ ڀڳ سڀني شهر ۾ ٺيڪيداري سرشتي تحت هلڻ لڳو. جيئن ته اسانجا ٺيڪيدار ڪنهن جا ماتحت نه هوندا آهن انڪري هو سي ڊي اي کان ٺيڪا حاصل ڪرڻ کانپوءِ ماڻهن کي گهٽ پگهار تي ڪم ڪار تي رکندا آهن. خانگي ملازم هئڻ ڪري سندن استحصال وڏيڪ سولو هجي ٿو. ڪرسمس ۽ ايسٽر جهڙن وڏن مسيحي تهوارن تي به اسان کي نه ڪا خرچي ڏني ٿي وڃي، نه ڪو عيد الائونس ۽ نه ئي ڪو وري ٽن ڏينهن واري موڪل، ان جي ابتڙ اسانکي سدائين اِها پريشاني لڳي رهندي آهي ته ڪنهن حادثي يا بيماريءَ جي صورت ۾ اسانجي غير حاضريءَ تي اسانجي پگهار مان ڪٽوتي ڪئي ويندي. باجي! اسانجي پاڳن ۾ نه سالياني موڪلون آهن، نه بيماري الائونس جڏهن ته عارضي ۽ پڪي ٺيڪيداري سرشتي تحت نوڪريءَ تان تڙجڻ جو ڊپ هر پل لڳو ٿو رهي. اسان جهڙا ڪيترائي خاڪروب ڪم ڪار ڪندي مختلف حادثن جو شڪار پڻ ٿين ٿا، جنهن تي ڪين ڪابه سهولت نٿي ڏني وڃي سواءِ انجي جو سندس جاءِ تي سندس گهر جي ڪنهن ٻئي ڀاتيءَ کي ڪم ڪار سان لڳايو ويندو آهي. اسانجو پگهار وڏڻ ته پري جي ڳالهه آهي اڪثر وقت سر پگهار ملندو ئي ناهي. جيڪڏهن پگهار ۾ دير ٿيڻ تي ڪا دانهن ڪوڪ ڪندا اهيون ته ڏيهاڙيءَ مان ڏوڪڙ ڪٽوتي ڪرڻ جي ڌمڪي ڏني ويندي آهي انڪري چپ چپات ۾ ڪم ڪندا رهندا آهيون. مهانگائي جي هن دور ۾ جتي شاهوڪار ۽ وچولي طبقي وارا ئي پريشان آهن اُتي سوچيو ته اسانجو ڪهڙو حال هوندو؟ مٿان وري ٺيڪيداري سرشتي ۾ ڪم ڪندڙ اسان جهڙن سوين خاڪروبن کي هاڻ سي ڊي اي نيڪالي ڏيڻ جو فيصلو ڪيو آهي. اوهين ئي ٻڌايو باجي! اسين ڪنهن جي چائنٽ تي وڃي فرياد ڪريون.“

رفعت جو آواز سمورو داستان ٻڌائيندي پرجي آيو هو.

رفعت ۽ ٻوٽا جي زباني اِها سموري صورتحال ڄاڻڻ کانپوءِ مون وٽ فقط هڪڙو ئي حل هو ته سڌوسنئون سي ڊي اي آفيس وڃي لاڳاپيل عملدار

ڪان ان مامري جي تصديق ڪرائجي.

اُتي وچي اندازو ٿيو ته سڄو ٿبو ئي اونڌو آهي. جيئن ته خاڪروبن جي اڪثريت اٽيڙهيل هئي انڪري ڪين اندازو ئي نه ٿي سگهيو ته ٻوميسائل نه هئڻ سبب سندن جاءِ تي نوان ۽ پڪا ملازم ڀرتي ڪيا ويا آهن. تڏهن ڪجهه دوستن، انساني حقن جي ڪميشن ۽ مزدور يونين جي صدر ۽ ٻين لاڳاپيل ماڻهن سان رابطو ڪيم. ڪراچيءَ جو اسانجو مانوارو دوست نعيم صادق جيڪو سڄي ملڪ ۾ خاڪروبن جي چڱڀلائي لاءِ پتوڙيندڙ طور ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو، ان ڏس ۾ اسانجي تمام گهڻي رهنمائي ڪئي.هت آئون سي ڊي اي جي هڪ آفيسر شاهجهان صاحب جو ذڪر ضرور ڪنديس جنهن نه رڳو سدائين ڏيان سان اسانجون شڪائتون ٻڌيون پر منهنجي ڪجهه سخت جملن تي به تحمل جو مظاهرو ڪندي سمورن خاڪروبن جي بحاليءَ جو وعدو پڻ ڪيائين.

سوين، عورتون ۽ مرد ٽن مهينن تائين سينيٽيشن آفيس ٻاهران لڳ ساڙيندڙ گرميءَ ۾ احتجاج ڪندا رهيا پر نه ته ڪنهن شنوائي جا آثار نظر آيا ۽ نه ئي وري سڄ سماءُ جي مرڪزي ذريعن انهيءَ مسئلي تي چپ چوريا. هاجو اِهو هو ته اِهو طبقو ڪنهن مان ڪا اُميد به ڪيئن رکي جو ڪنهن به حڪومت انهن خاڪروبن جي بهتريءَ لاءِ ڪڏهن به ڪي اُپاءُ نه ورتا آهن ڇاڪاڻ جو هو عارضي ۽ ڪچي نيڪيداري سرشتي تحت ڪم ڪري رهيا هئا.

رفعت ۽ بوٽا سان گڏ درجنين خاڪروب روز منهنجي گهر جي دروازي تي انهيءَ اُميد سان ايندا هئا ته ڪو ته هجي جو اسانجي ڳالهه ئي ٻُڌي، نه ته سچي ڳالهه آهي ته منهنجون اُميدون به پوين پساهن ۾ هيون جو ڪاموراشاهي هڪ مڪمل گهن چڪر آهي. انهيءَ دوران جي سالڪ به امريڪا ڪان پهتو ۽ سمورو وهنوار پنهنجي هٿ وس ڪيائين. اسانجي حڪومت ۽ سي ڊي اي کي به شايد ياد آيو ته هيءُ ئي پيشو آهي جنهن جي ڪري اسانجا علائقا رهڻ جوڳا بڻيل آهن ڇاڪاڻ جو خاڪروب ئي پلتجندڙ گٽرن ۽ ڪچري سان سٽيل گهٽيون صاف ڪندا آهن ۽ اسلام آباد جي آبادي جنهن تيزي سان وڌي رهي آهي تنهن لاءِ وڌيڪ خاڪروب ڀرتي ڪرڻ اٽر آهي.

انهن سالن ٽن مهينن جي پڄ ڏُک سان مونکي نہ رڳو سرڪاري ادارن ۾ ڪاموراشاهيءَ جي پٺ پٺان سان واقفيت ٿي پر ان دوران مسيحي خاڪروب برادريءَ جي ڳنڀير مسئلن جو پڻ ادراڪ ٿيم. اسانجي شهر جي گهٽين جي بنان ڪنهن موڪل جي ٿيندڙ صفائي سٿرائي تي اسانکي پنهنجي هزارين مسيحي خاڪروب ڀائرن ۽ ڀينرن جو ٿورائتو هئڻ گهرجي. جيڪڏهن سي ڊي اي ڪين ڪنهن بہ سبب ڪري نوڪرين تان هٽائي ڇڏي ها تہ نہ ڄاڻ ڪيترائي ڪٽنب انهيءَ پيشي سان لاڳاپيل پنهنجي گذر سفر کان محروم ٿي وڃن ها. خاڪروبن جو انتظاميا سان اِهو شڪوو آهي تہ سندن اِهو ئي واحد پيشو آهي جيڪو ڪانئن ڦريو نہ وڃي. انهن خاڪروبن جا بہ معصوم سپنا آهن تہ سندن ايندڙ نسل پڙهي لکي ڪنهن بهتر پيشي سان سلهاڙجن. انهيءَ پيشي سان لاڳاپيل اقليتن جي نہ رڳو داد رسي ٿيڻ گهرجي پر ڪين اُهي سموريون سهولتون ملڻ گهرجن جيڪي سندن بنيادي حق آهن.

بوٽا ۽ رفعت جي تہ سي ڊي اي ۾ نوڪري پڪي ٿي وئي پر جيئن تہ هو نيڪيداري سرشتي ذريعي سي ڊي اي ۾ آيا هئا ان ڪري ڪين اسلام آباد جي هڪ پسگردائي واري علائقي ۾ رکيو ويو. ٻئي زال مڙس اڄ بہ ايندي ويندي منهنجي گهر جو ڦيرو ضرور ڪندا آهن ۽ ڪرسمس ۽ عيد جي ڏيهاڙي تي ڪيڪ آڻڻ نہ وساريندا آهن. آئون سڄي ڄمار سچي دل سان سندن ٿورائتي رهنديس.

زمانا تو سامهون هاڻ ڪا ڪمزور عورت ناهي

ليڊي ڊاڪٽر جي انڪشاف منهنجي دل ڦسائي مونکي اُداس ڪري ڇڏيو هو تہ آئون ڪڏهن بہ ماءُ بڻجي نہ سگهنديس. منهنجي زندگيءَ جي سڀ کان وڏي سڌ ئي ”ماءُ“ بڻجڻ هئي. ڪيترين ئي راتيون بستري تي روئندي ۽ پاسا بدلائيندي گذريون ۽ آخرڪار هڪ اهڙي ئي رات هڪ نينگري هنج وٺڻ جو فيصلو ڪيم. ماءُ نہ بڻجي سگهڻ جو ممتا سان ڀلا ڪهڙو تعلق؟

ڀلي ڀت جاتم ٿي تہ اڪيلي عورت لاءِ ٻار هنج وٺڻ ڪو سولو مامرو نہ هوندو ڇاڪاڻ جو اڄ بہ اسانجي معاشري ۾ عورت ڪي هڪ انفرادي حيثيت ۾ قبول نٿو ڪيو وڃي. عورت جو پيءُ، ڀاءُ، مڙس يا پٽ سان ڳنڍيل هئڻ لازمي ٿو ليکيو وڃي.عورت پنهنجي مرضيءَ سان وهان ڪرڻ، نہ ڪرڻ، ماءُ بڻجڻ، نہ بڻجڻ يا ڪڏهن بڻجي ۽ وهان ڪانسواءِ ٻار هنج وٺڻ جو اختيار اڄ بہ نٿي رکي. عورت کي ڪمزور ۽ گهٽ عقل وارا لقب ڏيندڙ انهيءَ حقيقت کان اڪبوٽ ٿا ڪن تہ عورت تخليقڪار بہ آهي ۽ نسلن جي واڌويجهہ ۽ پالنا جو هنر پڻ ڄاڻي ٿي. تخليقڪار لاءِ دنيا جو ڪوبہ ڪم ناممڪن ٿي نٿو سگهي.

خودمختيار پڙهيل ڳڙهيل ۽ هڪ عالمي اداري ۾ ورهين تائين اعليٰ عهدن تي ڪم ڪرڻ سبب ايترو اندازو تہ ضرور هئم تہ معاشري ۾ ڪنهن عورت کي ”سنگل مدر“ جي حيثيت ۾ ٻار هنج وٺڻ لاءِ ڪهڙين ڏکيائين جو منهن ڏسڻو پوندو پر ڏکيائين جي نوعيت ايتري شديد ۽ پيڙا ڀري هوندي سو منهنجي سوچ ۾ ئي نہ هو.

اباڻي شهر لاهور يا اسلام آباد جنهن ۾ ڪيترن ئي سالن کان

ٿانيڪو آهيان، ٻنهي شهرن ۾ اهڙو ڪوبہ ادارو يا اسپتال ناهي جتان اڪيلي ماءُ کي ٻار هنج ونڻ جي سهولت حاصل ٿي سگهي. ان ڏس ۾ جتي بہ درخواست ڏنم سا ڪاغذي ڪاروائي جي شروعاتي مرحلي ۾ ئي رد ڪئي وئي، انڪري ڪراچي وڃڻ جو فيصلو ڪيم. ايڌي فائونڊيشن جهڙو ادارو پاڪستان جهڙي ٻوسٽ پرئي ملڪ ۾ ٿڌي هوا جو جهوٽو آهي. ڪراچيءَ ۾ ايڌي فائونڊيشن ڪانسواءِ "امڪان ويلفيئر آرگنائزيشن" بہ قانوني شرطن ۽ ضابطن کي آڏو رکندي سنگل مدر کي ٻار هنج ونڻ ۾ مڪمل سهڪار فراهم ڪندڙ ادارو آهي.

ايڌي فائونڊيشن جي انتظاميا ڪنهن ميل حجت کانسواءِ مونکي فارم ۾ ڇاڻايل سمورا تفصيل ڏيڻ جو طريقو سمجهايو ۽ ڪجهہ عرصو انتظار ڪرڻ جو مشورو ڏنو ڇاڪاڻ جو منهنجي خواهش هئي تہ ڪا تازو ڄاول ڇوڪري هنج ونان. آخرڪار ٻن مهينن جي اوسيئڙي ڪانپوءِ مونکي ايڌي فائونڊيشن مان فون آيو تہ هڪدم ڪراچي پهچان جو هڪ تازو ئي ڄاول ڇوڪريءَ جي ماءُ گذاري وئي آهي ۽ پيءُ غربت سبب ڇوڪري سانڍڻ جو ٻل نٿو رکي. هڪ بہ پل وڃائڻ ڪانسواءِ جهاز جو ٽڪيٽ حاصل ڪيم ۽ ڪجهہ ڪلاڪن اندر ڪراچي پهچي ايڌي هوم ۾ ٻارڙي هنج ونڻ جي رسمي ڪاروائي ۾ رڌل هئس.

ايڌي فائونڊيشن ذريعي ٻار هنج ونڻ وارو عمل انتهائي ڳانڍاپيل ۽ شفاف هو. ڪين ان سان ڪو سروڪار نہ هو تہ منهنجو وهان ٿيو آهي يا نہ، مڙس ڪير هو؟ طلاق ڇو ٿي؟ آئون اڪيلي سر ٻار ڪيئن سانڍي سگهنديس؟ ڪين هڪ ڳالهہ جي ضمانت گهربل هئي تہ ڇا آئون سماجي، نفسياتي ۽ مالي حوالي سان ٻارڙي سانڍڻ لائق آهيان يا نہ. ايڌي فائونڊيشن ڪان ٻارڙي هنج ونڻ جي اِها ڪاروائي هفتو ڪن هلي.

ٻيو مرحلو سنڌ هاءِ ڪورٽ ڪان اجازت نامو حاصل ڪرڻ جو هو. ايڌي فائونڊيشن جو هڪ عيوضي قانوني ڪاروائي دوران هر وقت مون سان گڏ رهيو. سنڌ هاءِ ڪورٽ جو ورتاءُ سنگل مدر جي حوالي سان انتهائي مثبت ۽ اڻ ڏريو هو. هڪ ڀيرو بہ مون ڪان منهنجي سماجي حيثيت بابت ڪو سوال نہ ڪيو ويو. جيتوڻيڪ اِهي مرحلا ڏگها ۽ ٿڪائيندڙ هئا پر مونکي ڪراچيءَ

۾ ڪنهن بہ اداري طرفان ڪنهن توهين پرئي ورتاءُ جو منهن نہ ڏسڻو پيو، جنهن مان اندازو ٿيم تہ سنڌ پاڪستان جو اجان تائين هڪ روشن خيال خطو آهي.

پاڪستان ۾ ٻار هنج ونڻ سان لاڳاپيل ڪو قانون ناهي جڏهن تہ ٻار ڪي پنهنجي سرپرستيءَ ۾ آڻڻ بابت 1890 جو قانون موجود آهي. انهيءَ قانون تحت منهنجو نالو بہ ٻارڙيءَ جي فارم ۾ سرپرست طور لکيو ويو.

لڳ ڀڳ هڪ مهينو ڪراچيءَ ۾ سموريون قانوني ڪارروايون پوريون ڪرڻ ڪانپوءِ جڏهن خير خوبيءَ سان ٻارڙيءَ ڪي اسلام آباد آندم تہ هڪ ٻئي پيڙا ڀري صورتحال منهنجي اوسيئڙي ۾ هئي.

ٽيون مرحلو نادرا آفيس مان ٻارڙيءَ جو ”ب“ فارم حاصل ڪرڻ هو. ڪيترن ئي ڏينهن جي مغز ماري ۽ هڻ هٽان ڪانپوءِ ”ب“ فارم منهنجي هٿ ۾ آيو تہ سندم چوڏهن طبق روشن ٿي ويا. ڪيترن ئي ڏينهن جي ڀڄ ڊُڪ جي باوجود ”ب فارم“ تي ولديت جي خاني ۾ هڪ فرضي نالو درج ٿيل هو جڏهن تہ ڪاروائي دوران نادرا انتظاميا ڪي ڪيترائي ڀيرا ٻارڙيءَ جو پيءُ نہ هئڻ بابت ٻڌائي چڪي هئس ۽ سمورن فارمن ۾ پنهنجو اسٽيٽس سنگل ئي لکيو هئم.

منهنجي پڇا ڪرڻ تي نادرا وارن مونکي ولديت جي اهميت تي ليڪچر ڏيڻ شروع ڪري ڏنو جڏهن تہ مون پنهنجي سموري سگهہ ڪين اِهو سمجهائڻ تي ڪپائي تہ جناب! آئون هڪ عالمي اداري ۾ ڪم ڪندي آهيان ۽ ايندڙ هفتي پنهنجي ٻارڙيءَ سان گڏ پرڏيهہ وڃڻ واري آهيان. ولديت جي خاني ۾ ڪوڙي نالي تي مونکي هوائي اڏي تي ئي جهليو ويندو ۽ هيومن ٽريفڪنگ جو الزام ڏار لڳندو پر سندن ڪن تي جونءِ بہ نہ سُري ۽ آئون جذباتي ٿي روئڻ لڳيس ڇاڪاڻ جو هيل تائين سمورا مرحلا قانون موجب ئي طئي ڪندي پئي آيس پر هن مرحلي تي منهنجي همت جواب ڏيڻ پئي لڳي.

انهن سمورن صبر ٽوڙ مرحلن دوران منهنجا ماءُ پيءُ هر ڏکئي پل منهنجي ڪلهي سان ڪلهو ملائي بيٺا. سندن ئي صلاح تي نادرا جي اعليٰ عملدارن ڪي ٽڙڪڙ ۾ فون ڪيم جن مان ڪن سان ڪيترائي سال اڳ مختلف منصوبن تي ڪم ڪري چڪي هئس. هُنن ذاتي طور تي جلد کان جلد

منهنجي ڪيس جي جانچ لهڻ جو وعدو ڪيو ۽ هڪ هفتي جي هڻ هٽان ڪانپوءِ مونکي ٻارڙيءَ جو ”ب فارم“ ولديت ڪانسواءِ ۽ سنگل مدر جي حيثيت ۾ حاصل ٿي ويو.

هاجو اهو آهي تہ مون جهڙي پڙهيل ڳڙهيل خودمختيار ۽ ٻل ۽ سگهہ رکندڙ عورت کي ٻارڙيءَ جي سرپرستي حاصل ڪرڻ لاءِ ايترين ڏکيائين کي سهڻو پيو تہ ٿورڙو سوچيو تہ غريب ۽ اڻپڙهہ عورتن سان ڪهڙو ورتاءُ ڪيو ويندو هوندو. اسانجي معاشري ۾ عورت هئڻ ئي سڀ کان وڏو ڏوهہ آهي، مٿان وري هوءَ اڪيلي ماءُ بڻجڻ هلي آهي! جنهن ملڪ جي آبادي ڏينهون ڏينهن وڌي رهي آهي ۽ جتي ٻار ڪيڙن ماڪوڙن وانگر پلجي رهيا هجن، اُتي ڪنهن يتيم ۽ غريب ٻار کي هنج ونڻ بهتر عمل ناهي؟ اهڙن قدمن کي همٿائڻ تہ پري جي ڳالهہ آهي، اسانجو معاشرو تہ اهڙي ڪنهن عمل کي عمل جوڳو نہ بنائڻ لاءِ پنهنجي پوري سگهہ سان پتوڙي ٿو.

ڪهاڻي هت ختم نٿي ٿئي. اڄ آئون پنهنجي پنجن ورهين واري نينگريءَ سان گڏ پرڏيهہ ۾ ٽانيڪو ۽ هڪ اعليٰ عهدي تي ڪم ڪري رهي آهيان.

هر ٻئي سال ڏيءَ سان گڏ پاڪستان ايندي آهيان. جڏهن بہ پاڪستان ايندي آهيان، ماڻهو مونکان سنگل مدر هئڻ جي حوالي سان ڪيترائي بي جواز سوال ڪندا آهن.

نہ رڳو مٽ مائٽ پر گهريلو ڪمن ۾ هٿ ونڊائيندڙ ماسي بہ مونکان منهنجي ڌيءَ آڏو تڪا ۽ چڀندڙ سوال ڪرڻ کان نہ ڪيٻائيندي آهي پر آئون هر ممڪن حد تائين انهن سوالن کي نظرانداز ڪندي آهيان.

اے عدم احتياط لوگوں سے
لوگ منکر نکير ہوتے ہيں

اڪثر ذهن ۾ خيال ايندو اٿم تہ اِهو ڇو سمجهيو ويندو آهي تہ مرد ڪانسواءِ عورت جو گذارو ناهي يا هوءَ ٻار پالڻ جي ذميواري پوري نٿي ڪري سگهي؟ ٿورڙو پنهنجي اوسي پاسي نظر دوڙايو، اوهان کي ڪيترين ئي اهڙين سگهاري اعصابن واريون عورتون نظر اينديون جيڪي مردن جي هوندي بہ ٻنين ٻارن، گهرن ۽ آفيسن ۾ ڪم ڪار ڪري پنهنجو ۽ پنهنجي

ٻارن جو پيٽ پالي رهيون آهن. انڪري انهن سوالن تي بہ ضرور ويچارڻ گهرجي تہ جنهن ملڪ ۾ پئدا ٿيندڙ هر ٻار اڄ لڳ ڀڳ بہ لک اسي هزار رپين جو قرضي آهي، جتي ٻارن جي تعليم، صحت ۽ بنيادي سهولتن جي کوٽ آهي، جتي اڄ بہ پوليو جو مرض موجود هجي ۽ انساني زندگي سستي هجي اُتي آباديءَ جي روڪٿام لاءِ قانون ڇو نہ ٺاهيا وڃن؟ ۽ اولاد کان محروم ماءُ پي يا سنگل پيرنٽ لاءِ ٻارن کي هنج ونڻ جي قانون ۽ مرحلن کي نسبتاً سولي عمل ۾ تبديل ڇو نہ ٿو ڪري سگهجي؟

گهائل آڳريون پنهنجون

نومبر جي وچ ڌاري سياري واري مُند جي پهرين برسات ئي ڪوئيٽا ۾ گرمي داٻ ڪيرائي ڇڏيندي آهي، جنهن ڪري ٿڌ جي شدت ۾ هڪدم اضافو ٿي ويندو آهي. بلوچستان جا خشڪ سيارا انتهائي ماٺهو-مار هوندا آهن. تيرهن ورهين جي آمنا بيبيءَ کي اهڙي مُند ۾ غاليچا اُڻڻ لاءِ صبح سوير ننڊ مان اُٿي غاليچا ناهڻ واري ماڳ پهچڻ انتهائي ڏکيو لڳندو آهي.

آمنا بيبي پنهنجي پاڙي جي ٽن ساهيڙين سوڏو ڪوئيٽا جي جڳ مشهور سرياب روڊ جي پويان هڪ ڳتيل آباديءَ واري علائقي جي رهاڪو آهي جتي ڏينهن رات غربت، ڏکيائين ۽ جهالت جو تماشو هلندو رهندو آهي. غربت جي ڏبڻ ۾ ڦاٿل هوندي به ڪٽنب جا مرد به ٿي وهان ڪرڻ ۽ درجن کن ٻار ڄڻڻ ۾ ڪو عيب نه پائيندا آهن. ظاهري طور تي ان جا سبب جهالت، شعور ۽ ادراڪ نه هئڻ ۽ مدي خارج روائتن تي فخر ڪندو رهڻ آهن.

انهن سمورين حالتن ۾ سڀ کان وڏيڪ مظلوم طبقو عورتون آهن، پوءِ پل هو زال، ماءُ، ڀيڻ يا ڌيءَ هجن. ٻيون رحم جوڳيون اُهي ننڍي ڄمار واريون ڇوڪريون آهن جيڪي پئدا ته ڪيون ٿيون وجن پر سندن وجود سڄي حياتي هئڻ، نه هئڻ وچ ۾ لٽڪيل ئي ٿو رهي، ايستائين جو گهر ۾ به سندن ڪا سارسنڀال نه هوندي آهي.

بلوچستان جي صوبائي حڪومت غاليچا ناهڻ واري صنعت کي نئين سر هٿي ڏيڻ لاءِ هڪ مثبت قدم کنيو آهي ۽ ڪوئيٽا شهر جي پسگردائيءَ ۾ درجنن جي ڳاٽيتي ۾ غاليچا ناهڻ جا مرڪز قائم ڪيا آهن. هر

مرڪز ۾ باقاعدي پنجن ڪان ڇهن ڄڻن جو عملو تعنات ڪيو ويو آهي جن ۾ غاليچي ناهڻ جي تربيت ڏيندڙ اُستاد پڻ شامل آهن. انهن مرڪزن ۾ ٻارڙن ۽ ٻارڙين ڪي غاليچن جي اُٽت سيڪاري ويندي آهي جيڪي اسڪول وڃڻ تہ پري جي ڳالهہ آهي، بہ وقت پيٽ پري ماني ڪائڻ جي سگهہ بہ نٿا رکن. انهن مرڪزن جو زناٽو عملو اهڙن بدحال گهراڻن جي گهرن تائين وڃي ڪين پنهنجا ٻار، جيڪي سڄو ڏينهن گهٽين پاڙن ۾ رُلندا ٿا وتن، غاليچا ناهڻ وارن انهن مرڪزن ڏانهن اُماڻڻ تي همٿائين ٿا تہ جيئن هو اِهو هنر سکي گهٽ ۾ گهٽ پنهنجو گذر سفر تہ ڪري سگهن. اِهي گهراڻا مختلف نسلي گروهن سان تعلق رکندڙ آهن جهڙوڪ پختون، افغان، بلوچ، براهوي وغيره. غاليچا ناهڻ واري مرڪز ۾ ايندڙ ٻارن جا مسئلا لڳ ڀڳ ساڳيا ئي آهن جن ۾ جهالت ۽ غربت اهم ترين آهن. هر ڪاريگر ٻار جو ڪٽنب انن ڏهن پينرن ۽ پائرن تي ٻڌل آهي ۽ ڪٽنب جي ڪنهن بہ فرد کي پورو پنو ڪاڏو نصيب نٿو ٿئي، سو اِهي ٻار پنهنجو ٻالڪپڻو غاليچا اُڻڻ سکي مستقبل جي چڱن ڏينهن جي اُميد تي گهورين ٿا.

آمنا بيبي بہ اهڙي ئي محروم طبقي جي ٻارڙي آهي جيڪا پنهنجي پاڙي جي ساهيڙين گل بخت، مهربانو ۽ سڪينا بلوچ سان گڏجي روزانو انهيءَ مرڪز تي صبح جو نوين وڳي موجود هوندي آهي. ٿئي ٻارڙيون لڳ ڀڳ هڪجيڏيون آهن، سواءِ گل بخت جي، جيڪا گذريل ڇئن سالن ڪان انهيءَ مرڪز ۾ غاليچا اُڻڻ وارو فن سکي رهي آهي ۽ سورهن ڪن ورهين جي ٿيندي ۽ هاڻ سندس هٿ انتهائي ڦڙتيءَ سان اُٽت ڪن ٿا ۽ سندس ڪم ۾ نفاست ڇٽي پٽي نظر ايندي آهي. انهن چئني ٻارڙين ڪڏهن بہ اسڪول جي شڪل ئي نہ ڏٺي آهي، نہ ئي لکي پڙهي سگهن ٿيون. انهن مرڪزن ۾ اڪثر ٻار اڻپڙهيل آهن. عام طور تي انهيءَ ڄمار ۾ ڇوڪرين جا چهرا ڪومل، چمڙي لسي ۽ قد ڪاٺ وڌندڙ هوندو آهي پر سخت ۽ ان سهائيندڙ حالتن انهن ٻارڙين جي قدبت کي سُسائي ڇڏيو آهي ۽ سندن چهرن تي ننڍپڻ جي چلولائپ بدران هڪ عجيب اُداسي ۽ خاموشي ڇانيل هوندي آهي.

اسانجي رياست جي انڪان وڏي ناڪامي ٻئي ڇا ٿيندي جو هن ملڪ جي سڀ ڪان وڏي ۽ معدنيات سان مالامال صوبي ۾ ٻارن جا هٿ ڪتابن ڪان

محروم ۽ غاليچا اُڻڻ تي مجبور آهن. جن آڱرين ۾ قلم هئڻ گهرجي سي گهاون وگهي گهايل آهن.

آمنا بيبي انهن سمورن ۾ سڀ کان ننڍي آهي. اِهو سندس انهيءَ مرڪز ۾ پهريون سال آهي. سال جي پهرين خشڪ ٿڌ پوندي ئي سندس ٻنهي هٿن جون نازڪ ۽ سنهڙيون آڱريون فريم تي ٻڌل غاليچي جي تاڻيل ڌاڳن کي لاڳيتو ڪپيندو رهڻ ڪري چلجي زخمي ٿي چڪيون اهن ۽ خاص طور تي هن مُند ۾ آمنا بيبيءَ جي آڱرين جي زخمن مان رت ٽمڻ ڪري وڏيڪ پيڙا جو سبب بڻجي ويون آهن. ٻيون ٻارڙيون جيئن ته اڳي کان انهيءَ ڪرت ۾ آهن انڪري هو اهڙا گهاوَ سهڻ جون عادي ٿي چڪيون آهن يا وري ڪين اندازو آهي ته انهيءَ پيڙا کان ڇاڇ ممڪن ناهي.

هٿ سان اُڻيل غاليچن جو ڪو مَٽ نه هوندي به اِها صنعت هاڻ زوال پذير آهي. مشيني غاليچن جي سستي موجودگي ۽ حڪومت طرفان نظرانداز ڪرڻ وارو سياءُ هن صنعت سان لاڳاپيل پورهيتن ۽ هنرمندن لاءِ ڳڻتيءَ جو پل اهي.

آمنا بيبيءَ ۽ ٻين ٻارڙين کان جڏهن سندن اُجرت بابت پڇا ڪئي وئي ته اِهو ڄاڻي شديد اچرج لڳو ته اهڙي نفيس ۽ من کي ڇهندڙ غاليچن جن جي اُڻت لاءِ مهينن جا مهينا گهربل هوندا آهن ۽ آڱريون زخمي ڪرڻيون پونديون آهن، جي هڪ مهيني جي پورهئي جو معاوضو فقط ٻه هزار رپيا؟ انهن ٻن هزار رپين کي ٻاويهن ڏينهن ۾ ونڊي ڏسو. مهانگائي واري هاڻوڪي راڪاسي دور ۾ معصوم ٻارن کي ملندڙ اُجرت فقط نوي روپيا ڏيهاڙي ۽ سا به ماهوار نٿي ڏني وڃي پر ڪڏهن ڇهن مهينن ۽ ڪڏهن ڪڏهن ته سال جي پڇاڙ ۾ ٿي ڏني وڃي. انهيءَ ڪري ڪيترا ئي ٻار وقت سر اُجرت نه ملڻ ڪري ٿورڙي ئي عرصي ۾ نراس ٿي انهن مرڪزن تي اچڻ ئي ڇڏيو ڏين. ٻارڙين کان جڏهن اِهو پڇيو ويو ته حڪومت طرفان اوهانکي ڪيترو معاوضو ملڻ گهرجي ته هو ڪنڌ نمائي اڌ اُڻيل غاليچن جي اُڻت ۾ ئي جنبيل رهيون.

انهيءَ مرڪز جي هڪ ماسترياڻيءَ ٻُڌايو ته ڪيترائي ڀيرا اسان اُستادن ۽ ٻارڙين انتظاميا کي اجرتن ۾ واڌ جي وينتي ڪئي آهي پر ڪا شنوائي نه ٿي آهي. انهيءَ ڪري هر ڪجھ عرصي ڪانپوءِ ڪجھ ٻار ڪم

ڪار ڇڏي گهر وچي ويهي رهندا آهن، وري اسين ڊوڙ ڊُڪ ڪري سندن گهرن تي وڃي ڪين پرچائي وٺي ايندا آهيون. غاليچا اُڻڻ جو ڪم سيکاريندڙ انهيءَ ماسترياڻيءَ جو اها ڳالهه ڪندي هر هر ساهه تي پرجي آيو ۽ کيس کنگهه جو جڻ دورو ٿي پيو. پڇا ڪرڻ تي ٻڌايائين تہ کيس ساهه جي اِها بيماري ٻہ سال کن اڳ لڳي ۽ سياري جي مُند ۾ اِها ايتري شديد ٿي ويندي آهي جو ڪيترن ئي ڏينهن تائين نڙيءَ مان آواز ئي نہ نڪرندو آهي. ڊاڪٽرن موجب کيس دم جو اِهو مرض غاليچا اُڻڻ سبب ئي ٿيو آهي. اِها ماسترياڻي اڄ ڪان ڇهہ سال اڳ هن ئي مرڪز ۾ غاليچا اُڻڻ سکڻ آئي هئي ۽ سگهو ئي بهترين ڪاريگر بڻجي ساڳي مرڪز ۾ سيکارڻ لڳي.

غاليچن جي اُڻت دوران ريشمي يا اوني ڌاڳن يا سُٽ جي اڏامندڙ ذرڙا فضا ۾ هر پاسي وکريل نظر ٿا اچن جيڪي ساهه ذريعي اُتي موجود سمورن ڪاريگر ٻارن ۽ استادن جي ڦڦڙن ۾ داخل ٿي دم ۽ ساهه جي بيمارين جو سبب بڻجي رهيا آهن. انجي تدارڪ لاءِ ڪو بہ عملي اُپاءُنظر نٿو اچي، ايستائين جو اُڻت دوران ٻارن ۽ اُستادن جي چهري تي ماسڪ بہ نٿو هجي، انڪري غاليچي سازيءَ ۾ رُڌل ڪاريگر ٻارن ۽ انهن مرڪزن جي عملي کي ان حوالي سان باقاعدگي سان ڄاڻ فراهم ڪرڻ جي ضرورت آهي، خاص طور تي غاليچا اُڻڻ دوران سموري عملي ۽ ڪاريگرن کي چهري تي ماسڪ چاڙهڻ جي شديد ضرورت آهي. غاليچي سازيءَ ۾ مهارت حاصل ڪرڻ لاءِ لاڳيتو چار پنج سال ڪشالا ڪڍي ڪم سکڻو ۽ ڪرڻو پوندو آهي، جنهن ڪانپوءِ ڪاريگر ان لائق بڻبو آهي جو غاليچو اُٽي سگهي ۽ هڪ ٻن مهينن ۾ غاليچو تيار ڪري سگهي. بهرحال گهٽ اُجرت سبب جڏهن ٻار ڪم ڇڏي ويندا آهن تہ مرڪز کي ڪيترائي ڀيرا بند بہ ڪرڻو پئجي ويندو آهي. ڪرونا جي وبا بہ هن صنعت تي انتهائي ناهڪاري اثر وڌا. ٻن سالن تائين غليچا اُڻڻ جا سمورا مرڪز بند رهيا جنهن سبب عملو ۽ ڪاريگر ٻار بيروزگار ٿي ويا جڏهن تہ مرڪزن ۾ رکيل مشينون ۽ ٻيو لوهي سامان زنگ لڳڻ سبب بيڪار ٿي ويو. ڪو سوا بہ سال غاليچا اُڻڻ وارو ڪم بند رهڻ ڪانپوءِ عملي جي انتهائي زور پرڻ تي حڪومت انهن مرڪزن کي نئين سر بحال ڪيو. هاڻ انهن ادارن ۾ غاليچا اُڻڻ سان گڏوگڏ اوسي پاسي رهندڙ ٻارڙين کي سلائي ۽

پرت وغيره سيکارڻ وارين ڪلاسن جو پڻ بندوبست ڪيو ويو آهي، جيڪو هڪ چڱو قدم آهي پر حڪومت کي انهن مرڪزن ۾ غاليچا اُڻڻ يا سلائي ۽ پرت سکڻ لاءِ ايندڙ ٻارن کي بنيادي تعليم فراهم ڪرڻ جو پڻ جوڳو بندوبست ڪرڻ گهرجي ته جيئن هنر سان گڏوگڏ ٻار گهٽ ۾ گهٽ لکڻ پڙهڻ ٻه سکي سگهن.

حڪومت جيڪڏهن واقعي غاليچا اُڻڻ واري صنعت کي ٻيهر پنهنجي پيرن تي بيهارڻ چاهي ٿي ته اهڙن مرڪزن جو عملي دائرو اجائين وڌائڻو پوندو. مرڪزن کي جديد سهولتون فراهم ڪرڻ سان گڏوگڏ ڪاريگر ٻارن جي اُجرت ۾ اضافو ڪرڻ انتهائي ضروري آهي نه ته ٻارن ۾ پنهنجي محنت جو پورو اُجورو نه ملڻ تي اِهو هنر سکڻ جو چاهه نه رهندو. اسانجي رياست ۽ حڪومتون پوين پنجهتر سالن دوران ٻارن جي لڳ ڀڳ ٽين حصي کي تعليم ۽ صحت جهڙيون بنيادي سهولتون مفت فراهم ڪرڻ ۾ مڪمل طور تي ناڪام رهيون آهن، سو گهٽ ۾ گهٽ اهڙن ادارن جي بجيٽ ۾ ئي واڌ ڪن ته جيئن گهٽ ۾ گهٽ انهن غريب ٻارن کي هنرمند شهري ته بڻائي سگهجي.

ٻلو يا ڪارنهن جو ٽِڪو

سوشل ميڊيا ذريعي هڪ خوشگوار ۽ اچرج جوڳو اطلاع مليو تہ پنج سهڻيون ڇوڪريون مس يونيورس پاڪستان جي چٽاپيٽي لاءِ چونڊيون ويون آهن. پهرين تہ ويساهہ ئي نہ آيو تہ اهڙي گُهٽ ٻوسٽ واري ماحول ۾ اُهي کهڙيون همت ڀريون ڇوڪريون آهن جيڪي معاشري جي غليظ نظرن سان نظرون ملائڻ جو ست رکن ٿيون.پوءِ خبر جي مستند هئڻ تي ڪو شڪ شبهو انڪري بہ نہ رهيو جو عورتن تي نظر رکڻ تي هن معاشري جي مختلف پرتن جا اڳتي وڌيل سورما بہ پاڻي ڀريندي نظر ايندا آهن.

انڪري هڪدم ڪان بہ اڳ انهن مختلف ذرين طرفان هڪ روائتي بيان جوڙيو ويو تہ انهن پنجن سندرين هن معاشري کي انتهائي خطرن جو شڪار بڻائي ڇڏيو آهي. گڏوگڏ حڪومت تي بہ ڇوهہ ڇنڊيا ويا ۽ حڪم صادر ڪيو ويو تہ نوٽس وٺندي ذميوارن خلاف هڪدم سخت ڪاروائي ڪئي وڃي ۽ گهٽ ۾ گهٽ ملڪ جي ”نمائندگيءَ“ جو تاثر جهڪو ڪيو وڃي.

جڏهن تہ ساڳين ڏينهن ۾ هڪ وڏي چار واري مرد جي هڪ ڪچڙي ڄمار واري ڇوڪر سان جنسي ڏاڍائي ڪندي تصويرون پڻ سوشل ميڊيا تي وائرل ٿي رهيون هيون پر مجال آهي جو اسانجي ماڻهن کي اهڙيون تصويرون ڏسندي رتيءَ جيترو بہ فڪر يا لڄ آيل هجي. نہ ئي ڪنهن انهيءَ مرحلي تي ڇيو تہ ”اجان اسين ڪيترو هيٺ ڪرنداسين ؟“.

اِها ڳالهہ تہ درست آهي تہ پاڪستاني تاريخ جو اِهو پهريون واقعو هو جو ڪا ڇوڪري مس يونيورس جي چٽاپيٽيءَ لاءِ چونڊي وئي هجي. جڏهن تہ

بئي پاسي پاڪستاني معاشري ۾ روزانو اهڙا ڪيترائي واقعا پيش ٿا اچن جن ۾ نام نهاد شريف ماڻهو ٻارڙن سان ڏاڍاين واريون حرڪتون ڪندي پڪڙجي ٿا پون. ڪيترين ئي معصوم ٻارڙين کي بالغ ٿيڻ کان اڳ ئي جنسي ڏاڍائي جو نشانو بڻائي ڪچري جي ڍير تي يا ڪنهن ويراني ۾ اڇلائڻ وارا سندن پنهنجا ئي ويجها مٽ مائٽ يا پاڙيسري هوندا آهن. پنهنجي ملڪ واسين کي ڪلئي عام اقليتن خلاف ڀڙڪائڻ تي، سندن گهر ٻار ساڙڻ ۽ قتل ڪرڻ تي سندن ڪنڌ لڄ وگهي نٿا جهڪن. ظاهر آهي ته هيءَ قوم پنهنجي ڪرپ ڏياريندڙ عملن تي لاڳيتو ايترو ڪرندي آئي آهي جو هاڻ ته اِها بيحس ٿي زمين تي ڦهڪو ڪري چڪي آهي. پر ڇوڪرين جو سونهن جي چٽاپيٽيءَ ۾ حصو وٺڻ؟ توبهن زاري. انهن مخصوص ذرين جي فردن جي نظر ۾ اِهو نه رڳو گناهه ڪبيره آهي پر استغفرالله اِها ته کلئي عام ملڪ ۽ ثقافت خلاف سازش پڻ آهي.جيئن ئي اِها خبر سامهون آئي بس پوءِ ڇا هو جو سڄو ملڪ جيڪو ان کان اڳ روزگار جي فڪر ۽ مهانگائي جي طوفان جي ور چڙهيل هو، هڪدم گوگل سرچ تي لڳي ويو ۽ سونهن جي چٽاپيٽيءَ جي سمورن اُميدوارن جو بڻ بڻياد کوٽي لهڻ ۾ جُنبي ويو.

اڃرج ته ان ڳالهه جو آهي ته ٻيا مسلمان ملڪ جهڙوڪ ترڪي، ملائشيا، مصر، بنگلاديش، بحرين، قازقستان، انڊونيشيا، ڪوسوو، ڪرغزستان، لبنان ۽ مراڪش ڇا غير مسلم ملڪ آهن؟ اهڙن مسلمان ملڪن جي هڪ ڊگهي فهرست آهي جتي ڇوڪريون رياستي سرپرستيءَ ۾ سونهن جي اهڙين عالمي چٽاپيٽين ۾ ڪنهن هڪ ڪانسواءِ اوچي ڳاٽ شامل ٿينديون آهن ته پوءِ پاڪستان مان ايريڪا رابن جهڙي دلير ۽ پراعتماد ڇوڪريءَ تي ڏمرپٽو ڇو؟.

ارڙهين صديءَ جي هڪ فرانسيسي ناٽڪ ۾ ”ڊمب بلونڊ“ جو اصطلاح استعمال ٿيو هو. انهيءَ اسٽيرو ٽائيپ سوچ کي 1950 ۽ 1960 وارن ڏهاڪن دوران هاليووڊ هٿي ڏني، بهرحال وقت گذرڻ سان انهيءَ مدي خارج سوچ ۾ گهٽتائي به آئي آهي ۽ اهڙو اصطلاح استعمال ڪندڙن تي ٺوهه به ڇنڊيا ويا آهن. پر انهيءَ اسٽيرو ٽائيپ سوچ کي ختم ڪرڻ لاءِ انهن فردن تمام گهٽي محنت ڪئي جن رڳو سونهن جي بنياد تي ڊمب يا بيوقوف ۽ رڳو

سيڪس سيمبل ڪي سمجهيو تي ويو جڏهن ته اسانجي معاشري ۾ اڄ بہ اِها ساڳي سوچ رائج آهي. سهڻي يا معمولي شڪل صورت وارو انسان معمولي عقل ڏاهپ وارو بہ ٿي سگهي ٿو ته انتهائي ذهين پڻ، ان ڪي رڳو سونهن سان ڳنڍڻ ڇسائپ آهي. ظاهري سونهن يا ڪوجهائپ جو دماغي يا جسماني صلاحيتن سان ڀلا ڪهڙي ڏيتي ليتي ؟

انهيءَ سموري پٽاڙ جو مقصد اِهو ٻڌائڻ آهي ته اِهو رڳو جسماني نماءُ جو شو ناهي پر سونهن جي اهڙين ڇٽاپيٽين ۾ حصو وٺندڙ سندريون نہ رڳو ظاهري طور تي پر ذهني طور تي بہ سهڻيون ۽ تيز ترار هونديون آهن، پراعتماد هونديون آهن، پنهنجو پاڻ تي ڀروسو رکندڙ هونديون آهن. دنيا ۾ هر عمل تي سولائي سان ڇوهہ ڇنڊي سگهجن ٿا پر جهڙي ريت ڪجهہ اڊنگيون تصويرون ۽ ويڊيو اڪثر وائرل ٿا ٿين ۽ جن ڪي ڏسي ڪرهت ٿي لڳي ۽ لڄ وچان ڪنڌ جهڪي ٿا پون، گهٽ ۾ گهٽ سونهن جون اهڙيون ڇٽاپيٽيون ڏسي اهڙي ڪيفيت تہ هرگز نٿي ٿي سگهي. سادي سودي ڳالهہ آهي تہ جيڪڏهن سماج جي نيڪيدارن ڪي اهڙن ڪاڄن ڪا ڪو مسئلو آهي تہ ڪين پنهنجي ڪم سان ڪم رکڻ گهرجي نہ ڪي ٻين جي معاملن ۾ ٽنگ ڦاسائڻ.

هئڻ تہ اِهو گهربو هو تہ انهن سهڻين ۽ حوصلي ڀرئي ڇوڪرين ڪي همٿائجي ها ۽ سندن اعتماد ڪي ساراهجي ها پر افسوس اسانجو معاشرو اهڙين سهڻين، ذهين ۽ پُراعتماد ڇوڪرين ڪي ڪارنهن جو ٽڪو ٻڌائي ٿو ڇڏي.

جنريشن زي-پوئٽي پيل يا اُسريل

جيڪڏهن هن وقت اوهانجي ڄمار پنجاهہ ورهيہ آهي ۽ اوهانجا ٻار ويهن کان پنجويهن ورهين جي ڄمار وارا آهن تہ يقيني طور تي ٻنهي نسلن جي فڪري لاڙن، نظرين ۽ سماجي قدرن ۾ هڪجهڙائپ نہ هئڻ ڪا اچرج جوڳي ڳالهہ ناهي. اصل ۾ انکي ئي جنريشن گيپ چئبو آهي. جنريشن گيپ اصل ۾ ٻن نسلن وچ۾ مذهبي، سماجي، ثقافتي ۽ سياسي عقيدن ۽ نظرين ۽ روين ۾ تضاد جو نالو آهي.

اسيءَ وارو ڏهاڪو اسانجي ننڍپڻ جو دور هو جڏهن گڏيل ڪٽنبي سرشتي جو رواج هو ۽ پورو گهراڻو هڪ شخص جي ڪمائيءَ تي گذر سفر ڪندو هو. انفرادي ڪٽنب ايڪڙ ٻيڪڙ ئي نظر ايندا هئا. بزرگن جي ڳالهہ حتمي ليکي ويندي هئي ۽ ان سان ڪنهن قسم جو اختلاف بد تهذيبي سمجهي ويندي هئي. گهٽيءَ جي ٻارن جون سائيڪلنگ ڪرڻ، اڪبوٽ، پنو، ڪوڪو ۽ ڊوڙڻ ڊڪڻ واريون رانديون کيڏڻ وٽندڙ وندرون هيون. ٽيليويزن تي پي ٽي ويءَ کانسواءِ ڪنهن ٻئي چينل جو هئڻ تصور کان ئي ٻاهر هو. ڪنهن گهر ۾ ٽيليفون ۽ رنگين ٽي وي هئڻ سندن سکئي ستابي هئڻ جي نشاني هئي. گهر جو کاڌو پيتو مزي سان کائبو هو ۽ ان ۾ پسند يا ناپسند جي ڪا گنجائش نہ هئي. آئوٽنگ، هوٽلنگ ۽ سينيما ۾ فلم ڏسڻ عياشيءَ جا ڪم هئا جڏهن تہ هينگ آئوٽ جو لفظ اڃان ايجاد نہ ٿيو هو. جيئري رهڻ يا معاشي بقا جا مسئلا اُن وقت بہ هئا پر انهن جي نوعيت هاڻوڪي حد جهڙي خطرناڪ نہ

هئي.

ڇا اوهين سمجهو ٿا ته ماضيءَ جي انهن ڳالهين سان اسانجا ٻار ڪو تعلق محسوس ڪري سگهن ٿا؟ شايد نه!

زندگيءَ جا رنگ ڍنگ ملينيم ڪانپوءِ سڄي دنيا ۾ بدلجي چڪا آهن. يورپ ۽ امريڪا ۾ 1997 کان 2012 تائين واري عرصي دوران پيدا ٿيندڙ نسل کي محققن جنريشن زي (Generation Z) جو نالو ڏنو آهي ۽ جيئن ته پاڪستان ۾ ٽيڪنالوجي ڪجهه دير سان آئي آهي انڪري هتي اِهو نسل سال 2000 ڪانپوءِ وارو آهي. جنريشن زي کي ڪيترن ئي حوالن سان اُداس نسل سڏي سگهجي ٿو. ڊجيٽل دور جو انقلاب، مالي عدم استحڪام، معاشي عدم توازن، گلوبل وارمنگ سبب خراب ٿيندڙ موسمياتي تبديليون ۽ ڪووڊ 19 جهڙي وبا ۾ اُسريل انهيءَ نسل جا سياسي، سماجي ۽ مذهبي لاڙا پنهنجي پوين نسل کان بنهه مختلف آهن. سوچڻ جوڳي ڳالهه اِها آهي ته اِهو نسل هڪ اهڙي دور ۾ پنهنجي ڄمار جون منزلون طئي ڪري رهيو آهي جڏهن هر پاسي غير يقيني صورتحال آهي. ان هوندي به جنريشن زيءَ جون خصوصيتون هر ملڪ ۾ پنهنجي پنهنجي مخصوص حالتن پٽاندر آهن ۽ انکي عموميت جو رنگ ڏيڻ ڪنهن به ريت درست نه ٿيندو.

ملينيم يا جنريشن واءِ، جنريشن زي کان اڳ وارو نسل ليکجي ٿو جنهن پنهنجي اکين آڏو ڊجيٽل انقلاب ايندي ڏٺو پر ڪين اُهو دور به ياد آهي جڏهن هو انهن ڊجيٽل اوزارن ڪانسواءِ به پنهنجي زندگي ڀرپور ريت گذاري رهيا هئا، جڏهن ته جنريشن زيءَ وٽ انٽرنيٽ، سوشل ميڊيا، واءِ فاءِ، اسمارٽ فون، ليپ ٽاپ ڪانسواءِ دنيا جو تصور ئي ممڪن ناهي. جتي ان نسل ۾ صبر ۽ ڌيان ڌرڻ جي کوٽ، گهٽ عرصي واريون دلچسپيون، ڪاوڙ ۽ سماج-ويري ورتاءُ معمول جون ڳالهيون آهن، اُتيئي جنريشن زيءَ کي وڌيڪ لبرل، سيڪولر ۽ روشن خيال پڻ ليکيو ٿو وڃي. ڪين نه رڳو پنهنجي سڃاڻپ جو ادراڪ آهي پر جن طبقن ۽ پرتن سان پوين نسل وارا ڌڪار ڀريو ورتاءُ رکندا آهن، تن جي حق ۾ هيءُ نسل سدائين آواز اُٿاريندو ٿو رهي، مثال جي طور تي امريڪا ۾ بليڪ لائيف ميٽرز ۽ ٽرانس جينڊر حق ذڪر جوڳا آهن. گلوبل وارمنگ جا مسئلا ۽ ايل جي بي ٽيءَ جا حق هن نسل کي از بر ياد آهن ۽ هو

انهن مامرن تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه جي مهارت به رکن ٿا. آن لائين ڄاڻ ميسر هئڻ ڪري ڪين ڪيترن ئي پاسن پهلوئن جو پلي پٽ پتو آهي.

اُسريل ملڪن ۾ زي نسل جا فرد پنهنجي ذاتي زندگيءَ ۾ ڪنهن به مداخلت جا قطعي حامي ناهن ۽ نه ئي وري اِهو نسل ٻين جي معاملن ۾ ٽنگ اٽڪائڻ چاهي ٿو، انجو سبب شايد ان نسل جي خود پسندي ڪي ليکي سگهجي ٿو پر انجو اِهو به مطلب ناهي ته ڪو هو پنهنجي گهر ڀاتين، دوستن يارن يا اوسي پاسي رهندڙن جي مسئلن ۾ ڪا دلچسپي نٿا رکن پر انهيءَ پهلو تي وٽن اِهو جواز موجود آهي ته پنهنجي بقا، ترقي ۽ خوشيءَ جا ذميوار جيئن ته هو پاڻ آهن انڪري سڀ کان پهرين پنهنجو پاڻ تي ڌيان ڏيڻ ضروري آهي.

دنيا ۾ جنريشن زي جي اڪثريت وهان جي اداري ڪان پاسو ڪندي ٿي نظر اچي. وهان ڪرڻ انهيءَ نسل لاءِ مرڪزي نه پر ثانوي حيثيت اختيار ڪري چڪو آهي، انجي اُبتڙ ڪي ن پنهنجي شخصي آزادي ۽ ڪيريئر ناهڻ ۾ وڏيڪ دلچسپي هجي ٿي. خاص طور تي ڪووڊ 19 کانپوءِ جنريشن زيءَ ورڪ فرام هوم، آن لائين شاپنگ ۽ فوڊ ڊليوريءَ ڪي سولائي سان قبول ڪيو آهي جڏهن ته ڪاپي جي سڀ کان وڏي مارڪيٽ به انهيءَ نسل جا فرد آهن. حالتن ۽ بقا جي مسئلن سبب جنريشن زي پنهنجو پاڻ ڪي بند گهٽيءَ ۾ ٿي محسوس ڪري، جنهن ڪري اِهو نسل ذهني دٻاءُ، نراسائي ۽ انيڪ نفسياتي مونجهارن ۽ مرضن جو به ٻين جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ شڪار آهي.

پاڪستان جو ڳاڻيٽو انهن ملڪن ۾ ٿئي ٿو جن ۾ جنريشن زي وڏي تعداد ۾ موجود آهي. جيڪڏهن پاڪستان جي جنريشن زيءَ جي ڀيٽ دنيا جي ٻين اُسريل ملڪن سان ڪئي وڃي ته ملڪ اندر ئي انهيءَ نسل سان تعلق رکندڙ مختلف لاڙن ۽ نظرين وارا فرد ملي ويندا.

پاڪستان جي ابتر معيشت ۽ بيروزگاريءَ سبب جنريشن زي انتهائي مايوسي ۽ مونجهاري جو شڪار آهي. جڏهن رياست طرفان تعليم ۽ روزگار جا موقعا فراهم نه ڪيا ويندا ته هيءُ نسل پنهنجو پاڻ ڪي غير محفوظ تصور ڪندو. غربت سبب نوجوانن جو هڪ وڏو تعداد تشدد ۽ مذهبي ڪٽرپڻي ڏانهن مائل آهي، اِهو ئي سبب آهي جو پاڪستاني زي نسل جي

اڪثريت ٻين جي مذهبي عقيدن، روائتن ۽ ڪٽنبي معاملن ۾ نه رڳو تنگ اتڪائڻ پنهنجو فرض تي ليکي پر ڪنهن به قسم جي تشدد کان به نٿي ڪيٻائي. جڙانوالا واقعي کانوڻي اسلام آباد سبزي منديءَ ۾ پيار جو پرڻو ڪرڻ تي ياءُ هٿان ڀيڻ جي قتل تائين، جهڙا واقعا روزانو اسانجي معاشري ۾ ٿيندا تا رهن. ٽرانس جينڊر ۽ گلوبل وارمنگ جهڙن حساس موضوعن تي اسانجي نوجوان نسل جي اڪثريت جا ويچار انتهائي دقيانوسي ۽ پوئتي پيل آهن. هاجو اِهو آهي ته پاڪستان ۾ ان نسل جي رسائي ۾ ايڪويهين صديءَ جي ٽيڪنالوجي ته آهي پر ذهني بلوغت ۽ شعور جي ڏسا ۾ نه رڳو هيءُ نسل پر پوين نسلن جي اڪثريت به اجان تائين چوڏهين صديءَ ۾ ڀٽڪي رهي آهي.

ٻئي پاسي پاڪستان ۾ جنريشن زيءَ جو تمام ننڍڙو حصو هڪ اهڙي اعليٰ طبقي جي فردن تي ٻڌل آهي جيڪي ڪجهه وڌيڪ تعليم پرايل، روشن خيال، روزگار سان لڳل ۽ مالي طور تي مستحڪم آهن ۽ سندن مسئلا لڳ ڀڳ اُهي ئي آهن جيڪي ٻين اُسريل ملڪن جي جنريشن زيءَ وارن کي لاڳو آهن، يعني والدين ۽ ٻارن وچ ۾ وٿي ۽ فاصلو وڌندو پيو وڃي. منهنجون به ننديون ڏيئرون پڻ انهيءَ نسل سان تعلق رکن ٿيون ۽ مونکي سندن سمورن مونجهارن، فڪرن ۽ سوالن انهيءَ نسل کي سمجهڻ ۾ تمام گهڻي مدد فراهم ڪئي آهي. هاڻ سوال اِهو ٿو سامهون اچي ته جنريشن زي ۽ پوين نسلن وچ ۾ انهيءَ وٿيءَ کي جيڪڏهن ختم نه ته به گهٽائي ڪيئن سگهجي ٿو؟ انجي سڀ کان وڏي ذميواري ته رياست تي آهي ته ملڪي معيشت کي بهتر بڻايو وڃي، مذهبي ڏڪار ۽ ڪٽرپڻو پکيڙڻ کان پاسو ڪجي ۽ روزگار جا هڪجهڙا موقعا فراهم ڪرڻ سان گڏوگڏ شهري ڏاهپ واري تعليم کي لازمي قرار ڏنو وڃي. ٻئي پاسي گهر جو ماحول ٻارن لاءِ نهڪندڙ بنائڻ ضروري آهي. شايد اسانکي پنهنجي دور جي چڱاين ۽ اعليٰ روائتن جو روڄ پٽڪو ڪرڻ بدران نئين نسل جي ڳالهه تي ڌيان ڏرڻ جي ضرورت آهي نه ته اِهو نسل پنهنجي والدين کان اجائين وڌيڪ پرڀرو ٿي ويندو.

هڪ ننڍڙو مثال ئي ونو ته اسين اڪثر نئين سنگيت ٻڌڻ کان لنوائيندا آهيون ۽ پنهنجي ماضيءَ ۾ ئي قائل رهندا آهيون. جيڪڏهن اسين

پنهنجي ٻارن کي وڏندڙ سنگيت، فلمون ۽ ناٽڪ ساڻن گڏجي ويهي ٻڌون ۽ ڏسون تہ پڪ ڄاڻو اسين پنهنجو پاڻ کي توانو ۽ زندگيءَ سان ڀرپور محسوس ڪنداسين ۽ انهيءَ ريت ٻارن سان بہ اسانجو ڳانڍاپو جڙندو. جڏهن پنهنجي ٻارن جي پسند کي ترجيح ڏينداسين تہ يقيني طور تي جلدي يا دير سان هو بہ اسانجي پسند کي ضرور واکاڻيندا. ٻئي اهم ڳالهہ اِها سمجهڻ گهرجي تہ جيستائين اسين سندن روزمرهہ وارا مسئلا ڏيان ۽ دلچسپيءَ سان نہ ٻڌنداسين تيستائين اسانکي سندن نفسياتي مونجهارن جو بہ اندازو ئي نہ سگهندو ۽ نہ ئي اسين کين ڪا بهتر صلاح ڏئي سگهنداسين. انکري ڳالهہ ٻولهہ جا دروازا سدائين ڪليل رکو.

جنريشن ڇاهي ايڪس، واءِ، زي يا الفا هجي، اصل ۾ هر دور جون پنهجون گهرجون هونديون آهن جيڪي وقت جي لحاظ کان بدلبيون رهنديون آهن. جيڪڏهن ٻن نسلن وچ ۾ وٿي گهٽائڻي آهي تہ پوئين نسل کي نئين نسل سان ٺهڪي اچڻ ۾ پهل ڪرڻي پوندي.

چانداڻ ۾ ٽڙندڙ ڪومائجندڙ ڳاڙها گُل

شش ششش چپ...چپ... هوءَ اچي پئي.... هوءَ جيئن ئي پنهنجي نندي ڄمار وارن ڪزنز جي ٽولي ۾ پهچندي هئي تہ سمورين ڇوڪرين ڪي ڄڻ تہ نانگ سونگهي ويندو هو. اُهيئي ڪزنز ۽ ساهيڙيون جيڪي سندس اچڻ ڪانپوءِ گوڏو ڪوڙي سرڀاڻن ۾ ڪنهن رازداڻي ڪچهريءَ ۾ رڌل هونديون هيون سي سندس آڏو ٻڙڪ بہ ٻولڻ ڪان هٻڪنديون هيون. هوءَ پنهنجي هم ٻيچين جي انهيءَ ورتاءُ تي سدائين ٻڏتر جو شڪار ٻٽبي هئي ڇاڪاڻ جو هوءَ بہ سندن رازن ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿيڻ لاءِ اتاولي هئي جنهن جا ڦاٽ ٻيون ڇوڪريون هڪبئي سان سرٻاٽ ڪندي ڦاڙي رهيون هيون. هوءَ پنهنجي ڄمار جا تيرهن ورهيہ پورا ڪري چڪي هئي پر بلوغت جا آثار واضح ٿيڻ جي باوجود سندس ماهواري اجان شروع نہ ٿي هئي.

هوءَ پنهنجي هم جيڏين ۾ اڪيلي ڇوڪري هئي جنهن ڪي اجان تائين ماهواري نہ آئي هئي ۽ نہ ئي ڪيس ان بابت ڪا ڄاڻ هئي ڇاڪاڻ جو اُن وقت نہ سوشل ميڊيا هوءِ نہ ٽي ويءَ چينلن جو طوفان ۽ نہ ئي وري ماحول سازگار، ايستائين جو مائرن سان تعلق بہ احترام ۽ ڊپ ڪان اڳتي وڌي نہ سگهندو هو جو اهڙن معاملن تي چٽي ريت نہ سهيءِ اشارن ۾ ڳجهہ ڳوهہ ۾ ئي حال احوال ڪري ونجي.

ڪتنب اندر وهان وغيره جي ڪاڄن ۾ ڪچڙي ڄمار جي نينگرين جو وٽندڙ موضوع بلوغت ۽ ماهواري هوندو هو ڇاڪاڻ جو جيڪڏهن ڪنهن

مامري کي ستن پڙدن ۾ لڪائي رکبو تہ انکي ڪولڻ ۽ ڦلهوڙڻ جي سڌ بہ اوتري ئي شديد هوندي آهي، جيئن تہ هوءَ اجان بلوغت جي اِها منزل اورانگهي نہ سگهي هئي سو ظاهر آهي تہ ماهواريءَ جي ڳالهہ سندس آڏو سلڻ ڪيئن ممڪن هو.

اڄ بہ سموريون ڪزنز ڪٽنب ۾ ٿيندڙ هڪ وهان جي ڪاج ۾ گڏ ٿيون هيون پر لڪ ڇپ ۾ ٿيندڙ انهن ڳالهين ۾ ڪيس نظرانداز پئي ڪيو ويو. ڪيس گڏريل ٻن ڇئن ڏينهن کان پيٽ ۾ هڪ عجيب ۽ نئين قسم جو وٽ پئي پيو جيڪو ڪجهہ دير تائين رهڻ ڪانپوءِ جهڪو ٿي پئي ويو. هوءَ چاهيندي بہ ڪنهن سان بہ اِهو سلي نہ سگهي ۽ اڄي چادر سان ڍڪيل بستري تي پنهنجي هم جيڏين جي اڻ پنهنجائپ واري اڍنگي ورتاءُ ۽ پيٽ ۾ ٿيندڙ هر هر جي وٽن سٽن تي ڳوڙها ڳاڙيندي نہ ڄاڻ ڪيڏي مهل سمهي پئي. ايندڙ صبح مختلف سرباٽن تي سندس اک کلي. سندس بستري تي وڇايل اڇي چادر تي ڳاڙهي رنگ جا داڳ ڇٽا پٽا هئا. سندس ماءُ جي چهري تي ڳٽتي ۽ ڪاوڙ واضح هو پر سندس سموريون ڪزنز مرڪي رهيون هيون. هوءَ ڇڻ تہ پريشان ٿي وئي. انهيءَ حقيقت کان بيخبر تہ ڪو اڄ قدرت ڪيس مڪمل بڻائي ڇڏيو آهي، ڪيس ايئن لڳو تہ ڪا موتمار بيماريءَ ڪيس ورائي وئي آهي.

ماهواريءَ جا مامرا سمجهائڻ لاءِ ڪيس هڪ دنيا جهان ڪي سمجهندڙ مائٽياڻي حوالي ڪيو ويو.

”ڏڄ نہ ڇري! سمورين ڇوڪرين جا سرباٽ جيڪي تنهنجي اڄڻ تي بند ٿي ويندا هئا سي هاڻ نہ ٿيندا، جو تون هاڻ وڏي ٿي وئي آهين.“ مائيءَ ٿهڪ ڏيندي ململ جي ڪپڙي جي هڪ ليڙ سندس حوالي ڪندي چيو. هوءَ نيڪ طريقي سان هلي ڇُري بہ نہ پيءَ سگهيءَ ”ايتري تڪڙ جوان ٿيڻ جي هئي توکي، هاڻ ڇوڪرن کان پريرو رهجان.“ سندس بي ترتيب چال ڏسندي سندس ماءُ ڇڙٻ واري لهجي ۾ ڏيءَ کي اهڙي ريت ڇتاءُ ڏنو ڄڻ ماهواري اڄڻ سندس ڪو ڏوهہ هو.

هوءَ ماهواري يا حيض جي الف ب کان بہ واقف نہ هئي ۽ جڏهن متس اِهو انڪشاف ٿيو تہ انکي ماهواري سڏبو ئي انڪري آهي جو هر مهيني قدرت طرفان عورت انهيءَ ڦيري مان لنگهندي آهي سو سندس حواس ئي خطا ٿي

ويا.

”ڇهن ڏينهن کانپوءِ پاڪ ٿي وينجهنجان، ٿي چار ڏينهن پاڻيءَ جو ڦڙو بہ جسم تي نہ وجهجان... سمجهيئي ۽ ها، هاڻ توکي پيچ ڊڪ ڪندي نہ ڏسان.“ ماءُ سختيءَ سان حڪم جاري ڪيا.

”پر امان! اسڪول ۾ منهنجي فٽ بال ۽ جمناسٽڪ؟“.

”غرق ڪر پنهنجي فٽ بال ۽ جمناسٽڪ کي.“ ماڻس چڙٻيندي چيو.
”پڙهين اڳيئي توکي گهڻو ڦٽائي ڇڏيو آهي... بس، هاڻ تون جوان ٿي وئي آهين.“ ۽ پوءِ ٿيو بہ اِهو ئي. ماهواري ڇا شروع ٿي، گهٽيءَ ۾ کيڏڻ، سائيڪل هلائڻ، اسڪول ۾ راندين جون سرگرميون سڀڪجهہ ختم. سندس اڪثر هڪ جيڏيون بہ ساڳي ذهني لباڙ جو شڪار هيون جيڪي سندن گهراڻن جي بزرگ عورتن کين ننديڻ ڪان ڪنن ۾ وڌي هئي تہ حيض اچڻ ڪانپوءِ سمورين جسماني ڪسرتن ۽ ڳرن ڪمن کان پاسو ڪرڻ ئي سندن صحت لاءِ ڪارائتو اهي.

ڪيس قدرت جي انهيءَ سرشتي ۽ ماهواريءَ جي نالي کان ئي ڏڪار ٿي پئي.جيئن جيئن تاريخ ويجهي ٿي آئي سندس وحشت ۾ واڌ ٿي آئي. جڏهن بہ اِهو ڦيرو ڊگهو ٿي ويندو هو، دُعا ڪندي هئي تہ شل جلدي اِهي ڏينهن پورا ٿين. هوءَ ان ڏينهن جو اوسيئڙو ڪندي رهي تہ انهيءَ جهنجهٽ مان مڪمل آجپو ملي. ڄمار جي چاليهن کان پنجاهہ ورهين واري عرصي ۾؟... اجان تہ ڊگهو سفر پيو هو... هوءَ اڪثر سوچيندي هئي.

مهينا ۽ سال ڄڻ پر هڻي اڏامندا ويا... ڏسندي ئي ڏسندي دنيا بدلجڻ لڳي. معاشرو بدلجڻ لڳو تہ سماجي رويا بہ تبديل ٿيڻ لڳا. ماهواريءَ کي پيردز يا مينسز سڏيو وڃڻ لڳو. ململ جي جاءِ سينيٽري پيدز والاري. اشتهارن ۾ خاص ڏينهن جي حوالي سان ڄاڻ ڏني وڃڻ لڳي. پاڪي ناپاڪيءَ واريون مدي خارج ڪهاڻيون ماضيءَ جو قصو بڻجڻ لڳيون. مخصوص ڏينهن ۾ روزانو وينجهڻ ۽ صاف سترو رهڻ تي زور ڏنو وڃڻ لڳو. بلوغت جي باوجود پيرڊ نہ اچڻ تي، حيض جي دورانيي ۾ گهٽ وڌائي تي يا مخصوص ڏينهن دوران پيٽ ۾ سور جي شڪائت تي هڪدم ڊاڪٽر سان لهہ وچر ۾ اچڻ تي زور ڏنو وڃڻ لڳو.

اهڙي ريت پيردز جو موضوع بڻ ٿن ڏهاڪن ۾ ئي ڳجهه ڳوهه مان نڪري نارمل حيثيت ماڻي ويو. عورت جي زندگيءَ جي هڪ اهم سنگ ميل کي چوت ڇات ۽ گندگيءَ جي پڙدي ۾ ويڙهي لڪائڻ بدران، ذات جي تڪميل ۽ تخليق جي قوت سمجهيو وڃڻ لڳو. ڇوڪرين ۽ عورتن جي ماهواري يا توليدي سرشتي ۾ ايندڙ قدرتي مسئلن کي سائنسي بنيادن تي حل ڪرڻ کي همٿايو وڃڻ لڳو. اِهو سڀڪجهه ڪهڙي ريت ممڪن ٿيو جو معاشري پنهنجي جوڙيل ٽابوز تي ڪلئي ريت ڳالهائڻ شروع ڪري ڏنو؟

هوءَ انهيءَ سموري سائنسي تحقيق بابت پڙهندي ڪنڌ ڌوڻيندي رهي ته گذريل وقت ۾ به انهيءَ سموري ڄاڻ تائين رسائي ممڪن هجي ها ته ڪر هوءَ به اڄ بهترين فٽ بالر، بهترين جمناسٽ يا تيز رفتار سائيڪلسٽ هجي ها.

گر بدلنا ہے تجھے دہر کا فرسودہ نظام
تجھ پہ لازم ہے کہ ہر بات کا معیار بدل

پنهنجي زندگيءَ تي ٿاڦيل مدي خارج وهم پرستن جي اُبتڙ هن پنهنجي اڪيلي ڌيءَ کي ماهواري، پيدز، هائيجين ۽ پنهنجو پاڻ کي محفوظ رکڻ جا طور طريقا نديپڻ کان ئي سيکاريا ته جيئن ٻارڙي جڏهن بلوغت تي پهچي ته انکي فخر سان قبولي ۽ ڪنهن به دٻ داٻَ، لڄ يا ڪرهت جو شڪار نه ٿئي.

زندگي هڪ هنڌ بيهي نه رهندي آهي. مهينا، سال ۽ ڏهاڪا انسان جي اندر انتهائي تيزيءَ سان گذرندي پنهنجا نشان جسماني تبديلين جي صورت ۾ پويان ڇڏي ويندا آهن. پوين سالن جا اثر مٿس به پئجي رهيو رهيا هئا. سندس من هاڻ اڪثر گهبرائجڻ تي لڳو، موسم جي گرمائش کيس وائڙو ڪرڻ تي لڳي، سياءُ پل ۾ تولو پل ۾ ماشو ٿيڻ لڳو، معمولي ڏڦير به کيس وڏي ڳالهه لڳڻ لڳو. بيخبريءَ واري ننڊ سپنو ٿي وئي. هاڻ ماهوار وقفو وڌڻ ۽ مخصوص ڏينهن جو دورانيو گهٽ ٿيڻ لڳو. جيڪو دورانيو جوانيءَ ۾ کيس ڳرو ٿي لڳو، هان انجي گهٽتائي کيس پريشان ڪرڻ لڳي هئي. حيض بند ٿيڻ تي گوڏا ست ڇڏيندا، سنڌن جو سور، نظر جو جهڪو ٿيڻ ۽ ڍري ٿيندڙ جسم جهڙيون ڳڻتيون کيس ورائڻ لڳيون. هڪ عجيب ڪشمڪش هلندڙ هئي،

دماغي ۽ جسماني بہ. ظاهري طور تي اجان صحت تي ڪي اُگرا اثر نظر نہ پئي آيا پر اندر ۾ هوءَ ٽوڙ ڦوڙ محسوس ڪري رهي هئي.

رات جو ننڊ ڪندي اوچتو گرمي محسوس ٿيڻ تي لڳي تہ پنکو يا ايئرڪنڊيشن تيز ڪرڻ تي مڙس تي شڪائتون ڪيون. ڪاڏو تيار ڪندي ڇهري تي پگهر پاڻيءَ وانگر وهڻ تي لڳو تہ رنڌڻي ڪان ڊوڙي ٻاهر تي نڪتي. مڙس ۽ ساهرن پڙهيل ڳڙهيل هوندي بہ سندس هارمونز جي لاهن چاڙهن ڪي معنيٰ پري مُرڪ يا چٽر پريل جملن سان مزاح جو رنگ ڏيڻ جي ڪوشش تي ڪئي. پر هاڻ هوءَ چار ڏهاڪا اڳ واري ڇوڪري نہ هئي پر ڊجيٽل دور جي عورت هئي جنهن جي آڱر جي هڪ پور تي ڪيترن ئي مسئلن جو حل موجود هو. گوگل تي پري مينوپاز ۽ مينوپاز تي لکيل تحقيقي مقالا پڙهندي هئي تہ سندس آڏو هڪ نئين دنيا کلڻ لڳندي هئي.

هُن نئين سر پنهنجي زندگيءَ جي بئي سنگ ميل ڪي ڏاهپ ۽ بردباريءَ سان اختيار ڪرڻ جو ارادو ڪيو، انڪري هُن يوگا، مراقبو، پسار ۽ هلڪي ڦلڪي ڪسرت شروع ڪئي. مصالحي وارن کاڌن ۽ سٽين طعامن بدران سرنهن جي تيل ۾ پڪل سبزيون، مرغي، مڇي، داليون، ڏونئرو ۽ بينز کي پنهنجي روزمره واري خوراڪ بڻايائين. اخروٽ جو چورو، سونف، السي ۽ ترن جو ٻرڪو هر کاڌي کانپوءِ ڦڪڻ لڳي. جيرو، ميٿي، جؤڻ ۽ سونف پاڻيءَ ۾ اُٻاري، ڏوڪي نيراني ڦڪڻ لڳي. ڏسندي ئي ڏسندي سندس جسم ۾ اينڊڙ تبديلين زندگي گهارڻ جي مثبت انداز سبب هڪ نئين صورت اختيار ڪئي. پيرڊز جي تسلسل ۾ گهٽتائي اچڻ جي باوجود سندس صحت بهتر ٿيڻ لڳي.

مينوپاز رڳو جسم کي ئي نہ پر ذهن کي بہ شديد ڏڦير جو نشانو ٿو بڻائي، انڪري سڀ کان پهرين هُوءَ انهن ماڻهن کان پاسيرو تي جن جو ورتاءُ ناهڪاري، گلاخوري ۽ نراسائي وارو هو. پنهنجو وقت لکڻ پڙهڻ، گهرياتين ۽ پراڻن، چڱن ۽ ڏاهپ پريل دوستن ۽ واقفن جي سنگت ۾ گذارڻ لڳي. مينوپاز کي گهڻي ڀاڱي عورتون ڏيان ڏرڻ جوڳو مسئلو ئي نہ ليکينديون آهن، نہ ئي انجي حل لاءِ ڪو لائحي عمل طئي ڪري سگهنديون آهن. شايد ان جي پويان اِهو ڊپ لڪيل هوندو آهي تہ ماڻهو ڪين وڏي ڄمار واري يا نفسياتي مريض نہ

ليڪين.

پيرڊ، پري مينوپاز يا مينوپاز عورت جي زندگيءَ جا اهم دور آهن جيڪي هر عورت کي فخر ۽ مثبت انداز سان قبولڻ گهرجن. ماهواري ۽ مينوپاز شروع ٿيڻ کان اڳ ئي ان سان لاڳاپيل سمورن مسئلن تي ڪنهن هٻڪ کانسواءِ ڳالهائڻ سان ئي عورتون وقت اچڻ تي انڪي بهتر نموني سان حل ڪري ٿيون سگهن.

مينوپاز بابت مردن ۽ عورتن جي اڪثريت انهيءَ تاثر جو بہ شڪار آهي تہ عورت انڪانپوءِ جيئن تہ ٻار ڄڻڻ لائق نٿي رهي سو هوءَ بيڪار بڻجيو وڃي. سڀ کان پهرين عورتن کي انهيءَ سوچ کان آجپو حاصل ڪرڻ ضروري آهي ڇاڪاڻ جو زندگيءَ ۾ سڀڪجھ مڪمل نہ هوندو آهي، انڪري جيڪو ڪجھ حاصل آهي تنهن ۾ بهتري آڻڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي.

اِها ياد رکڻ جي ڳالھ آهي تہ مينوپاز عورت جي زندگيءَ ۾ مثبت ۽ منفي ٻنهي اثرن واري ٿي سگهي ٿي پر اوهان ڪهڙو اثر قبولڻ چاهيو ٿيون، سو طئي ڪرڻ عورت هئڻ ناتي اوهان جي پنهنجي ذميواري آهي.

ڪهڙي عجائب گهر ۾ ٿو رهان

اڄ چنڊ جي چوڏهين تاريخ آهي ۽ جمعي جو ڏينهن... وڪٽوريا البرٽ ميوزيم لنڊن فقط جمعي ڏينهن صبح ڏهين ڪان رات ڏهين تائين کليل هوندو آهي ۽ هاڻ ساڍا ڏهه ٿيڻ وارا آهن. ٻئي شفٽ تي موجود عملي جي ذميواري ميوزيم بند ڪرڻ ڪان اڳ ٻيا ڪم اُڪلائي ميوزيم جون سموريون بتيون ۽ مين سوئيچ وغيره بند ڪرڻ پڻ آهي.

”هيئي ميٽ! ميڪ شوئر ٿو سوئيچ آف آل لائٽس“ هڪ ملازم پنهنجي ساٿي کي هڪل ڪئي.

”شيورلو!“ عورت ملازم ورندي ڏني.

ڪٽ ڪٽ ڪٽ... سمورا مين سوئچ بند ٿيندي ئي ميوزيم جي سمورين گئلرين ۽ ڪاسٽ ڪورٽ ۾ ٻه اونداهي ۽ سانت ڇائنجي وئي.

وڪٽوريا البرٽ ميوزيم جو ڪاسٽ ڪورٽ اُهو حصو آهي جتي سڄي دنيا جي ناميارن مجسمي سازن جي مجسمن جا هوبهو نقل رکيا ويا آهن جن مان ڪي تہ اصل ڪان ٻہ وڌيڪ من موهيندڙ آهن. سڄي ميوزيم جيان ڪاسٽ ڪورٽ ۾ اونداهي ڇائجندي ئي هلچل پئدا ٿي وئي. گئلري ۾ رکيل دنيا جي ناميارن مجسمي سازن جي مجسمن ۾ ڄڻ ڪنهن حياتيءَ جو روح ڦوڪي ڇڏيو هجي.

”اڄ منهنجي پنهنجي خالق سان ملاقات ٿيڻي آهي، هو بس اجهو ئي پهچڻ وارو آهي.“

ڊيوڊ جي مجسمي ٽنگون سڌيون ڪندي ڪلئي انداز ۾ ڪَرَ موڙيا ۽ چيو، ”جمعي جي ڏينهن ٻارهن ڪلاڪ بيٺي بيٺي ٽنگون ساٽيون ٿيو پون.“

”ڪهڙو خالق؟ مائيڪل اينجلو يا ڪليمنٽ پاپپي؟“ اسڪول آف اٿينس جي هڪ مجسمي ٻاهر نڪرندڙ ڊيوڊ سان چرچو ڪيو.

”ٻئي...“ ڊيوڊ اعتماد سان وراڻيو.

”نيڪ آهي، پوءِ تون ڪر انتظار، آئون ته ٻين مجسمن سان گڏ ٻاهر ڪليل فضا ۾ ساهه کڻڻ ٿو وڃان.“ مجسمي وڪٽوريا البرٽ ميوزيم جي باغيچي ڏانهن ڊوڙندي چيو، جتي چنڊ جي چانڊاڻ پکڙيل هئي. ڊيوڊ بيچينيءَ وچان پاسا ورائڻ لڳو ڇاڪاڻ جو هو اڄ پنهنجي ٻنهي خالقن سان ملڻ واسطي اتاولو هو.

ميوزيم جي پٺين تي ٽنگيل نشا ۽ ثانيا ڪان وٺي هاڻوڪي دور جي جڳ مشهور چترڪار سيلي ۽ ٽنٽو ريٽو ڪانوٽي بائيبل چترڪار جان بروفيل، انجليڪا خوفمين، امپريشن آرٽ جي ڊيگال، لينڊ اسڪيپ جي ماهر ٽرنر ۽ پري ريفلائيٽ چترڪاريءَ جي باني مانتي جون تصويرون ڇڻ ڳالهائڻ لڳيون هيون ۽ سمورا ڪردار جيئرا ٿي پيا هئا. لنڊن جو وڪٽوريا البرٽ ميوزيم جيئرو ٿي پيو هو. انهيءَ پل ميوزيم جي ٻاهرين دروازي ڪان مائيڪل اينجلو ۽ پاپپي داخل ٿيا ۽ اسٽيٽ ڪورٽ گئلري ڏانهن پير پرڻ لڳا.

”اسانجو شاهڪار اسانجي اوسيئڙي ۾ هوندو، تڪڙو هل پاپپي...“ مائيڪل اينجلو ڪنهن قدر ڪاوڙ وچان ڊگها ڊگها قدم کڻندي چيو.

”سينيور! اوهانجي ڪاوڙ اڄ به اڳي جيان ئي آهي.“ پاپپيءَ آهستي سان وراڻيو.

”ڪاوڙ... همهمهم... حالتن جو جبر ۽ مٿان وري گهٽ عقلن طرفان تخليقي ڪمن ۾ بيجا ٽنگ اڙائڻ دماغ کي گرم رکڻ لاءِ ڪافي هجي ٿو، منهنجا پيارا...“

”پلا هو سليپنگ ڪيوپڊ وارو مامرو ڇا هو؟“ پاپپيءَ پڇيو.

”هونهن! سو تون به انهيءَ ڳالهه کان واقف آهين؟“

”جي، ٿورا گهڻا افواهه ته اڏامندي اڏامندي ڪنن تي پئجي ويندا آهن.“ پاپپيءَ هٻڪندي سربات ۾ وراڻيو.

"اصل ۾ انهيءَ زوال سان منهنجو عروج شروع ٿيو. فلورنس ۾ لارنيزو نالي هڪ بينڪر ۽ سياستدان هو. هُن مونکي ٻه پراجيڪٽ ڏنا جن مان هڪ سليپنگ ڪيوپڊ هو. لارنيزو جو چوڻ هو ته اهڙو مجسمو ناهي ڏئي جو محسوس ٿئي ته اِهو زمين ۾ پوريل آهي. پراڻو مجسمو سمجهي ڪو شوقين گراهڪ انجو وڏو مُلهه چڪائيندو پر پاڳ پيرو نه ڪيو ۽ اسين جعلسازيءَ جي ڏوهه ۾ پڪڙجي پياسين." مائيڪل اينجلو تفصيل ٻڌايا.

"پوءِ..." پاپيءَ سوال ڪيو.

"پوءِ ڇا... پڪڙيو ته ڪوڙ ڳالهائڻ تي هوس پرسليپنگ ڪيوپڊ جو گراهڪ ڪارڊيل رياريو منهنجي ڪم کان تمام گهڻو متاثر ٿيو. سو مونکي روم ۾ مجسمي سازيءَ جي نيند ڏنائين.

روم ۾ منهنجي ڪم ۾ نکار اچڻ لڳو ۽ سگهو ئي آئون مجيل مجسمي ساز ليکيو وڃڻ لڳس. اُتي مقرر ٿيل فرانسيسي سفير منهنجي ڪم کي ساراهيندي 1497 ۾ مونکي "پياتا" تراشڻ جو ڪم ڏنو جنهن ۾ هڪ سال لڳو. ان ۾ ڪنواري مريم يسوع مسيح کي هنج ۾ کڻي پار ڪدي رهي آهي. پتو اٿئي... مون چوويهن ورهين جي ڄمار ۾ اِهو مجسمو تخليق ڪيو هو." اِهو سيڪجهه ٻڌائيندي مائيڪل اينجلو جو مُک سرهائي وچان ٻهڪي رهيو هو.

"واهه! پٿر جي چپ کي تو ڪيڏي نه نفاست سان تراشيو... واساريءَ پياتا کي هروپرو ته معجزو نه سڏيو هو." پاپيءَ سُر ڪڍايو ۽ سوال ٻه اچلايائين، "انڪانپوءِ ڪٿي رولاڪيون ڪيئي؟".

"1491 ۾ فلورنس موٽي آيس جتي ڪائونسل مونکي هڪ چاليهه ورهيه پراڻي نامڪمل پراجيڪٽ کي مڪمل ڪرڻ جي ذميواري ڏني. پتو اٿئي اُهو پراجيڪٽ ڇا هو؟" ايسٽ ڪورٽ ۾ داخل ٿيندي مائيڪل اينجلو پڇيو.

سامهون ڊيوڊ سندس منتظر هو.

"هيءُ هو منهنجو پراجيڪٽ جيڪو مونکان اڳ ٻه مجسمي ساز تراشي نه سگهيا هئا. ڪيئن آهين ڊيوڊ؟ مائيڪل اينجلو فخر ڀرئي احساس سان ڊيوڊ ڏانهن نهاريو.

”پر هيءُ ڊيوڊ تہ مون تراشيو هو.“ پاپيءَ هٻڪندي چيو.

”اچا... ها واقعي... پر بهرحال آهي تہ منهنجي مجسمي جو نقل ئي نہ... جيڪو تو راڻي وڪٽوريا لاءِ لڳ ڀڳ سادا ٽي سئو سال پوءِ 1859 ۾ تيار ڪيو هو، پتو اٿئي اپي! جڏهن اِهو پراجيڪٽ ورتو هئم تہ ڪنهن بہ سنگمرمر جي ڏسي منهنجو ڊيوڊ ڪي تراشڻ جو من نہ پئي ٿيو. هڪ ڏينهن انهيءَ ٻڌتر ۾ بازار مان پئي لنگهيس تہ هڪ گهوڙي گاڏيءَ ۾ هڪ وڏي چپ پيل ڏنم جيڪا بيڪار هئي يا اڇلائڻ پئي ويا پر مونکي اُن پل سنگمرمر جي انهيءَ چپ ۾ پنهنجو ڊيوڊ نظر آيو هو.“

مائيڪل اينجلو اُڪير مان پنهنجي ڊيوڊ جي نقل جا پنا نپريندي ٻڌايو. ڊيوڊ ڪن ڏيو بينو هو.

”ڪليميت پاپي! هاڻ تون پنهنجي ڪتا بہ ٻڌائي جو آئون تہ 1564 ۾ عالم برزخ پهچي چڪو هئس.“

”محترم! اوهان جهڙي مهان فنڪار آڏو چا ٿو چئي سگهان، آئون تہ هونئن بہ پنهنجي عروج وارن ڏينهن ۾ بہ گوشي نشين هوندو هئس. اِهو ئي سبب آهي جو دنيا مون بابت انتهائي گهٽ ڄاڻ ٿي رکي.

ميسيور! هونئن بہ مونکي ڪنجهيءَ جا مجسما ناهڻ ۾ وڏيڪ دلچسپي هئي پر نشاط ثانيا جي ڪيترن ئي نامور مجسمي سازن جا نقل ناهڻ لاءِ آڳاٽو طريقو استعمال ڪيم جنهن ۾ ميڻ ۽ ڌاتو ڪي پگهرائي ۽ گڏائي ڪيترن ئي ناميارن مجسمي سازن جي تخليقن ڪي نئين سر جيئرو ڪيم.“ پاپيءَ انڪساريءَ سان ٻڌايو.

”تنهنجي ڪم جي نفاست ڏسي نقل تي اصل جو گمان ٿئي ٿو، پر تو پنهنجو ڪجهہ چو نہ تخليق ڪيو؟. نقل تي ئي چو ڌيان ڏريندو رهين؟ ان جو ڪو خاص سبب؟“. مائيڪل اينجلو پڇيو.

”سينيور! معذرت سان، آئون سمجهان ٿو تہ اوهان جهڙي چيهہ تي رسندڙ مجسمي ساز جي مجسمن جو نقل ناهڻ وڏيڪ ڏکيو ڪم آهي، پنهنجي نئين تخليق جي ڀيٽ ۾. ٻيو اهم سبب اِهو هو تہ وقت بدلجي رهيو هو ۽ اهڙن شاهڪارن جي گهرج وڌي رهي هئي. منهنجو ويساهہ آهي تہ اهڙا نادر نمونا دنيا جي هر ڀاڱي ۾ هئڻ گهرجن تہ جيئن وڌ کان وڌ ماڻهو اِهي ڏسي

۽ ساراهي سگهن.“ پاپيءَ دليل پيرئي وراڻي ڏني.

”همهمهم... تنهنجي ڳالهه ۾ وزن آهي“. مائيڪل اينجلو هائوڪار ۾ ڪنڌ ڏوڻيندي چيو.

”سينيورا ڪاسٽ شاهڪارن جي نقل جو لاڙو منهنجي دور ۾ تمام گهڻو اڳتي وڌيو ۽ اڄ ڏينهن تائين هلندڙ آهي جڏهن ته ڪنجهيءَ جي مجسمن جو مونڪي باني ٿو ليکيو وڃي.“ پاپيءَ پنهنجي ڳالهه اڳتي وڌائي.

”بين فاتو (زبردست)“. مائيڪل اينجلو پاپيءَ کي ساراهيو.

”گرازيي (ٿورا) سينيورا سسٽين چيپل سلينگ ۽ دي لاسٽ ججمنٽ جهڙا عجائب بيهر تخليق نٿا ٿي سگهن... انهن جي پيچيدگي ۽ انفراديت پويان ڪهڙي ڪهاڻي آهي؟“ پاپيءَ پڇيو.

”ڪيڏا نه ڏکيا ۽ يادگار ڏينهن هئا اُهي منهنجي زندگيءَ جا. پتو اٿئي چار سال لڳا هئا ان کي مڪمل ڪرڻ ۾. اصل ۾ مونکي يسوع مسيح جي ٻارهن پيروڪارن کي چتر ڪرڻ جو پراجيڪٽ مليو هو جيڪو هڪ سڌو سادو ۽ سولو ڪم هو. ٻه سال اڳ ليونارڊو ڊاونچي ”دي لاسٽ سپر“ ٺاهي چڪو هو، انڪري مونکي انکان ڪجهه مختلف ڪم ڪرڻو هو.

يار! همعصرن ۾ رقابت ته ازل کان هوندي آهي جيڪا ابد تائين رهندي. خير، پوپ جوليس ٿو کي ويساهه ڏياريم ته هو جيڪڏهن منهنجي ڪم ۾ مداخلت نه ڪندو ته ڪليسا جي گنبد جي اندرين ڇت تي هڪ پيچيدو پر منفرد تخلياتي چترڪاريءَ جو نمونو چتر ڪندس.

اِهو پهريون پيرو ٿيو جو ڪليسا جي ڇت تي زندگيءَ جي تخليق جو پورو داستان چترن ذريعي ڏيکاريو ويو.اِهو پراجيڪٽ 1509 ۾ شروع ٿيو ۽ 1512 ۾ مڪمل ٿيو.“ مائيڪل اينجلو ڊگهو ساهه کنيو.

”دي لاسٽ ججمنٽ ٺاهيندي شايد تمام گهڻي مخالفت به ٿي هئي؟“ پاپيءَ هڪ وڏيڪ سوال ڪيو.

”ها، اوڻويهين سالن کانپوءِ پوپ ڪليمنٽ مونکي سسٽين چيپل جي پٽ تان پلاسٽر اکيڙي رنگ پيري ”دي لاسٽ ججمنٽ“ جي چترڪاريءَ جو ڪم سونپيو. هن پيري ٻه مون ڪجهه نرالو ۽ ڏار ڪم ڪرڻ جو پهه ڪيو هو. رنگ پاڻ ٺاهيم ۽ جڏهن پلاسٽر اکيڙيندو هئس ۽ رنگ پريندو هئس ته رنگ ۽

دز هر هر منهنجي اکين ۾ ٿي پيا جنهن سبب منهنجو اکيون هر وقت ڳاڙهيون ٿي رهيون. ڪيترن ڪيترن ڏينهن تائين ننڊ نہ ڪندو هئس ۽ نہ ئي وري ڪاڏي پيتي جو ڪو هوش هئم. ”دي لاسٽ ججمنٽ“ ۾ روائتي بدران تندرست، توانو ۽ ڏاڙهيءَ بنان يسوع مسيح چتر ڪيم. اِهو بہ سسٽين چيپل جي ڇت وانگر هڪ پيچيدي ۽ منفرد اسلوب وارو چتر هو.“ مائيڪل اينجلو مطمئن ڪنڌ وراڻي ڏني.

”ڪو شڪ ئي ناهي ميسيور... اوهانجو اِهو ڪارنامو، جيسين دنيا قائم آهي برقرار رهندو.“ پاپيءَ ڪنڌ ڌوڻي پنيرائي ڪئي.

ڊيوڊ پنهنجي خالقن جي ڳالهہ ٻولهہ انتهائي اورچائپ سان ٻڌي رهيو هو. ”تون بلڪل چپ چپات آهين! ڊگهي عرصي کان تون اسان سان ملڻ لاءِ ماندو هئين ۽ هاڻ چپ سبيو وينو آهين.“ مائيڪل اينجلو ڊيوڊ کي خاموش ڏسندي پڇيو.

”اوهان ٻنهي جي زندگين جي لاهن چاڙهن، ڪاميابين ۽ ناڪامين جو داستان هڪ ويهڪ ۾ پلا ڪيئن ٿو اُڪلائي سگهجي. مون واقعي پنهجي تخليقڪارن سان ملڻ، سندن زندگي ۽ ڪارنامن بابت ڄاڻڻ ٿي چاهيو. ميسيور اينجلو! اوهين بهترين شاعر بہ تہ رهيا آهيو؟ اوهان پنهنجي نظمن ۾ روح ڪي، محبت ڪي انسانيت ۽ بي انتها خوشيءَ جي طاقت سان ڳنڍيو ۽ پوءِ خدا سان ملايو پر اڄ هن اُسريل دنيا ۾ ڇا پيو وهي واپري؟ نہ ڪنهن ڪاميابيءَ تي دلي سڪون ٿو ملي، نہ انسانيت جي تذليل تي ڪا لڄ ٿي محسوس ٿئي. صبح کان شام تائين هن عجائب گهر ۾ ڪتل اسين سمورا مجسما مختلف قسمن جي ماڻهن کي اڇرج ۾ وجهي ڇڏيندا آهيون پر حقيقت اِها آهي تہ اسين پاڻ دنيا جي سياءَ تي اڇرج جو شڪار آهيون. هت سيڪجهہ ڏسي محسوس ئي نٿو ٿئي تہ ڪو اڄ منهنجي ڌرتي رت سان وينجهاري پئي وڃي ۽ ڇا فلسطين جي انسانن جي دنيا ڪا ٻئي آهي جتي جنگ، بمباري ۽ تباهيءَ ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ناهي ۽ هيءُ...؟ اسانجي اوسي پاسي جي دنيا؟ ڄڻ تہ ڪٿي ڪجهہ غلط يا خراب ٿئي ئي نہ پيو؟ ايتري بيحسي، ايترو تضاد؟“ ڊيوڊ مجسمي هڪ ئي ساهہ ۾ پنهنجي تخليقڪارن کان انيڪ سوال ڪري وڌا.

ميوزيم جي باغيچي ۾ باک ڦٽيءَ جو داڳي اجيارو پکڙجڻ لڳو هو... سمورا مجسما ٻيهر پنهنجي پنهنجي جاءِ تي اچي بيجان بيهڻ لاءِ موٽي پيا اچن. تصويرن جا سمورا ڪردار ٻيهر فريمن ۾ قيد ٿي رهيا آهن.

ڊيوڊ ٻه ڪجهه پل ڪليمنٽ پاپيي ۽ مائيڪل اينجلو کي تڪيندو رهيو ۽ پوءِ ٻيهر پنهنجي جاءِ تي جامد ۽ ساڪت وجي بيٺو. مائيڪل اينجلو ۽ ڪليمنٽ پاپيي چپ آهن.

ٻئي تخليقڪار بيوسيءَ وچان هڪٻئي ڏانهن نهاري رهيا آهن.

هوءَ جا اونداهي رات ۾ ماري وئي

هوءَ الوٽ ننڊ مان ڇرڪ ڀري اُٿي ۽ ٻئي هٿ پنهنجي ڳڇيءَ تي ايئن ڦيرڻ لڳي ڄڻ پڪ ڪرڻ چاهيندي هجي تہ اِها اڃان سلامت آهي. سندس نظرون ٻي يقينيءَ سان زمين کي تڪڻ لڳيون پر اُتي هاڻ نہ زمين هئي ۽ نہ ئي وري چوڏس وهندڙ رت. نيڻ نهار تائين اڇي ڪپهہ جا پها هئا، عرش تي بہ ۽ فرش تي بہ. هُن اطمينان ڀريو ساهہ کنيو ۽ سوچيو تہ اِهو ڀيانڪ واقعو فقط سندس خواب ئي هو.

”پر جيڪڏهن اُهو رڳو سمورو خواب هو تہ پوءِ هيءُ ڇا آهي؟“. هُن توائي ٿيندي پنهنجو پاڻ کان پڇيو.

اکيون مهٽيندي هُن اوسي پاسي نظر ڊوڙائي تہ ڪيس اڇن ڪپڙن ۾ هزارين عورتون پنهنجي اوسي پاسي نظر آيون جيڪي خلا ۾ لٽڪندڙ ڪڪرن جيان ٿي لڳيون.

”ڪٿي آهيان؟ ۽ هيءُ سڀ ڪير آهن؟“ هُن پريشاني ۽ اچرج واري حالت ۾ پڇڪيو.

تڏهن هڪ جوان عورت جيڪا سندس اچرج ڀرئي چهري کي غور سان ڏسي رهي هئي، چوڻ لڳي، ”هيءُ اُهي عورتون آهن جيڪي اونداهي واٽن تي ماريون ويون. تون عالم برزخ ۾ آهين.“

”سو آئون بہ مري چڪي آهيان؟“ هُن پنهنجي وجود تي سناٽو ڇائنجندي محسوس ڪيو.

”ها، تون پوئين هفتي هت آندي وئي هئين.“ عورت کيس خاطري ڪرائي.

هُن پنهجي ڳچيءَ تي هٿ ڦيريو جنهن تي ڪا رهڙ بہ نہ هئي.

”پر منهنجي جسم تي تہ ڪنهن گهاوَ جو نشان بہ ناهي، پوءِ آئون ڪيئن ٿي مري سگهان؟ اڃان تہ مونکي اعليٰ تعليم لاءِ پرڏيهہ وڃڻو هو. منهنجا تہ انيڪ سپنا هئا. اڃان تہ آئون ستاويهن ورهين جي آهيان.صحتمند، سهڻي، پڙهيل ڳڙهيل ۽ سُٺي گهراڻي جي. منهنجو تہ ڪو دشمن بہ نہ هو.“ هوءَ بي يقينيءَ واري ڪيفيت ۾ لاڳيتو ڳالهائيندي رهي.

”هت موجود سموريون عورتون بہ بيگناهہ ماريون ويون آهن. ها، هُتي اڃان تائين تنهنجي انهيءَ وحشياڻي قتل تي اڪثريت توکي ئي ڏوهاري سمجهي رهي آهي جو عورت هوندي بہ تون ڪنهن غير مرد سان ڇو هئين.“ عورت عالم برزخ ڪان زمين ڏانهن اشارو ڪندي چيو.

”تہ ڇا اِهو سڀڪجهہ مونسان حقيقت ۾ ٿي چڪو آهي؟“ هُن پنل نيڻن سان انهيءَ عورت ڏانهن ڏسندي پڇيو.

”ها، توسان جيڪي ڪجهہ ٿيو آهي سو سپنو نہ پر حقيقت آهي. پر تون اڪيلي ناهين، هت تو جهڙيون انيڪ عورتون آهن جيڪي لڳ ڀڳ اهڙين ئي ڀيانڪ وارتائن ۾ ماريون ويون. اڄ تہ انهن مان ڪجهہ سان توکي ملرايان.

زينب ياد اٿئي؟ ها، اُها ئي ستن ورهين جي ٻارڙي جنهن کي سندس پاڙي جي قاريءَ پنهنجي هوس جو نشانو بڻائي قتل ڪري ڪچري جي ڍير تي ڦٽو ڪيو هو. هوءَ ڏس زينب...“ انهيءَ عورت هٿ جي اشاري سان هڪ ٻارڙيءَ ڏانهن اشارو ڪيو. ڪپهہ جي پهن جهڙا ڪڪر ڪيڏي مهل پينگهو يا ڪيڏي مهل اڏام ڪٽولي بڻجي ٻارڙيءَ کي هندوري ۾ لوڏي رهيا هئا ۽ زينب معصوماڻا ٽهڪ ڏئي رهي هئي.

۽ هوءَ سامهون قنديل بلوچ بيني آهي، ڪير نٿو سڃاڻي قنديل بلوچ کي؟ سندس پنهنجي ڀاءُ سندس ڪڄندڙ ساهہ وات تي ويهاڻو رکي نپوڙي ڇڏيو هو. اُها ئي قنديل بلوچ جيڪا جڳ مشهور ٽڪ ٽاڪر بڻجي ڀاءُ ۽ باقي گهر ڀاتين کي ٽاڪ ۽ گذر سفر فراهم ڪرڻ جو سبب بڻي هئي.“

هُن ڏور بيٺل قنديل بلوچ ڏانهن نهاريو جنهن جا ويران نيڻ پولار ۾ ڪجهه ڦلهوري رهيا هئا.

عورت پنهنجي ڳالهه اڳتي وڌائيندي چيو، ”ڪيس اڃان تائين ويساهه نه پيو ٿئي ته ڪو ڪيس سنڌس ئي ننڍي پاءُ ماري ڇڏيو آهي. هليا تو ڪي نسيم بيبيءَ سان ملائي اچان. اڄهو هينئر ئي هتي پنهنجي ٻارڙي ڪي ٿڃ ڏارائي رهي هئي.“

عورت سنڌس هٿ جهلي ڪڪرن ۾ ترڻ لڳي. ڪيس لڳو ته ڄڻ سنڌس جسم ٻه خلا ۾ لٽڪيل هجي. ڪيس پنهنجو وجود بي وزن ۽ هلڪو ڦلڪو محسوس ٿي رهيو هو.

نسيم بيبيءَ جي هنج ۾ هڪ ننڍڙو ٻارڙو ٻهڪي رهيو هو. نسيم بيبيءَ پرسان پهچي عورت ٻيهر چوڻ لڳي، ”ڏسين پئي! هيءَ آهي نسيم بيبي، جنهن ڪي سنڌس تڃ ڏائيندڙ ٻار آڏو بدبخت پنهنجي هوس جو نشانو بڻايو. ماءُ جي پيڙا ۽ پنهنجي ٻُڪ وڳهي ٻار ٻاڏائي رهيو هو پر ٻار جي فرياد انهيءَ مرد ڪي پنهنجي درندگيءَ ۾ رڪاوٽ لڳي سو ٻار جو مٿو هڪ ڳري پٿر سان چٿي ۽ نسيم جو ڳلو ڪپي ٻنهيءَ جو قصو ئي ختم ڪري ڇڏيائين.

هيءَ سهڻي وينگس حيدرآباد جي قرةالعين آهي جنهن ڪي سنڌس مڙس ٻارن آڏو ڪلاڪن جا ڪلاڪ ايترو شديد تشدد ڪيو جو سنڌس اکين، نڪ ۽ ڇهري جون سوين هڏيون ڀڃي پيون. پوءِ ڪيترن ئي ڪلاڪن تائين ڪنبائيندڙ ٿڌ ۾ ايئرڪنڊيشن کولي ڪيس تڙپڻ لاءِ ڇڏي ڏنائين.

ٿورڙو هوڏانهن ڏس... جاءِ نماز تي دعا گهرندڙ هيءَ ڇوڪري ڪوئيٽا جي آمنا بيبي آهي. هن ويچاريءَ ڪي سنڌس مڙس انهيءَ حالت ۾ گولي هنئي. ڪجهه مهينن جي ڳورهاري آمنا جو ڏوهه فقط اِهو هو ته هُن پنهنجي تعليم جاري رکندي ڊاڪٽر بڻجڻ ٿي چاهيو.

هيءَ چار سهڻيون ننڍي ڄمار واريون ڇوڪريون ڏسين پئي؟ اهڙيون هزارين ڪوهستاني ڇوڪريون غيرت جي نالي تي خاموشيءَ سان ڪُنيون وينديون آهن.“ عورت سنڌس ڏيان چئن ڪوهستاني ڇوڪرين ڏانهن ڇڪرائيندي چيو، ”پر انهن چئني جي قتل جي پڙاڏي سڄي ملڪ ڪي ڌوڏي رکيو هو. پتو اٿئي سندن ڏوهه ڇا هو... هڪ وهان جي ڪاڄ ۾ انهن ڇوڪرين

جي تاڙين جي سنگيت تي ٻه ڇوڪرا روائتي ناچ ڪري رهيا هئا. ڪنهن بدبخت انجو ويڊيو ناهي، سڄي برادريءَ ۾ انڪي عزت جو مامرو بڻائي ڇڏيو ۽ غيرت جي نالي تي انهن ڇئني ڇوڪرين کي ڪُنو ويو.

تون اڪيلي ناهين نور مقدم... عالم برزخ جي هن حصي ۾ فقط اُهي عورتون ئي آنديون ويندون آهن جيڪي ڪنهن نه ڪنهن گهٽ ظرف مرد هٿان بيگناهه ماريون ويون آهن. هتي موجود عورتن جون ڪهاڻيون ٻڌندين ته ويساهه ئي نه ٿيندئي ته اسانجي ملڪ ۾ عورتن سان ايڪويهين صديءَ ۾ اهڙو ڪنورتا وارو ورتاءُ ڪيو ٿو وڃي، اهڙيون حالتون ته اسان اوڻهويهين صديءَ ۾ به نه ڏٺيون هيون.”

نور ڏيان سان انهيءَ سهڻي ڇهري واري عورت ڏانهن نهاريندي پڇيو. ”پر اوهين آهيو ڪير؟“

عورت مرڪندي چوڻ لڳي، ”تنهنجي دور وارا مونکي ورلي ئي سڃاڻن... اوهان سمجهو ٿا ته عورتاڻيون تحريڪون فقط اولهه ۾ ئي اُٿيون آهن جڏهن ته اسانجي خطي ۾ به ڪيتريون ئي اهڙيون عورتون رهيون آهن جن عورتن جي حقن لاءِ آواز اُٿاريو آهي... منهنجو نالو سيده محمدي بيگم آهي ۽ آئون 1878 ۾ سرگوڌا جي هڪ ڳوٺ شاهپور ۾ ڄايس. مونکي پاڪستان جي عورتن جي حقن جي پهرين علمبردار عورت به ليکيو ٿو وڃي.”

نور اچرج وچان سيده بيگم ڏانهن نهاريندي پڇيو، ”ته ڇا اوهانکي به قتل...؟“

سيده بيگم مرڪندي وراڻيو، ”نه نه... آئون ٽيهن ورهين جي ڄمار ۾ طبعي موت گذاري ويس پر اوستائين عورتن جي مسئلن تي سوين لکڻيون لکي چڪي هئس.”

”پوءِ اوهين هن حصي ۾ ڪيئن؟“ نور اچرج وچان پڇيو.

”مون سدائين عورتن جي حقن بابت ئي لکيو. عالم برزخ جي هن حصي ۾ انهن سمورين عورتن جا دل ڦسائيندڙ داستان ٻڌي سوچيندي آهيان ته حالتون بهتر ٿيڻ بدران ڇو ۽ ڪيئن وڌيڪ خراب ٿيون. هن حصي ۾ اچي سڪون محسوس ٿيندو اٿم.

جڏهن تنهنجي هنيانءُ ڦسائيندڙ قتل جو اطلاع هتي پهتو تڏهن ڪان

تنهنجي واٽ پئي نهاريم. تون ڀاڳن ڀري آهين جو خوشحال گهراڻي سان تعلق اٿئي، تنهنجو ڪٽنب، دوست، مٽ مائٽ ۽ شهر واسي تنهنجي قتل تي انصاف واسطي ڀرپور مهم هلائي رهيا آهن نه ته هتي اڪثريت انهن عورتن جي آهي جن تي ٿيل ڀيانڪ تشدد ۽ سندن قتل جو ڪنهن کي پتو ئي نه لڳو. جيڪڏهن مامرو پوليس تائين پهچي به ويو ته پدر شاهي معاشرو مرد کي بچائڻ لاءِ سڄي مامري کي ئي ڏٽي تو ڇڏي.

پر اِهو به سچ آهي ته ظلم جيترو وڌندو آهي، مزاحمت ۾ به اوتري ئي شدت ايندي آهي. پاڪستان ۾ عورت مارچ جي ڏيهاڙي تي عورتن جي وڏي تعداد ۾ شرڪت ڏسي پراُميد آهيان ته اسانجي عورت هاڻ سجاڳ ٿي وئي آهي ۽ عورت مارچ جهڙيون تحريڪون اسانجي هزارين عورتن ۽ ٻارڙين جون زندگيون لوڙهڻ نه ڏينديون. ظلم ۽ ڏاڍ جي رات دير يا سوير جرڪندڙ ٻاڪ جي صورت ۾ ضرور ڦٽندي.

بس مونکي اُن ڏينهن جو انتظار آهي... موجود سمورين عورتن گڏيل آواز ۾ نعرو هنيو... ”اسانکي دنيا ۾ رهندڙ هر عورت لاءِ هڪ نئين صبح جو انتظار آهي.“

رزاق ۽ ساٽاري

آخري اوور جي راند هلندڙ هئي. ڪمري ۾ موجود هرڪو ساهہ مٺ ۾ ڪري ويٺو هو جو هڪ جهٽڪي سان ٽيليويزن اسڪرين ڪاري ٿي وئي ۽ ڪمري ۾ اونداهي ڇائنجي وئي.

”هن اياڳي بجليءَ کي بہ هينئر وڃڻو هو.“ اسين سمورا ڪزنز ۽ دوست ڪاوڙ ۾ وقلندا گاڏين ۾ پيهہ پيهان سان پرجي پنهنجي وڏي چاچي جي گهر بجلي هئڻ جي معمولي آسري جي آڌار تي گاڏيون ڊوڙائيندا پهتاسين، جيڪو اسانجي گهر کان ڪو ڇئن پنجن منٽن جي فاصلي تي هو. اُميد جي اُبتڙ اُتي بجلي هئي.جنهن کي جتي جاءِ ملي اُتي اهلجي ويو ۽ نظرون ٽيليويزن تي ڪپائي ڇڏيائين. 1992 واري ورلڊ ڪپ جو فائنل مئچ، پاڪستان ۽ انگلينڊ وچ ۾ پنهنجي آخري مرحلن ۾ هو. سڄو پاڙو، سڄو شهر تہ ڇا سڄو پاڪستان انهيءَ ورلڊ ڪپ فائنل ۾ پاڪستان جي کٽڻ جو دعاڳو هو. آخر ڇو نہ هجي ها هيترن سارن اپ سيٽن کانپوءِ اڄ پاڪستان فائنل تائين پهچي چڪو هو جڏهن تہ اسانجا انهيءَ ورلڊ ڪپ کان ٻاهر ٿيڻ جا سمورا امڪان موجود هئا.

اڄ ڏينهن تائين اُها مئچ ياد اٿم. بيفڪريءَ وارو زمانو هو. موج مستي، دوستن سان ڪل پوڳ ۽ گهمڻ ڦرڻ عروج تي هو. شايد انهيءَ ڪري ئي مونکي ڪرڪيٽ سان دلچسپي پئدا ٿي وئي هئي جو سمورين ڪزنز ۽ دوستن جو ٽولو ڪرڪيٽ جو ديوانو هو.

ورلڊ ڪپ جو فائنل اُهو آخري مئچ هو جيڪو شروع کان آخر تائين

اڪيون ڪپائي ڏنو هئم. ٻئيھ سال اڳي ٿيا آھن پر وري ڪو مئچ ان ريت نہ ڏٺم ۽ نہ ئي وري اهڙي ڪا خواهش ٿيم.

ڪرڪيٽ سان دلچسپيءَ جو هڪ تعلق سعيد انور جي ڪري بہ هو، جيڪو پاڪستاني ٽيم جو هڪ وڏو رانديگر رهيو آهي. هو اسانجي ئي علائقي جو هو. پاڙي جي گهٽين ۾ ڪرڪيٽ کيڏندي قومي ٽيم جو حصو بڻيو ۽ پوءِ ڪرڪيٽ جي دنيا تي ڇائنجي ويو. چڱو ڀلو رانديگر هو پر اوچتو ئي اوچتو ڪرڪيٽ تان هٿ ڪڍي ويو. جيئن تہ وڏو رانديگر بڻجي ويو هو انڪري اسانجي وچولي طبقي واري علائقي مان نڪري پوش علائقي ۾ وڃي ٽانيڪو ٿيو هو. ڪجهہ عرصي ڪانپوءِ خبر آئي تہ اِهو سچ آهي تہ ڪرڪيٽ ڇڏڻ جو سبب سندس ڌيءَ جو ڪمهلو موت هو.

اِهي ڪرڪيٽ جي سونهري دور جون آخري جهلڪيون هيون. جهڙي ريت ملڪ جا ٻيا ادارا تباهيءَ واري واٽ جا راهي ٿيا، ساڳي ريت راندين تي بہ هر گذرندڙ سال سان تيزيءَ سان زوال ايندو رهيو. ايسٽائين جو ڏسندي ئي ڏسندي پاڪستان جي هاڪي ٽيم جيڪا دنيا جي بهترين ٽيم ليکي ويندي هئي، بہ زوال پذير ٿي.

اسڪواش جنهن جو چوٻول دنيا جهان ۾ هو، جنهن راند ۾ روشن خان، هاشم خان، جهانگير خان، جان شير خان ۽ اعظم خان جهڙا شاندار رانديگر پاڪستان جي ناماچاريءَ جو سبب بڻيا، اڄ ان راند ۾ ڪنهن وڏي رانديگر جو نالو نشان ئي ناهي.

پاڪستان ڪرڪيٽ جو اهڙو سونهري دور پڻ ڏٺو آهي جڏهن رانديگرن ڪانوٽي انجي سليڪشن ڪميٽي ۽ پي سي بي چيئرمين سوڌو هر ڪو ڪرڪيٽ جي نفسيات ڪان نہ رڳو واقف هو پر رانديگرن جي تربيت، ورتاءُ ۽ ڳالهہ ٻولهہ جي انداز تائين ڪي درست ڪرڻ تي ڌيان ڏريو ويندو هو. اِهو ئي سبب هو جو اُن دور جا رانديگر انٽرويو ڏيندي هوائي توائي ڳالهيون نہ ڪندا هئا پر دليلن سان بهتر لهجي ۽ انداز ۾ پنهنجي ڳالهہ ڪندا هئا پر هاڻ اهي زمانا ختم ٿي چڪا، جهڙي ريت هڪ پروگرام ۾ اسانجي ڪرڪيٽ جي هڪ اڳوڻي رانديگر عبدالرزاق پارتي اداڪارا ايشوريا راءِ جو ذڪر ڪندي هڪ غير مناسب ڳالهہ ڪئي، جنهن جي سندس ساٿاري شاهد آفريدي ۽ عمر

گل چٽر پري ٿهڪ سان تاڙيون وڄائي پذيرائي ڪئي.

رزاق جي انهيءَ واهيات جملي، جنهن جو هلندڙ ڳالهه ٻولهه سان ڪو واسطو ئي نه هو، تي جڏهن هر پاسان لعنت ملامت ٿي ۽ تنهي ڪي سخت تنقيد جو منهن ڏسڻو پيو ته هوا جو رُخ پنهنجي خلاف ٿيندو ڏسي تنهي معافي گهري.

انهيءَ تڪراري مامري جي دز اجان وينئي ئي نه هئي جو اسانجي هڪ سينئر اڳوڻي رانديگر ۽ اڄڪلهه جي ڪامينٽيٽر رميز راجا هڪ بيهودي شو ۾ نسل پرستي ۽ جنسي مت ڀيد بابت ڳالهه ٻولهه تي ٿهڪ ڏنا، جنهن جي وڊيو سوشل ميڊيا تي ڇانيل رهي. ويسٽ انڊيز جي ناميارې رانديگر ووين رچرڊ ۽ آرٽ فلمن جي اداڪارا نينا گپتا جي وچ ۾ هڪ ذاتي سنگ سياپي تي ٽرڙائپ پريو چٽر اڏائيندڙ عورت سان گڏ ٿهڪ ڏيندڙ رميز راجا ۽ عمر گل ۽ شاهد آفريديءَ ۾ ڪو گهڻو فرق محسوس نه ٿيو.

هاڻ سوال اِهو ٿو پئدا ٿئي ته ڇو ۽ ڪيئن اسانجي رانديگرن جي دماغ ۾ اهڙو گند پرجي ويو آهي جو پبلڪ فورم تي ويهي هو سوچڻ سمجهڻ کانسواءِ اهڙيون ڳالهيون ٿا ڪن يا اهڙن جملن تي ٿهڪ ٿا ڏين ۽ تاڙيون ٿا وڄائين جو سڄي قوم جو ڪنڌ لڄ وچان جهڪي ٿو پوي. ڏنو وڃي ته ان کان اڳ به اسانجا ڪرڪيٽر جن ۾ شاهد آفريدي اڳيرو آهي، عورتن بابت ڪيترائي ڀيرا غير مناسب جملا ڳالهائي چڪا آهن.

نيڪ آهي رازاق، عمر گل ۽ آفريدي پنهنجي رويي تي معذرت ڪري ورتي آهي پر ڇا واقعي ايئن ئي آهي؟

هاجو اِهو آهي ته ايشوريا سان معذرت ڪنهن عورت جي تذليل ڪرڻ تي نه ڪئي وئي. ڳالهه جيئن ته ايشوريا راءِ جي هئي، جيڪا سپر اسٽار اميتاڀ بچن جي نهن، اڳوڻي مس ورلڊ، جڳ مشهور ماڊل ۽ اداڪارا آهي سو معافي گهرڻ کانسواءِ ڪو ٻيو چارو به نه هو. سچ پڇو ته انهيءَ واقعي تي ذرو به اچرج لڳڻ جي ضرورت ناهي جو اڳي ڪهڙا اسانجي ڪرڪيٽرن علم ۽ ڏاهپ جا ميدان کٽيا آهن جو اڄ سندن اهڙن غير مناسب جملن تي اسانکي ڪا حيراني يا پريشاني ٿئي. انهن ويچارن کي اِهي جملا به صحيح اُچار سان ڳالهائڻ نٿا اچن. اوهين پاڻ ئي اندازو لڳايو ته جن زندگيءَ ۾ شايد ئي ڪنهن

ڪتاب کي ڇهيو هجي سي عورتاڻي تحريڪن يا فن بابت ڪهڙي ڄاڻ رکندا هوندا؟

اسانجن انهن ڪرڪيٽرن جيڪڏهن ڪنهن ايشوريا راءِ کي دنيا جي مختلف ۽ ٽاپ گريڊ چينلن جي ميزبانن کي لاجواب ڪندي ڏٺو هجي ها ته ڪين اندازو ٿي وڃي ها ته دنيا جي هيءَ سهڻي اداڪارا جيڪا نرت، اداڪاري ۽ ڪاميڊي ڪرڻ ڪانسواءِ دماغي صلاحيتن سان مالا مال آهي، پنهنجي برجستن جملن ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهي ۽ هوءَ ڪين هڪ ئي جملي ۾ چت ڪري سگهي ٿي.

ايشوريا هجي يا ماريا واسطي يا عفت رحيم جهڙي سگهارن حواسن واري سمجهو عورت اداڪارائون، اهڙن مردن کي ڳالهائڻ ۾ ٻن منٽن اندر مات ڏيڻ جي صلاحيت رکن ٿيون.

اهم ڳالهه اِها آهي ته اهڙي مدي خارج ۽ عورت دشمن سوچ فقط اسانجي رانديگرن جي ئي ناهي پر اسانجي معاشري جي اڪثر مردن جي سوچ به ان کان ڪو گهڻو مختلف ناهي.

ظاهري طور تي باشعور، پڙهيل ڳڙهيل ۽ روشن خياليءَ جو ياسڻ ڏيندڙ مرد به عورتن جي حوالي سان افواهه پکيڙڻ ۽ ڪردار ڪُشي ڪرڻ کان نٿا مڙن. ڇو؟ انڪري جو ڪنهن باشعور ۽ سگهاري عورت کي برداشت ڪرڻ اجان اسانجي معاشري جي مردن سکيو ئي ناهي.

پنهنجي رانديگرن بابت ته اسانکي گهڻ ۾ گهٽ ايترو ادراڪ ضرور آهي ته سندن ذهني اوسر ۽ تربيت ۾ انتهائي گهٽتائي رهجي وئي آهي. ها، پر ڪرڪيٽ جهڙي اهم راند سان لاڳاپي ڪين شهرت ضرور ڏياري آهي. ايڪويهين صديءَ ۾ وقت جو اهم تقاضو اِهو آهي ته معاشري جي ذهنيت بدلائي وڃي نه ته اسانجا اسٽارز ئي اسانکي دنيا آڏو لڄي ڪندا رهندا. يعني بقول مصطفيٰ خان شيفتا جي:

ہم طالبِ شہرت ہیں، ہمیں ننگ سے کیا کام
بدنام اگر ہوں گے، تو کیا نام نہ ہوگا

پالڻهار هيءَ ڪهڙي خدائي آهي؟

هڪ واقف بزرگ اڪثر پنهنجي نندپڻ ۽ جوانيءَ ۾ گهاريل تنگدستي ۽ غربت وارين حالتن جو ذڪر ڪندي روئڻهارڪو ٿي ويندو آهي. اڄ ماشاءالله هو هڪ تمام وڏي ڪاروبار جو مالڪ آهي ۽ سندس ماتحت ملازمن جي حالت اهڙي ئي آهي جهڙي ڪنهن زماني ۾ سندس پنهنجي هئي. توقع جي ابتڙ پنهنجي ملازمن سان سندس ورتاءُ نہ رڳو ڏکار پريو پر ظالماڻو پڻ آهي. اِهو تہ هڪ انفرادي مثال آهي نہ تہ قومون ۽ رياستون پڻ ساڳي نوعيت جو ورتاءُ اختيار ڪيل آهن، جنهن جو واضح مثال اسرائيل آهي.

يهودي قوم تاريخ جي بدترين نسل ڪُشي ۽ قتل عام سٺو آهي. اُميد تہ اِها ئي ڪئي ويندي آهي تہ جيڪو ڪڏهن مظلوم رهيو هوندو سو ڪنهن تي ظلم نہ ڪندو پر اسرائيل انهيءَ سوچ جي مڪمل نفي ڪندي گذريل ستن ڏهاڪن ۾ فلسطينين خلاف اهڙا ڀيانڪ ڪات ڪهاڙا ڪنيا آهن جن ڪي ڏسندي اِهو احساس ٿو ٿئي تہ انسان ڪان وڌيڪ ڪا ظالم مخلوق دنيا ۾ ڳولهي نہ ملندي.

يروشلم کي ٽن مذهبن جي مقدس سرزمين جو درجو حاصل آهي. يهوديت، مسيحيت ۽ اسلام.

اولهہ ۾ مسيحيت جي پکڙجڻ ڪانپوءِ يهودين خلاف محسوس ۽ نا محسوس طريقي سان ڏکار ۽ حقارت موجود هئي ڇاڪاڻ جو مسيحين يهودين کي پنهنجو دشمن ٿي ليکيو ۽ يسوع مسيح کي صليب تي چاڙهڻ جو ڏوهاري پڻ. ڪنهن بہ خطي ۾ هر قسم جي آفت، وبا يا ڪساد بازاريءَ لاءِ

يهودين کي ئي ذميوار سڏي کين ملڪ بدر تي ڪيو ويو. 1971 ۾ نهيل فلم ”فدلر آن دي روف“ ويهين صديءَ جي شروعات ۾ روسي سلطنت هٿان يوڪرين ۾ يهودين سان ٿيندڙ اهڙي سلوڪ کي ئي ٿي پيش ڪري.

سال 1880 ۾ يهودين فلسطينين کي وڏين رقمن جي آڇ ڪندي اُتان جي زمين خريد ڪرڻ شروع ڪئي.

عثمانيا سلطنت جو خاتمو پهرين مهاڀاري لڙائيءَ کانپوءِ ته فلسطين برطانيا جي والار هيٺ اچي ويو. ٻين مهاڀاري لڙائي ۾ هٽلر يهودين کي مڪمل طور تي ناس ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ۽ يهودين جو هڪ وڏو تعداد قتل به ڪري ڇڏيائين ۽ باقي جيڪي جيئرا بچيا سي دنيا جي مختلف ملڪن ۾ پناهگير ٿيا. جنگ جي پڇاڙيءَ تي بنيادي طور تي امريڪا، برطانيا ۽ فرانس انهيءَ ٽڙ پکڙ ٿيل قوم کي فلسطين ۾ ٽانيڪو ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ۽ سامونڊي جهازن ذريعي هزارين يهودين کي فلسطين پهچائڻ جو بندوبست ڪيو. ”ليون بورس“ جي ناول ايڪسوڊس (Exoodus) ۽ ساڳي نالي سان انهيءَ ناول تي نهيل پال نيومين ۽ ايوا گارڊنر جي فلم ۾ يهودين جي لڏپلاڻ جو مڪمل احوال موجود آهي.

عربن کي اوستائين صورتحال جي حساسيت جو اندازو ئي نه ٿي سگهيو جيستائين صهيوني تحريڪ پنهنجي لاءِ فلسطين ۾ هڪ ڌار رياست جي گُهر نه ڪئي هئي.

سال 1947 ۾ گڏيل قومن جي هڪ نهراءُ موجب فلسطين کي ٻن ملڪن ۾ ورهائڻ جو فيصلو ڪيو ويو. 1948 ۾ اسرائيل جي قائم ٿيڻ تي فلسطينين ۽ عرب ملڪن جو شعوري طور تي شديد ردعمل سامهون آيو ۽ هنن اسرائيل تي ڪاهه ڪري ڏني. اسرائيل کي اُن وقت به امريڪا ۽ برطانيا طرفان مالي مدد ڪئي وئي ۽ جنگي سامان فراهم ڪيو ويو جنهن آڏو عرب پير ڪوڙي نه سگهيا ۽ نه رڳو شڪست کاڌائون پر پنهنجا علائقا به وڃائي ويٺا. انهيءَ شڪست کانپوءِ جيڪڏهن عرب ۽ مسلم دنيا زميني حقيقتن تي ٻڌل رويو اختيار ڪن ها ته شايد اڄ فلسطيني عوام اهڙي ڀيانڪ صورتحال جو شڪار نه ٿئجي ها.

فلسطين لبريشن آرگنائزيشن (پي ايل او) 1964 ۾ قائم ڪئي وئي.

غزا جي پٽي سال 1967 واري لڙائي جو نتيجو آهي جنهن ۾ اسرائيل فلسطينين کي چاليهه ڪلوميٽر ڊگهي ۽ ڏهه ڪلوميٽر ويڪري پٽيءَ تائين محدود ڪري ڇڏيو. انجي بن پاسان اسرائيل ۽ هڪ پاسي رومي سمنڊ آهي جڏهن ته لڳ ڀڳ ڏهن ڪلوميٽرن جي هڪ پٽي غزا کي مصر جي ريگستان سان ڳنڍي ٿي. انجو ڳاٽيتو دنيا جي ڳتيل ترين آبادين ۾ ٿئي ٿو جنهن ۾ لڳ ڀڳ ويهه لک انسان پنهنجي بنيادي ضرورتن لاءِ اسرائيل ڏانهن واجهائين ٿا.

هڪ ڪاٿي موجب 1950 ۽ 1990 وارن ڏهاڪن دوران هزارين فلسطيني اردن ۾ وجي ٿانيڪو ٿيا ۽ اُتان پنهنجي آزاديءَ واري تحريڪ هلائيندا رهيا. فلسطيني مجاهد ليلا خالد جي نالي کان ڪير واقف نه هوندو. هوءَ به ايڊورڊ سعيد وانگر هڪ مسيحي فلسطيني مجاهد هئي ۽ انهيءَ تحريڪ جي سرواڻ هئي. اِهو سمجهڻ ته اِها فقط مسلمانن جي جدوجهد هئي، سو تاثر غلط آهي، ها ايترو ضرور آهي ته آباديءَ جي تناسب سان مسلمان ئي انهيءَ تحريڪ ۾ اڪثريتي هئا.

1979 ۾ ڪئمپ ڊيوڊ ۾ هڪ ٻه-طرفو ناهه ٿيو جنهن ۾ اسرائيل پنهنجي حدن کان نه اورانگهڻ جو اشارو ڏنو ۽ مصر اسرائيل کي تسليم ڪيو پر جڏهن 1982 ۾ اسرائيل لبنان ۾ موجود صابرا ۽ شتيلا ڪئمپن ۾ فلسطينين جو قتل عام ڪيو ته انجي نتيجي ۾ 1987 ۾ پي ايل او سان تعلق رکندڙ ڪجهه شدت پسندن هٿياربند جدوجهد شروع ڪئي ۽ حماس جو بنياد رکيو، جنهن شروعات ۾ هڪ خيراتي ادارو ٺاهيو ته جيئن امدادي رقمون گڏ ڪري سگهجن.

هڪ سازشي نظريو اِهو به آهي ته اسرائيل حماس جي مالي مدد ڪئي هئي ڇاڪاڻ جو ان جو خيال هو ته اِها تنظيم سيڪولر پي ايل او سان توازن رکڻ ۾ ڪارائتي ثابت ٿي سگهي ٿي. آئزڪ رابن جيڪو اُن وقت غزه ۾ اسرائيلي فوجي گورنر هو، پنهنجي يادگيرين ۾ لکي ٿو ته، هُن انهيءَ خيراتي اداري کي فنڊز فراهم ڪيا هئا.

حماس طرفان اسرائيل تي هاڻوڪي حملي کانپوءِ اسرائيل غزه واري پٽيءَ تي بمباري ڪري انکي ذري گهٽ ميساري ڇڏيو آهي، جڏهن ته اسرائيلي وزيراعظم واضح انداز ۾ ڌمڪي ڏني آهي ته اِها ته فقط شروعات

آهي. ان سان واضح ٿو ٿئي تہ اسرائيل هڪ طاقتور ۽ بي روڪ ملڪ بڻجي ويو آهي، جنهن سان سائنس ۽ ٽيڪنالوجيءَ ۾ ڪوبہ مسلمان ملڪ برابري نٿو ڪري.

سُڌسماءُ جي عالمي ذريعن تي انجو راڄ آهي. هر ڪجهہ سالن کانپوءِ هولو ڪاسٽ تي ٺهندڙ فلمون آسڪر ايوارڊ کٽي دنيا کي يهودين سان ٿيندڙ ڏاڍ ڏمر وسارڻ نٿيون ڏين. لائف از بيوٽيفل، دي ريڊرا شنڊلرزلسٽ، گلومي سنڊي، دي پيانسٽ، صوفيز چوائس جهڙيون هاليووڊ ۽ يورپي فلمن جي هڪ ڊگهي فهرست آهي جن جو سلسلو هولو ڪاسٽ سان ملي ٿو.

هيءَ ايڪويهين صدي آهي جتي هر اُها شئي وڪامجي ٿي جنهن جي بهتر مارڪيٽنگ ڪئي وڃي. پوين ستر سالن ۾ فلسطينين تي مسلمان ملڪن ڪيتريون اهڙيون فلمون تيار ڪيون آهن جن ۾ اسرائيلي ڏاڍاين کي وائکو ڪيو ويو هجي؟ ٿورڙو اکين تي پيل پردو هٽائي دنيا کي ڏسو تہ جيئن پتو لڳيو تہ اسرائيل کي سڀ کان پهرين مسلمان ملڪ ترڪيءَ 1949 ۾ تسليم ڪيو، اڄ بہ ٻنهي ملڪن وچ ۾ هلندڙ اربين ڊالرن جا واپاري منصوبا ڪنهن کان ڳجها ناهن. اردن، مصر، مراڪش، گڏيل عرب امارتون ۽ سوڊان بہ اسرائيل کي تسليم ڪري چڪا آهن.

هڪ پاسي حماس جي حملي کانپوءِ اسرائيل فلسطينين جي هر امداد ۽ بنيادي ضرورتن تائين رسائي بند ڪري ڇڏي آهي تہ ٻئي پاسي مصر بہ غزه سان لڳندڙ پنهنجي سرحد کي فلسطينين لاءِ بند ڪري ڇڏيو آهي.

اسين ڪيترو بہ احتجاج ڪريون، پنهنجي يڪجهتي جو اظهار ڪريون پر ڇا اسين سندن گهاوَن جو پهو ٿيڻ جوڳا آهيون؟ ڇا اسين رات جي خوفناڪ اونداهيءَ ۾ بمباري وگهي ڪندڙ ٿيندڙ غزه جي تباهي پنهنجي آرام پرئي گهرن ۾ ويهي محسوس ڪري سگهون ٿا؟ نہ، بلڪل نہ! تمام گهڻو سولو آهي اِهو چوڻ تہ ڇا فلسطيني پنهنجا حق حاصل ڪرڻ لاءِ ويڙهہ نہ ڪن يا اِهو چوڻ تہ هونئن وري ڪهڙي فلسطينين جي زندگي بهتر انداز واري هئي!

حماس زميني حقيقتون نظرانداز ڪندي سدائين اسرائيل جي پيٽ ۾ فلسطينين کي وڏيڪ نقصان رسايو آهي. هن ڀيري بہ لاپ اسرائيل پيو پرائي غزه واري سڄي پٽيءَ کي نيست ۽ نابود ڪري.

ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ هولو ڪاسٽ انساني تاريخ تي هڪ ڪوجهو داڳ آهي پر انهيءَ داڳ لاءِ فلسطيني يا عرب ملڪ ذميوار ناهن پر خود يورپ آهي پر انجي سزا ڪيترن ئي ڏهاڪن کان فلسطين جو هٿين خالي عوام ڀوڳي رهيو آهي.

جيڪڏهن حماس طرفان اسرائيل تي حملي جي موٽ ۾ اسرائيل غزه واري پٽيءَ کي ڪنڊر بنائڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي تہ دنيا جا سگهارا ترين ملڪ اُن سان گڏ بيٺا آهن ۽ سنڌسماءُ جا ذريعا هڪ طرفي رپورٽنگ پيا ڪن، سواءِ ايڪڙ ٻيڪڙ چينلن جي.

بيشڪ اڄ هرڪو اُٺ پڪيءَ وانگر پنهنجي ڳچي واريءَ ۾ لڪايل آهي پر جهڙي ريت يهودين جي هولوڪاسٽ تي جرمني ۽ اولهہ لڄي آهن. هڪ ڏينهن فلسطيني هولو ڪاسٽ بہ ڪنهن راڪاس جيان اسرائيل ۽ ان جي اتحادين جو پيڇو ڪندو.

انسانيت ٻنهي محاذن تي موت جي ڪنڌيءَ تي آهي. هڪ محاذ تي جسماني موت تہ ٻئي پاسي ضمير جو موت پيو ٿئي.

ستارا ڌرتيءَ تي

اڄ کان ڪو پنجويھہ سال ڪن اڳ اسانجي ھڪ ويجھي دوست جي ڌيءَ ڪراچيءَ جي ھڪ وڏي اسڪول ۾ خراب ڪارڪردگيءَ سبب ورھين تائين ناپاس ٿيندي رھي، جنھن تي ڪيس اسڪول مان خارج ڪيو ويو. ان ڳالھہ جو جڏھن ھنن اسانکي ٻڌايو تہ پھريون ڀيرو ”ڊس ليڪسيا“ بابت ٻڌم.

انکان پوءِ چار سال کن پرڏيھہ ۾ رھڻ دوران ڊس ليڪسيا، اوٽزم ۽ ايپي ليپسيءَ جا مختصر ڪورس ڪيم. جنھن جي ڪجھہ سالن ڪانپوءِ اُتيئي ”سکڻ ۾ نقص“ جي شڪار ڪيترن ئي ٻارن سان ڪم ڪرڻ جو موقعو مليم.

انھيءَ دوران منھنجي ٽيون نمبر ڌيءَ ڪنڊرگارٽن وڃڻ شروع ڪيو تہ ھڪ ھفتي اندر ئي سندس اسڪول کان ھڪ اِي ميل مليم جنھن ۾ ڌيءَ کي معمولي ڊس ليڪسيا جي ذيلي قسم ”ڊس ڪيل ڪيوليا“ ھئڻ جو اطلاع ڏنو ويو ھو جنھن ۾ ٻار انگي حسابن جا انگ سڃاڻڻ جي صلاحيت ۾ ڏکيائي محسوس ڪندا آھن ۽ اڪثر ابتو لکندا آھن.

مونکي وڌيڪ اچرج ۽ پريشاني انڪري بہ نہ ٿي جو ڊس ليڪسيا بابت چڱي موچاري ڄاڻ ھئم ۽ آئون پاڻ بہ سڄي حياتي انگي حسابن سان جھيڙيندي آئي آھيان. اڄ بہ حسابن ۾ سڀ کان وڌيڪ ڪمزور آھيان.

تڏھن اندازو ٿيم تہ منھنجي ڌيءَ دير سان ڳالھائڻ ڇو شروع ڪيو. سندس ٽن سالن جي ڄمار تائين نہ ڳالھائڻ سبب ڪيس روزانو وڏي واڪي آڪاٽيون ٻڌائيندي ھئس ۽ ٽي وي ڪارٽون ۾ ڳالھايل جملا ساڻن گڏ ورجائيندي ھئس. شايد اِھو ئي سبب ھو جو ڪيس لکڻ ۽ پڙھڻ ۾ ڪا ڏکيائي

نہ ٿي ۽ پرڏيھہ ۾ اسڪول جي پهرين سال ۾ بہ ڪيس ڪنهن خاص قسم جي مسئلي ڪي منهن ڏيڻو نہ پيو. پيو تہ اُتي اهڙن مختلف نقصن ڪي منهن ڏيڻ لاءِ ماهراڻي تربيت رکندڙ ماسترياڻيون آهن جيڪي اهڙن ٻارن ڪي خاص طريقيڪار ۽ ڌيان سان پڙهائين ٿيون.

مسئلو تڏهن شروع ٿيو جڏهن ٻارڙيءَ پاڪستان اچڻ ڪانپوءِ اسڪول وڃڻ شروع ڪيو. اِها سال 2008 جي ڳالهہ آهي. اڪثر مونکي وڃي سندس ماسترياڻين ڪي سمجهائڻو پوندو هو تہ جيڪڏهن شروعاتي سالن ۾ اهڙن ٻارن کي ڪم ڪار ڪرڻ يا امتحانن ۾ مقرر ڪيل وقت کان ڪلاڪ ڪن وڌيڪ ڏنو وڃي تہ اهڙا ٻار سگهو ئي ٻين ٻارن کان گوءِ ڪٽڻ جي صلاحيت رکن ٿا... پر منهنجو اِهو ڪجهہ سمجهائڻ فضول ئي رهيو. ٽي سال مونکي هر ٽن مهينن واري سيمسٽر جي شروعات ۾ هر ماستر ۽ ماسترياڻيءَ کي ڊِس ليڪسيا بابت الف کان ي تائين ٻڌائڻو پوندو هو ۽ هو وات ڦاڙي مونکي ايئن ڇتائي ڏسندا هئا ڄڻ ڪين ڪوهہ قاف جي ڪا ڪهاڻي ٻڌائي رهي هجان.

اڄ بہ ساڳي افسوسناڪ صورتحال آهي جو مهانگن ۽ وڏين اسڪولن جا استاد بہ ان مسئلي بابت ڪا خاص ڄاڻ نٿا رکن، باقي ننڍن ۽ سرڪاري اسڪولن جي ڇا صورتحال هوندي تنهن بابت اوهين پاڻ ويچاري سگهو ٿا؟ جيئن تہ مونکي اندازو هو تہ جيڪڏهن هن مهل منهنجي ڌيءَ کي ڊگها ۽ ڏکيا لفظ آواز جي لاهہ چاڙهہ سان ۽ هجي ڪري پڙهايا ويندا ۽ انگي حسابن تي خاص ڌيان ڏريو ويندو تہ اِها معمولي ڊِس ليڪسيا هڪ ٻن سالن ۾ ئي ختم ٿي ويندي. انڪري هڪ نوجوان ٽيوٽر ڇوڪريءَ جو بندوبست ڪيم ۽ ڪيس تفصيل سان سمجهايم تہ ڪهڙي ريت پڙهائڻو آهي، سمجهائڻو آهي ۽ پوءِ جواب لکڻ لاءِ ٻارڙيءَ کي ڪيترو وقت ڏيڻو آهي. فقط ڪجهہ سالن جي محنت جي نتيجي ۾ منهنجي ڌيءَ اسڪول جي هوشيار شاگردياڻي بڻجي وئي.

اسان سڀني پنهنجي اسڪولي ڏينهن ۾ اِهو مشاهدو ضرور ڪيو هوندو تہ ڪلاس جي ڪجهہ ٻارن کي ڪاهل، سست ۽ ڪم چور سڏي اُستاد پوين بينچن تي ويهاري ڇڏيندا هئا. اهڙن ٻارن کي ڪڏهن گهر جو ڪم نہ ڪرڻ تي، تہ ڪڏهن ڪلاس ۾ ڪم سستيءَ سان ڪرڻ تي يا ڪو غلط جواب

ڏيڻ تي سزا ڏيڻ کا اڃرج جوڳي ڳالهہ نہ ليکي ويندي هئي. اڪثر استاد بورڊ تي لکيل ڪم ميسارڻ لڳندا هئا تہ اِهي شاگرد ڌانهيندا هئا تہ ”ترسو! اڃان لکي پورو نہ ڪيو اٿم.“ ۽ پوءِ کين ڪلاس روم کان ٻاهر ڪڍڻ يا بينچ تي بيهڻ جي سزا ملندي هئي. ٻين ٻارن طرفان انهن ڪلاس پيچين جو چٽر اڏائڻ معمول جي ڳالهہ ليکيو ويندو هو. اڃان بہ پڪ سان اسڪولن ۾ اِهو ڪجهہ ٿيندو هوندو. اِهي پويان ويهندڙ، گهٽ ڳالهائو، هيسيل ۽ سست ٻار ناڪارا ۽ نڪما هرگز ناهن هوندا پر اِهي ڊس ليڪس ٻار سڏبا آهن.

آخر اِها ڊس ليڪسيا آهي ڇا؟

ان جا ڪيترا قسم آهن؟

اِها ڇو ٿي ٿئي؟

ڇا انجو ڏاهپ سان ڪو تعلق آهي ۽ ڇا انجو علاج ممڪن آهي؟ وغيره وغيره

اسانجي دماغ جو اُهو حصو جيڪو لکڻ پڙهڻ ۽ ڏسڻ واري صلاحيت کي ڪنٽرول ڪري، اُتي ڪجهہ گهٽ وڌائي ڊس ليڪسيا جو سبب ٿي بڻجي، انهيءَ ڪري انکي ”سکڻ ۾ نقص“ (Learning Disablity) سڏيو ويندو آهي. دنيا جي لڳ ڀڳ ويهن کان ٻاويهہ سيڪڙو آبادي انجو شڪار آهي. اڪثر اِها موروثي آهي. جيڪڏهن سولن لفظن ۾ ڳالهہ ڪجهہ تہ انجا چار قسم آهن:

سرفيس ڊس ليڪسيا (Surface Dyslexia) : اهڙا لفظ سمجهڻ ۾ ڏکيائي ٿيڻ جيڪي مختلف انداز اُچار ۾ لکيا ۽ پڙهيا ويندا آهن، جهڙوڪ Xacht يا Debt

فونولوجيڪل ڊس ليڪسيا (Phonological Dyslexia) : اِهو قسم دماغ کي ڪنهن حادثي يا بيماري سبب پهتل نقصان سبب ٿيندو آهي. ان ۾ پڙهڻ واري صلاحيت تي اثر پئجي سگهي ٿو.

ريپڊ نيمنگ ڊيفيسٽ (Rapid Naming Deficit) : ان ۾ ٻار انگن، لفظن يا رنگن جا نالا پتو هئڻ جي باوجود اِهي ياد رکڻ يا زباني ادائيگي ۾ ڏکيائي محسوس ڪندو آهي.

ڊبل ريپڊ نيمنگ ڊيفيسٽ (Double Rapid Naming Deficit) : هيءُ ڊس

ليڪسيا جو سڀ کان وڌيڪ ڏکيو ۽ شديد قسم آهي جنهن ۾ فرد فونولوجيڪل ۽ ريپڊ نيمنگ ڊيفيسٽ جو هڪ ئي وقت شڪار بڻيل هوندو آهي. پڙهڻ مهل لفظ گم يا بي ترتيب ٿي ويندا آهن، جڏهن ته اچارڻ / ڳالهائڻ مهل لفظن جو اُچارڻ به درست نه هوندو آهي.

جڏهن ته ڊس ليڪسيا جا ٽي ذيلي قسم آهن، جن کي مختلف نالا ڏنا ويا آهن:

ريڊنگ ڊس ليڪسيا (Reading Dyslexia)

رائٽنگ ڊس گرافيا (Writing Dysgraphia)

ميٿ ڊس ڪيل ڪيوليا (Math Dyscalculia)

ڊس ليڪسٽ ٻار ڪنهن به ريت گهٽ ذهين يا ڏاهپ کان وانجهيل نه هوندا آهن پر جيڪڏهن کين نصابي علم ڏيان ۽ خاص طريقيڪار ذريعي پڙهايا وڃن ته هو نه رڳو نصابي پر غير نصابي سرگرمين ۾ به اڳيرا ٿا رهن. انهيءَ ڪري اِها مدي خارج سوچ دماغ مان ڪڍي ڇڏيو ته ڊس ليڪسڪ جو ذهانت سان ڪو تعلق آهي.

ڏٺو ويو آهي ته جيڪي ٻار لکڻ پڙهڻ ۾ ڏکيائي محسوس ڪندا آهن سي انگي حسابن ۾ پنهنجو مٽ نه رکندا آهن ۽ جن لاءِ انگي حساب سمجهڻ عذاب هوندو آهي تن لاءِ لکڻ، پڙهڻ، سمجهڻ ۽ ڳالهائڻ ڄڻ کاٻي هٿ جو کيل هوندو آهي پر اهڙن ٻارن کي انهيءَ سطح تائين آڻڻ لاءِ والدين ۽ استادن جي ماهراڻي ۽ همدردي ڀرئي سڀاءُ جو اظهار لازمي آهي.

هاڻ سوال اِهو ٿو پيدا ٿئي ته اِهو پتو ڪيئن لڳائجي ته ڪو ٻار ڊس ليڪسڪ آهي، ته انجو سادو سودو جواب اِهو آهي ته سکيا وارو نقص ڄمڻ کان ئي ٻار ۾ هوندو آهي پر انجو پتو سندس ڇئن پنجن ورهين جي ٿيڻ تي پوندو آهي جڏهن ٻار ڪنڊرگارٽن وڃڻ شروع ڪندو آهي.

شروعاتي نشاني ٻار طرفان لفظ ابتا لکڻ آهي، مثال جي طور تي س، ج-5،3،7،2-B,D,C وغيره کي يا ته ابتو لکندو يا وري ڪجهه لفظن کي هڪٻئي سان ڳنڍي ڇڏيندو. ڊس ليڪسڪ ٻارن کي لکڻ پڙهڻ ۾ ٻين ٻارن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ وقت گهربل هوندو آهي ۽ سمجهڻ لاءِ کين هر هر پڙهڻ جي ضرورت پوندي آهي. کين لکيل لفظ هڪٻئي مٿان چڙهيل نظر ايندا آهن ۽

ٻڌڻ دوران ڪيترائي لفظ هو سمجهي نہ سگهندا آهن جنهن ڪري هنن لاءِ ڏيان ڏرڻ ڏکيو ٿي پوندو آهي. هو اڪثر غلط اُچار ڪندا آهن. اِهو سموريون علامتون ظاهر ڪنديون آهن تہ ٻار ڊِس ليڪسيا جو شڪار آهي پر انڪي منهن ڏيڻ ۽ علاج اسانجي هٿ وس آهي جنهن ۾ اسانجو صبر، پنهنجائپ پريو ورتاءُ ۽ پرپور ڌيان ڌرڻ ٿي ٻار کي انهيءَ ذهني نقص کان نجات ڏياري سگهي ٿو. جڏهن تہ اهڙن ٻارن کي دڙڪو داٻ، لعنت ملامت ۽ مارڪٽ وڌيڪ نفسياتي پيچيدگيءَ جو سبب بڻبو ۽ سڄي زندگي اهڙي ٻار ۾ اعتماد جي کوٽ ۽ دنيا کي منهن ڏيڻ جو ڊپ حاوي رهندو.

اهڙن ٻارن جا والدين جيڪڏهن جانچ لهن تہ ٻار ۾ انهن چاٽايل ٿن سڪيا وارن نقصن مان ڪهڙو آهي تہ ڪين ان تحت اُهيئي مضمون پڙهائڻ گهرجن جن ۾ ٻار جي دلچسپي ۽ سمجهڻ جي صلاحيت وڌيڪ هجي. ٻئي پاسي ڊِس ليڪسيا کان متاثر ٿيل ٻارن لاءِ خاص تعليمي ادارا قائم ڪرڻ جي ضرورت سان گڏوگڏ اُهي سمورا تعليمي ادارا جيڪي اسڪولي فيءَ جي ڏس ۾ ڪروڙين رپيا ڪمائين ٿا، پنهنجي استادن ۽ انتظاميا کي ان ڳالهہ جي مڪمل تربيت ڏين تہ جيئن اهڙا ٻار اسڪول ۾ ڪنهن مت پيد يا ڌڪار پرئي ورتاءُ کان محفوظ رهي سگهن.

ڊِس ليڪسيا بابت تحقيق چاٽائي ٿي تہ جيڪڏهن وقت سر پتو لڳي وڃي ۽ مخصوص طريقيڪار اختيار ڪري تعليمي سرگرميون ڪيون وڃن تہ وقت گذرڻ سان گڏ انجي پاڙ پٽي سگهجي ٿي. انجو مثال منهنجي ڌيءَ ٿئي آهي جيڪا نصابي ۽ غير نصابي سرگرمين ۾ سدائين اڳيري رهي آهي. هُن پنهنجي تعليم سان گڏوگڏ پيانو وڄائڻ جو چئن ورهين وارو ڪورس ۽ سنگيت جي ٻولي سکڻ جو سرٽيفڪيٽ پڻ حاصل ڪيو آهي. پنهنجي ڌيءَ کي مختلف موضوعن تي ڪتاب پڙهڻ، سنگيت جي ڄاڻ رکڻ ۽ ڪنهن بہ فورم تي بنان لڪت جي ڳالهائڻ کي ڏسي اسانکي هاڻ اِهو احساس ئي نہ ٿيندو آهي تہ ڪو ان ٻارڙي ڪڏهن ڪو ڏکيو وقت پوڳيو آهي.

جيستائين والدين پنهنجي سر پنهنجي ٻارن جي سکيا ۾ نقص نٿا پروڙين ۽ انهيءَ ڏکئي پل ۾ سندن ساٿاري نٿا بڻجن تيستائين اسڪول انتظاميا، استادن ۽ معاشري سان بہ نٿا وڙهي سگهن.

تنهنجي اُمت منهنجي آکھ ڏکاري

سورهن آگسٽ 2023 جي شام جڏهن هيءُ سٽون لکان پئي تہ فيصل آباد ۾ جڙانوالا ۾ لڳ ڀڳ ٻہ درجن گرجا گهر ۽ ڪيترائي گهر ساڙيا ويا آهن ۽ وڌيڪ لاءِ اڳڀرائي جاري آهي. ايماني جذبي سان مالامال هجوم مسيحين جي جهريل گهرن مان سندن سڄي حياتيءَ جي پونجيءَ مان ناهيل ضروري اسمن کي ڪڍي ٻاهر اڇلايو ۽ بيدرديءَ سان ساڙي ڇڏيو. انهيءَ ٻاهہ ۾ ڪجهہ مسيحي ٻارن جا اُهي واجا ۽ پاڪستاني جهنڊي وارا شرٽ پڻ سڙي رهيا هئا جيڪي هنن ٻہ ڏينهن اڳ آزاديءَ واري جشن جي ڏيهاڙي تي پنهنجي سرهائي جو اظهار ڪرڻ واسطي وڏي هڻ هٽان ڪانپوءِ خريد ڪيا هئا.

اسانجي چار سيڪڙو مجبور ۽ لاچار اقليتن کي اڪثريت طرفان آزاديءَ واري جشن جي اِها سوڪڙي ڪنڌ نوائي قبول ڪرڻ گهرجي. اُن سال پاڪستانين چاهترهون آزاديءَ جو جشن واڄا وڄائي ملهايو چاڪاڻ جو هاڻ اسانکي فقط واڄا وڄائڻ جي ئي آزادي حاصل آهي. 16 آگسٽ 2023 جهڙو واقعو هن ملڪ ۾ ڪو پهريون واقعو ناهي پر اسانجي افعالن جي ڪاڳر تي اهڙين وحشياڻي سوين جي هڪ ڊگهي فهرست آهي. جيئن تہ جماليات ۽ ڪثرت ۾ اسانجو ڪجهہ اڄي نہ ڪو وڃي، انڪري اسانکي قوم ٻہ هڪ رنگي گهرجي. شانتي نگر، گوجره، جوزف ڪالوني، پشاور چرچ ڪانپوءِ هاڻ فيصل آباد ۾ جڙانوالا وارن واقعن جو ٻہ ان ۾ اضافو ٿي چڪو آهي. باقي ننڍن وڏن واقعن کي تہ اسين هونئن ٻہ ليکيون ئي ڪونہ.

بشير بدر اهڙي ئي ڪنهن موقعي لاءِ چيو هو:

لوگ ٹوٹ جاتے ہیں ایک گھر بنانے میں
تم ترس نہیں کھاتے بستیاں جلانے میں

پر جيڪڏهن ڪنهن کي غلط فهمي آهي ته جڙانوالا واري واقعي ۾ ملوث ڪنهن ڏوهاريءَ کي ڪا سزا ملندي ته اِها سندس ڀُل آهي. انهن ڏوهارين جي پنيرائي لاءِ اسانجي رياست ۾ سمورو حڪومتي سرشتو سڌي يا اڻسڌي ريت موجود آهي. ڇا اڄ ڏينهن تائين راءِونڊ جي مسيحي جوڙي کي ٻنيءَ ۾ جيئرو ساڙيندڙن مان ڪنهن هڪ به ڏوهاريءَ کي ڪا سزا لڳي آهي؟ بلڪل نه. ڇا يوحنا آباد، شانتي نگر، جوزف ڪالوني ۾ گوجرا جون وسنديون ساڙيندڙن کي عبرت جو نشانو بڻايو ويو آهي؟ بلڪل به نه، بلڪه جوزف ڪالونيءَ جو مسيحي نوجوان اڄ به توهينِ مذهب جي الزام هيٺ موت جي سزا واري ڪوليءَ ۾ گهاري رهيو آهي.

پنجاب ۾ هر ڪجهه ڏينهن ۾ مذهب جي توهين جي آڙ ۾ جنوني هجوم مسيحي برادريءَ سان تعلق رکندڙن کي چيڀاٽيندو ٿو رهي ۾ سندن گرجا گهرن ۾ آبادين کي ڦلهير ڪريو ڇڏي. اجان هڪ واقعو وسارجي ئي نٿو ته ٻيو ٿيو پوي. انڪري 19 جون 2014 تي چيف جسٽس تصدق حسين جيلانيءَ جو انسان دوست فيصلو هر اهڙي واقعي تي رت جا ڳوڙها وهائڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪري به ڇا ٿو سگهي؟ اِهي سمورا لڄائيندڙ واقعا ته رڳو هڪ اقليت سان ٿيندڙ ويڌن جو داستان آهن.

هڪ نظر ماضيءَ تي ٿا وجهون ته اسانجي معاشري ۾ اقليتن جو ڪهڙو ڪردار رهيو آهي ۾ اسان کين ڪهڙو عيوضو ڏنو آهي. ورهاڱي کان اڳ هزارين سالن کان مختلف مذهبن جا پيروڪار هن ڌرتيءَ جا واسي هئا پر ڏڪار جو اهڙو واچوڙو آيو جو سڀڪجهه ناس ٿي ويو. ڇا اِهو ممڪن هو ته صدين کان گڏ رهندڙ، جن جون پيڙائون ۾ خوشيون به هڪجهڙيون هيون، اوچتو ئي اوچتو هڪٻئي جي جان جا ويري بڻجي وڃن، هڪٻئي جون عزتون تار تار ڪن ۾ جسمن جا ڳيا ڪن، سڄي ساري آبادين کي باهيون ڏئي ساڙي ڇڏين؟ ها، اِهو سڀڪجهه ٿيو ۾ اهڙو پوائتو ٿيو جو پنهنجا نهيل نوڪيل گهر، جائيدادون، پاڙا، گهٽيون ۾ دوست يار ڇڏي هرڪو ڪک پن ٿي ويو. مسلمانن

۽ هندن ۾ سکن لاءِ بہ ڏار ملڪ نهيا پر ان هوندي بہ ڪروڙين مسلمان هُن پاسي رهجي ويا ۽ پاڪستان ۾ رهندڙ غير مسلم هن ڌرتيءَ سان ڳنڍيل رهيا.ورهاڱي مهل پاڪستان جي ڪُل آباديءَ جو 23 سيڪڙو حصو غير مسلمانن تي ٻڌل هو جن ۾ هندو، سک، مسيحي، پارسي ۽ ايستائين جو يهودي پڻ شامل هئا.

پاڪستان جي ثقافتي ۽ معاشي ترقيءَ ۾ غير مسلمانن جو گهرو اثر اڄ بہ قائم آهي. سنڌ جي ترقيءَ ۾ پارسي، هندو ۽ مسيحي برادرين جو سرواڻ ڪردار رهيو آهي. پنجاب ۽ خيبرپختونخوا ۾ سک ۽ هندو برادريون نہ رڳو ڪاروباري مامرن ۾ اڳڀريون آهن پر سندن فلاحي ڪارناما بہ اڄان تائين ان ڌرتيءَ سان سندن اُڪير جو واضح ثبوت آهن. پاڪستان جي پهرين آئين ساز اسيمبليءَ جي پهرين ڪابينا ۾ جوگندر ناٿ منڊل ڪي پهريون غير مسلم قانون وارو وزير بڻايو ويو جيڪو هڪ ساراهہ جوڳو قدم هو پر منڊل گهڻو عرصو انهيءَ عهدي تي رهي نہ سگهيو ۽ نہ ئي هندو برادريءَ جو آ.ئيندو روشن ٿي سگهيو. جيڪڏهن سنڌ جي شهر ڪراچيءَ جي ڳالهہ ڪجي تہ انجو پهريون ميئر جمشيد سروانجي مهتا هڪ پارسي هو جنهن ڪراچيءَ ۾ ويڪرا رستا، باغيچا ۽ پارڪ نهرايا. ڪراچي جمشيد سروانجيءَ جي خدمتن کي ڪڏهن بہ وساري نٿي سگهي.

ڪراچيءَ جي اين اي ڊي يونيورسٽي قائم ڪندڙ نادرشا ايڊنجي ڊنشا بہ پارسي ئي هو. انڪل سريا اسپتال هجي يا ڊاڪٽر منوچهر جي لياريءَ واري اڪين جي اسپتال، بهرام ڊي آوريءَ جي آواري ٽاورز جهڙي فائيو اسٽار هوٽل هجي يا سائرس منوالا جي ميٽروپول جهڙي فني شاهڪار هوٽل، اِهي سڀئي پارسين جون ئي نهرايل آهن. سولجر بازار پرسان پارسين جي آبادي هوندي هئي جتي اڄ بہ سهڻيون بالڪنيون ۽ وڏن سان سٽيل گهر ماڻهن جو ڌيان پاڻ ڏانهن ڇڪرائن ٿا پر اِهي اڪثر گهر ويران پيا آهن. اڄ ڪراچيءَ ۾ پارسين جو ڳاڻيٽو آڱرين تي ڳڻڻ جيترو آهي. ڪراچيءَ کي بهتر بڻائيندڙ پارسي جيئن تہ خوشحال برادريءَ سان تعلق رکندڙ هئا تنهنڪري هنن مذهبي ڏقير ۽ ڏڪار پرئي ملڪ ۾ رهڻ بدران پرڏيهہ وڃي ٽانيڪو ٽيڻ کي ترجيح ڏني.

سنڌ جي هندو اڪثريت جون روزمره واريون حالتون ڏينهون ڏينهن ابتر ٿينديون پيون وڃن. ورهاڱي مهل سنڌ ۾ هندو آبادي لڳ ڀڳ چويهه سيڪڙو هئي پر جهڙي ريت ننڍي ڄمار وارين هندو نياڻين ۽ نوجوان پرڻيل عورتن کي اغوا ڪانپوءِ زوري مذهب تبديل ڪرائي سندن وهان ڪرايا ٿا وڃن، انصاف گهرڻ تي خطرناڪ نتيجا ڀوڳڻ جون ڌمڪيون ڏئي ڪين خاموش ڪرايو ٿو وڃي، انهيءَ ڊپ وگهي ڪيترائي هندو گهراڻا ملڪ ڇڏڻ تي مجبور ٿي پيا آهن. ڪو پڇڻ وارو ئي ناهي، ڪو انصاف ڏيڻ وارو ئي ناهي، ڏور ڏور تائين ڪوبه ناهي جيڪو هنن غريب ۽ لاچار ماڻهن جي داد رسي ڪري. هاڻ سنڌ ۾ هندن جو تعداد گهٽجي لڳ ڀڳ به سيڪڙو ئي وڃي بچيو آهي. ظاهري طور تي ته هو جيئرا آهن پر زندگي ته ڪڏهونڪي ڪانئن رُسي وئي آهي. پنجاب تي نظر وجهبي ته سر بهادر گنگارام جي نالي ڪان ڪير واقف ناهي. لاهور جون عمارتون اڄ به سر گنگارام جي عظمت جو اهڃاڻ بڻيل آهن. گنگارام جا لاهور شهر تي انيڪ ٿورا آهن. لاهور ۾ سر گنگارام اسپتال، ڊي اي وي ڪاليج (هاڻوڪي اسلاميا ڪاليج فار وومين)، معذورن جي بحاليءَ جو ادارو ۽ ٻيا به ڪيترائي فلاحي ادارا هُن پنهنجي ذاتي خرچ سان قائم ڪيا. اُتيئي لالا لجپت راءِ جي پنهنجي ماءُ جي نالي تي لاهور ۾ قائم ڪيل اسپتال اڄ به موجود آهي.

خيبرپختونخوا ۽ بلوچستان ۾ مسيحي، سک ۽ هندو اڄ به ٿانيڪو آهن پر مٿن زندگي انتهائي تنگ ڪئي وئي آهي. پاڪستان جي قبائلي علائقن ۾ به سکن جو وڏو ڳاڻيٽو رهي ٿو جن دهشتگرديءَ سبب پشاور، ننڪانا صاحب ۽ حسن ابدال جو رُخ ڪيو آهي. گذريل ڪجھ سالن ۾ سکن خلاف به تشدد جي هڪ لهر ڏسڻ ۾ آئي آهي، جنهن دوران ڪيترائي سک واپاري ۽ حڪيم موت جي ننڊ سمهاريا ويا آهن. تعصب ۽ نفرت جي انهيءَ باھ ۾ ڪڏهن اقليتن جي باھ جو بک بڻايل مقدس عمارتون، ڪتاب ۽ سندن تتل قتل گهرن جي بي وقعت اثاثن جو قلهير اسانجي ڇهرن تي ڪاراڻ مهتي وڃي ٿو ته ڪڏهن ڪنهن جي رت جا ڇندا اسانجو پلئہ آلو ٿا ڪن.

وه جتنی تھی غلامی میں میسر
ہمیں تم اتنی آزادی تو... دے دو

چاهتر سالن ڪانپوءِ به رت جي هيءَ اُڃ اُجهامڻ جو نالو نه پئي وٺي ۽ نه ئي نفرت جي باهه جهڪي ٿيندي ٿي نظر اچي.

هر وار ڪانداريندڙ هاڃي ڪانپوءِ ساڳيا مدي خارج بيان ۽ واڳون وارا ڳوڙها.

جڏهن گهاوَ تازا هوندا آهن ته سوشل ميڊيا تي دل جي ڪاوڙ ڪڍڻ جو ڪو ڇيهه ئي نه هوندو آهي پر ڪيترن ڏينهن تائين؟ گهڻو پريشان نه ٿيو، اسانجي يادگيري انتهائي محدود آهي. ايندڙ سال آزاديءَ واري جشن ڏيهاڙي تي وڏيڪ گوڙ ڪندڙ واڃا وڄائي خوش ٿي رهيا هونداسين.

رنگ منچ جا پانڌيئڙا

چوندا آهن تہ يورپ جي رومانس جو کو ڇيهہ ئي ناهي. ڀل اڏاوتي فن هجي يا چترڪاري، گرجا گهر هجن يا بازارون، اوپيرا هائوس هجن يا مئي خانا، هر شئي پنهنجي اندر ۾ پوري تاريخ اوتيل ٿي نظر اچي. اولهہ اجوکي حيثيت تي ڪيترن ئي انقلابن مان لنگهي پهتو آهي. رڳو چترڪاريءَ جي ئي ڳالهہ ڪجي تہ ڪيترين ئي تحريڪون انهيءَ خطي ۾ اُڀريون جن جا ڏور رس اثر سڄي دنيا تي پيا. فن جي هر تحريڪ جي پسمنظر ۾ هڪ نظريو ۽ تنقيدي سوچ رهي آهي.

ڇهين صدي عيسويءَ کان چوڏهين صدي عيسويءَ جي وچ تائين اولهہ ۾ يڪسانيت سان ڀرپور بازنطيني آرٽ جو دور رهيو. فن جو اِهو اسلوب مذهب جي ترويج جي حد تائين محدود رهيو. شايد اهو ئي سبب آهي جو چترڪاريءَ جي فن کان اڏاوت جي فن تائين انهيءَ فن ۾ ڪوبہ تنوع نظر نٿو اچي. رومي اُپسمندبہ سان ڳنڍيل يورپ جي ملڪن ۾ ترڪيءَ کان يونان ۽ سربيا کان روس تائين بازنطيني فن اسان کي انهيءَ دور جي جادو ۾ جڪڙي ٿو ڇڏي. انهيءَ آرٽ جا بهترين مثال استنبول جي آيا صوفيا ۽ اٽليءَ ۾ سينٽ مارڪ باسيلڪا چرچ آهن.

بهرحال اٽليءَ جي ئي شهر فلورنس بازنطيني فن جي جمود ۽ يڪسانيت کي نشاة ثانيا جهڙي تحريڪ ذريعي نہ رڳو ٽوڙيو پر رومن ڪيٿولڪ چرچ تي ڪاري وار پڻ ڪيو. جهڙي ريت اسانجي ملڪ ۾ هن وقت

مذهبي جنونيت ۽ انتهاپسندي چانيل آهي، اولهہ ۾ بہ ڏگهي عرصي تائين اهڙن ئي مذهبي پيشوائن انساني قدرن کي لوئيو ۽ ذليل ڪيو. نشاة ثانيا انسان دوستيءَ جي تحريڪ هئي جنهن هيومن ازم کي هٿي ڏني. 1453عيسويءَ کي قسطنطنيا (هاٽوڪو ترڪي) جي زوال ۽ اٽليءَ ۾ نشاة ثانيا جي عروج جو دور سڏيو ويندو آهي جڏهن انيڪ ڪيترن جي علم ۽ ڏاهپ جي مهندارن اٽليءَ کي پنهنجو ٺاڪ بڻايو ۽ پاڻ سان گڏ آندل علمن جو پرچار ڪيو. ٿورڙي ئي عرصي ۾ نشاة ثانيا واري تحريڪ سڄي يوپ کي پنهنجي اثر هيٺ آڻي وڌو. نشاة ثانيا انساني وقار ۽ اهميت کي اڳوڻي دور جي توبهن ۽ گناهن جي اعتراف جهڙن مذهبي قدرن تي ترجيح ڏني.

نشاة ثانيا انساني ذهن کي مذهبي علمن کان ڪڍي بين علمن ڏانهن لاڙيو. انهيءَ دور ۾ ڇاپي خاني (پريس) جي ايجاد پڙهڻ ڳڙهڻ (خواندگي) جي شرح ۾ تيزيءَ سان اضافو آندو جيڪو خود پنهنجو پاڻ ۾ هڪ وڏو انقلاب هو.

بهرحال، نشاة ثانيا کان اظهار جو فن سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿيو، خاص طور تي چترڪاريءَ کي علم جو درجو حاصل ٿيو. انڪانپوءِ ئي فن ۽ چترڪاريءَ جي انيڪ تحريڪن اولهہ ۾ جنم ورتو. نشاة ثانيا جي عروج واري دور ۾ ڪيترن ئي نامور چترڪارن جنم ورتو جن پراڻن ۽ مدي خارج تصورن کي مڪمل طور تي بدلائي دنيا کي حقيقتن جي نون پاسن کان واقف ڪرايو. Mannerism نشاة ثانيا جي عروج واري تحريڪ ليکي ٿي وڃي. ان ۾ سڀ کان اهم ۽ نہ وسارڻ جوڳو نالو ليونارڊو ڊاونچيءَ جو آهي جنهن جو اڄ بہ سڄي دنيا ۾ چرچو آهي.ڊاونچي رڳو چترڪار ئي نہ هو پر هڪ گهڻ-پاسي شخصيت هو.

هُن نہ رڳو چترڪاريءَ ۾ پنهنجو ڏاڪو ڄمايو پر مجسمي سازي، سائنس، نقشاسازي، انساني عضون جي علم، فلڪيات، نباتيات، نظرئي داني، انجنيئرنگ، اڏاوت ۽ آڳاٽي دور جي حيوانن بابت علم ۾ بہ پنهنجو مٽ پاڻ هو. موناليزا ۽ لاسٽ سپر کي هر خاص ۽ عام اڄ بہ ساراهي ٿو. هڪ انسان جيڪو هيترن سارن علمن ۾ مهارت رکندو هجي، تنهن کي قدرت جو معجزو ئي سڏي سگهجي ٿو پر اهڙا معجزا ٿيڻ لاءِ نشاة ثانيا جهڙو ماحول هئڻ بہ ضروري آهي.

ڊاونچيءَ جي ئي هڪ همعصر پر ڪانئس ننڍي ڄمار واري مجسمي ساز مائيڪل اينجلو جو نالو ڪنهن تعارف جو محتاج ناهي. ننڍي ڄمار کان ئي مائيڪل اينجلو سنگ مرمر جون وڏيون ڇپون ڏسي پنهنجي مجسمن جي اڳڪٿي ڪري ڇڏيندو هو ته هيءُ فلاڻو بڻبو. ڊيوڊ جو عقل چرخ ڪندڙ مجسمو به اهڙي ئي اڳڪٿيءَ جو اعلان آهي جيڪو هن سنگ مرمر جي هڪ ڇپ ڏسي ڪيو هو ته هيءُ ڊيوڊ آهي. ڊيوڊ جو مجسمو ڪلاسيزم جو واضح مثال آهي جنهن ۾ انسان جي عظمت ۽ سونهن کي ساراهيو ويو آهي. اٽليءَ جي جڳ مشهور اسٽين چيپل سيلنگ "نشاة ثانيا" جي عروج جو هڪ مثال آهي، جنهن ۾ پهريون پيرو خدا ۽ انسان وچ ۾ تعلق کي مائيڪل اينجلو ڪليسا جي ڇت تي پنهنجي فن ۽ رنگن جي گاڏڙ سان واضح ڪيو.اِهو چتر مذهب جي ٺيڪيدارن جي مذهبي هڪ هٽيءَ تي ڪاري وار هئا. ڊاونچي ۽ مائيڪل اينجلو جو ئي هڪ همعصر رافيل به آهي جنهن جو سڀ کان وڏو شاهڪار "دي اسڪول آف اٿينس" وارو چتر آهي.

مينرازم 1520 ۾ شروع ٿي. انهيءَ تحريڪ ۾ چترڪارن انساني جسماني بيهڪ کي غير ضروري طور تي سهڻو بنائڻ تي ڌيان ڏريو. اڳتي هلي سورهين صديءَ جي پڇاڙ ۾ مينرازم بيروق آرٽ جي تحريڪ ۾ تبديل ٿي وئي ۽ ارڙهين صديءَ تائين پنهنجي عروج تي پهتي. بيروق آرٽ جي تحريڪ مختلف ۽ پيچيدي انداز واري چترڪاريءَ تي ٻڌل هئي. جيئن ته فن يڪ-اسلوبي يا مينرازم غير موثر ٿي رهيو هو انڪري ڪيٿولڪ چرچ عوام کي دين ڏانهن راغب ڪرڻ واسطي انهيءَ فن کي ساراهيو ۽ انجي سرپرستي ڪرڻ شروع ڪئي.

جڏهن بيروق آرٽ کي روحاني ۽ مذهبي اُڌمن جي اظهار لاءِ استعمال ڪيو وڃڻ لڳو ته فرانس جي ٻن چترڪار پائرن لانين ۽ جارج ڊي لاٽوز انهيءَ دوران وچولي طبقي کي آرٽ ڏانهن راغب ڪيو. نيو ڪلاسي ازم کي ڪلاسي ازم جو تسلسل ليکي سگهجي ٿو. انهيءَ تحريڪ ۾ شامل چترڪارن جي فن ۾ سادگي ۽ جدت جو عنصر غالب هو. اينٽون رافيل ميننگس انهيءَ تحريڪ جو مشهور چترڪار ٿي گذريو آهي.

فرانس ۾ ئي روڪوڪو آرٽ سترهين صدي عيسويءَ ۾ شروع ٿيو،

جنهن بيروق آرٽ جي ڳري پڻ کي گهٽايو ۽ پنهنجي لطافت ۽ خوش مزاجيءَ سبب سگهو ئي عوام ۾ مشهور ٿي ويو. روڪوڪو آرٽ جو سڀ کان وڏو چترڪار واٽو کي ليکيو ٿو وڃي. اڳتي هلي 1740 ۾ پري رومانٽزم واري تحريڪ کي ڪنهن شڪ شبهي ڪانسواءِ هڪ ثقافتي تحريڪ سڏي سگهجي ٿو. انهيءَ تحريڪ ۾ عوام جي سوچ ۾ هڪ واضح تبديلي آئي. هڪ نئون طبقو جنهن کي عام طور تي وچولو طبقو سڏيو ٿو وڃي اُڀري سامهون آيو ۽ اُن اميراڻي نٺ نانگر، شان شوڪت ۽ دٻدٻي تي ٻڌل آرٽ ۽ چترڪاري کي رد ڪري ڇڏيو. ان تحريڪ جو باني فرانسيسي دانشور زان روڪ روسو هو.

پري رومانٽزم جو آرٽ وچولو ۽ هيٺيون طبقو سولائي سان ساراهي پئي سگهيو ڇاڪاڻ جو ان ۾ قدرتي ڏيکن ۽ ادمن جي بي ساختگي هئي. اوڻويهين صديءَ ۾ يورپ کي رومانٽزم پنهنجي پڪڙ ۾ وٺي ڇڏيو. انهيءَ ۾ ڪو شڪ شبهو ناهي تہ اِها هڪ اهڙي تحريڪ هئي جنهن انهن تحريڪن کي بہ پنهنجي اندر سموئي ڇڏيو جيڪي ٻين طرفن جون راهي هيون. رومانويت جي تحريڪ جا چترڪار وڏيڪ آزاد ۽ حقيقت پسند ٿي ويا ڇاڪاڻ جو شاهوڪارن جي آرٽ تي هڪ هٽي گهٽجي چڪي هئي، رومينٽزم ۾ جذبات نگاري ۽ سرمستيءَ تي زور ڏنو ويو. انهيءَ دور ۾ گوٿڪ ناول، لينڊ اسڪيپ، باغيچن ۽ رومانوي شاعريءَ کي بہ عروج مليو. يورپ سان گڏوگڏ امريڪا ۾ بہ انهيءَ تحريڪ هڪ نئين سوچ جي لهر پئدا ڪئي. وڪٽرهيوگو، پشڪن ۽ شيڪسپيئر انهيءَ تحريڪ لاءِ انتهائي مددگار ثابت ٿيا. ٽرنر ۽ جان ڪانسٽيبل رومانوي تحريڪ جا عيوضي چترڪار ليکيا ٿا وڃن. ٽرنر جو Dutch Boat in a Gale جان ڪانسٽيبل جو Dedham lock and Mill جڏهن تہ ڊيلا ڪرويا جو The Death of Sardanapalus رومينٽنزم آرٽ جا شاهڪار آهن. پاڪستان جي شروعاتي سالن ۾ ٻن وڏن چترڪارن اُستاد الله بخش ۽ عبدالرحمان چغتائي جا نالا ذڪر جوڳا آهن جن پاڪستان ۾ رومينٽنزم جو بنياد رکيو. ذوالفقار علي زلفي اڄڪلهہ انهيءَ آرٽ جو ڄاتل سُڃاتل چترڪار آهي.

رئيلزم آرٽ کي اينٽي رومانٽڪ ازم بہ چيو ويندو آهي ڇاڪاڻ جو ان تحريڪ سان لاڳاپيل چترڪارن انساني ڏکيائين ۽ حالتن جي ڪوجهائپ

ڪي سونهن جو ڪو پڙدو چاڙهڻ ڪانسواءِ جيئن جو تيئن ڪينواس تي چٽيو آهي. گوستيو ڪوربي رئيلزم تحريڪ جو باني ليکيو ٿو وڃي. هُن آڏو روز مره واري زندگيءَ جي ڏينهن رات جي عڪاسي ئي صحيح معنائن ۾ هڪ جمهوري ۽ عوامي عمل آهي. ڪوربي جو جڳ مشهور چٽر ”دي اسٽوڊيو“ نماءُ ۾ رکڻ کان منع ڪيو ويو. ڪوربي وانگر بانوري ڊومير به رئيلزم ذريعي فرانس جي اشرافيا جي بدعنوانين کي پنهنجي چٽرن ذريعي وائکو ڪيو. سندس موجب پورهيت مرد ۽ عورتون ئي معاشري جا اصل هيرو آهن. رئيلزم آرٽ جا سڀ کان وڏيڪ ۽ وڏا نماءُ امريڪا ۾ ٿيا. روس ۾ اِها تحريڪ سوشل رئيلزم جي نالي سان معارف ٿي ۽ ان کي مارڪسزم جي واڌويجهه لاءِ پڻ استعمال ڪيو ويو. پاڪستان ۾ ڪولن ڊيوڊ ۽ خالد اقبال رئيلزم جا وڏا چترڪار ليکيا وڃن ٿا. ڪولن ڊيوڊ انساني عضون کي به پنهنجي فن جو حصو بڻايو آهي.

1874 ۾ پئرس ۾ ڪجهه ڏڪاريل نوجوان چترڪارن جي هڪ گروپ امپرشين ازم جي تحريڪ شروع ڪئي جنهن ۾ ايڊورڊ ماني پال سيزن ڊيگا، رينووا، پسارو ۽ ڪلودموني جا نالا ذڪر جوڳا آهن. امپرشين ازم جي چترڪاريءَ ۾ رنگن جي گاڏڙ ۽ ڪاري رنگ کان پاسو ڪرڻ واضح طور تي نظر ٿو اچي. ٿلهن ۽ ننڍن برش اسٽروڪس جو استعمال ۽ روزمره جا آئوٽ ڊور چتر انهيءَ تحريڪ جي خاصيت آهن. موئي جي جڳ مشهور چٽر سن رائيز جو چٽر اڏائيندي هڪ نقاد چترڪار کي امپرشينٽس جو لقب ڏنو. انهيءَ فن ۾ مجموعي اثر تي زور ڏنو ويندو آهي نه کي تفصيل بيان ڪيو ويندو آهي يعني رڳو ڏيک کي چٽجي، پوءِ پل ڏيک جو تفصيل يا سونهن واضح ٿئي يا نه.

ڪلودموني ۽ رينووا انهيءَ گروپ جا اُهي چترڪار آهن جيڪي آخري پل تائين امپرشين ازم جا عيوضي رهيا ۽ انهيءَ فن کي پنهنجي عروج تي پهچايائون جڏهن ته ايڊورڊ ماني جي ڪم به امپرشين ازم تي پنهنجا نقش ڇڏيا. مانيءَ قدرتي ڏيکن جي ڀرپور منظر ڪشي ڪئي. سندس نامانوس ۽ اڌورا نظر ايندڙ ڏيکن روائتي نظرين کي شڪست ڏئي ڇڏي. رينووا ۽ ايڊگارڊيگا عورتن جا بي ساختگيءَ سان ڀرپور اگهاڙا چتر ناهيا جيڪي انڪان

اڳ ڪنهن به چترڪار نہ ٺاهيا هئا. انهيءَ ڪري نقادن انهيءَ آرٽ کي ايبسٽريڪٽ ايڪسپريشن ازم جو نالو ڏنو.

پوسٽ امپريشن ازم فن جي هڪ ڪيتر پوائنٽلزم کان متاثر هڪ تحريڪ هئي. پال سيزان کي انهيءَ تحريڪ جو باني ليکيو ٿو وڃي ۽ The Cards players سندس بهترين چتر ليکجي ٿو.ظاهري طور تي اِها امپريشن ازم جو تسلسل آهي پر انهن جا ڪجهہ عنصر هڪٻئي جي بنهہ اُبتڙ اهن. جارج سورا جي Ansieres Afternoon ۽ Bathersat the Sundays انهيءَ تحريڪ ۾ جڻ نئون روح ڦوڪي ڇڏيو. جارج سورا جو ڳاٽيتو پوسٽ امپريشن ازم جي ناميارن چترڪارن ۾ ٿئي ٿو. انهيءَ تحريڪ ۾ اهم ۽ نہ وسارڻ جوڳو چترڪار وان گوگ هو جڏهن تہ سندس همعصرن ۾ گوگان جو نالو پڻ سرواڻ حيثيت رکي ٿو. وان گوگ جو چتر The Starry Night ۽ پال گوگان جو چتر The Siesta انهيءَ ڪيتر جا اهم چتر ليکجن ٿا. انهيءَ تحريڪ جي چترڪارن امپريشن ازم وانگر پنهنجي فن کي محدود نہ ڪيو پر انکي ڊرائنگ ۽ بين ڪيترين ئي پابندين کان آجو ڪيو. انهن چترڪارن گهرا رنگ ۽ وڏا اسٽروڪ مهارت سان استعمال ڪيا. اصل ۾ پوسٽ امپريشن ازم جون خصوصيتون انهن ٽنهي جاٽايل چترڪارن وٽ ملن ٿيون جن آرٽ جي ڪيترن ئي ڪيترن ۾ چتر چٽيا. اِها تحريڪ امپريشن ازم جي هڪ جديد شڪل هئي پر اها ٽيڪنيڪ ڪجهہ چترڪارئي مهارت سان استعمال ڪري سگهيا.

ايڪسپريشن ازم وارو اصطلاح ناٽڪ، ادب ۽ نيٽن سان نظر ايندڙ فن ۾ تمام گهڻو استعمال ٿيو. ويهين صديءَ ۾ ئي ان تحريڪ جي شروعات پوسٽ امپريشن ازم سان بغاوت جي نتيجي ۾ ٿي.انهيءَ آرٽ ۾ چترڪارن سطحي چتر سان گڏوگڏ اُڏمن کي بہ پنهنجي چترن ۾ سمويو ۽ انکري ئي ماڻهن انهيءَ آرٽ کي ايڪسپريشن ازم جو نالو ڏنو. انهيءَ تحريڪ جي چترڪارن وان گوگ ۽ گوگان جي چترڪاريءَ واري انداز کي اڳتي وڌايو جڏهن تہ جيمز اينسور ۽ ايڊورڊ مونڪ علامتي طور تي علامت ازم ڏانهن لاڙو رکندي بہ ايڪسپريشن ازم جي پيشوائن وارو درجو رکن ٿا، خاص طور تي ايڊورڊ مونڪ جو چتر The Scream علامت نگاري ۽ ايڪسپريشن ازم جو شاهڪار ليکيو ٿو وڃي. ايڪسپريشن ازم بابت مختلف نقاد مختلف راءِ ٿا

رکن. يورپي نقاد وان گوگ کي انجو باني ٿا ليکين تہ جهڙي ريت هُن رنگن ۽ ليڪن کي جذباتي انداز ۾ ڪينواس تي منتقل ڪيو آهي سو ڪنهن ٻئي چترڪار وٽ نظر نٿو اچي.

وان گوگ هالينڊ جو رهواسي هو ۽ شروعات ۾ پنهنجي همعصر گوگان ۽ سيزان سان گڏ پوسٽ امپريشن ازم جو فنڪار رهيو پر اڳتي هلي هُن پنهنجي رنگن کي علامت نگاريءَ ۾ سموئي ڇڏيو. انهيءَ دوران هو نشي جو عادي ٿي ويو پر گڏوگڏ سندس اسٽروڪ ۽ برش آزاداڻي طور تي رنگن ۽ اُڏمن سان ڪيڏڻ لڳا ۽ هو ايڪسپرشين ڪلا ۾ سڀ کان اڳيرو ٿي ويو. چترڪار طور هُن فقط ڏهہ سال چترڪاري ڪئي ۽ اٺ سئو چتر چٽيائين، جن مان فقط هڪ ئي محفوظ رهي سگهيو. گوگان ۽ هو پڇاڙيءَ تائين سُنا دوست رهيا پر لاڳيتو غربت وان گوگ کي توائي ڪري ڇڏيو هو. اهڙي ئي توائي پڻي ۾ هڪ ڏينهن پنهنجو ڪن ڪپي ڇڏيائين جو ڪيس هر پل پنهنجي ڪن ۾ سيٽيون ٿي ٻڌڻ ۾ آيون. آخرڪار پنهنجو پاڻ کي گولي هڻي آپگهات ڪري ڇڏيائين ۽ اهڙي ريت فن جي دنيا جو هڪ شاندار باب پنهنجي پڇاڙيءَ تي پهتو. وان گوگ کي ڪنهن هڪ تحريڪ تائين محدود نٿو ڪري سگهجي.

عينا مولڪا احمد جرمن ايڪسپريشنسٽ جي پيروڪار پاڪستان چترڪار رهي آهي. هوءَ ايڊورڊ مونڪ ۽ وان گوگ کان متاثر هئي ۽ پنهنجي فن ۾ ٻنهي جي پيروي ڪندي رهي.

ويهين صديءَ ۾ شروع ٿيل چترڪاريءَ جي سمورين تحريڪن ۾ ڪيو بزم کي هڪ منفرد مقام حاصل آهي. ڪيوبزم علامت نگار ڪلا جي شروعات ڪندڙ تحريڪ جو درجو رکي ٿي. پابلوپڪاسو ڪيو بزم جو تخليقڪار هو. ڪائنس پوءِ جارج براق کي بہ ان تحريڪ جي بانيءَ واري حيثيت حاصل آهي. براق ۽ پڪاسو ٻئي پال سيزان کان متاثر هئا. ڪيوبزم اصل ۾ هنن ٻنهي جي نظر ۾ ريئلزم جي ئي هڪ شڪل هئي. ٻنهي چترڪارن سنگل ويو پوائنٽ واري نظرئي کان انحراف ڪندي ٻٽي حجم (Two Dimensional) واري سطح ٽيڻ حجم (Three Dimensional) وارن اسمن کي ڪينواس تي چٽيو. پاڪستان ۾ ڪيوبزم ڪلا جي ڪيتر ۾ شاڪر عليءَ جو نالو ڪنهن بہ تعارف جو محتاج ناهي. 1970 واري ڏهاڪي ۾ جميل نقش ۽

ظهور الحق پڻ ڪيوبزم ۽ علامتي ڪلا کي اڳتي وڌايو.

ڏسندي ئي ڏسندي پهرين ۽ ٻين مهاڀاري لڙائي جي تباهيءَ سڄي دنيا جي نفسيات کي هڪدم بدلائي ڇڏيو جنهن جا اثر چترڪاريءَ ۾ بہ واضح طور تي نظر آيا ۽ ڪلا جي هڪ منفرد تحريڪ سو ريئلزم جو جنم ٿيو. ظاهري طور تي اِها ڏاڏا ازم کان متاثر نظر ائي پر سگهو ئي انهيءَ تحريڪ جي چترڪارن انهيءَ ڪلا کي هڪ نئين ڏسا ڏني. هيءَ تحريڪ انهيءَ بربادي جي خلاف هئي جيڪا ريشنلزم جي پئداوار هئي. هيءَ ڪلا جي اُها صنف آهي جيڪا هوش مندي ۽ باخبريءَ کي غفلت ۽ بيهوشيءَ سان ڳنڍي ٿي يعني خواب کي حقيقت سان ۽ شعور کي لاشعور سان جوڙيو ويو آهي. سورئيلسٽ چترڪارن سيگمنڊ فرائيڊ جي لکڻين مان بہ لاڀ پرايو. سلواڊور ڊالي ۽ ڊيلوو انهيءَ تحريڪ جا ناميارا چترڪار آهن جن جا چتر ماڻهن کي ڏونڌاڙيو ڇڏين. سندن ڪيترائي چتر ڏسي لڳي ٿو تہ ماڻهو خواب پيو ڏسي. اسپين سان تعلق رکندڙ سلواڊور ڊالي هڪ سورئيلسٽ چترڪار هئڻ سان گڏوگڏ مجسمي ساز، فلم ساز، سيٽ ڊيزائنر، پرنٽ ميڪر ۽ پرفارمنگ آرٽسٽ پڻ هو. ڊاليءَ جو چتر The Persistent of Memory بہ ڪلا جي شيدائين جو من موهيندڙ چتر آهي.

پاڪستان ۾ صادقين ڪانپوءِ شرجيل ۽ شڪيل سهگل سورئيلزم جا سٺا چترڪار ليکيا ٿا وڃن. فنونِ لطيفہ ۾ چترڪاري هڪ اهڙي صنف آهي جيڪا صدين کان انسان جو من وندرائيندي آئي آهي. اِها اظهار جي راءِ جو هڪ اهم ذريعو پڻ آهي. اولهہ ۾ اڄ بہ ڪلا جون ڪيتريون ئي تحريڪون زور شور سان هلندڙ آهن. اِهو سلسلو ايئن ئي هلندو رهندو ۽ هلڻ بہ گهرجي ڇاڪاڻ جو اهڙيون تحريڪون اسان جهڙن معاشرن لاءِ بہ پيروڪاري ڪرڻ جو گس ڏيکارين ٿيون.

ابدي ڏيک ويک ۽ چٽ

پاڻيپت جي ميدان تي ابراهيم لوڌيءَ کي ويڙهه ۾ شڪست ڏئي ظهيرالدين بابر 1526 ۾ نندي کنڊ ۾ مغل سلطنت جو بنياد وڌو. اڄ بہ دلي، آگرو ۽ فتح پور سيڪري جا تاريخي هنڌ گهمندي ايئن محسوس ٿيندو آهي تہ جڻ هاڻي ئي درباري محلن جون سرگرميون شروع ٿيڻ واريون اهن...

بابر جو حڪومتي دور جنگين ۽ فتوحات حاصل ڪرڻ جي پتوڙ ۾ گذريو. پنهنجي جمالياتي ذوق کي آڏو رکندي هن فنونِ لطيفہ جي اهميت کان منهن تہ نہ موڙيو پر چترڪاريءَ جي واڌويجهہ لاءِ ڪو خاص ٻوٽو نہ ٻاريائين، جڏهن تہ تزڪ بابريءَ ۾ باغيچا نہ لڳائڻ تي هندستانين تي چوهہ چنديندي نندي کنڊ ۾ ڪيترائي شاندار باغيچا نهرايائين.

ٻئي مغل بادشاهہ همايون کي اجان تخت تي ويني پنج سال ئي مس ٿيا هئا جو کيس اندرين ۽ ٻاهرين سازشن ڪري ڀڄي وڃي ايران ۾ پناهہ وٺڻي پئي. ايران ۾ گهاريل ڏهن ٻارهن سالن دوران همايون کي ايراني فنونِ لطيفہ خاص طور تي ايراني چترڪاريءَ پاڻ ڏانهن ڏيان ڇڪرايو. ٻيهر هندستان فتح ڪرڻ کانپوءِ همايون جي دور ۾ ”مغل دبستانِ چترڪاريءَ“ جي شروعات ٿي. همايون پاڻ سان گڏ ايران مان چترڪار ۽ خطاط پڻ آندا، جن مان مير علي تبريزي همايون جي دربار جو ذڪر جوڳو نالو آهي. انهيءَ دور ۾ ايراني ۽ هندستاني مني ايچر ڪلا جو ميلاپ ٿيو جنهن جي نتيجي ۾ مغل مني ايچر جي اکيون کيرو ڪندڙ چترڪاري جنم ورتو. انهيءَ دور جا ڪي وڏا چترڪار

باسوان، عبدلصمد ۽ داسوونت هئا.

مني ايچر آهي ڇا؟ مني ايچر جو مطلب آهي، ”ننديو“ ۽ مني ايچر ڪلا جو مطلب آهي ”ننڍڙا چترڪاري فن پارا.“ ڇهين ۽ ستين صدي عيسويءَ ۾ اوڀر هندستان ۾ ٻڌمت ۽ جين مت جي خانقاهن ۾ ناياب ننڍن فن پارن جا آثار ملن ٿا جن کي مني ايچر سڏيو ٿو وڃي. وچئين دور ۾ ڪاغذ جي ايجاد ڪانپوءِ هندستان ۾ انهيءَ فن لوڏي گهراٽي جي راڄ دوران شهرت ماڻي پر مني ايچر کي عروج مغل سلطنت جي حاڪمن ڏياريو.

اِهو فن عام چترڪاريءَ کان مختلف آهي. مغل دور جا اِهي ننڍا چتر ٻارهن پندرهن انچن جي ڪاغذ تي پاٽياني رنگن سان ٺهيل آهن. مني ايچر ٻه-رخو (Two Dimensional) ٻه ٽي سگهي ٿو ۽ هڪ-رخو ٻه. سمورا مغل مني ايچر هڪ رخا آهن. انهيءَ ڪلا ۾ هڪ ڪوٽ محسوس ٿئي ٿي، سا تناظر ۽ گهرائپ جو نہ هئڻ آهي، يعني حجم ۾ سيئي هڪ جيترا تا نظر اچن، پوءِ ڀل قلعي جي پٽ هجي يا ڪو بادشاهہ يا وري ڪو گهوڙو. جيڪڏهن ڪجهہ خامين کي درگذر ڪجي تہ هيءَ ڪلا پنهنجي باريڪين ۽ رنگارنگيءَ سان ڀرپور هئڻ ڪري نفاست جي گهرجائو رهي آهي، جنهن کي مغل دور جي چترڪارن شاندار ريت نڀايو آهي. مني ايچر چترڪاريءَ لاءِ نوريئڙيءَ جي پڇ مان برش ٺاهيو ويندو آهي جڏهن تہ چئن ڪاغذن کي چهٽائي هڪ ڪاغذ يا ڪينواس ٺاهيو ويندو آهي جنهن کي وصلي سڏيو ويندو آهي.

مير علي تبريزيءَ همايون جي حڪم تي ”داستانِ امير حمزه“ کي چتر جي شڪل ڏني. ان ۾ ڪُل سترهن سئو پنجهتر چتر آهن. ان کان اڳ شبيهہ نگاري کي اهڙو عروج ڪڏهن بہ حاصل نہ ٿيو هو. جيئن تہ رزميا قصن ۽ حڪائتن کان هرڪو بيزار ٿي چڪو هو انڪري انجي جاءِ شبيهہ نگاري، منظر ڪشي ۽ درباري تصويرن والاري.

اڪبر جي دور ۾ چترڪاريءَ جا ڪيترائي شاهڪار تڪميل ٿيا جن جي شروعات همايون ڪرائي هئي. اڪبر چترڪاريءَ ۾ تيز رنگن ۽ ٽہ-رخي روش اختيار ڪئي. اڪبر دور جو يادگار ”تيمور جو گهر“ جيڪو استاد عبدالصمد ناهيو، اڄ بہ پنهنجو مثال پاڻ آهي. هيءُ واحد چتر آهي جنهن جي ماپ عام مغل مني ايچر کان وڏي آهي، انڪري ان ۾ امير حمزه وارن چترن

جون وصفون پڻ واضح آهن. اڪبر پنهنجي درٻار ۾ هر مذهب سان تعلق رکندڙ فنڪارن جي دل کولي پذيرائي ڪئي، انهيءَ ڪري ڪيترن ئي هندو چترڪارن مغل مني ايچر ۾ ڪمال جي چترڪاري ڪئي. رزم نامو، تيمور نامو، خمسہ نظامي ۽ بهارستان جي چترڪاري ڪي اڪبر دور جو انمول ڪارنامو ليکيو وڃي ٿو.

اڪبر جو جانشين جهانگير پاڻ بہ چترڪار هو ۽ هن بابت مشهور هو تہ ڪيس اِهو ڪمال حاصل هو جو ڪوبہ چتر ڏسي ٻڌائي سگهندو هو تہ اِهو ڪنهن جو ناهيل آهي. جهانگير پنهنجي درٻاري چترڪار منصور ڪي ”نادر العصر“ جو خطاب ڏنو هو. منصور ڪي جانور ۽ حيوان چٽڻ ۾ مهارت حاصل هئي. سندس رنگ جامع ۽ گهرا هئا جڏهن تہ سندس اظهار واري سگهہ منفرد هئي. جهانگير جي دور ۾ بشن داس ۽ منوهر جي چترڪاريءَ جو وڏو چرچو هو. جڏهن تہ جهانگير دور جو چترڪار استاد فرخ بيگ بہ مغل چترڪاريءَ ۾ بنيادي ٿنڀ واري حيثيت رکي ٿو جنهن شبيهہ نگاريءَ ۾ شاندار چترڪاري ڪئي. شاهجهان جي دور ۾ عمارتن تي خاص ڌيان ڏريو ويو پر چترڪاريءَ ۾ شاهجهان جي ڪيترن ئي چترن ڪانسواءِ سندس وزير سعدالله خان جي چترن جو بہ ڪو ثاني ناهي. شاهجهان جي درٻار جو هڪ چتر ٻاهرين ڏيک کان شروع ٿي شاهجهان جي تخت تائين وڃي ٿو جڏهن تہ اوسي پاسي شينهن ۽ ٻڪرون هڪ ئي گهاٽ تي پاڻي پيئندي ڏيکاريل آهن. اِهو چتر خود مغل چترڪاريءَ جي هڪ تاريخ آهي. رنگن جو گاڏڙ، سوني تارن ۽ قيمتي پٿرن جو ڪٽائو ۽ جڙائو اهڙو تازو ۽ پختو آهي جو عقل دنگ رهجيو وڃي.

اِهو چوڻ ڪنهن بہ ريت غلط نہ ٿيندو تہ اورنگزيب جو دور مغل سلطنت جي زوال جي شروعات هو. سندس راڄ ۾ فنونِ لطيفہ جو مستقبل انحطاط جو شڪار ٿي ناس ٿي ويو جڏهن تہ مقالاتِ عبدالرحمان چغتائي ۾ اورنگزيب جي غلط پاليسين تي غير مناسب ريت پڙدو وڌو ويو آهي.

جهانگير جي ئي دور ۾ برطانيا جي ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ سان واپاري ناهہ پڻ ڪيا ويا. تڏهن ڪنهن ڪي اندازو بہ نہ هو تہ اِها ڪمپني پنهنجي ملڪ کان گهٽي وڏي ۽ دنيا جي شاهوڪار ترين سلطنت ۽ انجي لڳ

پڳ چوٿين حصي آباديءَ تي سڌوسنئون راڄ ڪندي.

اوڙهويهين صدي عيسويءَ جي شروعات ۾ هڪ انگريز آفيسر جان سمٿ اورنگ آباد جي اتراولهه جبلن جي وچ ۾ چارين ۽ خودرو وڻن جي جهڳٽن ۾ گهيريل اجنتا جا غار ڳولهي لڌا. ٽڪرين کي ڪپي ٺاهيل اِهي ٽيهه غار گپتا عهد ۾ ٻڌمت جي عظمت، مهاتما ٻڌ جي جيون ڪٿا ۽ مذهبي فڪر ۽ خيالن جون ترجمان هئا جيڪي ٻڌمت جي زوال ڪانونئي اوستائين دنيا جي نظرن کان لڪيل هئا. غارن جي حالت خراب هئڻ جي باوجود ٽڪرين تي ٺهيل نقش ۽ چٽ ناياب هئا. اجنتا وارن غارن جو اِهو جهڳٽو مختلف دورن سان تعلق رکندڙ آهي. هڪ اندازي موجب پهريون حصو قبل مسيح دور جو ته ٻيو بعداز مسيح دور جو آهي. مطلب ته اجنتا جي انهن غارن جي نقاشي ڏسڻ وٽان تعلق تي رکي جيڪا تيز رنگن واري آهي ۽ چٽرن ۾ هوش ڏوڻناڙيندڙ منظر ٿيون پيش ڪن. نقاشيءَ ۾ استعمال ڪيل رنگ ڳاڙهو، هيڊو، پورو، ڪارو، اڇو ۽ سائو آهي. دلچسپ ڳالهه اِها آهي ته ڪو به رنگ نقاشي يا چٽرڪاريءَ ۾ ٻيهر استعمال نه ڪيو ويو آهي. خاص طور تي عورتن جون تمام گهڻيون تصويرون ڏسي اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته اُن دور ۾ عورتن کي وڏو مقام حاصل هو.

اجبتاجي هڪ ڪشادي هال ۾ مهاتما ٻڌ جو هڪ وڏو شاهي مجسمو آهي جڏهن ته پٿين تي مهاتما ٻڌ جي پوين جنهن جو داستان چٽرن ذريعي بيان ڪيو ويو آهي. چٽين تي نازڪ گُل ٻوٽن جا نقش آهن. آڳاٽي هندستاني چٽرڪاري ٽه-رخي آهي. اجبتاجي غارن جي نقاشي ۽ چٽرڪاريءَ ۾ ليڪن وارن ڪم ڏسڻ جوڳو آهي. محسوس ٿيندو آهي ته ڄڻ اجهو ٿا اِهي چٽر ڳالهائڻ شروع ڪن. مجسمي سازيءَ وارو وقت به پنهنجي عروج تي ٿو نظر اچي. ٽڪرين کي ڪپي مورتيون ۽ مجسما اهڙي ريت تيار ڪيا ويا آهن جو رڳو روح ڦوڪڻ جي دير هوندي ۽ مورتيون نرت ڪرڻ لڳن. اهڙو مثال ڪنهن ٻئي هنڌ نٿو ملي.

هندستان ۾ چٽرڪاري، سنگتراشي ۽ مجسمي سازيءَ جي تاريخ تمام گهڻي آڳاٽي آهي. هن خطي ۾ غارن اندر چٽرڪاريءَ جي شروعاتي پٿر

جي دور کان ئي ٿي وئي هئي. پيمٽيڪا جي غارن ۾ انساني چترڪاريءَ جا اهڃاڻ مليا آهن. اجنتاالورا جي غارن کان ته هاڻ سڄي دنيا واقف آهي پر ان کانسواءِ به هندستان جي مختلف حصن ۾ سوين غارون موجود آهن جن ۾ باغ غار، جوگيمارا غار، ليناڊري غار، سيتنانوسال غار، بادامي غار ۽ ساسپول غار اڳاٽي چترڪاريءَ سان ڀريل آهن. اِهي چتر ان ڳالهه جو ثبوت آهن ته نقش نگاري، چترڪاري ۽ سنگتراشي هندستان جو تاريخي ورثو آهن.

مهابلي پورم جي دراوڙي چترڪاري ڪلا ۽ مجسمي سازيءَ کي ڏسڻ ڪنهن سپني جيان آهي. جهڙي ريت اجنتاالورا جا چتر ۽ مجسما ٻڌمت ۽ جين مت جي دور جا يادگار آهن، بلڪل ايئن ئي هتان جو فن هندومت جي ديوي ديوتائن تي ٻڌل آهي. چنائي کان ڪو لڳ ڀڳ ڏيڍ ٻن ڪلاڪن جي سفر تي تاريخي شهر مهابلي پورم جي ساموندي ڪناري جي غارن وارن مندرن ۽ ٽڪرين تي اُڪريل رامائڻ ۽ مهاڀارت جون تصويري ڪهاڻيون ڏسي اوهين پنهنجو پاڻ کي به انهن ڪهاڻين جو هڪ جيئرو جاڳندو ڏند ڪٿائي ڪردار ٿا ڀانيو. ستين صدي عيسويءَ ۾ جڙندڙ انهيءَ شهر ۾ برهما، وشنو ۽ شو جا سمورا مندر سمنڊ اندر آهن، سواءِ هڪ جي جيڪو ڪناري تي پنهنجي پوري آب تاب سان ڪڙو آهي. انهيءَ ڪناري واري مندر جي چوڌاري ٽڪرين تي تراشيل مجسمن جي سونهن اُن وقت جي پالوا حاڪمن جي فني ذوق جو ثبوت آهي.

مهابلي پورم جي رٿا غارن وارا مندر پالوا بادشاهه نرسمها ستين ۽ اٺين صدي عيسويءَ ۾ تعمير ڪرايا. رٿ واري شڪلين ۾ انهن مندرن ۾ هزارين ديوي ديوتائن جا مجسما آهن جيڪي ٽڪريون ڪپي ٺاهيا ويا آهن. شهر ۾ گهمندي اوهين پنهنجو پاڻ کي ڏيڍ هزار سال پراڻي هندستان ۾ ڀانيو ٿا. ٽڪرين تي ڏور نظر تائين اهڙي ناياب مجسمي سازي ۽ سنگتراشي ڏسڻ لاءِ ملي ٿي جنهن ۾ هندوستان جون ڏندڪٿائي ڪهاڻيون جيئريون جاڳنديون محسوس ٿين ٿيون.

ننڍي کنڊ جو اڳاٽو فن هجي يا ايراني، ترڪ يا افغان حاڪمن جي ڳانڍاپي سان تخليق ڪيل مغل مني ايچر، هر ڪلا کي ڏسي ڏندين آڱريون

اڇيو وڃن. انجي جادو ۾ گم ٿي وڃڻ ڪجهہ غلط ناهي ۽ ناسٽلجڪ ٿيڻ پڻ هڪ قدرتي عمل آهي.

ڇو؟ انجو هڪ سادو سودو جواب اِهو آهي تہ اسين انهيءَ مٽي، انهيءَ سيپيتا جا رهواسي رهيا آهيون جنهن ڪان بي سبب انڪار ڪرڻ اسان پنهنجو ”قومي فرض“ بڻائي ڇڏيو آهي.

علي بيگ جو چمن ۾ ميٽامورفسس

چترال جو علي بيگ هن پارڪ کي ”چمن“ تو سڏي. پکين جي چرپاٽ روزانو چمن ۾ باک ڦٽيءَ جو اعلان تي ڪري. مخصوص ڪندن ۾ مختلف وڻن تي قسمين قسمين پکين ۾ ڇهڪندڙ جهرڪين، مينائن، ڪوئلن، ڪانون ۽ ٻيرين جا ٺاڪ آهن، اِهي پاڇولا آڇيندڙ وڻ، انهن جي ٽڙن هيٺان رولو ڪُتا بہ، پنهنجي بت جي حساب سان زمين ڪوٽي ڪڏن ڪوٻن ۾، گولائي جي شڪل ۾ دٻجي پيا آهن، جڏهن تہ ٻليون ٽڪ پچندي بہ چست آهن. هيءُ چمن انهن پنڇين ۽ جانورن جو مستقل ٺاڪ آهي جو اتان ڪين رزق نصيب ٿو ٿئي.

اِهو تہ پتو ناهي تہ علي بيگ چترال مان ڪڏهن ۽ ڇو هن شهر ۾ اچي ٽانيڪو ٿيو هو پر گذريل ٻارهن ورهين کان هو روزانو انهيءَ پارڪ ۾ نظر ضرور ٿو اچي. علي بيگ پارڪ سان لڳو لڳ هڪ سرڪاري تعليمي اداري ۾ ايڊمن مينيجر ۽ انهيءَ چمن جي بي زبان ساهوارن جو ان داتا آهي. نڌيسرو قد، ڪسرتي بُت پر گوڏا ايئن لڳن جو چڻ رڪوع ۾ ويندي بيهي رهيا هجن. جهڙي ريت سندس پير هوائي چپل کي گهليندي تيزيءَ سان کڄندا آهن، هو ڳالهائيندو بہ اُنهيءَ رفتار سان آهي جو ڳالهہ ڪندي اڌ لفظ سندس جي تان ترڪي چپن تي ئي گُم ٿي ويندا آهن. هو پنهنجي مٽي تي وار ڪڏهن بہ هڪ انچ کان وڌيڪ وڌڻ نہ ڏيندو آهي. پارڪ ۾ ايندڙ ماڻهو علي بيگ بابت طرح طرح جي راءِ رکندا آهن، ”هي لُڪس اميچور، آءِ مين مينٽلي ايٻنارمل

فزيڪلي چيلينجزڊ.“ ”مونکي ته منگول ٻار جهڙو لڳندو آهي.“

”آءِ گيس، هي از اوٽسٽڪ.“

”ڪسڪيل آهي، ڏنو نه اٿئي ته ڪيئن نه وينو جانورن سان پيو ڪچهري ڪندو آهي.“

انهيءَ بحث ڪان متيرو ته علي بيگ اوٽسٽڪ آهي يا منگول ٻار يا ذهني ۽ جسماني اڌوري پٽي جو شڪار، انهيءَ راءِ تي هرڪو سهمت هو ته علي بيگ حساس ۽ دردمند دل رکندڙ انسان ضرور آهي.

علي بيگ کي ادب سان عشق آهي پوءِ پل اُهو ديسي هجي يا پرديسي، هو پوئين سال تائين پنهنجي ڪتابن سان شهر جي پسگردائيءَ ۾ اڪيلو رهندو هو. هڪ ڏينهن شام ڌاري اوچتو ئي اوچتو چترال مان خبر آئي ته سندس والد کي دل جو دورو پيو آهي. علي بيگ صبح باک ڦٽيءَ مهل ئي چترال ويندڙ پهرين بس جهلي ويو ۽ هڪ هفتي ڪانپوءِ پنهنجي ڪجهه ايڪڙ آبائي زمين، ٻه مينهون ۽ هڪ ڏبري ٻڪري اڌ گابري اگهه تي وڪڻي پيءُ کي پاڻ سان آڻي شهر موٽي آيو.

علي بيگ جا ٻه ئي شوق آهن جيڪي هو پنهنجي معمولي پگهار مان دل کولي خرچ ڪندي پورا ٿو ڪري، هڪ ڪتاب ۽ ٻيو جانور ۽ پکي. نير مسعود جو افسانو ”طائوس چمن کي مينا“ علي بيگ جي وڻندڙ ڪهاڻي آهي، شايد انڪان متاثر ٿيندي ئي هو هن پارڪ کي سدائين ”چمن“ ئي سڏيندو آهي.

علي بيگ چمن جي هر ڪُنڊ ۾ مٽيءَ جا ٻه وڏا ڪونڊا رکيا آهن. هو صبح ٿيندي ئي هڪ هٿ ۾ پاڻيءَ سان ڀريل ڪنستر ۽ ٻئي هٿ ۾ گهر جي ناهيل ڪاڏي جون ٿيلهيون کڻي چمن ۾ ايندو آهي ۽ چئني پاسي رکيل ڪونڊين ۾ پاڻي اوتيندو ۽ ڪاڏو وجهندو آهي.

”انتهائي بدبخت آهن ماڻهو جو بي زبان پکين ۽ جانورن لاءِ رکيل پاڻيءَ جا ڪٽورا به نٿا ڇڏين. اجان به هفتا اڳ ئي مٽيءَ جو نئون ڪٽورو آڻي رکيو هئم.“

علي بيگ پارڪ ۾ پسار لاءِ ايندڙن کي مخاطب ڪندي پنهنجي ڪاوڙ ڪيندو ٿو رهي ڇاڪاڻ جو اڪثر مٽيءَ جي ڪونڊين جي جاءِ تي ڪيس وڪريل نڪريون ملنديون ٿيون رهن پر سندس پڙيڙ کي نظرانداز ڪندي ماڻهو

پنهنجي پسار سان لڳا تا رهن.

لنگهہ ساڙيندڙ گرمي، طوفاني برسات يا رت ڄمائيندڙ ٿڌ بہ علي بيگ کي انهيءَ مشق کان ڪڏهن بہ روڪي نہ سگهي آهي. هو روزانو صبح جو بي زبان ساهوارن لاءِ داڻو پاڻي وجهي اُٿيئي گاهہ تي ويهي ٿي رهيو ۽ پنهنجي تازو ئي پڙهيل ڪنهن ادبي فن پاري جا چونڊ حصا ڪين ٻڌائڻ تي لڳو. سندس اوسي پاسي ڦيرا ڏيندڙ ڪُتا، ٻلا، وڻن تي لڏندڙ لمندڙ ڪوئلون، جهرڪيون، ڪانو، مينائون ۽ نوريئڙا سندس ڪهاڻيون ايڏي اهتمام ۽ ڌيان سان ٻڌندا ٿي رهيا ڄڻ ڪين سڀڪجهہ سمجهہ ۾ اچي رهيو هجي. متان انهن پکين ۽ جانورن کي اِهي ڪهاڻيون سمجهہ ۾ اينديون بہ هجن. ڪنهن کي پتو؟

علي بيگ جيئن ئي پارڪ جي ٻاهرين دروازي مان اندر داخل ٿيندو آهي، سمورن ڪُتن جا پڇ پاڻ مرادو لڏڻ لڳندا آهن، ٻليون نينگ ٿيا ڏئي ڪَرَ موڙڻ شروع ڪنديون آهن، ڪانو پارڪ جي پٽ تي ويهي گڏيل سُر ۾ ڪان ڪان ڪندي ٻين پکين کي بہ نيند ڏيڻ لڳندا آهن، جهرڪيون، ڪوئلون، مينائون سرهائي وچان ٻولڻ شروع ڪري ڏينديون آهن ۽ نوريئڙا ڪن ۾ زمين تي تہ ٻئي پل وڻن جي ٽارين تي ٽپندي پنهنجي سرهائي جو اظهار ڪرڻ لڳندا آهن. صبح جو اِهو جشن روز جو معمول آهي، علي بيگ کي انهن بي زبان ساهوارن سان ۽ ڪين اشرف المخلوقات جي انهيءَ عيوضيءَ سان هڪ خاص لڳاءُ هو. چمن جي ٻاهرين دروازي تي چٽن اکرن ۾ لکيل هو، ”هتي ڪُتن جو اچڻ بند آهي.“

”ڪُتن بدران هتي ”شرپسند“ لکو.“

”چو پلا؟ داڻو پاڻي چو نہ وجهان؟ توهان کي بُک ۽ اُڃ نٿي لڳي؟“

پارڪ جي عملي مان هڪ شخص علي بيگ کي جانورن ۽ پکين آڏو داڻو پاڻي وجهڻ کان جهليو تہ هو گهڻي دير تائين ڪاوڙ وچان پڙپڙ ڪندو رهيو پر پنهنجي ڪرت نہ ڇڏيائين. علي بيگ پارڪ ۾ ايندڙ بگڙيل اولادن کي جڏهن ٻلين کي پڇ مان جهلي ڦيرائيندي يا ڪُتن کي سڪل ٽارين سان ڪٽيندي ڏسي ڪانئن پيار ۽ پاٻوهہ مان پڇڻ تي لڳو، ”توهان ڪڏهن پنهنجي گهر جي ڪنهن پٽ جي ڪنڌ ۾ مڪڙيءَ جو ڄار ڏٺو آهي؟“

ٻار وائڙن وانگر وات ڦاڙي نهڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻڻ شروع ڪري ڏيندا

هئا.

”مڪڙي انهيءَ ڪمري جي ٿانيڪو همراهہ ڪي آخري پل تائين پنهنجو دوست سمجهندي رهندي آهي تانجو هڪ ڏينهن انسان چار ۾ ويٺل مڪڙيءَ کي ماريو ڇڏي. هيءُ سمورا جانور پنهنجي آخري پل تائين اسان انسانن کي پنهنجو دوست ٿا سمجهن، تانجو اسين پنهنجي اهڙين بيرحم حرڪتن ذريعي ڪين پاڻ کان پريرو نٿا ڪريون.“

علي بيگ ٻارن کي هڪ ڪهاڻيءَ جو حوالو ڏيندي سمجهائڻ جي پنهنجي پاران ڀرپور ڪوشش ڪرڻ تي لڳو. علي بيگ کي تن ڏينهن ۾ فرانز ڪافڪا جون ڪهاڻيون پڙهڻ جو چسڪو پيو هو ۽ روزانو ڪافڪا جي ڪا ڪهاڻي پڙهي چمن ۾ اچي ڪتن، ٻلين ۽ پکين کي ٻڌائيندو هو.

”هڪ ڏينهن ننڊ مان جاڳيو تہ انسان بدران هڪ وڏي شاهي ڪينئن ۾ بدلجي چڪو هو. سندس انهيءَ تبديليءَ تي سندس گهرڀاتي ڀهرين حيران، پوءِ پريشان ٿيا ۽ آخرڪارِ ڪائنس ڪرهت محسوس ڪرڻ لڳا. ڪينئون نہ آفيس وڃي پئي سگهيو ۽ نہ وري ڪمائڻ جوڳو رهيو هو. ڀهرين آفيس وارن لاءِ ۽ پوءِ گهر ڀاتين لاءِ هڪ بيڪار شئي بڻجي ويو. جيستائين ڪارائتو هو، سندس ماءُ ۽ ڀيڻ سندس وڏي ٿهل ٽڪور ڪنديون هيون پر هاڻ سندس پاڳن ۾ رکي سُڪي ۽ پاروٽي ماني ئي هئي، جيڪا هو نہ کائيندو هو تہ بہ ڪنهن تي ڪو فرق نہ پوندو هو. پوءِ هڪ ڏينهن ساڻس اُڪير رکندڙ ڀيڻ پنهنجي پيءُ کي انهيءَ ڪينئون ٻڌيل پاءُ کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ جي صلاح ڏني، جنهن تي سندس ماءُ خاموش رهي، جڏهن تہ پٽس تائيد ڪئي. ڪينئون پاءُ سموريون ڳالهيون ٻڌي صدمي وچان ڌهي پيو ۽ ايندڙ صبح گهر ڀاتين کي ڪينئون مئل حالت ۾ مليو.“

علي بيگ پريل آواز ۾ ”ميٽامورفسس“ ٻڌائيندو رهيو. آخري جملي تي سندس سڏڪن جي آواز تي ڪُتا، ٻليون ۽ سمورا پکي ايئن ساهہ پڪوڙي ويٺا رهيا، ڄڻ ڪهاڻيءَ جي پڄاڻيءَ سيني کي ڏڪارو ڪري ڇڏيو هجي. علي بيگ آفيس کان موٽيو تہ جسم ٽڪ وگهي بيحال هئس. بستري تي ليٽيو تہ واٽس ايپ پيغام جي گهنٽيءَ تي پنهنجو موبائل ڪٽي ڏسڻ لڳو. ميسيج ۾ بہ ويڊيو سندس نظرن اڳيان هئا.

”سنڌ ۾ هڪ وڏيري پنهنجي ڀنيءَ ۾ گهڙي اچڻ جي ڏوهه هيٺ ستن مهينن جي اُٺيءَ جي ٽنگ ڪپي ڇڏي.“

”راولپنڊيءَ ۾ هڪ بااثر شخص ڪنهن تڪرار تي ٻئي شخص جي گڏهه جا ٻئي ڪن ڪپي ڇڏيا.“

علي بيگ ٻئي ويڊيو ڏسي هنجون هاري روئڻ لڳو. نه ڄاڻ ڪيڏي مهل سندس سڏڪا جهڪا ٿيا ۽ سندس اک لڳي وئي. اڄ علي بيگ جي چمن ۾ نه ڪنهن جهرڪيءَ نينگ ٽپا ڏنا، نه ڪا ڪوئل ڪوڪي، نه ڪنهن نورئيڙي ٻرانگهون پريون، نه ڪنهن پڇ لوڏيا نه ڪي پونڪيا، ۽ نه ئي ٻليون ڪاڌ خوراڪ جي تاڙ ۾ چوڪس نظر آيون. اڄ چمن ۾ سدائين جيان ڪنهن جشن جو ماحول نه پر سوڳواريءَ جو پڙلاءُ هو.

”بابا! بابا!“ ٻن ڪمرن تي ٻڌل گهر ۾ علي بيگ جون دانهون ڪوڪون آسمان کي ڇُهڻ لڳيون. ڪمزور پيءُ ننڊ مان ڇرڪ ڀري اُٿيو ۽ پٽ جي ڪمري ڏانهن ڊوڙيو.

علي بيگ بستري تي سُتو پيو هو ۽ پيڙائتي آواز ۾ دانهين رهيو هو.

”ڇا ٿيو پُٽ؟“

”بابا! منهنجي ٽنگ؟ منهنجا ڪن؟ ڪپي ڇڏيا ظالمن.“

پيءُ پنهنجي صحيح سلامت پٽ کي ڇتائي ڏسڻ لڳو، ”ڇا پيو چوين پُٽ؟. ڪنهن ڪپيا؟“

”بدبخت انسانن بابا!“ علي بيگ پار ڪيڻ لڳو، سندس نيڻن مان ڳوڙها بس ئي نه پئي ٿيا.

”پٽ! ڇا پيو چوين؟ اسين سڀئي انسان آهيون، تون به ته انسان آهين. منهنجا لال!؟

علي بيگ ليٽي ليٽي ڪنڌ ٿورڙو مٿي ڪيو ۽ پنهنجي ڌڙ ڏانهن اشارو ڪندي چوڻ لڳو، ”آئون انسان ٿو نظر اچان؟ بابا! ڪٿان ڪان ٿو انسان لڳان؟

هيءُ ڏس، منهنجو اڌ ڌڙ گڏهه جو آهي ۽ باقي اڌ اُٺ جو. هڪ انسان منهنجا ڪن ڪپيا ته ٻئي ٽنگ. ٽڪڙو ڊاڪٽر کي گهرائي، منهنجي ٽنگ ۽

ڪنن مان رت پيو وهي، ڊاڪٽر کي گهرائي. منهنجي ملم پٽي ڪرايو. پيڙا ۾ سور برداشت نہ پيو ڪري سگهان.“

علي بيگ جون پيڙا ڀريون دانهون آهہ و زاريءَ ۾ بدلجڻ لڳيون ۽ هوڏانهن چمن پکين، جانورن ۽ وڻن ٽڻن جي روچ پٽڪي سان گونجڻ لڳو.

ڊڄي ويندي آهيان... مري ويندي آهيان

جڏهن صبح اسڪول ويندي
گهٽيءَ جي ڪنڊ تي مينهارڪو
سٽر مهٽيندو پنهنجي
شلوار لاهي
شهوت سان
بس مونکي تاڙيندو رهي
ڊڄي ويندي آهيان
ڊڄي ويندي آهيان
اڱڻ ۾ سهيليءَ جي گهر جي
اسين گڏي راند ڪندا آهيون
ايتري ۾ سهيليءَ جو پيءُ
هڪ ٻارڙيءَ کي ٻچڪاري
اندر ڪمري ۾ سڏي ٿو
۽ هنج ۾ پنهنجي ويهاري ٿو
ڇاتيءَ سان ڪيس ڇهٽائي ٿو
۽ زور سان ڪيس پڪوڙي ٿو

ساهہ مُنجھڻ لڳندو آهي منهنجو
۽ ساهہ گُھٽجڻ لڳندو آهي
آئون ڊوڙي پنهنجي گھر هلي ايندي آهيان
۽ ڪنهن کي ڪجھہ بہ نہ ٻڌائيندي آهيان
ڊڇي ويندي آهيان
ڊڇي ويندي آهيان
گھر جي چار ديواريءَ ۾
بيخوف ٿي جڏهن سمهي پوندي آهيان
هڪ ڪو پاڇولو ٻانيڙا پائي ايندو آهي
منهنجي جسم کي ٿڦڪي ۽ مهٽي ٿو
ورهين ڪان ڪيس سجاٽان ٿي
اُن هٿ جو ڇهاءُ سجاٽان ٿي
اُن هٿ جي نيت پروڙي
پنهنجو پاڻ ڪان لڄي ٿي پوندي آهيان
ڊڇي ويندي آهيان
ڊڇي ويندي آهيان
جڏهن قاري صاحب ايندو آهي
ڊوڙي وڃي سيپارو آڻيندي آهيان
هڪ پاسي ويڙهجي سيڙجي ويٺل آئون
پنهنجو سبق ورجائيندي آهيان
هو منهنجي ويجھو ايندو آهي
۽ پُٺ منهنجي مهٽيندو آهي
پوءِ زور سان ڇهنبري هڻندو آهي
ڊپ وگھي اندر ڌڪندي آهيان
ڪنهن ڪُنڊ ۾ لڪي ويندي آهيان

۽ ڏُک وچان ڳوڙها وهائيندي آهيان
ڏڄي ويندي آهيان
ڏڄي ويندي آهيان
سندس پيار جي ٻل تي
جڏهن دنيا سان ٽڪرائجي ويندي آهيان
لکي سمورين نظرن کان
جڏهن ساڻس ملڻ ويندي آهيان
هو مونکي ئي ڌمڪائيندو آهي
۽ مون تي ڇُري هلائيندو آهي
ڏڦ وگهي دانهون ڪرڻ لڳندي آهيان
دريءَ مان ٽپو ڏيندي
پنهنجي محبوب جي هٿان ئي
بيدرديءَ سان مارجيو ٿي وڃان
ڏڄي ويندي آهيان
ڏڄي ويندي آهيان
آئون معصومڙي ۽ غربت جي ڌڪيل
هڪ پير سائين جي حويليءَ ۾
ٻن ويلن جي مانيءَ ڪاڻ
جڏهن سمورا حُڪم پورا ڪندي آهيان
۽ جسم پنهنجو لوٽڻ ڏيان
پوءِ هڪ پل اهڙو بہ ٿو اچي
جڏهن جسم منهنجو ڏهي ٿو پوي
ٽٽڻ ڪانسواءِ ڪومائجي ٿي وڃان
ڏڄي ويندي آهيان
ڏڄي ويندي آهيان

آئون هڪ مسيحا تڪيل
جڏهن ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڊيوٽي ڪري
ٻه پل ساهي پٽڻ خاطر
بي سڌ ٿي اهلجان ٿي
ڪيئي هٿ مونکي نپوڙين ٿا
ڀت سان ٻُت منهنجو ٿا ڦسائين
زور سان نڙيءَ کي گهٽو ٿا ڏين
ڀت سان ٽڪرائجي
جڏهن عينڪ سندم ٿي ٽٽي
تڏهن ٽٽل عينڪ جا ڪانچ ڪاوا
نيڻن منهنجن ۾ ٽنبڻ ٿا لڳن
ٿيندو آهي جسم ليڙ ليڙ
ٽنگون سندم چيريون ويندون آهن
دانهن ٻنان سڏڪان ٿي
ڦٿڪڻ ٻنان تڙڦان ٿي
آواز سندم گُهٽجي وڃي ٿو
دانهن ٻنان دانهيان ٿي
نيٺ ٽڪجي ٽنجي هڪ پل
پرواز روح منهنجو ٿو ڪري
جسم کان مُڪتي ماڻيان ٿي
مري ويندي آهيان
مري ويندي آهيان